هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل

# ڪارونجهر

ڇهه ماهي

[ تحقيقي جرنل ]

ISSN 2222- 2375

جلد- 12، شمارو: 22، جون 2020ع

ايڊيٽر
ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

سنڌي شعبو
وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي،
عبدالحق ڪيمپس، ڪراچي، سنڌ، پاڪستان.

هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل

# ڪارونجهر

ڇهه ماهي

[ تحقيقي جرنل ]

ISSN 2222_2375

جلد- 12، شمارو: 22، جُون 2020ع

ايڊيٽر

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

سنڌي شعبو

وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي،

عبدالحق ڪيمپس، ڪراچي، سنڌ، پاڪستان.

https://fuuast.edu.pk/journal/

سرپرست اعلیٰ

**پروفيسر ڊاڪٽر عارف زبير**

وائس چانسلر، وفاقي اردو يونيورسٽي

سرپرست

**پروفيسر ڊاڪٽر محمد ضياء الدين**

ڊين، فيڪلٽي آف آرٽس

## ايڊيٽوريل بورڊ

- **پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو**
  اڳوڻو چيئرمين، پاڪستان اڪيڊمي ادبيات،
  اسلام آباد.
- **ڊاڪٽر نواب علي ڪاڪا**
  ڊائريڪٽر، مرزا قليچ بيگ چيئر،
  سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.
- **ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو**
  سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي،
  عبدالحق ڪيمپس، ڪراچي
- **ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي**
  مترون، اديتيا بينگلوز، نوبيل نگر،
  احمد آباد، 382340، انڊيا.
- **ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي**
  پرنسيپال، سينٽ ڪالاڻي ڪاليج آف آرٽس،
  سائنس ۽ ڪامرس، الهاس نگر، انڊيا.
- **ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي**
  سنڌي شعبو، شريمتي چانڊي ٻائي همٿ مل
  مانسڪاڻي ڪاليج، ويسٽ ممبئي، انڊيا

## ماهرن جي ڪاميٽي

- **پروفيسر ڊاڪٽر خورشيد عباسي**
  B-178، بلاڪ:3، سعدي ٽائون، ڪراچي
- **پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**
  ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ
  انسٽيٽيوٽ فار هيريٽيج ايند ريسرچ
  سنڌ، ڄامشورو
- **ڊاڪٽر روشن گولاڻي**
  1-اديتيا بنگلوز، پرير پرڪاش آشرم،
  نوبيل نگر، احمد آباد، گجرات، انڊيا.
- **پروفيسر ڊاڪٽر محمد انور فگار هڪڙو**
  چيئرمين، سنڌي شعبو،
  سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو
- **ڊاڪٽر ادل سومرو**
  واري تڙ، سکر.
- **ڊاڪٽر شير محمد مهراڻي**
  اسسٽنٽ پروفيسر،
  سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي
- **ڊاڪٽر اڪبر علي چانڊيو**
  سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي، ڪراچي

# Editorial Board's Policies

**Review Process:**

All manuscripts are reviewed by an editor and members of the editorial board or qualified outside reviewers. Decision will be made as rapidly as possible.

**Articles:**

The paper must be typed for Sindhi (in MB Bhitai Sattar Font, size 13),Urdu (in Noori Nastaleeq font, size 14) and English (in Times New Roman font,size 12) with double spaced on A-4 size paper. The title should be brief phrase describing the contents of the paper. The title pages should include the author's full names and affiliations. All manuscripts to be send in hard copy along with the text in CD to mailing address of Department of Sindhi and also through email to **dr.kamaljamro@gmail.com**

**Abstract:**

The abstract should be informative and completely self-explanatory, briefly present the topic and state the scope of work. The abstract should be 100 to 200 words in length.

**Tables and Figures:**

Tables should be kept to a minimum and be designed to be as simple as possible. Figure legends should be typed in numerical order on a separate sheet. Graphics should be prepared using applications capable of generating high resolution GIF, TIFF, JPEG or Power Point before pasting in Microsoft Word manuscript file. Tables should be prepared in Microsoft Word or Microsoft Publisher.

**Acknowledgement:**

The acknowledgement of people, grants, funds etc should be brief.

**References:**

In the text, a reference identified by means of an author's name should be followed by the year of the reference in parentheses. Patterns are as following:

**سنڌي:**

**ڄامڙو، ڪمال، ڊاڪٽر** (2018)، **”ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سگهڙائپ“، ڪراچي: پيڪاڪ پبلشرس**

اردو:

سلطانہ بخش،ڈاکٹر،''پاکستانی اہل قلم خواتین''،ص:48،اکادمی ادبیات پاکستان،2003ء

**English:**

Deuze, M. (2005), "Professional identity and ideology of journalists reconsidered", Journalism, Vol. 6, No. 4, 422-464

You can follow the given other patterns in this journal also.

**Copyright:**

All the statements of fact and opinion expressed in this journal are the sole responsibility of the authors, and do not imply and endorsement on part or whole in any form/shape whatsoever by the editors or publishers.

# فهرست


- ايڊيٽوريل 6


## مقالا


1. سنڌي ٻوليءَ جي ڪاروباري ۽ اقتصادي حيثيت: تاريخي جائزو — مختيار احمد ملاح 8
2. فيض احمد فيض ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ترقي پسند فڪر جو تقابلي جائزو — ڊاڪٽر بشير احمد چانڊيو 41
3. تاجل بيوس جي سنڌي سماج سان سِڪ — ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو 56
4. دنيا جي مکيه ٻولين ۾ لغت نويسيءَ جي تاريخي ترقي: هڪ جائزو — ڊاڪٽر رياضت ٻرڙو 73
5. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو محسن: ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو — ڊاڪٽر احسان دانش 100
6. عورتن جي شاعريءَ ۾ سماجي حقيقتن جو عڪس — حسين مسرت/ڊاڪٽر ريحانه نظير 115
7. تنوير عباسيءَ جي شعري مجموعي ”ساجن سونهن سرت“ ۾ انساني زندگيءَ تي موسمي اثرن جو اڀياس — غلام مرتضيٰ نانگور 138
8. رئيس شمس الدين ”بلبل“ جون ادبي خدمتون — رياض ڪلهوڙو 155
9. سيد رڪيل شاهه صوفي القادري جون ٽيهه اکريون (سي حرفيون) — غلام عمر (مور مغيري) 167
10. درسي ڪتابن ۾ شامل امداد حسينيءَ جي ٻاراڻن گيتن جو جائزو — پروفيسر جاويد احمد شيخ 178
11. ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي تذڪره نويسيءَ جو جائزو — ذوالفقار علي جلباڻي 193

# ايڊيٽوريل

عالَمي وبا ڪورونا دنيا کي ڏوڏي ڇڏيو آهي. اِن سڀ معيار، قدر، ريتون، رسمون ۽ طور طريقا ئي تبديل ڪري ڇڏيا آهن. اِن جي شروعات تہ 2019ع جي آخري مهينن کان ٿي، پر اسان وٽ فيبروري 2020ع جي آخري هفتي کان ٿي. يونيورسٽين جي نئين سال جا ڪلاس مَس شروع ٿيا هُئا تہ لاڪ ڊائون شروع ڪيو ويو ۽ اِن سلسلي ۾ سنڌ جا سمُورا تعليمي ادارا بند ڪيا ويا، جيڪي اڃا تائين بند آهن. نتيجي ۾ هِن سيمسٽر دوران پڙهائي جاري نہ رهي سگهي. عالَمي وبا ڪورونا، جنهن کي ڪووِڊ-19 (Covid_19) بہ چوَن ٿا، ان جي حملي في الحال تہ انسان ذات جون وايون بتال ڪري ڇڏيون. سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ ڇا ڪجي؟

بهرحال ڪُجهہ هوش سنڀالڻ کان پوءِ تعليم کي جاري رکڻ جو ذريعو آنلائين ايجوڪيشن کي سمجهيو ويو. توڙي جو ان طريقي ۾ ڏکيائيون پڻ آهن، پر مجبُوريءَ ۾ ان کان سواءِ ڪو بيو رستو نہ هو. هاڻي بي ايس، ايم اي ۽ ايم فل جا آنلائن ڪلاس جُون مهيني ۾ شروع ڪري ڇڏيا آهن. اها پڻ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي، تہ وفاقي اردو يونيورسٽيءَ سنڌي شعبي ۾ 2018ع کان رنڊيل ايم فل جي داخلا جو مسئلو جُون 2020ع ۾ نبيريندي، ستن شاگردن کي سنڌي شعبي ۾ ايم فل جي داخلا ڏني آهي. يونيورسٽين ۾ تعليم سان گڏ تحقيق بہ لازمي ڪئي ويندي آهي. يونيورسٽين جي اُستادن ۽ شاگردن کي لاڪ ڊائون سبب ڪتابن پڙهڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جو وقت بہ سرس مليو ويو.

گهرن ۾ موجُود ڪتابن کان سواءِ آنلائن لائبريرين ۽ سوشل ميڊيا تي وَنڊيَل ڪتابن پڙهڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جو موقعو تہ مليو پر فيلڊ ريسرچ کي پاسي تي رکڻو پيو. بهرحال ان ڏکئي وقت ۾ اسان جي محققن پنهنجو ڪم جاري رکيو. لاڪ ڊائون دوران لکيل يا مڪمل ڪيل ڪُجهہ مقالا “ڪارونجهر” جي تازي شماري ۾ شامل ڪري اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪيا اٿئون ۽ في الحال هن شماري کي وفاقي اُردو يونيورسٽيءَ جي ويبسائيٽ تي جاري ڪيو اٿئون. تنهن ڪري هن شماري کي لاڪ ڊائون ۾ تيار ڪيل شمارو چئجي تہ بهتر آهي. هُونءَ بہ هاڻي تحقيقي جرنلن کي

آن لائين آڻڻ جو رواج وَڌيو آهي. جرنلن جي هارڊ ڪاپي آڻڻ سان يونيورسٽين جا خرچ وڌن ٿا ۽ هر ادارو بچت ڪرڻ ڪي ئي پنهنجي ڪامياب پاليسي سمجهي ٿو. يونيورسٽين ۾ هائير ايجوڪيشن ڪميشن ۽ حڪومت پل بچت ڪن پر گهٽ ۾ گهٽ تعليم ۽ تحقيق جي مد ۾ بچت بدران وڌيڪ خرچ ڪن ۽ تحقيقي مواد کي ڪتابي صُورت ۾ ضرور شايع ڪرائن، ڇاڪاڻ ته ڪتاب جي اهميت دائمي آهي.

اڪثر تحقيقي جرنل خرچ پکي ڪڍڻ لاءِ محققن کان مقالن شايع ڪرڻ جا پيسا وٺن ٿا، جنهن ڪري ڇڻ اهو هڪ ڪاروبار ٿي پيو آهي. ڪاروبار وسيلي معياري تحقيق نه ٿي سگهندي. اسان به تمام گهٽي مالي بحران ۾ آهيون. ”ڪارونجهر“ ڏاڍي ڏکيائيءَ سان ڪڍندا آهيون. تنهن هُوندي به ڪنهن محقق کان مقالي شايع ڪرڻ جا پيسا وٺڻ کي سٺو نه سمجهندا آهيون. هائير ايجوڪيشن ڪميشن ۽ يونيورسٽين کي گذارش آهي ته ان ڪاروبار کي ختم ڪرائي، معياري تحقيق کي هٿي وٺرائي وڃي.

وفاقي اُردو يونيورسٽي به ٻين يونيورسٽين وانگر شاگردن ۽ اُستادن لاءِ هِن سيميسٽر ۾ بند رهي. تنهن هُوندي به انتظامي آفيسون جهڙوڪ: وائيس چانسلر ۽ رجسٽرار آفيسون باقاعدي، جڏهن ته ڊين ۽ چيئرمين آفيسون ضرورت آهر ڪم ڪنديون رهيون. مون به اڪيلي سر ڪڏهن چيئرمين آفيس ته ڪڏهن گهر ۾ سنڌي شعبي جو ڪم جاري رکيو. اِن ڪم ۾ انتظامي گڏجاڻين ۽ آنلائن ڪلاسن جي تيارين سان گڏ ”ڪارونجهر“ جو ڪم به هلندو رهيو ته خاص ڪري ايم فل، پي ايڇ. ڊي جي شاگردن جي رهنمائي به جاري رکيم. تنهن هوندي به ”ڪارونجهر“ جي ڪم ۾ جيڪڏهن ڊاڪٽر رياضت بُرڙو هٿ نه ونڊائي ها ته هن پيري هيءُ شمارو وقت سر نه آڻي سگهجي ها. رياضت صاحب جي مهرباني.

هائير ايجوڪيشن ڪميشن تحقيقي جرنلن جي مڃتا (Recognition) لاءِ نئين پاليسي به هن ڇهه ماهيءَ جي شروع ۾ پڌري ڪئي آهي، جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. اُميد آهي ته وفاقي اُردو يونيورسٽيءَ جي انتظاميا اِن سلسلي ۾ مڪمل سهڪار ڪندي.

**ڊاڪٽر ڪمال جامڙو**

مختيار احمد ملاح

# سنڌي ٻوليءَ جي ڪاروباري ۽ اقتصادي حيثيت: تاريخي جائزو

# Business and Economic Status of Sindhi Language: Historical Perspective

**Abstract:**

Sindhi language has very glorious past. It has been in use, as the language of administration, education, literature, culture, trade and commerce and also medium religious teachings since many centuries. Dr. R.K Mookergy has stated in his book "History of Indian Shipping and their Own Township"that"it is now believed that the Egyptians wrapped their mummies in Sindhi cloth, establishing a commercial connection between Sindhi and Egypt". Since the Medieval times Sindhi has been identified as trader's language. Before the advent of printing technology, the trading community had developed distinct writing system called "Hat Waniki". British paid proper attention towards Sindhi language and declared it language for official business. During this period, Sindhi business was at its peak and Sindhi Workis were spread all over the word due to their fair and standard business. They introduced new terminology like "Hundi", "Roz Namcho", "Khato", "Devalo", "Viyaj", "Nafo & Nuqsan" etc. The business record keeping was maintained properly in decent manner in Sindhi language. With the migration of Hindu Sindhi traders, use of business and commerce language suffered a lot, as reigns of business in Sindh was in the hands of Hindu Sindhi community.

### مارڪيٽ ۽ مارڪيٽ جي ٻولي:

مارڪيٽ جو مطلب اهڙي جاءِ آهي جتي خريدار ۽ وڪرو ڪندڙ پاڻ ۾ شين جي مٽاسٽا لاءِ تعلق قائم ڪجي. مارڪيٽ اهڙي جاءِ جو نالو آهي جتي ماڻهو روزانو مال يا شين جي خريد ۽ فروخت لاءِ گڏ ٿين. بازار جي اندر ٿيندڙ مجموعي خريد ۽ فروخت کي ٻه مارڪيٽ چئبو آهي. مارڪيٽ هڪ ذريعي جو نالو آهي جنهن جي مدد سان خريدار

وڪرو ڪندڙ شين ۽ خدمتن جي خريد ۽ فروخت لاءِ يا انهن جي متاستا لاءِ يا ڏيتي ليتيءَ لاءِ رابطو ڪندا آهن. مارڪيٽ ٻن قسمن جي هوندا آهن: هڪ اها جاءِ آهي جتي دڪان وغيره هجن ۽ خريد ۽ فروخت ٿئي، ان کي "مارڪيٽ جي جڳهه" (Marketplace) ٻيو قسم "مجازي مارڪيٽ" (virtual market) آهي، جنهن ۾ دڪانن واري مارڪيٽ نه پر ڪاروبار کي ڏنو ويندو آهي. اڄڪلهه هن قسم جي مارڪيٽ انٽرنيٽ ذريعي آن لائين (Online) هلندا آهن. اهڙي طرح "ڪاروباري ٻولي"، ان ٻولي کي چئبو آهي، جنهن وسيلي واپار هلائي سگهجي، لکي پڙهي سگهجي، مشهوري ڪري سگهجي ۽ ٻين ٻولين ۽ خطن جي ماڻهن کي پنهنجا برانڊ آسانيءَ سان کپائي سگهجن. اقتصادي سائنس مطابق واپار ۾ ڪتب ايندڙ لفظ، اصلاح، حساب ۽ ڪتاب، وکرن جا الڳ الڳ نالا ڏئي سگهجن، ماپ، تور، ڪنڊي، وياج، منافعي سميت سڀ لکت ۽ پڙهت وغيره شامل هجي. يورپ اندر فرانسيسي ٻولي رابطي جي زبان رهي ۽ ارڙهين کان اُڻويهين صديءَ تائين مارڪيٽ تي قابض رهي تان جو انگريزيءَ ان جي جاءِ والاري. انگريزي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت ايتري وڌي وئي جو دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ ان کي مارڪيٽ توڙي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ملي ويو. مثال طور سنگاپور ۾ به انگريزي ڇانئجي وئي. اهڙي طرح پوري برصغير ۾ انگريزي اعليٰ تعليم ۽ ڪاروبار جي ٻولي آهي. اڄ ڪلهه چيني ٻولي دنيا جي مارڪيٽ تي قابض ٿي رهي آهي.

"عالمي اداري UNESCO موجب دنيا ۾ 7000 ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، دنيا جي اڌ آبادي فقط 23 ٻوليون ڳالهائي ٿي جن ۾ انگريزي، چيني، هندي، جرمن، عربي، جپاني، روسي، ملئي، بنگالي، پنجابي، مرهٽي، اسپيني، پورچوگيزي، فرينچ ۽ ٻيون ٻوليون شامل آهن. سنڌي ٻولي پڻ سگهارين ٻولين مان هڪ ۽ دنيا ۾ 48 هين نمبر تي آهي (Ethnologue; 22nd edition March 2019). هر 14 ڏينهن بعد سراسري طور هڪ ٻولي مري وڃي ٿي. صديءَ جي آخر ۾ انهن ست هزار ٻولين مان ڪي چند وڃي باقي بچنديون. 2019ع کي گڏيل قومن جو ادارو ڏيهي ٻولين جو سال ڪري ملهائي رهيو آهي، جنهن موجب هن وقت 577 ٻوليون ICU ۾ آخري پساهه کڻي رهيون آهن. ٻوليون راتو رات نٿيون مرن پر ان عمل کي ڪيئي سال لڳن ٿا. عالميت ۽ ٻينڪيت سان گڏوگڏ سرڪاري قانون ۽ مارڪيٽ به ان جا ذميوار آهن، جيڪي ڪنهن مخصوص ٻولي کي اڳتي آڻڻ لاءِ قانون ناهي ان کي سرڪاري ٻولي ڪن ٿا ۽ ٻين کي روڪي رکن ٿا".[1]

## سنڌ جي ڪاروبار جي تاريخي حيثيت:

سنڌ، درياهه ۽ عربي سمنڊ، بي حساب قدرتي وسيلن ۽ شاهوڪار زراعت هجڻ ڪري صدين کان ڪاروباري خطو رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ هميشه حملي آورن ۽ قبضا گيرن جي نشاني تي رهي آهي. جاگرافيائي بيهڪ ۽ بي انتها تجارتي ڪشش جي ڪري سنڌ تي ڌارين جون چڙهائيون ٿينديون رهيون. ڌاريا حڪمران مٿبا رهيا ۽ سنڌ جي حيثيت ڪالوني واري رهي. هندستان ڏي داخلا جو رستو هئڻ ڪري به سنڌ تي وري وري حملا ٿيندا رهيا. ڪڏهن يوناني، ڪڏهن يورپي، ڪڏهن هندستاني، ڪڏهن ايراني، ڪڏهن افغاني ۽ ڪڏهن ٻيا ڌاريسري ملڪ سنڌ ۾ ايندا رهيا. اتر کان آريا، منگول ۽ مغل آيا. ڏکڻ کان پورچوگيز انگريز آيا ۽ اولهه کان عرب آيا، اوڀر کان ايراني، يوناني، ارغون، ترخان ۽ مغل آيا، پوءِ انگريز آيا، هڪ ٻئي کان مارون کائيندا رهيا ۽ ڪي وري هميشه لاءِ سنڌ ۾ رهي پيا ۽ هتان جي مٽيءَ ۾ ملي هڪ ٿي ويا، اهڙن معرڪن ۽ حالتن جو ذڪر سنڌ جو سفر ڪندڙ سياحن، اديبن ۽ تاريخدانن جي ڪتابن ۽ سفرنامن ۾ ملي ٿو. انهن ڪتابن مان خبر پوي ٿي ته سنڌي ٻولي ڪشمير تائين پکڙيل هئي، ان ڪري ان جي ڪاروباري ڪارج ۽ حيثيت به وڏيل هئي. هو سنڌ ۾ واپار ڪرڻ واسطي سنڌي سکندا هئا، جيئن سنڌ جي هندرمندن جو ٺهيل مال ڏيساور کڻي وڃن. پروفيسر اعجاز قريشيءَ لکيو آهي ته ”واپار جي واڌاري ڪي ڏسندي، واپاري برادري به هڪ ”واپاري ٻولي“ کي جنم ڏنو جيڪا انهن جي استعمال ۾ لاڳيتو رهي. هيٺين سطح تي ماپ ۽ تور لاءِ به ٻولي ٺاهي وئي، مثال طور تولو رتي، ماسو ٽويو چٽي، پراڻ ڪاسو وال وغيره اهڙا اصطلاح آهن، جيڪي نمايان طور واپار لاءِ استعمال ٿيندا هئا. اڄڪلهه انگريزي ماپ ۽ تور وارو نظام ڪتب اچي ٿو ۽ سڄي دنيا ۾ لاڳو ڪيو ڪيو ويو آهي، پر سنڌ کي اهو اعزاز آهي ته انهيءَ ماپ ۽ تور جو پنهنجو نظام رهيو آهي، جيڪو ورهاڱي کان اڳ تائين عام جام هلندو هو ۽ هاڻي ٻهراڙين ۾ استعمال ٿئي ٿو“.[2]

## سنڌي ٻوليءَ جي ڪاروباري تاريخ:

سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي مڙني ٻولين ۾ هڪ ٻڌائيتي ۽ قديم ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون موهن جي دڙي جي پوريل تهذيب ۾ ڪتل آهن. سنڌي ٻوليءَ جي اهميت، افاديت توڙي علمي، ادبي ۽ خانگي حيثيت به اوتري ئي اهم آهي. هن ٻوليءَ قديم زماني کان پنهنجي ڳالهائيندڙن جي روزمره جي زندگي، واسطيداري ۽ رابطي، وڻج واپار وغيره

توڙي مادي ۽ روحاني ترقيءَ ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي. هن ٻوليءَ ڪي تاريخ جي هردؤر ۾ اهڙا عالم، اديب، استاد، ڪاروباري ماڻهو مليا آهن، جن ان جي آبياري ڪئي آهي. هيءَ ٻولي هڪ مڪمل علمي ، ادبي ۽ ڪاروباري زبان آهي، جنهن ڪي پنهنجو ججهو لغت جو ذخيرو آهي، منجهس ڪاروبار جي هر وکر جا اصطلاح ۽ لفظ آهن، علمي هنر آهن، تعليمي علمن جا سڀ لفظ آهن. سنڌي ٻولي موجوده صوبي سنڌ کان سواءِ پنجاب جي رحيم يارخان ضلعي، بلوچستان جي سبي، مڪران ۾ لسٻيلي ۽ هندستان جي ڪڇ ۽ راجستان جي علائقن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. ان کان سواءِ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جا هندو سنڌ مان لڏي وڃي هندستان جي مختلف علائقن ۾ وڃي آباد ٿيا ۽ اتي وڃي سنڌي ڳالهائن ٿا.

**قديم ترين دور:**

موهن جي دڙي مان لڌل مهرن مان سنڌ جي قديم ترين لکت جا دروازا کليا. هنن مهرن مان خبر پئي تہ هتان جا رهندڙ ماڻهو جيڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا، اها لکي بہ سگهندا هئا ۽ ان مطابق ڪاروبار ڪندا هئا. ويجهڙائيءَ ۾ پاڙيسري ملڪ ۾ موهن جي دڙي تي ٺهيل فلم ۾ ان دور جي سنڌين جي شاندار ڪاروباري حيثيت ڏيکاري وئي آهي. موهن جي دڙي مان وڏي پيماني تي زراعتي استعمال جو شيون مليون آهن، ٽڪر جا ٿانو مليا آهن، تارازي ۽ وٽ مليا آهن، سڪا مليا آهن، اهي سڀ واپار جي اهميت ڪي ظاهر ڪن ٿا.موهن جو دڙو هڪ تمدن ۽ ترقي يافتہ شهر هو هت صنعت حرفت ۽ زراعت چوٽ تي هئي. ڪپهہ، ڪڻڪ، جئو داليون، سايون ڀاڄيون، سوٽي ڪپڙو سون، عاج، ريشم، چوپايو مال وغيره گهڻي انداز ۾ هئا. هت گهاٽا ٻيلا ۽ جهنگل هئا ان ڪري هڪ سڱا گينڊا، چيتا، باندر، مور ۽ گورخر ۽ قسمين قسمين جانور هئا. هتان جا رهاڪو ساري دنيا کان مهذب ۽ اعليٰ معيار جي زندگيءَ گذاريندا هئا. موهن جو دڙو مهراڻ جي ڪپ تي، جهاز راني سبب اندروني ٻيروني واپار ڪري، دولتمند شهر هو. مولائي شيدائي هن جي تجارتي عظمت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ ”موهن جو دڙو مهراڻ جو وڏو واپاري بندر ۽ مال جي مارڪيٽ هو. هت ٻاهريون واپاري قومون بہ رهنديون هيون. سنڌي واپاري ايماندار ۽ سچائي شعار هئا. ايمانداري ۽ حڪمت عملي ڪري، سندن واپار ترقي ڪئي. وٽن بئنڪن ايجنٽن، دلالن، هنڊين، ٻيجڪن ۽ ليبلن جو دستو هو. هر هڪ قافلي ۽ جهاز سان واپاري جو ايجنٽ موجود رهندو هو“.[3] جڏهن آريا هن ڌرتيءَ تي پهتا، تڏهن هنن

ڏنو ته هتان جا ماڻهو جيڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا، اها لکي به سگهندا هئا. ويد ننڍي کنڊ جو سڀ کان قديم ادبي خزانو آهن. جنهن بابت عام طرح راءِ بيٺي آهي ته 1500 کان 2000 تائين قبل مسيح جي عرصي جا لکيل آهن. ويدن ۾ گنگا جو ذڪر ٻه دفعا مليو ٿو سنڌو درياهه ۽ ان جي شان ۾ ٽيهه پيرا ڳايو ويو آهي. رگ ويد جي زماني جا رهواسي سنڌو نديءَ کي ديوتا ڪري مڃيندا هئا. جيئن اگني ۽ اندر ديوتا هئا، تيئن سنڌو ندي به ديوتا هئي. سنڌو نديءَ جي معرفت سنڌ جا واپاري ڪاروبار ڪندا هئا. رگ ويد ۾ سنڌ جي گهوڙن، رٿن، ڪپڙن، زيورن ۽ سڌريل معاشري جي خبر پوي ٿي. مثال طور هڪ شلوڪ ۾ اچي ٿو ته:

"سنڌو گهوڙن سان مالا مال آهي.
رٿن سان مالا مال آهي.
ڪپڙن سان مالا مال آهي.
سهڻن ٺهيل زيورن سان مالا مال آهي.
اِها اناج، پشم ۽ سر سبز شيشم جي وڻن سان ڀرپور آهي.
هن شيءِ نديءَ جي ڪنارن تي ماکي پيدا ڪندڙ گل ٿين ٿا". (4)

سنڌ جي تاريخ جا ڪيترائي صفحا گم آهن، ان ڪري سنڌ جي مختلف دورن تي صحيح نموني تحقيق ڪا نه ٿي آهي. يونانين پنهنجي ڪتابن ۾ سنڌ جي ساراهه لکي آهي. ان ڏس ۾ ايم-ايچ پنهور صاحب لکي ٿو ته "سنڌ تي مغربي لکندڙن جي شروعات نمايان طور سڪندر جي دور کان ٿئي ٿي، پر ان مواد جي معلومات جا سرچشما سڪندر کان به اڳ ڪيترين ئي صدين تي مشتمل نظر اچن ٿا. قديم دنيا جي قديم درياهي تهذيبن، مثلاً نيل، سنڌو، فرات ۽ دجله جي وچ ۾ تمدني لاڳاپا گهٽ رهيا آهن. هر هڪ تهذيب وٽ سائنس پنهنجي پنهنجي طرز تي ايجاد ٿي، وڌي، ويجهي، پر اها ختم نه ٿي. پراڻين تهذيبن جون جايون نين تهذيبن وارين، جن ۾ پراڻيون سائنسون به ڪنهن حد تائين مدغم ٿيون. دارا اعظم مٿين ٽنهي تهذيبن جي ايراضين کي پنهنجي شهنشاهيت ۾ داخل ڪيو. سنڌ ۽ مصر تي سندس تسلط تقريباً هڪ سئو سال کان سوا سئو سال رهيو. تقريباً 520 ق.م. ۾ يونانين جو يونوچ سمنڊ جي تجارت تي قبضو هو ۽ ايران سان تجارت جي اٿينس کي هڪ هٿي هئي. دنيا جي تهذيب جو مرڪز ٽي وڏا درياهه نه هئا، پر ٽي جابلو قومون- ايراني، اسيرين ۽ يوناني-بنيا. ايرانين، يونان جا ڪي

حصا سن 479_492 ق.م. ۾ قبضي ۾ ڪيا، ۽ نہ صرف ان کي صوبائي خودمختاري ڏنائون، پرانهن جي تمدن جي پڻ حوصلہ افزائي ڪيائون. ان موقعي ملڻ سان يونانين، سنڌ ۽ هند، ميسوپوٽيما، مصر، هتي ۽ ڪريٽ جي تهذيب ۽ سائنس جو مطالعو ڪيو“.[5] سنڌ ۾ يوناني دور جا ڪيترائي سڪا مليا آهن، جن تي يوناني لکت لکيل آهي، ان مان خبر پوي ٿي تہ سنڌ ۾ سنڌي سان گڏ، يوناني لکت بہ هلندي هئي.

راءِ ۽ برهمڻ دؤرن ۾ سنڌ جي عوام جي هڪ وڏي اڪثريت سنڌوندي جي ڪنارن تي رهندي هئي، مڇي مارڻ، جانور پالڻ، شڪار ڪرڻ ۽ زراعت سندن مکيہ ڌنڌا هئا، زراعت کي خاص اهميت حاصل هوندي هئي. اهڙي طرح ٻاهرين دنيا سان بہ سندن واپاري تعلقات هئا. هن دؤر ۾ ملڪ اندر سڪا بہ جاري هوندا هئا. مشهور چيني سياح، راءِ دور ۾ سنڌ آيو هو. سنڌ ۾ اهو دور ٻڌ ڌرم جي عروج جو دور هو. ايڇ. ٽي ليمبرڪ مطابق ”هُو راءِ سهاسيءَ جي زماني ۾ سنڌ ۾ آيو“. لئمبرڪ جو خيال آهي تہ ان وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ”اروڙ“ هو“.[6] هيون سانگ جي سفرنامي جي آڌار تي ان وقت جي سنڌ جي سرسبزي، خوشحاليءَ ۽ مذهبي حالتن جي پروڙ پوي ٿي. هتي جي پوکن مان ڪپهہ، جوئر ۽ ٻاجهريءَ جي گهڻي مقدار ۾ هئڻ ۽ ڏاتن مان سون، چانديءَ ۽ ٽامي جي ججهي انداز ۾ ملڻ جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي. مال ۾ ڍڳن، رڍن، اٺن خچرن جو پڻ احوال آهي. هن اڇي لوڻ، ڪاري ۽ جابلو لوڻ جي دوائن ۾ استعمال بابت بہ لکيو آهي. هيون سانگ اهو بہ لکيو آهي تہ هن ٻڌو تہ هتان جا ماڻهو اڳي سرڪش هئا. پوءِ پوءِ مها ارهت جي پوئلڳي ڪندي پنهنجا مٺا ڪوڙائي مذهبي زندگي گذارڻ لڳا“.[7] حاڪم رعيت سان پورو انصاف ڪندا هئا، عام ماڻهوءَ جي حالت سني هئي، چو طرف امن امان قائم هو. ان ڳالهہ کي وڌيڪ وزنائتي ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر مبارڪ علي جا هي لفظ ڪارائتا آهن تہ ”امن امان هجي ۽ پاڙيسري رياستن سان جنگ نہ هجي تہ ان جا اثرات ملڪ جي داخلي صورت حال تي پوندا آهن. ان لحاظ کان چئي سگهجي ٿو تہ ان دؤر (راءِ دور) ۾ رعيت خوشحال هوندي، هاري، ڪڙمي ۽ هنرمند پنهنجي پنهنجي ڌنڌي ۾ مصروف ۽ سڪون واري زندگي گذاريندا هوندا“.[8]

**عربن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪاروبار حيثيت:**

عربن سنڌ تي ٽي سئو سال حڪومت ڪئي. عرب دور حڪومت دوران عرب عالمن، سياحن ۽ واپارين جو سنڌ ۾ اچڻ وڃڻ عام هو. عربن سنڌ بابت جيڪي بہ ڪتاب لکيا

آهن يا حوالا ڏنا آهن. انهن ۾ اڪثر ڪري جاگرافي، ملڪي تاريخ، علم ۽ ادب، سماجي حالتون ۽ واپار بابت ڄاڻ آهي. ابو اسحاق ابن محمد الفراسي الاستخري سنڌي ٻوليءَ لاءِ لکي ٿو تہ ”منصوره، ملتان ۽ انهن جي پسگردائي ۾ رهندڙ ماڻهن جي ٻولي سنڌي ۽ عربي آهي، مڪران وارن جي ٻولي وري مڪراني ۽ فارسي آهي“.[9] محمد ابن احمد شمس الدين ”المقدسي“سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن جي ٻوليءَ لاءِ لکي ٿو تہ ”ملتان وارا فارسي سمجهن ٿا. ديبل هڪ ساموندي شهر آهي. هتان جا رهاڪو گهڻي ڀاڱي هندو آهن. ماڻهو وڻج واپار ڪن ٿا. عربي ۽ سنڌي ٻئي زبانون ڳالهائين ٿا. ديبل هن سڄي صوبي جو بندر آهي ۽ ماڻهو خوشحال آهن ۽ آمدني تمام گهڻي آهي“.[10] ابن نديم سنڌي ۾ رائج رسم الخطن جي باري ۾ بہ انتهائي اهم معلومات فراهم ڪري ٿو. هو ٻڌائي ٿو تہ ”سنڌ جي ماڻهن جا ڪيترائي رسم الخط آهن ۽ عمومن انهن وٽ نَوَ(9) رسم الخط باقاعده رائج آهن. سنڌ کان سواءِ ٻاڙي واريون قومون بہ اهو ئي رسم الخط استعمال ڪن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ انهن وٽ پنهنجو ڪو بہ رسم الخط موجود نہ آهي“.[11] ابن نديم سنڌي رسم الخط کان علاوه دليلن سان اهو بہ ثابت ڪيو آهي تہ حسابن ۽ انگن جو علم سنڌ ۾ عام جام هو. هن پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌي انگن جو نمونو پڻ ڏنو آهي.

عرب سياحن ۾ گهڻا واپاري ۽ تاجر هئا، جن تجارت واسطي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ گهمي ۽ پنهنجي سير ڪي قلمبند ڪيو. سندن سفرنامن ۾ تجارتي وسيلن، آمدورفت، رستن جي درآمدي، برآمدي شين جي سٺي معلومات ملي ٿي. ابن خرداذبہ سنڌ جي وڻج واپار متعلق اهم معلومات ڏني آهي. هو لکي ٿو تہ ”سنڌ مان بيد، بانس لاک گهرائي ويندي آهي. مهراڻ کان ٻڪار، جيڪو هند جي دنگ سان واقع آهي. اهڙي طرح هو اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ عرب واپار سانگي سنڌ ۾ ڇا کڻي ايندا آهن. هو لکي ٿو تہ ”عرب سنڌ ۾ شراب، ريشمي ڪپڙو، سمور، پوستين، تلوارون، عطر، بيد مشڪ جو عرق وغيره وڪري لاءِ کڻي ايندا آهن. اروڙ شهر جي فصلن لاءِ لکي ٿو تہ ”الدور ۾ ڪڻڪ ۽ ڪارڪون جام ٿيندڙيون آهن“.[12] سلمان تاجر سنڌ جي ململ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ ”هن ملڪ کان وڌيڪ سٺا ڪپڙا ڪٿي بہ نہ ٿيندا آهن. روهمي جي راجا جي فوج ۾ پندرهن هزار ماڻهو رکيل آهن، جيڪي فوج جا ڪپڙا سبندا ۽ ڌوئيندا آهن. هن ملڪ ۾ اهڙو ڪپڙو بہ ٺهندو آهي، جنهن جو سبيل وڳو منڊيءَ مان لنگهي ويندو آهي ۽ اهو ڪپهہ مان ٺاهيو ويندو آهي. اسان اهو ڪپڙو پنهنجي اکين سان ڏٺو. ملڪي سڪي جي باري ۾ لکيو اٿس تہ

”واپار ۾ ڏيتي ليتي ڪوڙين (Kauris) وسيلي هلندي آهي. ڪوڙي هن ملڪ جي چالو سڪي جو نالو آهي. هتان جي رهواسين وٽ چاندي ۽ سون بہ جام آهي“.[13]

الادريسي، پنهنجي سفرنامي ۾ سنڌ جي قديم شهر ديبل لاءِ لکيو آهي تہ ”ديبل پنهنجي ملڪ جي ڏکڻ ڏس تي ۽ ايراني نار کان اوپر پاسي آباد آهي. هن ماڳ تي تمام گهڻا ماڻهو وسن ٿا. هن جوءِ جي زمين ڦلي نہ آهي. وڻ ٽڻ بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندا. البتہ ڪٿي ڪٿي ڪجيون نظر ايندڙيون آهن. هتان جي جابلو جوءِ رڻ پٽ ڏسي. گهر بہ ڪاٺ ۽ گاري گپ سان جوڙيل نظر ايندا. هي شهر ان ڪري آباد آهي، جو هتي سنڌ ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جا تجارتي ٻيڙا اچي لهندا آهن. هتي ڪاڏ خوارڪ جي مختلف شين جو واپار هلندو آهي. هتان جا واپاري ڏاڍا ڏاها آهن. عمان، چين ۽ هندستان جي ٻين ملڪن جا ڪيترا جهاز ديبل تي بيٺل نظر ايندا. ديبل جا رهواسي بي انتها شاهوڪار آهن. وٽن ايترو تہ پيسو آهي جو سمورو تجارتي مال خريد ڪري، ٻيڙا خالي ڪري، پنهنجن پاڻ ۾ رکي ڇڏيندا آهن“.[14]

**سومرن ۽ سمن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪاروباري حيثيت:**

عربن کان پوءِ سومرن جو دور اچي ٿو. معاشي طور تي هي دور سٺو هو. ماڻهن جو رهڻ ڪهڻ قبيلائي هو. زراعت ڪرڻ ۽ مال پالڻ سندن ذريعہ معاش هو. زراعت ڪافي حد تائين ترقي يافتہ هئي ۽ ملڪ جو گهڻو حصو سرسبز هو. مڇي ۽ مال وارا ماڻهو ان وقت سکيا ستابا ۽ وڏي آمدني وارا هئا. ان ڪري ڏنار، پنهوار، ٻڪرار، ميهار، ميربحر ۽ مهاڻا سڀ سکيا ستابا سمجهيا ويندا هئا. جڳ مشهور سياح ابن بطوطا 14 صدي عيسويءَ ۾ سنڌ ۾ پهتو. اُهو سنڌ ۾ سومرن جو دور هو. جڏهن تہ هندستان ۾ تغلق گهراڻي جي حڪومت قائم هئي ۽ سنڌ جي مٿئين حصي ۾ سندن حڪومتي اثر هو ملتان سنڌ جي گادي جو هنڌ هو. لاهري بندر لاءِ لکي ٿو تہ ”لاهري بندر سنڌ جو خوبصورت شهر سمنڊ جي ڪناري تي آهي ۽ هتي سنڌو درياهہ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. هن شهر ۾ يمن ۽ فارس جا ڪيترائي واپاري رهن ٿا. شهر بہ مالدار آهي. شهر جو محصول سٺ لک دينار آهي. مان اتان جي منتظم علاءَ الملڪ وٽ پنج ڏينهن رهيس، جنهن منهنجي گهڻي خاطرداري ڪئي ۽ مون کي سفر جو ثمر عطا ڪيو“.[15] سومرن جي دور جي گنانن جي شاعريءَ ۾ سنڌي واپار جا چٽا لفظ ملن ٿا. ان سلسلي ۾ پير شمس الدين جي شاعريءَ ۾ وڻج ، واپار، ليکي جهڙا اصطلاح موجود آهن، مثال طور:

آڪي نهين ڪو ني هاٿ اُٽياري لول
يهين وڻج ويپار ري لول

البيروني، ابو ريحان محمد بن احمد هڪ مشهور سياح ۽ عالم هو هند ۽ سنڌ ۾ هن 40 سال گذاريا ۽ هتان جي علمن کي عربن ۽ ايرانين تائين پهچايو ۽ اتان جا علم هتي آندائين. هن علم نجوم، علم هيئت، علم رياضي، ويا ڪرڻ شعر ۽ شاعري، چند وديا، وقت جي ماپن، سڪيندن، منٽن لاءِ لفظي خزانو ۽ ماپا ۽ ماپ، تور، وزن، سڪي، گهڙين، ڏينهن راتين، مهينن، سالن، جڳن ڪلپين لاءِ مقامي ٻوليءَ جا لفظ عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکيا. هن هند ۽ سنڌ ۾ رائج رسم الخط جي باري ۾ پنهنجي ڪتاب ”ڪتاب الهند“ ۾ هڪ سڄو سارو باب لکيو. البيروني، سنڌي ٻوليءَ جا سون جي تعداد ۾ لفظ عربي سنڌي رسم الخط ۾ لکيا. انهن لفظن لاءِ نوان حرف /اکر جوڙيا. جيڪي عربي رسم الخط ۾ اڳ موجود نہ هئا. البيرونيءَ جو چوڻ هو تہ ”ڏکڻ سنڌ ۾ جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي ان کي ”مالواڙي“ چئبو آهي. ٻهمنوا (منصوره) ۾ ”سئنڌو“ رسم الخط ڪم ايندو هو لاڙ ۾ ”لاڙي“ رسم الخط ۽ ””اردنا گري“ رسم الخط ”ياتيا“ سنڌ جي ڪن حصن ۾ لکيو ويندو هو“.(16)

سمن سنڌ تي اٽڪل 170 سال حڪومت ڪئي، ان مان گهڻو عرصو حملہ آورن سان مقابلو ڪندي گذريو تڏهن بہ هي دور سنڌ جي تاريخ ۾ اهم دور آهي، ڇو جو غير ملڪين جي حملن باوجود سمن سنڌ جي وحدت کي فطري بنيادن تي قائم ڪيو. اهڙي طرح هنن پنهنجي ماتحت خودمختيار اتحادي رياستون پڻ پيدا ڪيون. انهيءَ سموري سياسي ۽ ملڪي جوڙجڪ جو اثر معاشري تي پيو. ان وقت جي ملڪي آسودگي، خوشحالي ۽ معاشي صورتحال جو ذڪر ڪندي فقير محمد لاشاريءَ لکيو آهي تہ ”سمن جي ڏينهن ۾ نيون پيداواري قوتون ميدان ۾ اچي چڪيون هيون. زراعت سان گڏ هنرمندن جو وڏو تعداد ان دور ۾ ملي ٿو. انهيءَ سان گڏوگڏ سنڌ ۾ واپاري طبقو بہ پوري طرح سان پنهنجون پاڙون کوڙي چڪو هو. پيداواري قدر هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي رهيا هئا. هنر مند ۽ واپارين جا جمالياتي احساس، قدر ۽ خيالن جي اظهار جا ذريعا جاگيرداري قدرن ۽ خيالن کان وڌيڪ مهذب ۽ عقلي هئا. انهن جون اخلاقياتي ۽ سياسي ضرورتون معاشي رشتن سان ڳنڍيل هيون، ان لحاظ کان اهو هڪڙو عقلي انقلاب هو“.(17) سمن جي دور ۾ بادشاهن جا سڪا رائج هوندا هئا. ان سان گڏ دهلي جي حاڪمن جا سڪا پڻ سنڌ ۾ هلندا هئا. گجراتي روپيا سنڌ ۾ لاڙي سڏبا هئا. ڄام نندي ننڍي کي نئين سر رٿا بندي سان

اڏيو ۽ هي شهر احمد آباد جيان علم ۽ هنر جي ڪري ايشيا جي مشهور صنعتي ۽ تجارتي شهرن ۾ ليکجڻ لڳو. ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪاريگر، ڪمي ڪاسبي اچي هت گڏ ٿيندا هئا. سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙن جا ڪارخانا پڻ هتي قائم هئا. گلي، لاک، ڪپڙي ۽ عاج مان ٺهيل سامان ٻاهرين ملڪن ۾ اماڻيو ويندو هو. شين جو اگهه مقرر هوندو هو. سمن جي دور ۾ جيڪي رنگا رنگي شيون آهن، سي آهن ماموين جا معمايا ماموين جا بيت. هنن فقيرن جي بيتن مان ان وقت جي سياسي ماحول، تاريخ ۽ جاگرافيائي حالتن جي خبر پوي ٿي. فقيرن جي بيتن مان هاڪڙي درياهه، پراڻ درياهه، ننگر ۽ اروڙ جا نالا به معلوم ٿين ٿا. جنهن مان دريائن، واهن ۽ مشهور شهرن جي ڄاڻ به ملي ٿي، مثال طور:

هاڪ وهندو هاڪڙو، پڄندي ٻنڌ اروڙ،
بهه مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوڪڙي.

انهيءَ بيت مان معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ طرف کان واپاري غوراب ڏيساور کان مال کڻي سنڌ ۾ ايندا هئا. "بهه مڇي ۽ لوڙهه سمي ويندا سوڪڙي" واري مصرع، ان دور جي ثقافتي ۽ تهذيبي تاريخ جو هڪ باب پيش ڪري ٿي.

**ارغوني ۽ مغليه دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪاروباري حيثيت:**

ارغونن سنڌ جي پرسڪون ماحول کي ان وقت بگاڙيو جنهن وقت سنڌي سماج ترقي جون راهون پار ڪري رهيو هو. سنڌي سماج جي مذهب ۽ رياست ٻنهي حوالن سان تهذيبي اڏاوت جي اوسر ٿي چڪي هئي. جڏهن 1555 ۾، حڪمرانن ناعاقبت انديشيءَ کان ڪم وٺندي پنهنجي اقتدار کي بچائڻ لاءِ پورچگيزين کان مدد گهري هئي ته انهن اچي ٺٽي کي ساڙيو ۽ نست نابود ڪيو. پورچگيزن سنڌ ملڪ ڏٺو ۽ پوءِ ٺٽي ۽ ان جي پر پاسي ۾ تجارتي بينڪون به ٺاهيون ۽ فيڪٽريون به هنيئون. ارغونن جي پنجٽيهه ساله حڪومت سنڌ تي ڪجهه نوان اثر ڇڏيا. ثقافتي، جاگرافيائي ۽ ملڪي لاڳاپن ۾ ٿي تبديلي اچي ويئي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر مبارڪ علي لکي ٿو ته "ارغونن جي فتح کان پوءِ سنڌ جي سماج ۾ هڪ ٻي اهم تبديلي آئي. هيئنر تائين سنڌ جي ثقافت تي عربن جا گهرا اثرات هئا ۽ غير ملڪي حڪمران طبقن ۾ ان جو تعداد وڌيڪ هو پر ارغونن جي آمد کان پوءِ سنڌ جو لاڳاپو وچ ايشيا، ايران ۽ افغانستان سان ڳنڍجي ويو. جيتوڻيڪ اهي اثر محمود غزنوي، محمود غوري ۽ اچ، ملتان جي حڪمران ناصر الدين قباچه جي دور کان شروع ٿي ويا هئا، پر ارغونن کان پوءِ وچ ايشيا جون روايتون، قدر ۽ ثقافت سنڌ ۾

مضبوطيءَ سان قائم ٿي ويون. عربيءَ جي جاءِ تي فارسي سنڌ جي سرڪاري ۽ درٻاري زبان بڻجي ويئي. چنگيزي ۽ تيموري حڪمرانن جون روايتون هتي رواج بڻجي ويون ۽ نون حڪمرانن جي ذوق مطابق شهر ۽ انهن جا پاڙا ۽ عمارتون نئين انداز سان تعمير ٿيڻ لڳيون“.(18)

سنڌ هميشہ زرعي ملڪ رهيو آهي. ماڻهن جو ذريعہ معاش کيتي ڪرڻ ۽ جانور پالڻ هو. مغلن ڪڏهن بہ هتي واهن کوٽڻ جو ڪم نہ ڪرايو جو پيداوار ۾ اضافو ڪيو وڃي. جڏهن تہ حڪومت عوام کان پوري پوري ڍل وصول ڪندي هئي. تجارت بہ محفوظ نہ هئي. حڪومتي فوجون خود قافلن کي لٽينديون هيون. آبپاشي جو سٺو نظام نہ هجڻ ڪري زمينون بيابان ۾ تبديل ٿينديون ٿي ويون. اهو ئي سبب آهي جو 1689 ۽ 1683ع ۾ هتي سخت ڏڪار پيو. جهانگير، اڪبر ۽ شاهجهان جا دور پوري هندستان ۾ سونهري دور چيا وڃن ٿا. پر سنڌ واسطي اهي اونداها دور هئا. مغلن جي دور ۾ سنڌ اندر قبيلائي ۽ جاگيرداري نظام وڌيڪ مضبوط ٿيو. وڏيرا ۽ سردار هميشہ قبيلائي جهيڙا ڪرائيندا هئا. مغل عهديدارن پنهنجي لالچ، رشوت ۽ دفتري ڪارروائين جي ذريعي تجارت کي نقصان پهچايو. شاهي خاندان ۽ اميرن جي ڪاروبار لاءِ مقامي ماڻهن کي اڳتي اچڻ نہ ڏنو ويندو هو. هن دور تي تبصرو ڪندي ڊاڪٽر مبارڪ علي لکيو آهي تہ ”مغل دور ۾ سنڌ ۾ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالات تمام خراب هئا. جاگيردارانہ نظام سماجي ترقي جي راهہ ۾ زبردست رڪاوٽ هو. ان ڪري نہ تہ پورهيت محنت سان ڪم ڪندو هو ۽ نہ وري ننڍا ڪاريگر، جيڪي صبح کان شام تائين محنت بعد بہ غربت ۽ افلاس واري زندگي گذارڻ تي مجبور هئا.“ انهن حالتن کي ڏسندي انگريزي تجارتي ڪوٺي جي ڪارڪن اسپلر (Spiller) لکيو آهي تہ ”ماڻهو ايستائين بدحال آهن جو انهن کي غريب ۽ مفلس رکيو ويو آهي. باوجود ان جو زمين جي زرخيزي لاءِ ٿوري بہ محنت سان زياده فصل پيدا ٿي سگهي ٿو ليڪن انهن ۾ باقي ڪائي خواهش نہ رهي آهي ۽ نہ وري اهڙا سبب يا اوزار آهن جن جي مدد سان هو پوک ڪري سگهن“.(19) مغلن جي دؤر ۾ سنڌي زبان عربي، فارسي خطن سان گڏ سنڌي ديوناگري خط ۾ پڻ لکي ويندي هئي، ۽ ڪاروباري لکت پڙهت جا دستاويزي ثبوت موجود آهن. سراج ميمڻ پنهنجي مضمون سنڌيءَ جو آڳاٽو ادب ۾ مغليہ دؤر جو هڪ ڪاٻاڙو ڏنو آهي، جيڪو خدا وادي لپيءَ ۾ لکيل آهي ۽ عيسوي سال 1640ع کان 1650ع جي زماني جو معلوم ٿئي ٿو. ڪاٻاڙي جو نقل هيٺ ڏجي ٿو:

سنبت 1710: ورک ناريءَ (نهريءَ) چنڊ, گروار (خميس)ڏهاڙيءَ اکر ڪيا: ننگر ساموئيءَ پيتري ڏنک نامي: لهاٽي سور جيءَ پرئياٽيءَ لهٽا: اڏاراٽک نامي پاتيي رامل تورسياٽيءَ ڪني رپيا 101 انگين اکرين سو ايڪوترا: پورا: ڪرا: آڪڙا: حالي چڪي (سڪي) جا: شاهجائي: وهاج (وياج) سان: وياج ماس پريت (در مهيني) ايڪ ايڪوترا ورتي ڏيندو: ڏيندي هر هج (حجت) ڪانه ڪندو: ناڙي ني (ڏسي ڪري) ڪاپاڙو لکيو: ديس پرديس سهي (صحيح): جڏهين سورجي پرئياٽي گهرندو تڏهين رامل تورسياٽي پري جباب (جواب) ڪندو: اجر (عذر) ۽ مالو (دير) نه ڪندو: پيرو ماسڏ هي ڪاپاڙو انگي اڏارو نيائين: سهي (صحيح): بيو اجر (عذر) ڪونه ڪندو:

مت: رامل تورسياٽي جما (جمع) ٿيا: اکر سهي: رپئين ايڪوتر سو: وهاج (وياج) پڻ ايڪوتر“.[20]

**ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن دورن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪاروباري حيثيت:**

ڪلهوڙن جي زماني ۾ زراعت کي وڏي اهميت حاصل هئي, هنن کي خبر هئي ته معيشت جو سڄارو زمين ۾ ئي رکيل آهي. هنن واهن جي کوٽائي ڪرائي. غير آباد زمين کي آباد ڪرايو. غير آباد علائقن ۾ ماڻهن جي آبادڪاري (Settlement) لاءِ نوان شهر آباد ڪرايا. گنجي ٽڪر تي حيدرآباد ۽ نوشهرو فيروز, محمود آباد, شاهه ڳڙهه, مراد آباد ۽ هالن ويجهو خدا آباد ان جا وڏا مثال آهن. ڪوٽڙي جي سامهون بندرگاهه ٺهرايو ويو, ان سان واپار ۾ اضافو ٿيو. اهڙي طرح ايشيا جي مختلف ملڪن سان واپاري تعلقات وڌايا ويا. ڪيترائي واپاري قافلا ايشيائي ملڪن سان اچڻ وڃڻ لاءِ سنڌ مان گذرندا هئا. انگريز انهن کان پوءِ آيا ميان غلام محمد شاهه ڪلهوڙو جڏهن سنڌ جو حڪمران هيو ته هن انگريزن کي تجارتي ڪوٺي ۽ فيڪٽري کولڻ جي اجازت ڏني. سنڌ ۾ سوٽي ڪپڙو روهڙي, نصرپور, سيوهڻ, ڪنڊيارو, بکر, سکر ۾ تيار ڪيو ويندو هو. ڪاٺ جو سامان ۽ چمڙي جي صنعت به اوج تي هئي. پر افسوس جو ملڪي دولت جو گهڻو ٽڪو حصو افغاني حڪمرانن جي خراج تي ضايع ٿي ويندو هو. ڪلهوڙن حڪمرانن جي دور ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني سنڌ ۾ واپاري سرگرميون شروع ڪري چڪي هئي, جنهن سان هندو واپاري طبقو واپار ۾ مسلمانن جي ڀيٽ ۾ اڳتي اچي چڪو هو. جنهن دور ۾ ڪلهوڙن خدا آباد کي سنڌ جي راڄ ڌاني بڻايو. تڏهن هندو واپارين پنهنجي حساب ڪتاب لاءِ جيڪا ڪتب آڻيندا هئا هئا ان کي ’خدا آبادي لپي‘ سڏيو ويو. عبدالغفار صديقي, محمد حنيف صديقيءَ جي ترجمو ڪيل رچرڊ برٽن جي ڪتاب ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ

قومون“ جي حوالي سان لکيو آهي تہ: ”هن (خدا آباد) شهر ۾ ڪيترائي تاريخي فيصلا ٿيا، نتي (جهوڪ شريف)، سبي (بلوچستان)، تي حملي جو منصوبو هتي جوڙيو ويو. خدا آباد مان ڪلهوڙن سنڌ کي سٺو آبپاشي نظام ڏنو. خدا آباد جي دربار سان ڪيترائي عالم ۽ اديب لاڳاپيل هئا. سنڌ جي واپارين هتي ئي پهرين الف-ب ناهي جيڪا پوءِ ”خدا آبادي آئيويٽا“ سڏجڻ ۾ آئي“. [21]

ٽالپر دور ۾ سنڌ جي زراعت ڪافي ترقي ڪري چڪي هئي. ٽالپر حڪمران ان ڳالهہ جو خاص خيال رکندا هئا تہ هارين سان ڪا ناجائزي نہ ٿئي. هارين کي وڏو فائدو هي هوندو هو تہ سڀني فصلن جي مالگذاري جنسن ۾ ورتي ويندي هئي، جن ۾ تماڪ، ڪمند ۽ سبزيون جدا ٿيل هيون، اهي فقط مال وارا هاري پوکيندا هئا ۽ انهن جي ڍل نقدي ڏيندا هئا. بٽئي ۾ هيءُ سهولت هئي جو پيدائش جي مطابق هاري کي ڏيڻو پوندو هو هي نهايت منصفاڻي نموني هوندو هو. پيرن ۽ مرشدن لاءِ هاري حصو ضرور ڪڍندا هئا. اهڙي طرح حجم، دايو ڪوري، ڏکڻ ۽ ڪنير وغيره جي ڪم جي عيوض کين اناج ڏنو ويندو هو. ٽالپرن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ دستور موجب گهرو هنر چالو هو. حيدر آباد تختگاهہ ميناڪاري، چانديءَ تي سون چاڙهڻ، لاک، چمڙي، عاج، ڪتابن جي جلدن تي طلاڪاري جي هنر ۽ اسلحي سازي جي هنرن کان برک هو. ڪنڊيارو نصر پور، هالا، گمبٽ ۽ روهڙي بافتن، سوسين، کيسن ۽ شَرَ جي ڪپڙن اٽڻ جا هنڌ هئا. هالا ڪاشيءَ جي عمدن ٿانون ڪري مشهور هو. هالن ۽ ڪشمور ۾ جنڊي جون شيون سنڌي صنعت جو بهترين نمونو هيون. ٺٽ جا ڪنا بہ مشهور هئا. سنڌ جون معدني شيون جهڙوڪ شورو ولايت تائين مشهور هو. ٺاٽي بولا خان ۾ عمدي گندرف جون ڪاٽيون هيون. حيدرآباد، نتي ۽ ڪراچي ۾ بارود جڙندو هو. پهريائين ڪلهوڙا حڪمرانن ۽ بعد ۾ ٽالپر حڪمرانن انگريزن کي ٺيڪا ڏنا. اهڙي طرح انگريزن کان علاوه ٻين ملڪن سان سنڌ جي برآمد ۽ درآمد جو سلسلو چالو هوندو هو.

لطف الله سورتي، نومبر 1838ع ۾ هڪ انگريز آفيسر ڪئپٽن ايسٽوڪ جو فارسيءَ جو استاد هو. ان وقت سنڌ ملڪ ۾ ميرن جي حڪومت هلندڙ هئي. منشي لطف الله 1839ع جو سڄو سال انگريز عملدارن سنڌ ۾ موجود رهيو هو. ڍل يا محصول جي اوڳاڙي لاءِ لکي ٿو تہ ”هتي ڍلون محصول گهڻو ڪري جنس جي صورت ۾ ورتا ويندا آهن، پوک گهڻو تڻو فقط جانورن جي ٽئي تي، جي هتي چڱي انداز ۾ ٿيندڙ آهن. هاريءَ کي فصل جو پنجون حصو ملندو آهي، باقي چئن حصن مان اڌ سرڪار کڻي تي ۽ اڌ زميندار

ڪي ملندو آهي“.[22] ٽالپرن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪاروباري لکت لاءِ انگريز عملدار ٿامس پوسٽنس سنڌ ۾ فوجي خدمتون سرانجام ڏنيون هيون. هو لکي ٿو ته: ”سنڌي ٻولي هندو نسل جي آهي، جيڪا سنسڪرت مان نڪتل آهي، ۽ اها گجرات جي وادين تائين ڳالهائي ويجي ٿي. ان کي هڪ مخصوص رسم الخط آهي، جنهن کي ”خدا وادي“ چيو ويندو آهي. سمورا هندو پنهنجو حساب ڪتاب ۽ لکت ان خط ۾ ڪندا آهن. جڏهن ته عدالتي زبان فارسي آهي“.[23] اهڙي طرح جرمن عملدار ڪئپٽن ليوپولڊ وون آرلچ 1842ع ۾ سنڌ جو سفر ڪيو هو. هن سنڌ ۾ هلندڙ ڪاروباري لکت لاءِ لکيو آهي ته: ”سنڌ جي زبان، تحرير ۽ بيان باقي هندستان کان گهڻو مختلف آهن، بلڪ حڪمران ۽ عوام ان زبان کان اڪثر واقف نه آهن. ان لکت کي ”خدا وادي“ چوندا آهن، جيڪا گهڻو ڪري واپاري استعمال ڪندا آهن“.[24]

**انگريزن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪاروباري حيثيت جو عروج:**

انگريزن سنڌ جي ميرن سان جيڪي تجارتي ۽ سياسي عهدناما ڪرڻ شروع ڪيا، تن جو مقصد اهو هو ته تجارتي سرمائي وارين ٻين اجاره دار ڪمپنين وانگر سمنڊ پار جي ملڪ جي پيداوار توڙي خام مال تي پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪري وڏيڪ منافعو ڪمائجي. اهڙي طرح انگريز واپاري طبقي کي به پاڻ سان آسانيءَ سان ملائي چڪا هئا. ڇاڪاڻ ته ميرن جي سڄي نظام حڪومت ۾ جاگيردار قوتون اقتدار ۽ سياسي سگهه تي قابض هيون. ان کان علاوه ايسٽ انڊيا جو سنڌ جي سياسي ۽ تجارتي ڏرين تي اثر وڌي چڪو هو. سرچارلس نيپئر 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪرڻ جو ڏوهه ڪيو. انوقت سنڌ جا ٽي مرڪزي شهر موجود هئا يعني حيدرآباد، شڪارپور ۽ ڪراچي جن ۾ اڪثريت هندو واپارين ۽ ڪامورن جي آباد هوندي هئي. هندو ڪامورا عامل سڏبا هئا ۽ واپاري طبقي سان واسطو رکندڙ هندن کي ڀائيبند سڏيو ويندو هو.

انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ سنڌ جو معاشرو گهڻو تڻو ڳوٺاڻو ۽ زرعي معاشرو هو. زراعت جو دارومدار برسات، درياهي ٻوڏن ۽ کوهن تي هوندو هو. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سنڌ کي انهي مقصد لاءِ فتح ڪيو هو ته هتان به ڍل وصول ڪجي. ان مقصد لاءِ هنن روينيو ڊپارٽمينٽ قائم ڪيو. شروع ۾ هو ڍل اناج جي صورت ۾ وصول ڪندا هئا بعد ۾ ان نظام کي ختم ڪري نقدي صورت ۾ آندو ويو. انگريزن کي سنڌ جي زمين جي پيداوار مان تمام گهڻي ڍل وصول ٿيندي هئي، هنن ان کي اجا به وڌائڻ لاءِ واهن ۽ کوهن جي کوٽاين جو ڪم شروع ڪرايو. آخر ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سکر بيراج

جو منصوبو بہ تيار ڪيو ويو. اهڙي طرح 1850ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني ملڪ ۾ ريلوي لائين تعمير ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو تہ جيئن سنڌ جي ڪپھہ کي بندر تائين پهچائي سگهجي. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ ريلوي لائين ڪمپني کولي ويئي، جنهن جي دائري ۾ پنجاب بہ اچي ويو. سر بارٽل فريئر جڏهن سنڌ جو ڪمشنر مقرر ٿي آيو تہ هن ملڪ ۾ ايندڙ تبديلي کي محسوس ڪندي، هتان جي خام مال کي برطانيہ جي صنعتي منڊين تائين پهچائڻ لاءِ ڪراچي ۾ هڪ جديد بندرگاھہ تعمير ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو. اهڙي طرح 1875ع ۾ اهو بندر ٺهي راس ٿيو.

فقير محمد لاشاري هن دور ۾ سماجي اوسر لاءِ لکي ٿو تہ "ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ برطانوي راڄ جو عرصو قديم سماجن کان جديد سماج ۾ پير پائڻ جي وچوارو عرصو هو. ڇاڪاڻ تہ يورپي طاقتون صنعت، جهاز راني، واپار، مشينن ۽ جنگي ميدانن ۾ نئين تهذيب جون اڏيندڙ هيون. ڪارل مارڪس (1818_1883ع) ننڍي کنڊ جي حوالي سان انگريزن سامراج کي "تاريخ جا بي شعور" پرزا سڏيو آهي، ڇو تہ قومون، قبيلا، حاڪم ۽ معاشي قوتون پنهنجي چرپر ۾ سماجي قانون جي سامهون موضوعي (Subjective) آهن. انگريز پنهنجي مفادن سان گڏ هتي ٽيڪنالاجي بہ کڻي آيا. هو سچ پچ تاريخ جا "داناءَ دشمن" ٿي آيا، جڏهن تہ مقامي حاڪم، جاگيردار قوتون "نادان دوست" هيون. ريلوي، ٽيليفون، جديد آبپاشي سرشتو ۽ يورپ جي علم ۽ اتان جي صنعت اهڙي تاريخي قوتن جي اوسر ڪئي".[25]

**سنڌ ورڪي ۽ سنڌي ٻولي:**

انگريزن جي دور کان اڳ ۽ پوءِ "سنڌ ورڪي"* جو عروج هو. "سنڌ ورڪين ۾ گهڻو تعداد هندو واپارين جو هو. هو پنهنجي لکت پڙهت ۽ ڪاروبار هٽ واڻڪي لپي استعمال ڪندا هئا. جڏهن سنڌ جا بندر برباد ٿي ويا، تہ سنڌي وڻجارن جي اولاد مان اڳتي هلي سنڌ ورڪي پيدا ٿيا، جن پنهنجي محنت سان سڄي دنيا ۾ سنڌ جي سڃاڻپ ڪرائي. سنڌ جي هنر وارن ڪاريگرن ۾ سونارا، لوهار، واڍا، ڪوري، رازا، ۽ ڪاشيگر

* سنڌ ورڪين بابت ڪيترن مضمون لکيا آهن، پر 1920ع ۾ ٽيڪچند ڪرمچند ميرچنداڻيءَ جو "سنڌ ورق ۽ سنڌ ورڪي"، آر.ايچ آڏواڻي ۽ ڪمپني حيدرآباد طرفان شايع ٿيو جنهن ۾ بنيادي اهم معلومات ڏنل هئي. پروفيسر چيتن ماڙيوالا بہ ان سلسلي ۾ هڪ طويل ۽ شاندار مضمون لکيو. ان کان پوءِ عبدالله مگسي ۽ ٻين بہ مضمون لکيا آهن.

شامل هئا. سنڌ تي جڏهن انگريزن قبضو ڪيو تہ سنڌي ڪاريگرن پنهنجي ناهيل دستڪاريءَ واري سامان ۽ ڪپڙي جو پرڏيهہ ۾ واپار ڪرڻ شروع ڪيو. سنڌي ڪاريگر پنهنجي هٿ جي هنر سبب جڳ مشهور هئا ۽ پرڏيهہ ۾ انهن جي ناهيل شين کي سنڌي ڪم (Work) سڏيو ويندو هو. سنڌي ورڪ جو واپار ڪندڙ سنڌ ورڪي سڏجڻ لڳا، اهو نالو اهڙو پڪو ٿي ويو جو خود سنڌ جا سنڌي بہ کين سنڌ ورڪي ڪوٺڻ لڳا. انهن سنڌ ورڪين لاءِ چيتن ماڙيوالا لکي ٿو تہ: "سنڌي واپاري جيڪي سنڌ ورڪي جي نالي سان مشهور آهن، تن جو واپار سڄي دنيا ۾ ڦهليل آهي. هو پنهنجي دڪان سميت دنيا جي هر ڏورانهن حصي ۾ موجود آهن. سندن ئي ڪري سڄي دنيا سنڌ جي نالي کان واقفيت ٿي آهي". (26)

عبدالله مگسي مانجهند جي سنڌ ورڪين جي استعمال واري لپيءَ لاءِ لکي ٿو تہ "مانجهند جا سنڌ ورڪي پنهنجي ڪارخاني جو سڄو حساب ڪتاب خدا آباد ي واٽڪن اکرن ۾ ڪندا هئا. انهي آئيوٽيا ۾ سراسري چاليهہ اکر هوندا هئا. انهن مان ڏهہ حرف علت ۽ ٽيهہ حرف صحيح جا هوندا هئا. واپارين يا سيٺين جي مقرر ٿيل منشين ۽ عاملن جو انهن لکٽين سان ڪو بہ واسطو ڪو نہ هوندو هو. سيٺين کي جدا خدا آبادي اکرن ۾ پنهنجي ليکي چوکي رکڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ اسان جي نظر ۾ ان جا هي سبب ٿي سگهن ٿا:

1. ان وقت جا واپاري سيٺ پنهنجن روزنامچن ۾ پنهنجو حساب ڪتاب خاص آئيوٽيا ۾ لکي عام ماڻهو پنهنجن پلاوٽن، منشين ۽ پائيوارن کان واپار ۾ ٿيل نفعي ۽ نقصان کي راز ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.
2. کين اهڙي لپي استعمال ڪرڻ سان ڦيري وارن کان وٺي پائيوارن تائين حساب ڪتاب ۾ دوکي ڏيڻ، وياج، مسافري جو خرچ، اوڌر وغيره جي نالي ۾ استحصال يا ڦرلٽ ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي هئي. هندو عاملن کي بہ جعلسازي ڪري ڏيڻ ۾ سولائي ٿيندي هئي". (27)

سنڌ ورق جي واپارين کي انگريزن مان چڱي آمدني ٿيندو ڏسي گهڻن ماڻهن جو رخ انهيءَ قسم جي ڌنڌي ڏانهن ٿيو ۽ انهي ئي وقت کي واپاري سنڌ جو ثقافتي مال کڻي سنڌ کان ٻاهر انهن ملڪن ڏانهن روانا ٿيا، جتي خبر پين تہ انگريز گهڻا ٿا رهن. بمبئيءَ ۾ هنن جي واپار چڱي ترقي ڪئي. انهيءَ وقت سنڌ بمبئيءَ جو حصو هئي. واپارين ترقي ڪرڻ کان پوءِ پاڻ وٽ نوڪر رکي، انهن کان ڦيري ڪرائڻ لڳا ۽ پاڻ سيٺ

تي وينا .هن وقت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ جيڪي ڪامياب سنڌي هندو واپاري بلنديءَ تي آهن انهن جو ٿورو وچور هتي ڏجي ٿو .

1. يورپ ۾ سنڌين جي ڪامياب ترين ڪٽنب جو نالو آهي ’هندو جا ڪٽنب‘ جيڪو لنڊن ۾ رهي ٿو ۽ ارب پتي آهي. سندن واپار . ناٽي، تيل ۽ ٽيليڪميونيڪيشن جي شعبن ۾ ٿيندو آهي. هنن پنهنجي واپار جي شروعات تهران کان ڪئي، پوءِ لنڊن منتقل ٿيا. سندن وڏو ڏاڏو شڪارپور جو هو جنهن جو نالو پرمانند ديپچند هندوجا هو .

2. اوڀر ايشيا ۾ هانگ ڪانگ جو ڪامياب ترين سنڌي واپاري ڪٽنب ’هيرالال‘ نالي آهي، جيڪي اصل ۾ حيدرآباد سنڌ جا آهن. سندن واپار جو ميدان اليڪٽرانڪس، سافٽ ويئر ۽ جائداد جي خريد و فروخت آهن. ڪجهه وقت کان پوءِ هنن هوٽلن جو ڪاروبار شروع ڪيو ۽ هانگ ڪانگ جي امپيريل هوٽل، 650 ڪمرن واري هاليڊي اِن گولڊن مائيل نهرايون .ان کانسواءِ هن وقت دنيا جي مختلف شهرن ۾ سندن هوٽلون موجود آهن، جن ما نسنگاپور ۽ پينانگ ۾ هاليڊي اِن، لنڊن ۾ شيريٽن بيلگريويا، مانٽريال (ڪئناڊا) ۾ ڪواليٽي هوٽل، مڪائو ۾ ويسٽن رزارٽ، سڊنيءَ ۾ ڊبليو هوٽل، هانگ ڪانگ ۾ انٽرڪانٽينينٽل هوٽل، ان کان سواءِ سنگاپور ۽ بئنڪاڪ جي هوائي اڏن تي پڻ سندن هوٽلون آهن .

3. سنگاپور ۾ هڪ سنڌي ڪٽنب جا ٻه ڀائر اشوڪ ڪمار ۽ راڄ وڏا واپاري آهن، هنن جو ڪاروبار پڻ هوٽلن جو هو. سندن پيءُ 1947ع ۾ سنڌ مان لڏي وڃي سنگاپور ۾ ويٺو جتي هن ريشم جو ڪاروبار ڪيو جنهن جا ڪيترائي دڪان سڄي ملڪ ۾ قائم ڪيائين. هنن بعد ۾ آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ ۾ هوٽلون، سنگاپور ۾ 400 دڪان ۽ ممبئي ۾ سيراڪ هوٽل ۾ پئسو سيڙايو ۽ وڏو نالو ڪمايو .

4. سنگاپور ۾ هڪ ٻيو اهم سنڌي واپاري ڪٽنب ميلواڻين جو آهي، جيڪي اتي ڪيترائي ريسٽورنٽ کوليو وينا آهن. اهي ملائيشيا جي ميليم گروپ سان ٻه ڪاروباري شريڪ آهن، جن جو ڪم فيشن جي دنيا سان آهي .سنڌين جي ڪاروبار ۾ ڪاميابيءَ کي ڏسندي هڪ سرائڪي چوڻي آهي ته ”جو وڃي جاوي، سو ڦر نه آوي، جي آوي ته پٽ پوٽا ڏاوي“.[(28)]

**واپاري ليکي کي سانڍڻ:**

واپاري حساب ۽ ڪتاب کي مختلف بندين، ڊائرين، واپاري ڪتابن، رسيدن وغيره جي صورت ۾ لکي رڪارڊ خاطر سانڍيو ويندو هو جيڪو سلسلو اڄ به جاري آهي. ان

سلسلي ۾ پروفيسر اعجاز قريشي لکي ٿو تہ ”پراڻن واپارين، جن 1930ع ۾ 1940ع ڌاري واپار ۾ حصو ورتو، تن جي جي انٽروين ۾ ساروڻين مان خبر پوي ٿي تہ تہ سنڌ ۾ واپار جي ڏيتي ليتي سنڌيءَ ۾ ٿيندي هئي ۾ سڄو پراڻو رڪارڊ ۾ رجسٽر سنڌيءَ ۾ هئا، انهن مان ڪجھ اڄ بہ ڪٿي نہ ڪٿي موجود آهن“.[29] ڪاروبار جا ڪي ڪتاب سنڌ آرڪائيوز لائبريري ۾ ڪن واپارين جي ذاتي رڪارڊ ۾ اڄ بہ موجود آهن. واپارين جتي جتي پنهنجي سهوليت ۾ واپار جي لکت مختلف رسم الخطن ۾ لکي آهي، اتي ڪاروبار هلائڻ لاءِ نوان نوان اصطلاح پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ ايجاد ڪيا. مثال طور، ”هنڊي“، جيڪو گشتي بئنڪ جو ڦيريون ۾ مناسب اقتصادي نمونو هو جيڪو سنڌي سرمائيدارن ايجاد ڪيو. هنڊي ناڻي جي هڪ چٺي (Draft) آهي جا لکندڙ پاڻ يا پنهنجي گماشتي کي يا پنهنجي ڀلا وٽي کي لکندو آهي. هن جا بہ قسم هوندا هئا. درسني هنڊي ۾ ٻي دري واري هنڊي. جيستائين هنڊي پوري نہ آهي، تيستائين هو وڪامي سگهي ٿي، يعني بازار ۾ ان جو ملھ آهي. تنهن ڪري چئبو تہ هنڊي بہ هڪ قسم جو نوٽ هو. نوٽ ۾ هنڊيءَ جي وچ ۾ هي فرق آهي تہ نوٽ جو ملھ هميشہ ساڳيو آهي ۾ هميشہ هلي سگهي ٿو ۾ قائدي موجب هر هڪ ماڻهو اهو قبول ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهي. ان جي ضمانت حڪومت ڏيندي آهي. مگر هنڊيءَ جو ملھ ناڻي جي سوڙھ ڪري ۾ ٻين سببن ڪري تبديل ٿيندو هو سندس ملھ رڳو سندس پورجڻ تائين هوندو هو. تنهن کان پوءِ اها رد ٿي ويندي هئي. ان جو قبول ٿيڻ لکندڙ جي ڪارپت تي مدار رکندو هو. اهڙي طرح هنڊي ذريعي واپاري ناڻي جي متاستا هڪ شهر يا ملڪ کي ٻئي شهر يا ملڪ تائين سولائيءَ سان ڪري سگهندا هئا. هنڊي ۾ جيڪا ٻولي استعمال ڪئي ويندي هئي تنهن جو سٽاءُ هن ريت هو:

ايڪو سهاءِ انگين اکرين روپيہ سو ڇھ 00_600 نيمي روپيہ ٽي، تنهنجا ٻٽيا روپيہ سو ڇھ پائي پريتمداس تلوڪچنداڻي ڏيجہ. حيدرآباد مان تاراچند پر سراماڻي چوي تہ اسان هٿ پائي ڀڳوانداس ٺاڪرداس جي پاسي راکي. توهان ڪراچي منجھ شاھ واپاري جوڳ پري ڏيوٽا. متي سانوڻ تاريخ 3 سنبت 1943ع

سنڌي واپارين ڪاروبار جي لحاظ کان هڪ نئون اصطلاح ”ڏيوالو“ ايجاد ڪيو، جنهن جو مطلب اهو هوندو هو تہ واپاري اهڙي ٻري ڦاسي پئي جو قرض لاهي نہ سگهي، اهڙي حالت ۾ سندس رهيل مال ملڪيت وڪري ڪري قرض لاٿو ويجي. اهڙي طرح، ڪاروبار ۾ ”نقد ڏوڪڙ“ کي تمام وڏي اهميت حاصل آهي. نقد پيسن ۾ هر شيءِ آساني

سان خريد ۽ فروخت ٿيندي آهي. ساڳي طرح سنڌي واپار ۾ وياج جو تصور بہ انتهائي آڳاٽو آهي. سنڌ جا واپاري پنهنجي ڪاروبار جي ٽڪي ٽڪي جو حساب لکت ۾ آڻيندا هئا. سنڌ جي واپارين شين اگهن لاءِ اگهوترِيءَ جو لفظ جوڙيو. ڏهائي، سگهہ، مُوڙ، وياج، راس، جدول، آگت جو ڪڙو نائن جو ڪڙو ڪاتو نفعو نقصان، روز نامچو بيجڪ، پوتا ميل، ڪاپاڙو وٽج، واپار، ليکو چوکو مهتو واٽيو ۽ سيڪڙو جا لفظ پڻ مروج ٿيا. هتي ڪجهہ نمونی طور جدولون ڏجن ٿيون، مثال طور زمين جي جدول:

| | | |
|---|---|---|
| 20 | وسواس برابر | ويسر |
| 20 | ويسا برابر | جريب |
| 02 | جريب برابر | ايڪڙ |

سون ۽ چانديءَ جي جدول هن ريت آهي:

| | | |
|---|---|---|
| 04 | مگ برابر | رتي |
| 08 | رتيون برابر | ماشو |
| 12 | ماشا برابر | تولو |
| 80 | تولا برابر | سير |
| 04 | مگ برابر | رتي |
| 06 | رتيون برابر | آنو |
| 13 | آنا برابر | تولو |

وزن جون اڪائيون ريت آهن:

| | | |
|---|---|---|
| 01 | رتي برابر | 1/8گرام |
| 01 | ماسو برابر | 1 گرام |
| 01 | تولو برابر | 12گرام |
| 01 | آنو برابر | 60 گرام |
| 01 | پاءُ برابر | 240 گرام |
| 01 | سير برابر | 960 گرام |

25 پئسا برابر پائلي (چار آنا)

50 پئسا برابر آڌي (اٺ آنا)

100 پئسا برابر هڪ رپيو (16 آنا)

**سنڌي ٻوليءَ جي ڪاروبار لاءِ مروج رسم الخط:**

ان دور ۾ سنڌي مسلمانن جو واپار ڏي ڪو گهڻو ڌيان ڪو نه هوندو هو. هو صرف زمينداري ۾ خوش هوندا هئا. انهي سلسلي ۾ پيرومل مهرچند آڏواڻي صاحب لکي ٿو. ”سنڌ جي مسلمانن وڏج واپار ڏي ڪڏهين به گهڻو ڌيان ڪونه ڏنو. تنهن ڪري سنڌ جي وڏج واپار تي پائيبندن جو موروثي حق ڄمي ويو. هيرن، جواهرن، سون، چانديءَ کان وٺي وينڌي ميوي ڀاڄين تيل تماڪ تائين هر جنس جو واپار پائيبند ڪن ٿا. رگويد زماني کان وٺي انگريزن جي دور جي پڄاڻي تائين سنڌي واپاري روم، ايران، گجرات، عراق، سلون (سريلنڪا) جاوا، آفريڪا ۽ يورپ تائين پنهنجون تجارتي ڪوٺيون قائم ڪري چڪا هئا“.[30] مسلمانن جي خاص گروهه جهڙوڪ اسماعيلي، خواجه، ميمڻ، شيخ ۽ ڪي ٻيا روزمرهه جي وهنوار کان سواءِ واپاري ڏيتي – ليتي ڪندا هئا.

واپاري لکت لاءِ هندو توڙي مسلمان الڳ الڳ رسم الخط استعمال ڪندا آهن. هٽائي لکت يا هٽ واڻڪي لکت جي سلسلي ۾ گنگارام سمرات لکي ٿو ته ”حقيقت ۾ هٽائي لپيءَ جو وڏيڪ اپيوگ (واهپو) وڏج واپار ۾ ئي ٿيو. عام ماڻهو ته ان جو اپيوگ گهٽ ڪندا هئا. ڇو ته ڇا ۾ اپيوگ ڪن به؟ مشڪل سان ڪير ڪنهن کي چٺي چپاٺي لکندو هو سو به شادي – غميءَ ۾“.[31] سر گريئرسن لکيو آهي ته: ”لنڊا پنجاب جي لپي هئي، جيڪا دڪاندار استعمال ڪندا هئا. هو وڌيڪ لکي ٿو ته: ”سنڌ ۾ لنڊا کي بنيا يا واڻڪي ٻولي چوندا آهن“.[32] سيوهاڻي ٻاڙڪا اکر سيوهڻ ۾ رائج هئي. جنهن کي سيوهڻ جا ٻاڙا واپاري ڪتب آڻيندا هئا. هتي جا اوائلي واپاري ۽ ٻيا هن رسم الخط ۾ لک پڙهه ڪندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو علائقائي حساب سان هي رسم الخط مشهور هو. ڊيوڊ ڊرنگر به ان ڳالهه جي تصديق ڪندي لکيو آهي ته: ”تمام اهم رسم الخط خدا وادي حيدرآباد ۾ استعمال ٿيندي هئي، جا پڙهيل ڳڙهيل هندو واپاري ان کي سڄي ملڪ ۾ استعمال ڪندا هئا. شڪارپوري ۽ ساکرو خدا واديءَ کان ٿوري مختلف هوندي آهي. لنڊا خط، جنهن کي سنڌيءَ ۾ بنيا يا واڻڪو (واپارين جي لپي)، 1868ع ۾ ان کي سرڪاري درجو ڏنو ويو. ان اسڪولن جي استعمال، سنڌ ۾ ڪتابن جي اشاعت لاءِ استعمال ڪيو ويو“.[33] ميمڻڪي لپي گهڻو ڪري واپاري ميمڻ مسلمان استعمال ڪندا هئا. هن جا به مختلف نمونا هئا، ڇو جو حيدرآباد جا ميمڻ پنهنجي نموني لکندا هئا ته ڏيپلي ۽ ٺٽي جا ميمڻ پنهنجي نموني لکندا هئا. ڊاڪٽر غلام علي الانا مطابق: ”هيءَ رسم الخط ٺٽي، حيدرآباد،

راهوڪي بازار ۾ ٻين شهرن جا ميمڻ، خاص طور تي واپاري استعمال ڪندا هئا“.(34) ان سلسلي ۾ سنڌ جي اڻويهين ۽ ويهين صدين جي لکتن جا تمام گهڻا مثال موجود آهن. مسٽر مارڪ اينٿوني لکي ٿو تہ: ”هندو واپارين ۾ قديم دور کان حساب ڪتاب ۽ ڪاروباري لکت پڙهت جو خفيہ نظام جو رواج موجود هو. هو وڌيڪ لکي ٿو تہ ”هي لکت مختصر، ڳجهي ۽ تڪڙي لکڻ لاءِ بهترين لپي هئي. ٻيو تہ اها لکت هر ڪنهن جي پڙهڻ کان ڏاڍي هئي. ان کي سکڻ لاءِ هڪ تہ ان ۾ موجود حروف صحيح ياد ڪرڻ لاءِ محنت جي ضرورت هوندي هئي“.(35)

**سنڌي ٻوليءَ ڪاروباري ۽ اقتصادي ڪتاب:**

سنڌي زبان ۾ اقتصادي نظام بابت پهريون ڪتاب مرزا صادق علي بيگ (1845_1912ع) ”علم معاشري“ جي نالي سان لکيو جيڪو ايجوڪيشنل پبلشنگ ڇاپ خاني ڪراچيءَ مان سال 1871ع ۾ ڇپيو ۽ نصاب ۾شامل رهيو. ڪتاب ”علم معاشري“ مان نثر جو ٽڪرو هيٺ نموني طور ڏجي ٿو:

> ”دنيا ۾ وڏندڙ ڏنڌو واپار آهي، جو ماڻهو واپار ڪري ٿو اهو عام جي پيٽ ۾ آسودو آهي. واپار جو مدار ملڪ جي پوک، قدرتي شين جي ملڻ، هنر ۽ ڪارخانن هجڻ تي آهي. کيتيءَ لاءِ محنت ۽ هوشياري ڪم اچي ٿي. جيڪو ملڪ کاڌي پيتي لاءِ شيون پاڻ پيدا ڪري ٿو اهو شاهوڪار آهي. کاڻين مان ملندڙ شيون ملڪ لاءِ دولت آهي. اگر لوهہ ۽ ٻيون گهڻيون شيون بہ اتان ملن ٿيون، انهن کي پاڙيسري ملڪن ۾ ڏئي گهرج واريون ٻيون شيون وٺون ٿا“.(36)

نارائڻ جگن ناٿ وئديہ (1825ع_1874ع) جي نالي سان اين جي وي اسڪول منسوب آهي، هن صاحب جتي سنڌ ۾ تعليمي خدمتون ڏنيون، اتي هن ”ليکي جي پيڙهہ“ (1869ع) نالي ڪتاب لکيو جنهن ۾ حساب ۽ ڪتاب جا قاعدا ڏنل آهن. پريتمداس ولد قسمتراءِ تعليم کاتي جي ڊپٽي ايجوڪيشنل آفيس ۾ هيڊمنشيءَ جي عهدي تي فائز هو. ڪيترائي درسي ڪتاب لکيائين، ”ليکي جي پيڙهہ“ ۾ انگي حسابن جي باري ۾ ترجمو ڪيل ڪتاب آهي. هي ڪتاب 1869ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ انهن اصولن ۽ قائدن کي بيان ڪيو ويو آهي، جن تي حسابن جي پيڙهہ رکيل آهي، مثال طور اٽيورو، اُبتو اٽيور، سبتڙ اٽيور، مفرد اٽيور، مضاعف اٽيور، ملتف اٽيور، مختصر صورت، ڏهائي، سگهہ، مُوَر، وياج، راس ۽ سيڪڙو وغيره.

ڪلارڊ مارڪووٽس جو ڪتاب "سنڌي واپاري"، جنهن جو سنڌي ۾ ترجمو حسين بادشاهه 2005ع ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪُل نَو باب موجود آهن. هن ڪتاب ۾ سنڌي واپارين جو بخارا کان پاناما تائين واپار 1947ع کان 1950ع تائين جو تذڪرو موجود آهي ۽ ڪتاب جي ابتداءِ ۾ 'تعارف' نالي سان عنوان ۾ ليکڪ سنڌي واپارين بابت لکيو آهي ته: "سڄي دنيا ۾ پکڙيل ڏکڻ ايشيائي واپارين ۽ ڪاروباري ماڻهن ۾ سنڌي بيشڪ هر جاءِ تي موجود آهن. پر اهي مکيه سياحتي ماڳن سميت خاص واپاري مرڪزن ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. 2004ع ۾ مارڪ اينٿونيءَ جو ڪتاب Cosmopolitan The Sindhi Diaspora Connections: **شايع ٿيل آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌي واپارين جي باري ۾ بي بها معلومات آهي. هن ڪتاب** ۾ هڪ مضمون هٽ واڻڪي لپيءَ بابت ( A Short Note on Hatta Varika, the Secret Script of Sindhi Traders) ڏنل آهي. هن مضمون ۾ ڪتاب جي ليکڪ مارڪ اينٿونيءَ جو خيال آهي ته هٽ واڻڪي فقط ڪاروباري لکت پڙهت لاءِ موزون لپي هئي ۽ ان جو گهڻو ٿڌو استعمال سنڌ ورڪي، سنڌ کان ٻاهر ڪندا هئا. انهن جا لکيل دستاويز مالٽا جي لائبريري ۾ اڄ به موجود آهن.

پروفيسر ڇبلاڻي، اقتصاديات جو وڏو ماهر هيو. هن سنڌ جي اقتصادي تاريخ تي پي ايڇ ڊي ڪئي. هن جي انهي مقالي جو سنڌي ترجمو سراج الحق ميمڻ ڪيو هيو ۽ اهو سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب ڇپرايو هو. هن ڪتاب جي پڙهڻ کان پوءِ سنڌ جي شاندار ماضيءَ جي اقتصادي صورتحال پيش ڪئي. پيرومل مهر چند آڏواڻي "سنڌ جي هندن جي تاريخ" جي عنوان سان ٻن جلدن ۾ 1946 ۾ ڪتاب لکيو جيڪو هاڻي هڪ جلد ۾ ٻيهر ڇپيو آهي. انهي جي پڙهڻ مان به خبر پوي ٿي ته سنڌ ۾ جديد ڪارخاني سازي جو آغاز ڪيئن ۽ اهو سنڌ ۾ ڪٿي ڪٿي ٿيو. سنڌ ۾ اهي هئا ڏيهي ڪارخانا جيڪي سنڌي ماڻهن ناهيا. ان کان سواءِ ٻيا ڪارخانا غير سنڌين ناهيا. پروفيسر اعجاز قريشي ۽ ڊاڪٽر عشرت حسين جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب "The Economy of Modern Sindh: Opportunities Lost and Lessons for the Future" 2018ع ۾ شايع ٿيل اهم ڪتاب آهي.

**سنڌ ۾ مروج واپار جون ساليانيون رپورٽون:**

جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ ڪراچي کي گادي بڻايائون ته ڪيترا پارسي ۽ ٻيون تجارتي ۽ واپاري برادريون ڪراچي ۾ اچي پنهنجا ڪارخانا کوليون. انهن جا

تفصيل پراڻن "ڪراچي ايئر بوڪ"( ڪراچي جا سال ناما) ۾ موجود آهن. ان کان سواءِ سمت جڏهن سنڌ جي هر هڪ ضلعي تي گزيٽير لکي ته انهي ۾ فيڪٽرين جا انگ اکر به ڏنائين. "1936 ۾ سنڌ ممبئي کان الڳ ٿي ته ان کان پوءِ سنڌ سرڪار سنڌ ۾ موجود ڪارخانن تي ساليانون رپورٽون شايع ڪرائيندي هئي.سنڌ سرڪار جيڪي سال ۾ هڪ دفعو فيڪٽرين تي رپورٽون شايع ڪندي هئي اهي گهٽ ۾ گهٽ 30 صفحن تي مشتمل هونديون هيون ۽ ڪراچي جي ڪمشنرس پرنٽنگ پريس مان ڇپبيون هيون. انهن رپورٽن ۾ فيڪٽرين،مزدورن ۽ ٻين لاڳاپيل مسئلن تي ڏاڍي اهم معلومات ڏني ويندي هئي،جيڪا سنڌ جي فيڪٽرين جي چيف انسپيڪٽر طرفان لکيل هونديون هيون. هر هڪ رپورٽ ۾ مزدورن جا انگ اکر، انهن کي ملندڙ سهولتون ۽ پگهارون، سنڌ ۾ مزدورن جون هڙتالون، ڪارخانن ۾ مزدورن جا ٿيل موت ۽ حادثا، مزدورن ۽ ڪارخاني جي مالڪن جا معاملا ۽ ڪورٽ جون ڪاروايون انهي رپورٽ ۾ شامل هونديون هيون. انهي کان سواءِ سنڌ جي ڪارخانن جا قسم ۽ انهن جي ٻي معلومات جا انگ اکر پڻ ڏنا ويندا هئا. سال 1939 واري رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته انهي سال ڪارخانن ۾ 29875 مزدور ڪم ڪندا هئا ۽ اها ورڇ وري 3 قسمن ۾ ورهائي ڏني وئي آهي جيئن عورت مزدورياڻيون، مرد مزدور ۽ ٻار مزدور. 1938 ۾ 117 ٻار ۽ 4955 عورتون مزدور ڪارخانن ۾ ڪم ڪنديون هيون. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سال 1939 ۾ فقط ڪراچي شهر ۾ مزدورن جون 9 زبردست ٻڪ هڙتالون ٿيون.اهي ڪهڙن ڪهڙن ڪارخانن ۾ ٿيون ؟ ۽ ڪهڙين تاريخن ۾ ٿيون؟ ڪهڙن سببن جي ڪري ٿيون؟ اهي سڀ تفصيل هن رپورٽ ۾ موجود آهن. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته 1939 ۾ فيڪٽرين ۾ ڪم ڪندڙ 9 مزدور مري ويا، 98 مزدور سخت زخمي ٿيا ۽ 336 مزدور معمولي زخمي ٿيا. رپورٽ ۾ اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي ته 1939 ۾ مزدورن ۽ مالڪن وچ ۾ ٿيل معاملن ۽ ڪيسن جو تعداد 104 هيو جيڪي 41 ڪارخانن سان واسطو هيو. هن ۽ سيني رپورٽن ۾ انهي کان وڌيڪ معلومات موجود آهي. مزدور معيشيت جي ڪرنگهي جي هڏي آهي انهن محنت ۽ مزدوري ڪري سنڌ جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي".(37)

**آزاديءَ کان پوءِ سنڌ ۾ سنڌي ڪاروباري ٻولي:**

آزاديءَ کان پوءِ سنڌ ۾ سنڌي ڪاروبار کي سخت نقصان پهتو ڇو ته سنڌ جي ڪاروبار جا گهڻو ڪري مالڪ هندو سنڌي هئا، جيڪي ورهاڱي جي ڪري هندستان

لڏي ويا، جنهن سان ڪاروبار کي ڪاپاري ڌڪ لڳو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڪاروباري ڪارج کي پڻ سخت نقصان پهتو. جڏهن تہ اڄ سڄي هندستان جي معشيت سنڌ جي هندو واپارين جي هٿ ۾ عروج تي چڙهيل آهي. ٻئي طرف، سنڌي مسلمان اها اميد رکيون ويٺا هئا تہ هندن جي وڃڻ کان پوءِ سندن ملڪيتون، زمينون ۽ نوڪريون کين ملنديون. سنڌ جو وڏيرو جنهن جون زمينون هندن وٽ گروي هيون، تنهن سک جو ساهہ کنيو پر نتيجو ان جي ابتڙ ٿيو. سنڌ جو وڏيرو سياست ۾ تہ دڪان چمڪائيندو رهيو پر ڪارخانا کولڻ جو ڪيس ڪڏهن بہ خيال نہ آيو. نتيجي طور تي سنڌ ۾ جيڪي بہ ڪارخانا ۽ ملون کليون انهن جا مالڪ غير سنڌي هئا. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ فيڪٽرين ۽ انڊسٽرين ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن ۾ سنڌي ماڻهن جو تعدار غير سنڌين جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي ۽ انهن فيڪٽرين جا مالڪ گهڻو ڪري غير سنڌي آهن. سنڌ ٻوليءَ جي تعليم، دفتري استعمال وغيره ۾ گهٽتائي آئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ خود غير سنڌي لفظن جو وڏو تعداد ملي ويو آهي. انهن سڀني حقيقتن باوجود، سنڌي ٻولي جي ڪاروباري حيثيت گهٽي نہ آهي، ڇو جو سنڌي ٻولي هڪ قديم ۽ شاهوڪار ٻولي آهي. منجهس لفظ جذب ڪرڻ جي خوبي آهي.

ننڍپڻ ۾ ڏسندا هئاسين تہ پناڻ سائيڪلن يا پنهنجي ڪُنن تي سامان کڻي سنڌ جي ڳوٺن ۾ وڪرو ڪرڻ لاءِ ڦرندا وتندا هئا. اهي پناڻ صفا ٻُوز لڳندا هئا پر سنڌي ڳالهائيندا هئا. سنڌي ڳالهائڻ جي نتيجي ۾ سنڌين سان دوستاڻو تعلق ناهي وٺندا هئا . هو ڳوٺن ۾ مهينن جا مهينا رهندا هئا ۽ اوڌر تي بہ شيون ڏئي ويندا هئا. ايئن سندن ڪاروبار ٺيڪ ٺاڪ هلندو هو. اها ڪاروباري ڪشش هوندي هئي تہ هو سنڌي ٻولي سکندا هئا. اهڙي طرح پنجاب جا واپاري، سنڌ ۾ ڪپڙن، ٽانون وغيره جو واپار ڪرڻ ڳوٺن ايندا رهندا آهن، هو عام ماڻهن سان هم ڪلام ٿيڻ لاءِ سنڌي ٻولي سکندا آهن پوءِ ڪاروبار ڪندا آهن.

**سنڌ ۾ فيڪٽريون، ڪارخانا ۽ ٻيو ڪاروبار ۽ سنڌي پورهيت:**

پاڪستان ٺهڻ وقت ڪراچي سنڌ جو سڀ کان وڏو شهر هو جنهن جي آبادي 400000 لک هئي .هي شهر انڊيا مان ايندڙ مسلمان مهاجرن جو مرڪز بڻيو. شهر ۾ ٻاهران آيل ماڻهن جي ان اضافي ڪراچيءَ جي آبادي جي انگن اکرن ۽ معيشت کي بلڪل تبديل ڪري ڇڏيو. ڪراچيءَ کي پاڪستان جو پهريون گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو بعد ۾ 1958 ۾ گاديءَ جو هنڌ راولپنڊي منتقل ڪيو ويو. 1958ع کان 1970 تائين

ڪراچيءَ جي ون يونٽ ٿيڻ جي ڪري سنڌ جي گاديءَ جي هنڌ هجڻ جي حيثيت به ختم ٿي وئي .ڪراچي ملڪ جو سڀ کان وڏو شهر ۽ صنعتي، تجارتي، تعليمي، مواصلاتي ۽ اقتصادي مرڪز آهي، جنهن جي ڪري نوڪرين، سرڪاري ڪمن جي ڪري به غير سنڌين جي سنڌ ۾ آبادي وڌي، اهڙي طرح هڪ وڏو انگ غير سنڌين جو سنڌ ۾ آباد ٿيو ۽ نون اچڻ وارن پاڻ کي مقامي ٻولي، تهذيب ۽ تمدن کان پاڻ کي الڳ رکيو.

موجوده وقت ۾ به پوري پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ انڊسٽري، فيڪٽري ۽ ڪمرشل ادارا سنڌ ۾ آهن، ملٽي نيشنل ادارن جون مرڪزي آفيسون به سنڌ ۾ آهن، ۽ ملڪ جي معشيت ۾ وڏو حصو سنڌ جو آهي. ملڪ جا وڏا ڪارخانا، ۽ فيڪٽريون ڪراچي، حيدرآباد، ڄامشورو ۽ گهوٽڪي ضلعن ۾ آهن. جڏهن ته ٻين ضلعن ۾ ڪمند جون ملون، چانورن جون ملون ۽ ڪپهه جون فيڪٽريون عام ۽ جام آهن. فيڪٽرين ۽ انڊسٽرين جي ڀلاءَ لاءِ انڊسٽري جو کاتو قائم آهي ۽ پورهيتن ۽ مزدورن جي ڀلائي لاءِ ليبر ۽ قوت افراد جو کاتو موجود آهي، پاڪستان جي آئين ۾ 18 ترميم کان پوءِ، سنڌ حڪومت جي ليبر کاتي، 18 نوان قانون ۽ 03 پالسيون جاري ڪيون آهن. ليبر کاتي هيٺ سنڌ سوشل سيڪيورٽي ۽ ايمپلائيز اولڊ ايج بينيفٽ انسٽيٽوشن تحت پورهيتن کي ماهوار پينشن ۽ صحت جو خيال رکيو ويندو آهي ۽ سنڌ ورڪرز ويلفيئر بورڊ هيٺ پورهيتن جي ٻارن کي تعليم، نياڻين جي شادي، پورهيتن جي وفات جي صورت ۾ وظيفو ۽ رهائش وغيره جو خيال رکيو ويندو آهي. پورهيتن ۽ فيڪٽرين جي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ الڳ ليبر ڪورٽن جو به بندوبست ٿيل آهي. ٻيهرين سنڌ ليبر پاليسي، 2018ع ۾ ڄاڻايل آهي ته سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ فيڪٽريون ۽ انڊسٽريون، نوڪرين ۾ مقامي آباديءَ کي ترجيح ڏينديون. سڄي سنڌ ۾ ٻارنهن انڊسٽريل زون ۾ ورهايل آهي: سائيٽ، لانڍي، ڪورنگي، بن قاسم، ويسٽ وارف ڪراچي، نارٿ ڪراچي، فيڊرل. بي. ايريا، سائيٽ سپر هاءِ وي، نوري آباد، ڄامشورو @ڪوٽڙي، حيدرآباد ۽ سکر.

هن وقت سنڌ ۾ رجسٽرڊ فيڪٽرين جو تعداد ڏهن هزارن کان مٿي آهي ۽ رجسٽرڊ پورهيتن جو تعداد 36000 کان به مٿي آهي.

سنڌ ۾ جتي اڄ به هزارين ڪمرشل ادارا آهن ۽ لکن جي تعداد ۾ پورهيت ڪم ڪري رهيا، اتي سنڌي ٻوليءَ ۾ واپاري ڪارج واري سگهه پنهنجي زور ۽ شور سان موجود آهي. ان سلسلي ۾ نصير اعجاز لکيو آهي ته ”سنڌ ۾ ٽي چار ڪروڙ سنڌي آهن ۽ اهو

هڪ وڏو مارڪيٽ آهي جيڪو ڪنهن بہ صنعت ۽ ڪاروبار کي بلنديءَ تي پهچائي سگهي ٿو. سنڌي ٻولي پاڪستان جي واحد مادري ٻولي آهي جنهن ۾ ستر کن اخبارون، ٻہ ڊزن کن ماهوار، پندرهن وار ۽ هفتيوار رسالا ڇپجن ٿا. سال ۾ ذري گهٽ ٽي سئو ڪتاب بہ شائع ٿين ٿا. انهن کانسواءِ پنج ٽي وي چئنل آهن ۽ انهن سمورن ادارن ۾ وڏي تعداد ۾ نہ رڳو سنڌي پر اهي ماڻهو بہ روزگار حاصل ڪن ٿا جن جي مادري ٻولي سنڌي ڪانهي. سنڌي رسالا ۽ ڪتاب توڙي ڪيترين ئي سنڌي اخبارون انهن پرنٽنگ پريسن ۾ ڇپجن ٿيون جن جا مالڪ سنڌي ڪونهن. ان جو مطلب تہ سنڌي ٻولي انهن غير سنڌين لاءِ بہ اقتصادي اهميت رکي ٿي جو سندن معيشت جو دارومدار سنڌي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ڇپجڻ تي آهي. اهڙي طرح ڪپڙي لٽي، صابڻ، ٽُٿ برش کان وٺندي زندگيءَ لاءِ گهربل هر شئي جيڪا ڪنهن بہ ننڍي يا وڏي ڪارخاني ۾ ٺهي ٿي، چاهي اها سنڌ جي ڪنهن ڪارخاني ۾ ٺهندي هجي يا پنجاب ۽ ٻئي ڪنهن صوبي ۾، ان لاءِ سنڌ وڏو مارڪيٽ آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڪنهن حد تائين ڪارپوريٽ ادارا سنڌي اخبارن، رسالن ۽ ٽي وي چئنلن کي اشتهار ڏيڻ لاءِ مجبور آهن. سنڌي گراهڪ ڳاهڪ سندن مجبوري آهي نہ تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اخبارن ۽ ٽي وي چئنلن کي شايد هو اشتهار بنهہ نہ ڏين. اها ئي سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت آهي". [38]

**سنڌي ٻوليءَ ۾ واپاري حيثيت کي برقرار ڪرڻ لاءِ ڪي رٿون:**

سنڌ جي ناميارا تاريخ نويس ۽ شاعر يوسف شاهين جا ٻوليءَ جي واپاري حيثيت لاءَ لکيو آهي تہ "ڪنهن بہ ٻوليءَ جو زنده رهڻ انهيءَ جي مارڪيٽ جي ٻوليءَ واري حيثيت سان ڳنڍيل آهي. هيل تائين دنيا جون ٽي هزار ٻوليون فقط انهيءَ ڪري ختم ٿي ويون جو انهن وقت جي تبديلن جو ساٿ ڪو نہ ڏنو. دنيا جي ٻين ٻولين کان پاڻ کي اڪيلو ڪري رکيو ۽ نتيجي ۾ مارڪيٽ واري حيثيت وڃائي ويٺيون ۽ اڄ انهن جو نالو نشان بہ ڪونهي. سنڌي ٻولي پنهنجو وجود تڏهن بچائي سگهندي، جڏهن اها دنيا جي بدلجندڙ وقت ۽ حالتن مطابق قدم کڻندي، وقت جي گهرجن کي پورو ڪندي مارڪيٽ جي ٻولي طور مڃرائيندي". سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻي سگهہ اڄ بہ موجود آهي، ڇو جو اها اڄ بہ سنڌ سميت بلوچستان جي ضلعن جهڙوڪ ڪڇي ۽ سبي، پنجاب جي ضلعن جهڙوڪ رحيم يارخان ۽ ملتان، هندستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ۽ دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪٿي ٿوري ڪٿي گهڻي ڳالهائي وڃي ٿي. سنڌ ورڪي اڄ بہ دنيا

۾ موجود آهن. صرف ملڪي ۽ صوبائي سطح تي، انفرادي ۽ اجتماعي ڪوشش سان سنڌي ٻوليءَ جي واپاري ڪارج کي واپس آڻي سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾ هيٺيون گذارشون ڏجن ٿيون:

1. **قومي ٻولي جي درجي بحالي**: هر صوبي جي ٻوليءَ کي اتان جي قومي ٻوليءَ وارو درجو هئڻ گهرجي ۽ انهن کي علائقائي ٻولي چوڻ بند ڪيو وڃي. ملڪي سطح تي ٻولين جي ترقيءَ لاءِ خاص اُپاءَ ورتا وڃن. وفاقي حڪومت جڏهن صوبي ۾ داخل ٿئي ته پنهنجي سڀني ادارن کي هدايت ڪري ته هو ادارا سنڌي ٻوليءَ کي اهميت ڏين، جيئن سعودي عرب ۾ عربيءَ کي مٿانهون مقام مليل آهي ۽ ٻين ٻولين کي ثانوي حيثيت ڏنل آهي.
2. **تعليمي سڌارا**: اڄ سنڌ جي تعليم جو معيار تمام ڪري چڪو آهي، جاگيرداري نظام، تعليمي ادارن ۾ سياسي ڪلچر، ڪاپي ڪلچر، پنهنجن نوازڻ واري ڪلچر سنڌ ۾ تعليمي معيار کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي عوام کي هن وقت تعليم جي اهميت سمجهڻ گهرجي ۽ ان جي معيار کي مٿاهون ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ سرڪار، استاد، والدين ۽ عام شهري ۽ شاگرد برابر جا ذميوار آهن، انهن سڀني کي گڏجي تعليمي سڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي. ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، نوابشاهه ۽ سکر جهڙن وڏن شهرن ۾ سنڌي ميڊيم اسڪولن جو پورو اهتمام ڪيو وڃي.
3. **سنڌي ٻوليءَ ۾ اشتهاربازي**: جيڪڏهن انڊسٽريءَ جي مالڪن کي مجبور ڪيو وڃي ته هو ٽي وي چينلن تي سڀ ايڊورٽائيزمينٽ سنڌي ۾ به ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا. هڪ مثال ڏيندي ڊاڪٽر بخت جمال شيخ لکي ٿو ته ”ٽپال TAPAL جيڪا پاڪستاني ڪمپني آهي، تنهن سوا صدي پراڻي ٿامس لپٽن جي عالمي ڪمپني LIPTON کي پاڪستان جي برانڊيڊ چانهه جي مارڪيٽ ۾ ان ڪري پوئتي ڌڪي ڇڏيو جو ان جي مالڪ آفتاب ٽپال جنهن جي پيءُ آدم ٽپال کي ايمپريس مارڪيٽ ۾ خشڪ چانهه جو دڪان هوندو هو ۽ هاڻي ٻاهران پڙهيل سندس نياڻي مهوش اها ڪمپني هلائي ٿي، تنهن کي مارڪيٽنگ سروي مان اها ڳالهه معلوم ٿي ته سنڌي ۽ سرائيڪي علائقن ۾ مهمان نوازي جي ثقافت ڪري چانهه تمام گهڻي استعمال ڪئي وڃي ٿي، ان ڪري هن اجرڪ ٽوپي پهريل سنڌين ۽ ڪڙڪ چانهه جو نعرو هنيو“.(39)

4. **حڪومتي سطح ڪوشش جي ضرورت:** وفاقي، صوبائي ۽ ضلعي حڪومتن جي گڏيل ڪوشش سان سنڌي ٻوليءَ جي مالڪي تي سگهي ٿي ۽ ڪافي ڪم آسان ٿي سگهن ٿا، مثال طور:

- حڪومت ادارن تي لڳل تمام سائن بورڊ اردو، انگريزي سان گڏ سنڌيءَ ۾ لکرائي.
- غير ملڪي باشندن لاءِ سائين بورڊ ۽ ڏس پتي جي معلومات رومن رسم الخط ۾ ڏيڻ گهرجي.
- تمام سنڌ جا سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارا، انگريزي سان گڏ پنهنجي ڪاروباري لکپڙهه سنڌيءَ ۾ ڪن.
- حڪومت سنڌ پاران تمام خانگي ادارن کي هدايت ڪئي وڃي ته سمورا اشتهار وغيره سنڌيءَ ۾ هڻن ۽ روڊن رستن شهرن توڙي واهڻن ۾ پنهنجي لکپڙهه سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪن.
- وزارت ريلوي، وزارت پاڻي بجليءَ وغيره کي هدايت ڪئي وڃي ته هو سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڏين. مثال سمورين اسٽيشنن جا نالا اوليت جي بنياد تي سنڌيءَ ۾ بعد ۾ انگريزي ۽ اردو لکيا وڃن.
- سنڌ اسيمبليءَ ۾ بجيٽ تقرير سنڌيءَ ۾ پيش ڪئي وڃي.
- آفيسن اندر آفيسرن جا نالا اردو يا انگريزيءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ لکرايا وڃن.
- ننڍين ننڍين شهرن ۾ سائن بورڊ، اسٽيڪر، اشتهار، اسپتالن، اسڪولن ۽ چونڪن جا نالا سنڌي ٻوليءَ لکيا وڃن، ڇو ته سنڌ جي هر شهر ۾ سون جي تعداد ۾ آهي. غيرمادري ٻوليءَ وارا سائن بورڊ به اسان کي اقليت ۾ ثابت ڪرڻ جا مجاز پڻ ٿي سگهن ٿا.
- ٽپال جون يادگيريءَ جو ٽڪليون، اسٽامپ پيپر، قسم ناما وغيره سنڌي ۾ هڻڻ گهرجن.
- شاهراهن تي ڳوٺن ۽ شهرن جا فاصلا اردو سان گڏ سنڌيءَ ۾ هڻڻ گهرجن.
- اطلاعات کاتي کي هدايت ڪئي وڃي ته سرڪاري نوڪرين جا اشتهار، ٽينڊر، حڪم ناما ۽ ٻيون سرڪاري خبرون، صنعتي، ڪاروباري، مواد، نوٽيس وغيره سنڌي ۾ شايع ڪيا وڃن.

5. **سي پيڪ جي حوالي سان:** سي پيڪ جو مطلب آهي چين پاڪستان اقتصادي راهداري يا پاڪ-چين واپاري واٽ. هيءَ هڪ تمام وڏي واپاري رٿا آهي، جنهن جو

مقصد ڏڪڻ اولهه پاڪستان کان چين جي اتر اولهه جي خودمختيار علائقي سنڪيانگ تائين گوادر بندرگاهه ريلوي ۽ موٽر وي جي ذريعي تيل ۽ گيس کي گهٽ کان گهٽ وقت ۾ پهچائڻ آهي. سي پيڪ جا چار اهم جزا يا نقطا آهن.

1. ٽيڪنيڪي تربيتي مرڪز جيڪي پنهنجي صنعتي علائقي کي سٺا ٽيڪنيڪي هنرمند ڏئي سگهن.
2. اهڙا ٽيڪنيڪي مرڪز ٺاهڻ جيڪي انهن شعبن ۾ کوجنا ڪن، جيڪي گهربل صنعتي گهرجن کي سمجهي سگهن.
3. ڪمپنيون شروع ڪرڻ وارن جي مدد لاءِ ٽيڪنالاجي پارڪس هجن، جتي ڪارخانيڪاريءَ (صنعتي) شعبي سان لاڳاپيل نيون شيون تياري جا مرحلا پار ڪري سگهن.
4. اهڙيون صنعتون هجن، جيڪي خاص شعبن ۾ سٺي ٽيڪنيڪي پيداوار ڏئي ملڪ جي ايڪسپورٽ کي تيزي سان وڌائي ملڪ جي ترقي کي هٿي وٺائي سگهن.

سي پيڪ جا ڪيترائي منصوبا سنڌ ۾ به ڪم ڪري رهيا آهن، جنهن تحت سنڌ پورهيت، ۽ آفيسر چيني انجنيئرن ۽ هنرمندن سان گڏ ڪم ڪري رهيا آهن. ان سلسلي ۾ سنڌي ماڻهو چيني سکي رهيا آهن ته چيني ڪجهه قدر سنڌي سکي رهيا آهن، پر ضرروت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ جي ننڍين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڪم ڪندڙ چينين لاءِ سنڌي سکڻ جا انتضام ڪيا وڃن، ته جيئن سنڌي ٻولي، چيني جي معرفت وڌيڪ ترقي ڪري ۽ نوان لفظ جوڙي سگهي.

5. **ڪمپيوٽر جي حوالي سان:** سنڌي ٻوليءَ کي جيڪڏهن بچائڻو آهي ته ان ٻولي کي ڪمپيوٽر جي ٻولي بڻائڻو پوندو. جيستائين ڪا ٻولي مارڪيٽ جون گهرجون پوريون نه ڪري سگهندي تيستائين اها ٻولي زنده نه ٿي رهي سگهي. ان ڪري سنڌي ٻولي کي مارڪيٽ جي ٻولي بنائڻ لاءِ ٻولي کي ڪمپيوٽر جي ٻولي بڻائڻ ضروري آهي. ان سلسلي ۾ واپار جي اصطلاحن جي هڪ سافٽ ويئر تيار ڪرڻ گهرجي، جيئن دنيا ۾ رهندڙ سنڌي واپاري هڪ ٻئي سان رابطو ڪري هڪ ٻئي جون شيون خريد سگهن. شين، جاين، پلاٽن، گاڏين وغيره جي آن لائين خريد ۽ فروخت ۾ به آساني ڪري سگهجي.

6. **چيمبرس آف ڪامرس جي حوالي سان:** سنڌ ۾ انگريزن جي اچڻ کان پوءِ واپاري ۽ تجارتي برادريءَ "چيمبرس آف ڪامرس" ٺاهيو. اڳتي هلي انڊين مرچنٽس ايسوسيئشن ٺهي، جو تہ چيمبرس آف ڪامرس ۾ ڪيترن ڏيهي تجارتي ۽ واپاري ماڻهن کي ميمبر ٿيڻ ۽ اتي آواز اٿارڻ جو موقعو گهٽ ملندو هو. چيمبرس آف ڪامرس سنڌ جي داخلي معاملن تي اثرانداز ٿيندي هئي. انگريز سرڪار جا مفاد واپار ۽ تجارتي هوندا هئا. هڪ ڪچي مال حاصل ڪرڻ، ان کي پنهنجي ملڪ يا ان مان فاعدي وٺڻ سان مطلب هو. ان ڪري آمد رفت ذريعن کي سڌارڻ روڊ ۽ پليون ٺاهڻ سرڪار جي اوليت ۾ شمار ٿينديون هيون. اڄ سنڌ جي وڏن شهرن ۾ چيمبرس آف ڪامرس موجود آهن ۽ ملڪي ۽ صوبائي معاملن ۾ وڏو اثر ۽ رسوخ رکن ٿيون. انهن جي معرفت سنڌي ٻوليءَ جي واپاري ڪارج ۽ سنڌي ٻوليءَ جي نفاذ لاءِ ڪوششون ڪن.

7. **عوامي سطح تي ڪوشش جي ضرورت:** سنڌي ٻوليءَ جي واپاري ڪارج جي ذميواري صرف سرڪار ۽ واپارين جي ڪونهي، پر هر سنڌ ۾ رهندڙ تي بہ اوتروئي حق آهي:

- سنڌي ماڻهن جي گهرن تي جيڪي نالن جون تختيون ڪهڙي بہ ٻوليءَ ۾ لکيل آهن، سي چند روپيا خرچ ڪري سنڌيءَ ۾ لکرائين.
- عام دڪاندار، پنهنجي هوٽلن، دڪانن ۽ ڪيبنن تي سنڌي ۾ تختيون، براندن جا نالا، ۽ اشتهار لڳرائين.
- هرڪنهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪن تہ جيئن سنڌ ۾ رهندڙ هر شخص کي سنڌي زبان سان واهپو ٿي پوي.
- شادي ڪارڊ وغيره سنڌيءَ ۾ ڇپرائن.
- سنڌي پينٽر، آرٽسٽ سنڌي ٻوليءَ کي اوليت ڏين.
- درخواست، رسيدون، شڪايت نامو ڏيتي ليتي جي لکپڙه وغيره سنڌي ۾ ڪئي وڃي.

اقتداري ڌرين تي دٻاءُ وڌائڻ سان گڏ سنڌين تي بہ وڏي ذميواري اچي ٿي تہ اهي پنهنجي ٻوليءَ جي وسعت کي اڃا وڌائين، وڌ ۾ وڌ سنڌي ڳالهائين، سنڌي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب وڌ ۾ وڌ خريد ڪن ۽ پڙهن، سنڌي ٽي وي چئنل وڌيڪ ڏسن، سنڌي سرمائيدارن، ڪارخانيدارن، ڪاروبارين، دڪندارن وغيره جون شيون خريد ڪن ۽

استعمال ڪن. ايئن هو سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي سگهه کي اجا وڌائي سگهندا ۽ سنڌي مارڪيٽ کي سگهارو ڪندا. ان کي قومي ذميواريءَ جو اهم حصو سمجهي "مُرڪو ٻه سنڌيءَ ۾" نعرو بلند ڪن. اهو نعرو سنڌ ۾ سنڌين لاءِ اقتصادي انقلاب جو بنياد وجهي سگهي ٿو.

**حوالا:**


1. شيخ، بخت جمال، ڊاڪٽر: " سنڌي ٻوليءَ کي ڪيئن زنده رکي سگهجي ٿو؟"، روزاني پنهنجي اخبار، 29 سيپٽمبر، 2019ع
2. قريشي، اعجاز پروفيسر: "سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون"، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 2017ع، ص 71
3. شيدائي ،مولائي: "مهراڻ تي جهاز راني"، روزانه مهراڻ سالگرهه نمبر 1960ع ص 29
4. رام، امر لال: "سنڌ رگ ويد کان شيخ اياز تائين"، مارئي اڪيڊمي، سڪرنڊ، 2002ع، ص 10
5. پنهور ، ايم.ايڇ : "قديم سنڌ جا يوناني ۽ رومي تذڪره نگار (550 ق.م) 160 ته ماهي مهراڻ نمبر 2_1/1981 ع
6. ليمبرڪ ، ايڇ .ٽي: " سنڌ اي جنرل انٽروڊڪشن"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو 1986ع، ص 216
7. خشڪ ، ابراهيم: "هيوسانگ جو برصغير جو سير سفر" (مهراڻ 1998ع)
8. مبارڪ علي، ڊاڪٽر: "سندھ خاموشی کی آواز"، فڪشن هائوس، لاهور پاران 1994ع، ص 68
9. پنيرو ، عطا محمد: "سنڌ جي تاريخ" (مؤرخن جي نظر ۾، Sindh as History of told by its own Historians) جو سنڌي ترجمو نيشنل بوڪ فائونڊيشن، اسلام آباد، 2000ع، ص 56
10. فاروق، خورشيد احمد: "برصغير اور عرب مؤرخين"، نفيس اڪيڊمي، سنڌ، 1986ع، ص 123
11. ابن نديم: "الفهرست" (اردو مترجم محمد اسحاق)، اداره ثقافت اسلاميه لاهور، 1969ع، ص 76

12. پنهيرو، عطا محمد: "سنڌ جي تاريخ (مؤرخن جي نظر ۾) ص 44
13. جمالي، محمد خان: "سنڌ عرب مؤرخن جي نظر ۾" (پي.ايچ. ڊي ٿيسز قلمي،1993ع)، هاير ايجوڪيشن جي ويبسائيٽ تان ڪنيل
14. پنهيرو،عطا محمد: "سنڌ جي تاريخ" (مؤرخن جي نظر ۾)، ص 100
15. سنڌي، دادا: "سنڌ گهمنڊڙ سيلاني"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2009ع، ص 54
16. سيد، اصغر علي: "ڪتاب الهند"، انجمن ترقي پسند اردو (هند)، دهلي،1941ع، ص 231
17. لاشاري، فقير محمد: "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، ماهوار سنڌو سيپٽمبر 1986ع، ص 94
18. مبارڪ علي، ڊاڪٽر: "سندھ خاموشی کی آواز"، ص 48
19. ساڳيو ص 135
20. سراج: "سنڌي ٻوليءَ جو اصل نسل"، سراج انسٽيٽوٽ آف سنڌ اسٽڊيز ڪراچي، 2016ع، ص 370
21. صديقي ،عبدالغفار: "تخت گاھ خدا آباد" (مرتب نظير احمد پنڊ)، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، ڪراچي، 2004ع، ص 84
22. لطف الله : "سنڌ جو سفر" (مترجم قادر بخش نظاماڻي)، سنڌي ادبي بورڊ 1956ع، ص 4
23. Postans, Thomas: "Personal Observation on Sindh", London, Longman, Brown, Green 1843, P_73
24. Captain Leopold: "Travels in India Including Sindh and the Punjab", Longman Brown, Green, and Longman, London,1845 (Online)
25. لاشاري، فقير محمد: "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، ص 97
26. چيتن ماڙيوالا جي مضمون جو حوالو انصاري انيس جي "شڪارپور جا واپاري ۽ سندن واپاري ڪوٺيون"، شڪارپورصدين تان، 1986ع، ص 98
27. مگسي ،عبدالله: "سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو"، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 1994ع، ص 265

28.نصير اعجاز: "سنڌي ٻولي ۽ ٻولين جي اقتصاديات"، پنڌرهن روزه افيئر، 5 مارچ 2014ع

29. قريشي ، اعجاز پروفيسر : "سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون"، ص 76

30.آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند: "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ، 1947ع ص 71

31.سمرا، گنگارام: "هٽ واڻڪي لپيءَ جو اتهاس"، گيان سنڌو۔ 1990ع، ص 52,51

32. جي. اي گريئرسن (ترجمو ڊاڪٽر فهميده حسين)، "برِصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو"، سنڌي لئنگيئج اٿارٽي، حيدرآباد،2011ع، ص 277

33. David Diringer: "The alphabet_ a key to the history of mankind, (Volume 1), Funk & Wagnalls, 1968 , 1968, P_296

34. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: "سنڌي صورتخطي"، سنڌي لئنگيئج اٿارٽي حيدرآباد، 2016ع، ص 42

35. Fazlon, Mark Anthony:Cosmopolitan Connections: The Sindhi Diaspora, 1860_2000, Brill Laden Boston, 2004, P_272

36. بيگ ،مرزا صادق علي: "اقتصادي نظام"، ايجوڪيشنل پبلشنگ ڇاپ خانو ڪراچي،1871ع

37. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، گل حيات انسٽيٽيوٽ جي ويبسائيٽ تان ڪنيل

38. نصير اعجاز: "سنڌي ٻولي ۽ ٻولين جي اقتصاديات"،5 مارچ 2014ع

39. شيخ، بخت جمال، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ کي ڪيئن زنده رکي سگهجي ٿو؟"، 29 سيپٽمبر، 2019ع

ڊاڪٽر بشير احمد چانڊيو (فياض لطيف)

# فيض احمد فيض ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ترقي پسند فڪر جو تقابلي جائزو

## Comparative Study of Progressive Thought in the Poetry of Faiz Ahmed Faiz and Shaikh Ayaz

**Abstract:**

Faiz Ahmed Faiz and Shaikh Ayaz are the two bright stars of Pakistani Literature whose literary status is significant for their individual merits. As Faiz is a prominent and unique poet in Urdu so is Ayaz's position equally important and ground-breaking in Sindhi and urdu poetry.

Faiz and Ayaz are largely the advocates of the same intellectual, artistic, literary and cultural traditions and at the same time, they witnessed the same political and social conditions and faced the same exploiting and repressing forces of their era. That is why there are many similarities in their poetry and thought but their expression, style, imagination and creative approach is highly individual. Faiz Ahmed Faiz is not only considered an eminent poet in Pakistani literature but also his personality and poetic position have been acknowledged in the west. In the poetry of Shaikh Ayaz also along with the essence of local folk and classical traditions, there is the aesthetic influence of the Arabic, Persian and Hindi poetry. Moreover, one can find in his poetry many shades of western liberal, progressive and humanitarian thought.

The poetry of both Faiz and Ayaz basically projects the ideas of human dignity and freedom.

In this paper after discussing the key common aspects of the poetry of Faiz and Ayaz and comparatively analyzing their progressive trends, it has been tried to reveal the similarities of thought, modern approaches and individual merits in their poetry.

فيض احمد فيض (13 فيبروري 1911ع ـ 20 نومبر 1984ع) ۽ شيخ اياز (2 مارچ 1923ع ـ 28 ڊسمبر 1997ع) علم ۽ ادب جي آڪاش جا ٻه اهڙا روشن ستارا آهن، جن جي علمي ۽ ادبي حيثيت پنهنجي پنهنجي حوالي سان وڏي انفراديت ۽ وقعت جي حامل آهي. فيض احمد فيض جديد اردو شاعريءَ جو نامور ۽ نرالو شاعر آهي ۽ سندس فن ۽ فڪر جي حوالي سان ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ وڏو نالو ۽ ناموس آهي. هُن جي شاعري جي اظهار جو ذريعو ته اردو زبان هئي، پر سندس روح اردو شاعريءَ جي ڪلاسيڪي روايتن سان گڏ هندي، فارسي، سرائيڪي ۽ پنجابي جي ڪلچر، تهذيب ۽ تمدن جي رنگن سان رَچيل هو اهو ئي سبب آهي، جو هُن جي شاعريءَ ۾، مِٽيءَ جي خوشبو، انساني محبت، مزاحمت ۽ انقلاب جو احساس پنهنجي پوري وقار ۽ تخليقي حُسناڪي سان موجود ملي ٿو. محبت جي سرمستي ۽ تخليقي تازگي نه فقط هُن جي شاعريءَ جي اهم خصوصيت ۽ شناخت آهي، پر جدت ۽ ترقي پسندي سندس سموري تخليقي وايومنڊل جو محور ۽ مرڪز آهن.

”فيض جي شاعريءَ جا قدر به اهي ئي آهن، جيڪي هڪ ترقي پسند انسان جا آهن، پر هُن انهن کي اهڙي خوبي ۽ خوبصورتيءَ سان اَپنايو ۽ اظهاريو آهي، جو اهي نه ته اسان جي تهذيب ۽ تمدن جي بهترين روايتن کان الڳ نظر اچن ٿا ۽ نه ئي شاعر جي ذات ۽ زندگيءَ کان جدا محسوس ٿين ٿا. هُن جي نرم، شيرين ۽ مترنم شاعري جو رنگ ۽ ڍنگ پنهنجو آهي. هُن جي متحرڪ ۽ روان استعارن ۾ پنهنجي ديس جي گلن ڦلن جي خوشبو آهي. هُن جي خيالن ۾ انهن سچائين ۽ جمهوري مقصدن جي چمڪ آهي، جن سان اسان جي قوم جي عظيم اڪثريت جون دليون روشن آهن“(1)-

فيض جي شاعري جي نفاست، نزاڪت ۽ نغمگي سچ ته گل تي شبنم جي قطري وانگر آهي، پر اُن جي احساس، خيال، فڪر ۽ اظهار جو درد ڳنڍي جيان آهي، جيڪو پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ جي اندر ۾ اضطراب ۽ انقلاب برپا ڪري ڇڏي ٿو. هُن جي شاعري رومان ۽ وجدان جي رنگن ۾ رَتل ۽ رَڱيل هجڻ باوجود زندگي ۽ سماج جي سچائين سان ايتري ته سلهاڙيل آهي، جو اُن ۾ سندس ذات ۽ زندگيءَ جي درد کان وٺي انسانيت جي پيڙا تائين سڀ عڪس ۽ نقش اُڀري سامهون اچن ٿا. هُن جي فن ۾، محبت ۽ حقيقت جو حسين امتزاج اهڙو ته جادو جاڳائي ۽ طلسم پيدا ڪري ٿو جو سندس شاعريءَ جي سِٽ سِٽ روح ۾ ڪيئي راحتون پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ اندر ۾ عجيب درد ۽ الم جو درياءُ

موجزن ڪري ڇڏي ٿي. جيڪو پڻ لوڙهي ۽ ٻوڙي ڇڏڻ بجاءِ اُتساهيندڙ ۽ آڇپو آڇيندڙ آهي.

متاعِ لوح و قلم چھن گئی تو کیا غم ہے
کہ خونِ دل میں ڈبولی ہیں اُنگلیاں میں نے
زباں پہ مُہر لگی ہے تو کیا کہ رکھ دی ہے
ہر ایک حلقہ زنجیر میں زباں میں نے.
(نسخہ ہائے وفا٬ ص107)

ساڳيءَ طرح جديد سنڌي شاعريءَ ۾، شيخ اياز جي حيثيت ۽ اهميت پڻ هڪ سرواڻ ۽ جدت طراز شاعر واري آهي. هُن جديد سنڌي شاعريءَ کي نه رڳو وسيع موضوعن سان مالا مال ڪيو آهي، پر اُن کي فن ۽ فڪر جون نيون جِدتون ۽ حُسناڪيون پڻ عطا ڪيون آهن. ان حوالي سان جامي چانڊيو پنهنجي هڪ ليک ۾ لکي ٿو "شيخ اياز ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾، رڳو هڪ وڏو جديد تخليقي شاعر ئي نه آهي، پر هُو پاڻ سان گڏ هڪ دور کڻي آيو جنهن جا گهرا اثر اڄ سوڌو سنڌي ادب تي آهن ۽ شايد ڪيترا زمانا اڃا رهندا. مان نه ٿو سمجهان ته جديد سنڌي ادب ۾ شيخ اياز کان وڌيڪ ڪي ٻيا ڪنهن به شاعر يا اديب پنهنجي هم عصر ۽ پاڻ کان پوءِ ايندڙ ادبي نسلن تي ايترا گهرا ۽ گهڻ طرفا اثر ڇڏيا هجن. اهو ئي سبب آهي جو شيخ اياز کي جديد سنڌي ادب ۾ هڪ جينيس جو درجو مليل آهي ۽ اهڙو درجو ادب جي دنيا ۾، اُن کي ئي حاصل ٿي سگهي ٿو جنهن پنهنجي باڪمال فڪر، فن ۽ تخليقي ٻوليءَ سان هم عصر ادب جي مِٽي نئين سِر ڳوهي، رڳو اعليٰ شاعري ۽ ادب ئي نه، پر ادب ۽ فن جو ڪو نئون دور تخليق ڪيو هجي"(2).

اياز ادب ۽ فن ۾، نيون نُدرتون ۽ نفاستون نِکاري، هڪ نئون دور تخليق ڪري، نه صرف جديد سنڌي شاعري ۽ نثر کي نئون آڪاش عطا ڪيو آهي، پر اُن کي نوَن تجربن، نَيُن هيئتن، نئين ترنم، نئين تفڪر ۽ تخيل جي نِت نَيُن ڪهڪشائن سان متعارف پڻ ڪيو آهي. هُن توڙي جو گهڻي قدر پنهنجن جذبن ۽ احساسن جو اظهار پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ ۾ ڪيو آهي، پر سندس اردو شاعري به ايتري ئي سگهاري، سُندر ۽ باڪمال آهي، جو خود فيض جهڙو مهان شاعر به ان جو معترف رهيو آهي.

"هڪ ڀيري آڪٽوبر انقلاب جي تقريب ۾، فيض هڪ روسي سفارتڪار سان مخاطب ٿي چيو هو 'شيخ اياز مون کان به وڏو شاعر آهي'. سفارتڪار موٽ ۾ چيو هو

’فيض صاحب اها ڳالهہ تہ اوهان رات بہ ڪئي هئي‘. انهيءَ تي فيض ڪيس چيو هو ’ها، مون اها ڳالهہ رات بہ ڪئي هئي، پر هينئر ٻيهر اُن ڪري پيو وَرجايان، جو متان تون سمجهين تہ مون رات اها ڳالهہ خُمارن ۾ ڪئي هئي. مان هن وقت پوري هوش ۽ حواس ۾ آهيان ۽ چوان ٿو تہ، ’اياز مون کان بہ وڏو شاعر آهي‘‘“(3).

بلاشبہ شيخ اياز ۽ فيض احمد فيض جديد دور جا نمائنده شاعر آهن ۽ هُنن پنهنجي فن ۽ فڪر جي مِٽي ڳوهي، پنهنجي شاعريءَ ۾ خيال ۽ احساس جي هڪ اهڙي نئين ۽ نرمل دنيا تخليق ڪئي آهي، جيڪا هر وجہ حسين، موهيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهي. اياز ۽ فيض جي شاعريءَ ۾، ڪلاسيڪ ۽ جدت جو اهڙو حسين امتزاج ملي ٿو جنهن جو پنهنجو نرالو رنگ ۽ روح آهي. فيض انهن انساني قدرن ۽ تهذيبي روايتن جو شاعر آهي، جيڪي صدين کان هِن سرزمين جي خمير ۾ شامل رهيون آهن. هُن نہ رڳو قديم ڪلاسيڪي روايتن سان پنهنجي تخيل ۽ احساس کي جوڙي رکيو آهي، پر بُلا شاهہ، رحمان بابا، مادو لال حسين، ڀڳت ڪبير، امير خسرو، شاهہ لطيف، گرو نانڪ، معين الدين چِشتي ۽ ٻين اهڙن ڪيترن ئي شاعرن جي فڪر ۽ فن مان تمام گهڻو فيض پِرايو آهي.

شيخ اياز پڻ ساڳين روايتن جو امين آهي. ”اياز نہ فقط سنڌي ادب ۽ شاعري کي سوچ ۽ سُرت جا نوان زاويا عطا ڪيا آهن، پر سنڌي شاعريءَ ۾ اهي حُسناڪيون، جيڪي شاهہ لطيف متعارف ڪرايون، هُن گويا انهن کي نئين جِلا بخشي آهي“(4). ڀٽائيءَ جي فڪري راهن ۽ رستن، فني رَندن ۽ پَنڌن تي هُن پنهنجي جديد سوچ، فڪر، نظرين ۽ خيالن کي اهڙي سليقي ۽ سيبتائيءَ سان روان دوان ڪيو آهي، جو انهن ۾ نہ رڳو عصري دور جي سياسي، سماجي ۽ تاريخي حالتن جو عڪس نظر اچي ٿو پر پنهنجي ڌرتيءَ جي مجموعي تهذيب، تمدن، تاريخ، ڪلچر ۽ روايتن جو روح پڻ نِکري سامهون اچي ٿو. اياز جي شاعري، ’مِٽي ۽ موهہ‘ جي سڳنڌ سان ايتري واسيل آهي، جو ان جي تازگيءَ جو احساس، مُرجهايل ۽ ماندي دلين کي بہ مَهڪائي ۽ سَرهائي سان سرشار ڪري ڇڏي ٿو.

رهندو ياد اهو اِلحاد:

چوان ٿو: ’مِٽي زنده باد‘!

آهہ اهو ئي سچ،

انهيءَ تي آچ،

مَتو آ مَچ،
پَتنگا پَچ -
چوان ٿو: ’مِٽي زنده باد‘!
مِٽي زنده باد!
انهيءَ الحاد،
ڪيو آزاد،
سدا دل شاد -
چوان ٿو: ’مِٽي زنده باد‘!
چوان ٿو: ’مِٽي زنده باد‘!
(شيخ اياز، پونر پري آڪاس، 1995ع، ص87)

اياز جي شاعريءَ ۾ انسان ۽ اُن سان اُنس ۽ عشق جو عنصر نمايان نظر اچي ٿو. ’ڌرتي‘ ۽ ’انسان‘ هُن جي شاعريءَ جا اهم استعارا آهن. توڙي جو ”اياز شروع کان ئي ترقي پسند تحريڪ جي اثر هيٺ رهيو آهي، ليڪن پوءِ بہ سندس شاعريءَ جو غالب حوالو رومانيت ئي آهي ۽ هُن اُن ۾ ٿورو گهڻو انسان دوستيءَ جي نظرين جو اضافو ڪيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو سندس ان دور جي شاعريءَ ۾ داخليت جي جهلڪ نظر اچي ٿي، پر آهستي آهستي انسان دوستيءَ جي فڪر ڪري، داخليت جي غفائن مان نڪري، معروضي حقائق ۾ يقين رکي ٿو جتان سندس شاعريءَ ۾ نئين دور جو آغاز ٿئي ٿو جنهن کي اسان رومانيت کان حقيقت طرف مراجعت (Return from romanticism to reality) جو نالو ڏيئي سگهون ٿا. اياز جي شاعريءَ جو اهو دور آهي، جتي هُو وڌ ۾ وڌ انسان دوست نظر اچي ٿو ۽ اها انسان دوستي ئي آهي، جيڪا هُن کي عام انسانن ڏانهن متوجهہ ڪري ٿي ۽ هُو سنڌي ادب ۾ ترقي پسند فڪر جو علمبردار ٿي اُڀري ٿو... اياز جي انسان دوستي ۾ ’آدميت‘ جي تقاضائن سان وفاداري پهريون شرط آهي. هُو انسان کي انسان سان وڙهڻ کي نفرت جي نگاهہ سان ڏسي ٿو ۽ اُن کي ماڻهپي جي اصولن جي خلاف سمجهي ٿو. هُو انسان جي نُمو پذير قوتن جو شيدائي آهي... انسان دوستيءَ جا اهي جذبا، اياز جي تاريخي شعور جي عڪاسي ڪن ٿا“(5).

هُن وٽ ذات پات، رنگ نسل، مذهب ۽ ڌرم کان وڌيڪ اُتم، ’محبت، امن ۽ انسانيت‘ آهي، انهيءَ ڪري ئي هُو هرحال ۾ انسان جي قتل جو انڪاري ۽ ’محبت، امن‘ جو پوڄاري آهي، تڏهن ئي تہ چوي ٿو:

هي سنگرام!
سامهون آ
نارائڻ شيام!
هن جا منهنجا
قول بہ ساڳيا
ٻول بہ ساڳيا،
هو گوتا جو ڪاڪ - ڏٽي، پر
منهنجا رنگ - رَتول بہ ساڳيا،
ڍَٽ بہ ساڳيو
ڍولُ بہ ساڳيو
هانءُ بہ ساڳيو
هولَ بہ ساڳيا،
هُن تي ڪيئن بندوق ڪٽان مان!
هُن کي گولي ڪيئن هٽان مان!
ڪيئن هٽان مان!
ڪيئن هٽان مان!!
ڪيئن هٽان مان..!
(شيخ اياز، وِڄون وَسڻ آئيون، 1989ع، ص52)

شيخ اياز ۽ فيض احمد فيض هڪ لحاظ سان نہ رڳو همعصر ۽ هڪٻئي جا گهرا دوست رهيا آهن، پر فڪري، احساساتي ۽ نظرياتي طرح ڪيترن ئي حوالن سان ٻنهي ۾، رفاقت ۽ ويجهڙائيءَ سان گڏوگڏ سندن شاعريءَ ۾ پڻ ڪيترين ئي هم آهنگيون ۽ هڪجهڙايون نظر اچن ٿيون. محبت، مزاحمت، امن، انصاف، آزادي، رواداري، ترقي پسندي، روشن خيالي ۽ انسان دوستي سندن شاعريءَ جا مشترڪ موضوع ۽ قدر رهيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو ٻنهي جي شاعريءَ ۾، ڦوڙائي ۽ فراق جا ورلاپ ۽ محبت جون ادائون بہ ساڳيون آهن تہ جرئت ۽ مزاحمت جون صدائون بہ ساڳي انداز ۽ احساس سان گونجن ٿيون. فيض چوي ٿو:

بول کہ لب آزاد ہیں تیرے، بول زباں اَب تک تیری ہے
تیرا سُتواں جسم ہے تیرا، بول کے جاں اَب تک تیری ہے
دیکھ کے آہنگر کی دُکاں میں، تُند ہیں شعلے سُرخ ہے آہن
کھلنے لگے قُفلوں کے دہانے، پھیلا ہر اک زنجیر کا دامن
بول یہ تھوڑا وقت بہت ہے، جسم و زباں کی موت سے پہلے
بول کہ سچ زندہ ہے اَب تک، بول جو کچھ کہنا ہے کہہ لے!
(نسخہ ہائے وفا، ص82، 81)

اياز ساڳي اظهار جي آزاديءَ جرئت جي پاسداري ڪندي، نه فقط پنهنجي اندر جي ڳالهه ڪي بي ڊپائيءَ سان زبان تي آڻي ٿو پر وڏي بهادريءَ سان اُهو پڙ چوي ٿو ته:

جنهن آزاد گذاريو آهي، تنهن لئه موت ته ڪا شيءِ ناهي
وِکَ وِکَ تي پنجوڙ ڏسي جا، شينهَن ڪڏهن گجگوڙ ڇڏي آ؟
ڪنهن به عُقابي چنبي پَوَ ۾، آکيري جي اوٽَ وَتي آ؟
ڏِر جو ڏِڏُ گدڙ لئه آهي، جهرڪي جهڙپ ڏسي ڏرندي آ.
جنهن آزاد گذاريو آهي، تنهن لئه موت ته ڪا شيءِ ناهي
ساري عمر غلاميءَ جي ڪان، آزادي، پَلَ جي به چڱي آ -
۽ تو پنهنجي پوري جِندڙي، جنهن پَلَ ۾ ڀرپور ڀَري آ
سو پَلُ سگهه صدين جي آهي، ان جي سڀ ڪان عمر وڏي آ
جنهن آزاد گذاريو آهي، تنهن لئه موت ته ڪا شيءِ ناهي
(شيخ اياز، وِڄون وسڻ آئيون، 1989ع، ص224)

فيض ۽ اياز گهڻي حد تائين نه صرف ساڳين فڪري، فني، ادبي ۽ ثقافتي روايتن جا امين رهيا آهن، پر ساڳي وقت هڪ ئي دور، ساڳين ئي سياسي، سماجي حالتن، استحصالي ۽ استبدادي قوتن ۽ وقت جي آمريتن سان مُنهن مقابل پڻ رهيا آهن. انهيءَ ڪري ٻنهي جي شاعريءَ ۾، جتي مظلوم ۽ مسڪين ماڻهن جي معاشي مسئلن، سماجي حالتن، داخلي دردن، اَذيتن ۽ طبقاتي طرح سندن پيڙهيل زندگيءَ جو عڪس ۽ احساس ملي ٿو اُتي ظُلم ۽ سِتم جي ڪاري رات جي ٽُرت اَنت اچڻ ۽ سُکَ جي سج اُڀرڻ جو سَنيهو پڻ ملي ٿو. فيض پنهنجي هڪ نظم ۾ اُن جو اظهار هِن ريت ڪري ٿو:

چند روز مری جان! فقط چند ہی روز
ظلم کی چھاؤں میں دم لینے پہ مجبور ہیں ہم
اور کچھ دیر ستم سہ لیں، تڑپ لیں، رو لیں
اپنے اجداد کی میراث ہے معذور ہیں ہم
جسم پر قید ہے، جذبات پہ زنجیریں ہیں
فکر محبوس ہے، گفتار پہ تعزیریں ہیں
اپنی ہمت ہے کہ ہم پھر بھی جیے جاتے ہیں
زندگی کیا کسی مفلس کی قبا ہے جس میں
ہر گھڑی درد کے پیوند لگے جاتے ہیں
لیکن اَب ظلم کی معیاد کے دن تھوڑے ہیں
اِک ذرا صبر، کہ فریاد کے دن تھوڑے ہیں
(نسخہ ہائے وفا، ص75)

اياز پڻ محڪوم ۽ مسڪين ماڻهن جو طرفدار شاعر آهي. هُن جي شاعريءَ ۾، ڏُتڙيلن ۽ ڏُکوئلين جي نيٺن مان لَڙيل لُڙڪن جي نَمي بہ آهي تہ، انهن جي پگهر ۽ پورهئي لاءِ اَٿاهہ پيار ۽ احترام بہ آهي. تڏهن ئي تہ ڪين آٿت ڏيندي، هُو پوري اعتماد ۽ وشواس سان چوي ٿو:

پنهنجي رَتَ ۾ رِيتو جهنڊو اُڀ تائين جهوليندو ـ اهڙو ڏينهن بہ ايندو.
رَتَ جو بدلو رَتُ ئي آهي، هر ڪو بدلو ڏيندو ـ اهڙو ڏينهن بہ ايندو.
ڪائي اَرهي اک نہ هوندي، لُڙڪَ نہ ڪو لاڙيندو ـ اهڙو ڏينهن بہ ايندو.
ڏُڪ بہ تنهنجو ڏيهہ بہ تنهنجو ڪو تو ڪان نہ ڪسيندو ـ اهڙو ڏينهن بہ ايندو.
(شيخ اياز، وِڄون وسڻ آئيون، 1989ع، ص165)

"اياز ۽ فيض جي شاعريءَ ۾، سماجي انصاف جي تڙپ محسوس ٿئي ٿي. ٻنهي جي شاعري ڪنهن حد تائين اشتراڪي نظرين ڪان متاثر آهي، ڇو تہ اشتراڪيت جو بنيادي مقصد معاشري ۾، سماجي ۽ معاشي انصاف قائم ڪرڻ آهي، لحاظ ٻنهي جي شاعريءَ ۾ سماجي انصاف جي تڙپ ۽ تانگهہ ڀرپور ملي ٿي"(6)، پر اُن سان گڏوگڏ اُن انصاف جي حاصلات لاءِ جرئت، جدوجهد ۽ مزاحمت جو آواز پڻ سگهاري انداز ۾ ملي ٿو. توڙي جو اُن آواز اُٿارڻ جي نتيجي ۾، رياستي قوتن پاران ڪين ڪيترين ئي تڪليفون

ڏنيون وجن ٿيون، پر پوءِ بہ اياز جي چپن تي سچ جو اهو سرمدي ڪلمو ڦُرندو ۽ اهو اقرار ڪندو ٿو رهي تہ:

مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان ـ
مون ڪيئي ڏوهہ ڪيا آهن!
هِن سَرَ جي گدلي سينوَر ۾،
هي نيل ـ ڪنول بہ تہ ڏوهي آ،
۽ ڪو بہ چَڪور اَنڌاري ۾،
جي اُڏري ٿو تہ دروهي آ ـ
هي ڏوهہ نہ آهي ماڻهوءَ جي
مون مِٽي ہيهر ڳوهي آ!
مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان ـ
هي ڏوهہ نہ آ، آڪاس چڙي
مون پريت لڳائي ڌرتيءَ سان؟
هُوءَ سانجهي جا ست ـ رنگ هُئي
مون ڪانہ قبولي سِجَ ـ ڳنان ـ
ٿو آگم آگم ٿي اُيران
۽ ڪِرڻا ڪِرڻا ٿي بَرسان.
مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان ـ
هيءَ ڳاڙهي ڏاڙهي مُلان جي،
هيءَ ڪاري چوٽي پانڊي جي ـ
مون لاءِ ہنهي ۾ ڦير نہ آ،
ہئي آڳ اُجهاٽل تاندي جي ـ
سڀ ڏين ڌرم جي ڏوڪي ۾،
ٿا ڪوٽِ ڀَرن ڪانڊي جي.
مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان ـ
هي ڏوهہُ نہ آ، هن ڌرتيءَ تي
مون دل جي ديول جوڙي آ؟

تو نفرت جر ديوار ڪنئي،
مون اُن جي پاڙ اُکوڙي آ -
مون ڳاتا گيت محبت جا،
مون واڳ وطن جي موڙي آ.
مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان -

(شيخ اياز ڪي جو ٻيجل ٻوليو 1970ع، ص103 ,102)

فيض ۽ اياز جي شاعريءَ جي هڪ وڏي خوبي ۽ خصوصيت اها آهي ته، اها پنهنجي جوهر ۽ جوت ۾، ترقي پسند ۽ روشن خيال آهي، اُن جو ضمير ۽ خمير تخليقڪار جي پنهنجي انفرادي شعور ۽ معاشري جي اجتماعي لاشعور جي مِٽيءَ مان ڳوهيل آهي ۽ اُهو عالمي انساني قدرن سان معمور پڻ آهي، پر اها ڪنهن به وقتي وَهڪري ۽ نعري بازيءَ جي لَهرن ۾ ٻُڏڻ ۽ اُپڙڻ بدران فن ۽ تخليق جي آبشار ڌارائن مان وِهنجي، هڪ نئين نويلي ڳُنوار جيان پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا ڀَسائي ٿي. اياز ۽ فيض وٽ ادب ۽ شاعري پروپيگنڊا جو ذريعو نه آهن، پر اهي انسان جي آجپي ۽ آزادي جي اظهار جو سگهارو آواز آهن، انهيءَ ڪري ئي هِنن ٻنهي شاعرن وٽ خوشين سان گڏ درد به اجتماعي آهن. تڏهن ئي ته اياز ڪنهن جي طوق ٽُٽڻ تي پنهنجي گردن هلڪي ٿيڻ جو احساس هِن ريت اُوري ٿو:

جنهن وقت به ڪنهن جو طوق ٽُٽو
مون ائين سمجهيو،
ڄڻ منهنجي گردن هلڪي ٿي،
اي دنيا ڀر جا محڪومو،
اي مظلومو!
جي محڪوميءَ مان ڪو به ڇُٽو
مون ائين سمجهيو،
ڄڻ منهنجي گردن هلڪي ٿي.

يا

جنهن تي به ٿيو جنهن وقت ٿيو جنهن جاءِ ٿيو
سو مون تي ظلم ٿيو آهي.

ڪا ٻانهن وڌي، مون دانهن ڪئي، جو ڪانهن ڳپيو
سو منهنجي ڪنڌيءَ جو آهي!
ڪوئي بہ ڳُڻو جيڪو بہ ڇُرو جنهن تي بہ هَليو
سو منهنجي رَتُ ـ رَتو آهي.

(شيخ اياز وڄون وَسڻ آئيون، 1989ع، ص224)

فيض پڻ پنهنجن ذاتي غمن ۽ دردن کي ٻين جي ڏکن ۽ سورن سان لاڳاپي، نہ صرف پنهنجن سپنن جون تعبيرون سوچڻ جي ڳالھ ڪري ٿو پر دردن جي انهيءَ گڏيل دوزخ مان ڇوٽڪاري بعد ئي حقيقي خوشين جي حاصلات کي ممڪن سمجهي ٿو.

میرا دل غمگیں ہے تو کیا، غمگیں یہ دنیا ہے ساری
یہ دکھ تیرا ہے نہ میرا، ہم سب کی جاگیر ہے پیاری
تو گر میری بھی ہو جائے، دنیا کے غم یونہی رہیں گے
پاپ کی پھندے ظلم کے بندھن، اپنے کہے سے کٹ نہ سکیں گے
کیوں نہ جہاں کا غم اپنالیں، بعد میں سب تدبیریں سوچیں
بعد میں سکھ کے سپنے دیکھیں، سپنوں کی تعبیریں سوچیں.

(نسخہ ہائے وفا، ص65، 64)

”اياز ۽ فيض جي ڪلام ۾ انسانيت جي عظمت جو عنصر پنهنجي پوري آب ۽ تاب سان نظر اچي ٿو. هُو ظلم ۽ ناانصافي جي گهاڻي ۾ پيڙهيل مظلوم ماڻهن کي جوش ۽ ولولو ڏيندي، حاڪم ۽ محڪوم درميان طبقاتي ديوار کي ڊاهي ڍير ڪرڻ ۽ انسان جي عظمت جو جهنڊو بُلند ڪرڻ جو عهد ۽ عزم رکن ٿا“(7). تڏهن ئي تہ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾، مسڪين ۽ مظلوم ماڻهن جو پير جهلو ٿي، ڪين پير پَساري ويهڻ بدران همت ۽ جستجو سان ڏونگر ڏاري وڃڻ جي ڳالھ ڪندي، انهن ۾ هِن طرح حوصلو ۽ ولولو پيدا ڪري ٿو:

جي هانءُ نہ هارين ڪوهيارل! هي ڏينهن بہ گهاري ويندا سين،
ڇو پير پَساري ويٺو آن، اُٿ! ڏونگر ڏاري ويندا سين.
ڪنهن لاءِ تَڪين ٿو ڪنڌيءَ تان، ٻي ٻيڙي ڪا بہ نہ اچڻي آ،
جي تون بہ اچين او وڻجارا! توکي بہ اُڪاري ويندا سين.
آ مرڻو هر ڪنهن ماڻهوءَ کي، پر ائين نہ مَرنداسين ساٿي!
ڪا آڳ لڳائي ويندا سين، ڪو ٻارڻ ٻاري ويندا سين.

چو گهبرائي ٿو ڪوٺ ڏِسي، هي اوچي اوچي اوٽ ڏسي،
زِندان اُڏائي ويندا سين، زنجيرَ پگهاري ويندا سين.
(شيخ اياز ڪي جو ٻيجل ٻوليو 1970ع، ص98)

فيض پڻ مِٽيءَ ۾ پيوت ۽ محنت ڪش ماڻهن کي مِڙي مُٺ ٿيڻ جي تلقين ڪري ۽ ڪين اتحاد ۽ ٻَڌيءَ لاءِ اصرار ڪري ٿو: 'اتحاد ۽ ٻَڌي ڪريو. اوهان جي ٻانهن ۽ ڏانهن ۾ وڏو ٻَلُ آهي. اوهان جي گڏيل عزم ۽ اتحاد، طاقت ۽ جدوجهد سان نہ رڳو شاهن جا تخت ۽ تاج ڊوڙي سگهن ٿا، پر ظلم ۽ استبداد جي ڪاري رات جو انت بہ ممڪن آهي'.

اے خاک نشینو اُٹھ بیٹھو' وہ وقت قریب آ پہنچا ہے'
جب تخت گرائے جائیں گے' جب تاج اُچھالے جائیں گے.
اَب ٹوٹ گریں گی زنجیریں' اَب زندانوں کی خیر نہیں
جو دریا جھوم کے اُٹھے ہیں' تنکوں سے نہ ٹالے جائیں گے۔
کٹتے بھی چلو' بڑھتے بھی چلو' بازو بھی بہت ہیں' سر بھی بہت
چلتے بھی چلو کہ اب ڈیرے منزل ہی پہ ڈالے جائیں گے
اے ظلم کے ماتو لب کھولو' چُپ رہنے والو چُپ کب تک
کچھ حشر تو ان سے اُٹھے گا' کچھ دُور تو نالے جائیں گے.
(نسخہ ہائے وفا'ص138)

فيض ۽ اياز جي شاعريءَ ۾، يقينن فن توڙي فڪر جي لحاظ سان ڪيئي هڪجهڙايون ملن ٿيون، پر ٻنهي جو اسلوب، انداز، اظهار، تفڪر، تخيل ۽ تخليقي آرٽ پنهنجو پنهنجو ۽ انفرادي نوع جو آهي، جنهن ۾ هو يڪتا ۽ بي مثال آهن ۽ اُها ئي سندن شاعريءَ جي وڏي خوبي بہ آهي تہ خوبصورتي بہ. فيض جو اُهو اَسلوب، موضوع ۽ مواد ئي آهي، جيڪو اردو شاعريءَ ۾ کيس ٻين کان نہ رڳو منفرد ۽ ممتاز بڻائي ٿو پر هڪ صاحبِ اسلوب ۽ نرالي شاعر جي شناخت پڻ بخشي ٿو.

"فيض جي شاعري عشق ۽ محبت جي والهانہ جذبات سان پڻ معمور آهي. اُن ۾ جتي هزارين حُسن جون رنگينيون آهن، اُتي اُن ۾ درد ۽ سور جون سَٽون بہ آهن. ڪڏهن اُهي عشق جي ڌيمي آڳ جيان محسوس ٿين ٿيون، تہ ڪڏهن جنون ۽ جوش جو پنيٺ بڻجي، جهنگل جي باهہ وانگر ڀڙڪي اُٿن ٿيون. ڪڏهن اُهي هڪ فرد جي تصور جي خوش نمائي بڻجي پون ٿيون، تہ ڪڏهن ساري انسانيت ۽ ڪائنات تي محيط ٿي وڃن

ٿيون“(8). مطلب تہ هُن جي شاعريءَ جي وجود ۾، نہ رڳو محبت روح وانگر موجود آهي، پر اُها ٻين جي دلين کي بہ ڌڙڪائي ۽ ڦڙڪائي، نرمائي ۽ گرمائي بہ ٿي.

مجھ سے پہلی سی محبت مری محبوب نہ مانگ
میں نے سمجھا کہ تو ہے تو درخشاں ہے حیات
تیرا غم ہے تو غمِ دہر کا جھگڑا کیا ہے
تیری صورت سے ہے عالم میں بہاروں کو ثبات
تیری آنکھوں کے سوا دنیا میں رکھا کیا ہے؟
تو جو مل جائے تو تقدیر رنگوں ہو جائے
یوں نہ تھا، میں نے فقط چاہا تھا یوں ہو جائے...
راحتیں اور بھی ہیں وصل کی راحت کے سوا...
(نسخہ ہائے وفا، ص61)

فيض جي محبت جي اظهار ۾ بہ، جذبات جي سطحيت نہ، پر خيال ۽ احساس جي گهرائي آهي. هُو پنهنجي پيار توڙي ٻين داخلي ڪيفيتن جي بيان ۾، سَڪٽي جذبن جي وَهڪري ۾ وَهي ۽ لُڙهي نہ ٿو وڃي، پر برف وانگر ٽِيپو ٽِيپو ٿي ڳَري ۽ موم وانگر ڦُڙو ڦُڙو ٿي رِجي ٿو.

فيض احمد فيض جو شمار نہ فقط پاڪستاني ادب، پر دنيا جي ادب ۾ خاص ڪري شاعريءَ جي حوالي سان، صفِ اول جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو. هُن جي شخصيت ۽ شاعراڻي حيثيت مغرب ۾ پڻ مانُ ۽ مڃتا ماڻي چڪي آهي. اُن جو وڏو سبب اُهو آهي تہ، هُن جي شاعري مشرق جي لوڪ ۽ ڪلاسيڪي روايتن جي پاسبان بہ آهي تہ، اُن ۾ مغرب جي ترقي پسند ۽ روشن خيال ادبي روايتن جو فڪري روح بہ موجود آهي.

فيض چند اهڙن قلمڪارن ۽ سِرجڻهارن مان آهي، جن سڄي زندگي نہ رڳو سماج جي فلاح ۽ بهبود لاءِ پاڻ پتوڙيو، پر پنهنجي ديس جي خوشحالي، پنهنجي ڌرتي واسين جي حقن جي حاصلات، انسان جي آزاد جياپي ۽ پنهنجي باوقار آجپي خاطر وقت جي آقائن جون وڏيون سختيون، عقوبتون ۽ جيل جون سزائون پڻ پوڳيون. هُو زندگي ڀر استحصالي قوتن سان جهيڙيندو ۽ ڪين هِن طرح للڪاريندو رهيو.

ہم پرورشِ لوح و قلم کرتے رہیں گے
جو دل پہ گذری ہے رقم کرتے رہیں گے.

ہاں تلخیٔ ایام ابھی اور بڑھے گی
ہاں اہلِ ستم، مشقِ ستم کرتے رہیں گے.
باقی ہے لہو دل میں تو ہر اشک سے پیدا
رنگِ لب و رخسارِ صنم کرتے رہیں گے.
(نسخہ ہائے وفا، ص24، 23)

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ پڻ مقامي لوڪ ۽ ڪلاسيڪي روايتن جي رنگ ۽ روح سان گڏ عربي، فارسي ۽ هندي شاعريءَ جا جمالياتي اثر ملن ٿا. اُن ڪان علاوه مغرب جي لبرل، آزادي پسند ۽ انسان دوست فڪر جا اولڙا ۽ عڪس بہ سندس شاعريءَ ۾ جابجاءِ نظر اچن ٿا. هُن جي ڪوتائن ۾ داخلي ڪيفيتن ۽ ڌرتيءَ جي مِٽيءَ جي مَهڪ، پنهنجن ماڻهن جي مسئلن ۽ مامرن جي اُپٽار سان گڏوگڏ عالمِ انسانيت جو احساس ۽ درد پڻ جهلڪندي محسوس ٿئي ٿو. هُن جي شاعري پيڙهيل طبقي جي طرفدار ٿي نہ، پر سندن جَڏي جيءَ جو ڏڍ ۽ آٿت بہ آهي. اياز پڻ سچي حياتي وقت جي حاڪمن ۽ جابرن جي عتاب جو شڪار رهيو. جيل، ڪتابن تي پابنديون ۽ شهر بدريون برداشت ڪيون، پر ڪڏهن بہ نہ رُڪيو ۽ نہ ئي ڪنهن استحصالي ۽ آمر اڳيان جُهڪيو. سدائين محبت ۽ انسان دوستيءَ جي پرچار ڪندي، هيٺن ڪي همٿائيندي ۽ پنهنجي شاعريءَ جي تَندُ ڪي تلوار بڻائي، ڏاڍن جي زور ۽ زندانن کي ڀَڃي ڀُورا ڪرڻ جي ڳالھ ڪندو رهيو.

اج تہ چئي ڏي، اج تہ چئي ڏي، اج تہ علي الاعلان ـ
منهنجو ڪوئي ديس نہ آهي، منهنجو ديس جهان،
منهنجو ڪوئي نانءُ نہ آهي، مان آهيان انسان،
ڌرتي منهنجي ماءُ، انهيءَ تي آ منهنجو ايمان!
ڀِڳهري ويا زنجير صدين جا، رَهہُ نہ اجا نادان،
اج تہ ڀڃي چڏ، اج تہ ڀڃي چڏ، زور ڏئي زندان.
(شيخ اياز، پونر پري آڪاس، 1995ع، ص173)

مجموعي طرح فيض ۽ اياز جي شاعري انسان جي وقار ۽ آزاد جياپي جو پرچار ڪري ٿي. اُها نہ رڳو محبتن، انسان دوستي، اَمنِ عالمَ جي اَمين آهي، پر ترقي پسندي، حب الوطني ۽ روشن خيالي جي فڪر سان پڻ سرشار آهي. اُها مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن کي نہ صرف پنهنجي هُئڻ جو احساس ڏياري ٿي، پر اُنهن ۾ جرئت ۽ جوانمردي پيدا ڪري، طاقتورن ۽ ظالمن سان مُنهن مقابل ٿيڻ ۽ جهيڙڻ جو حوصلو پڻ پيدا ڪري ٿي.

**حوالا:**


1. فیض احمد فیض: "نسخہ ہائے وفا" مکتبہ کارواں، لاہور، ص198.
2. چانڊيو، جامي: "سنڌي جوڳيان ذات"، پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس، ڪراچي، 2016ع، ص77.
3. بہ حوالہ فیض احمد فیض، نسخہ ہائے وفا.
4. برفت، شاہدہ، مقالہ: "ایاز اور فیض کی شاعری کا تقابلی مطالعہ" کلاچی تحقیقی جرنل، جلد10، شمارہ1، 2، مارچ-جون2007ع، ص117، بھٹائی چیئر، کراچی یونیورسٹی،
5. چانڊيو، امير علي: مقالو: "اياز جي شاعري هڪ مطالعو"، ڪتاب: شيخ اياز - مرتب: جامي چانڊيو، سنڌيڪا پبليڪيشن، ڪراچي، 1998ع، ص339،338.
6. برفت، شاہدہ، مقالہ: "ایاز اور فیض کی شاعری کا تقابلی مطالعہ" کلاچی تحقیقی جرنل، جلد10، شمارہ1، 2، مارچ-جون2007ع، ص119، 120.
7. ایضا، ص120.
8. قمر، رئیس، ڈاکٹر، مقالہ: "فیض کے دو عشق" "نگار" کراچی، شمارہ2، فروری2011ع، ص39.

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

# تاجل بيوس جي سنڌي سماج سان سِڪ

## Tajal Bewas's love with the Sindhi Society

**Abstract:**

Taj Muhammad Samo, better known as Tajal Bewas (1938-2008) is among the best and most popular Sindhi poets and legends of this era. He is a poet of the common people. His poetry is still being sung by the most famous singers of his period including Abida Parveen, Muhammad Yousif, Faqeer Abdul Ghafoor, Anwar Hussain Vistro, etc. Madam Abida Parveen is a famous vocalist even beyond the borders. Her most popular Sindhi song "Sindh Munhinji Amman" is the poetry of Tajal Bewas. The popularity of the song is like a tarana (anthem) and has been sung not only by singers in Sindh, but from all over the world as well.

Many other songs of Tajal Bewas are also popular among the public. He has written various books of poetry on different genres.

Since he was very much inspired by the great poet Hazrat Shah Abdul Latif Bhitai and used to follow his diction, thus he named his one book of poetry as "Tajal Bewas jo Risalo" by following the pattern of "Shah Jo Risalo". He included all *Surs* of Shah jo Risalo in his *Risalo*.

He was very close to his society. His closeness has been highlighted and quoted in this article.

هُونءَ تہ هر انسان سماج جو حصو آهي ۽ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو پر شاعر، اديب ۽ ليکڪ ٻين انسانن کان وڌيڪ نمايان ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ وڌيڪ ڄاتا سُڃاتا وڃن ٿا. اڪثر اديب سماج جا سُونهان بڻجي، سُڄاڻي پکيڙن ٿا. خاص ڪري شاعر پنهنجي ڪلام وسيلي وندر ورونهن سان گڏ ٻين ماڻهن کي ڪو نہ ڪو مثبت پيغام پڻ ڏين ٿا. اسان وٽ ادب کي مُک ٻن مقصدن سان ماپيو ويندو آهي: هڪ ادب، ادب جي لاءِ ۽ ٻيو ادب زندگيءَ لاءِ. توڙي جو ٻنهي مقصدن ۾ زندگي تہ موجُود آهي پر ادب زندگيءَ

واري مقصد ۾ ماڻهن جي سماجي حالتن کي تبديل ڪرڻ کي اوليت ڏنل هُوندي آهي. تاجل بيوس بہ شعوري طور سنڌي سماج کي بدلائڻ لاءِ وڏيڪ لکيو. سندس سماج سان جيڪو پيچ پيل هو ۽ آچپي ۽ خوشحاليءَ آڻڻ لاءِ هُن جيڪو فڪر پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ اوتيو هِتي اُن جي اُپٽار ڪئي ويندي. تاج محمد عرف تاجل بيوس (1938ع _ 2008ع) ان حوالي سان تمام گهڻو لکيو پر هتي ڊيگهہ کان بچڻ ۽ جرنل ۾ مقالي لاءِ مقرر صفحن کي نظر ۾ رکندي، اختصار کان ڪم ورتو ويندو.

جنهن سماج ۾ ماڻهو پيدا ٿئي ٿو اُن سان اُنسيت ۽ محبت هڪ فطري عمل آهي. تاجل جي سنڌ ڌرتيءَ ۽ سماج سان سِڪ بہ هڪ فطري عمل هُئي پر سندس سنڌ سان عشق وري فطرت کان بہ چڙ مٿانهون هو. مارئيءَ جي ملير سان محبت جي ترجماني جيئن پٽائي گهوٽ ڪئي آهي:

اَلَستُ بِرَبِّڪُم، جڏهن ڪن پيوم،
قَالُوَا بَلىٰ قلب سين، تڏهن تت چيوم،
تهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.

ساڳيءَ ريت تاجل بيوس بہ سنڌي سماج سان پنهنجي عشق جو اظهار هن ريت ڪيو آهي:

متي جا ملير جي، تنهن متيءَ وڏو مانُ،
جُڙي جنهن مان راس ٿيو، منهنجو ديس مهانُ،
لٿو ’ڪُنْ فَيَڪُوَن‘ جو بيوس شڪُ گُمانُ،
اجوڪو اِنسانُ، پڙهي ڪلمان پيٽ تي.

تاجل بيوس هن دور جي مهان شاعرن منجهان هو. شيخ اياز ۽ تاجل بيوس جي شاعراڻي قد ڪاٺ بابت بحث بہ سندن حياتيءَ ۾ ئي هلندا هُئا ۽ اجا جاري آهن. شيخ اياز اُستاد بُخاري ۽ تاجل بيوس پنهنجي دور جا وڏا شاعر آهن. گلن وانگر هر شاعر جي پنهنجي پنهنجي خوشبوءِ آهي. اسان کي منجهن مقابلو ڪرڻ نہ گهُرجي. ها باقي علمي ۽ ادبي بنيادن تي تقابلي جائزو يا پيٽ يعني Comparative Study ڪرڻ الڳ ڳالهہ آهي. ان ۾ بہ سندن هڪ جهڙايون بيان ڪرڻ کي اوليت ڏجي. نہ رڳو انهن ٽنهي شاعرن پر اسان جي لڳ ڀڳ سمُورن شاعرن ۾ جيڪا هڪجهڙائي ملي ٿي، اُها سندن سنڌ پرستي آهي. سيني وٽ سنڌي سماج سڀ کان پهريان آهي ۽ هي سيئي سنڌ جي عظيم

شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جا پيروڪار آهن. شاهہ سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ پُونءِ يعني ڌرتيءَ واري نظريي کي پنهنجو فڪر، فهم، منشور ۽ مقصد بڻايو آهي، جنهن سبب هُن جو اعليٰ مَقام جُڙيو. تاجل بيوس ۽ ٻين شاعرن بہ پونءِ واري نظريي جي پيروي ڪئي.

شاهہ لطيف جنهن پونءِ تي چاڻو ان سان اهڙو نينهن نڀايائين جو پنهنجي خانداني نسبت پاسي تي رکي، هُن پاڻ کي ڀٽائي سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪيو. نہ تہ اڪثر سيد پنهنجو خانداني نالو، ذات يا علائقو پنهنجي نالي سان ڳنڍيندا آهن، جيئن بخاري، نقوي، تقوي وغيره. اهڙيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ، ثقافت ۽ ماڻهن سان شاهہ لطيف اهڙو تہ ناتو جوڙيو جو فرمايائين تہ:

جـــي ميـــراثـــي ،مـگـّـڻا ، آءُ پـــڻ منــجهان تـــن
ڪي ڳَمُ منهنجي ڳڻ، ارث منجهاران ان جي

سنڌي ٻوليءَ لاءِ ان وقت آواز اُٿاريائين، جڏهن اڪثر پڙهيا لکيا ماڻهو فارسيءَ کي سڀ ڪجھ سمجهي ويٺا هئا. ان دور ۾ وڏي واڪي چيائين تہ:

جي فارسي سکيو گولو توءِ غلام،
جو ٻڌو ٻن ڳالهين، سو ڪيئن چائي چام،
اُچيو تان آب گُهري، بُکيو تان طعام،
اي عامن سندو عام، خاصن منجهان نہ ٿيو.

(سر آسا)

هُن جي سڄي ڪلام ۾ ڌرتي، ڌرتيءَ جا ماڻهو ڪردار، قصا، وڻ ٽڻ، گل ٻوٽا، ڏونگر، ڍنڍون ڍورا، درياهہ، هاري مزدور وغيره چِٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سنڌي ماڻهو بہ ساڻس انتها درجي جي محبت ڪن ٿا ۽ ڪيس سندس ٻين نالن کان ڀٽائي چئي وڏيڪ مخاطب ٿين ٿا.

پونءِ واري نظريي کي ڀٽائيءَ کان وڌيڪ ڪنهن بہ شاعر نروار نہ ڪيو آهي. توڙي جو دنيا جي ٻين شاعرن پنهنجيءَ ڌرتيءَ کي ڳايو آهي پر لطيف جنهن انداز ۾ سنڌ ڌرتيءَ سان محبت جو اظهار ڪيو آهي، ان ريت پونءِ بابت نظريو شايد ئي ڪنهن پيش ڪيو هجي. تنهن ڪري ان نظريي کي جيڪڏهن ڀٽائيءَ جو پونءِ وارو نظريو چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. تاجل بيوس بہ ان ئي نظريي جي پوئواري ڪئي آهي.

مون لطيف سائينءَ جي پونءِ واري فڪر کي چِٽي ڪرڻ لاءِ ڪتاب 'ڀٽائي ۽ پُونءِ' لکيو.

تاجل بيوس بہ ساڳيو رستو اختيار ڪيو. هُن سنڌي سماج جي ٻوليءَ، ثقافت، ماڻهن، سندن دردن، سُورن ۽ سُکن کي شاعريءَ ۽ نثري لکڻين جو موضوع بڻايو. ’جڏهن ڀونءِ ٻڏي‘ تاجل بيوس جو پهريون شعري مجمُوعو آهي. اهو 1982ع ۾ انڊس ويلي ڪلچر ايسوسيئيشن ڪراچيءَ سنگم پبليڪيشن جي سهڪار سان شايع ڪرايو. ان ڪتاب ۾ نوَ سُر ۽ سُرن کان سواءِ مختلف موضوعن جو ڪلام بہ اٿس. سندس پهريون سُر هاري آهي. نہ رڳو ڪتاب ۾ شامل ڪلام مان تاجل جو ڌرتيءَ سان لڳاءُ نظر اچي ٿو پر پنهنجي پاران ۾ بہ واضح لکيو اٿائين تہ ”ڌرتيءَ جي سُونهن نِنڊپڻ کان وٺي نہ رڳو منهنجي ڪمزوري بڻي رهي آهي پر ان ڪمزوريءَ جو شڪار ستين صديءَ جي مها ڪوي ڀرتري کي پڻ ٿيڻو پيو هو. جنهن سنسار جي سُونهن ۽ مجازي عشق جي باري ۾ چيو آهي تہ ’زندگيءَ جي ٻن قدرن کان سواءِ سڄو سنسار بيڪار آهي. اهي قدر آهن عورت جو جوڀن ۽ جهنگلن جا نظارا.‘“ (جڏهن ڀونءِ ٻڏي، ص 41)

ان مان ظاهر ٿيو تہ تاجل ڀونءِ واري نظريي مان تمام گهڻو متاثر هو ۽ ان کي اڳتي وڌائڻ ۾ مُک ڪردار ادا ڪيائين. ان ڪتاب جو مهاڳ شمشيرالحيدريءَ لکيو آهي، جنهن ڀونءِ واري نظريي ۽ تاجل تي تمام سُٺي روشني وِڌي آهي. هُو لکي ٿو ”ٻولي، ماحول، موضوع، ڪردار، لب لهجو ترنم، جذبو ۽ احساس، اهي سڀ ڳالهيون جيتري قدر هن ڌرتيءَ جون پنهنجون هُونديون، اوتري قدر ڪا بہ تخليق بامقصد ۽ مقبُول ثابت ٿيندي،

دنيا جا سڀ عظيم شاعر اول پنهنجيءَ پنهنجيءَ ڌرتيءَ جا عظيم شاعر آهن. آمريڪا جي قومي شاعر والٽ وٽمين جي شاعريءَ ۾ آمريڪا کان سواءِ ڪُجھ بہ ڪونهي. شيڪسپيئر وٽ انگلينڊ ايتري قدر آهي، جو انگريز انگلينڊ کي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويندا پر شيڪسپيئر کي نہ. اِهو ان ڪري جو اهڙن شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي مُلڪ جو سمُورو شان سمائي ڇڏيو آهي.

لومبا جڏهن آفريڪا جي غلام قومن پاران پُڪاريو تہ اها سڄيءَ انسان ذات جي صدا سمجهي ويئي. فردوسيءَ جڏهن ايران جا گُڻ ڳايا تہ بہ هُو وڏو شاعر سمجهيو ويو. ڪالي داس ۽ ميران ٻائيءَ کي طبقاتي شعور ۽ عوامي جدوجهد جي اڻ هُوند ۾، مخصُوص مذهبي رنگ هُوندي بہ تمام وڏو درجو ڏنو ويو آهي. ٽئگور انگريزي، عربي، اسپيني يا فرينچ ٻولين ۾ لکي نوبل پرائيز حاصل نہ ڪيو هو.“ (جڏهن ڀونءِ ٻڏي، ص 18)

تاجل بيوس ڀٽائيءَ ڏانهن نياپو موڪليندي چئي ٿو:

تو وٽ ڪيت خماريا، مون وٽ ڳچ ڳڙ،
مِٺي ماڪيءَ ڪان ڀانئيان، جا تو پياري جَهڙ،
اچي تو آسَڙ، چِٽيم چُوڙا ڳچ جا.

تاجل هونءَ ته پاڻ کي بيوس ٿو سڏرائي پر ڌرتيءَ جي معاملي ۾ وَس وارو ٿي وڃي ٿو ۽ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. هُو سنڌ سان پنهنجو رشتو ازل کان جوڙي ٿو.

سنڌڙي منهنجي امڙ! تو سان ناتو شال نڀايان،
ناتو شال نڀايان، الا، جهوليءَ چنڊ جُهلايان.

ساهه به تو ۾، شاهه به تو ۾، تو ۾ سڀ ڪُجهه پايان،
تنهنجيءَ مٽيءَ منجهه مِلان جي، ڀاڳ ڀليرا ڀانيان.

ڪينجهر ڪان ڪارونجهر جا، سنڌوءَ کي سُور سُٽايان،
مِنڙي تنهنجو ڪير پياريل، مرڪي شال ملهايان.

انڊ نگر ۾ آهُون پريان، ٿر بر باهه لڳايان،
وائن جا ورلاپ اُٿاري، ڏاڍن کي ڏهڪايان.

دار ڏسان ديوانو بڻجان، انالحق الايان،
مون ۾ تون موجُود ازل کان، بيوس ڪيئن سڏايان؟

(جڏهن ڀونءِ ٻٽي، ص)

تاجل بيوس سنڌ ۽ سيّد عبداللطيف ڀٽائيءَ سان پنهنجو پاڀوهه هنڌ هنڌ پئي اظهاريو آهي. شاهه لطيف جي فڪر سان وابستگيءَ جو هڪ مثال اوهان جي خذمت ۾ رکان ٿو جيڪو شاهه صاحب جي هن بيت سان ٺهڪي ٿو:

جي فارسي سکيو، گولو توءِ غلام،
جو ٻڌو ٻن ڳالهيين، سو ڪيئن چائي ڄام،
اُجيو تان آب گُهري، بُکيو تان طعام،
اي عامن سندو عام، خاصن منجهان نه ٿيو. سُر آسا

ان ئي فڪر کي تاجل بيوس هِن ريت بيان ڪري ٿو:

فارسي فرمان، ڦاڙيم پَنا پاپ جا،
لاٽي ربّ رحمان، سنڌي ٻولي سنڌ تي.

تاجل بيوس شاهہ لطيف کان تمام گهڻو متاثر هو. هُن پنهنجن ڪُجهہ ڪتابن جا نالا بہ شاهہ جي بيتن منجهان رکيا. مثال: ’ڏوريان ڏوريان مَ لهان‘، ’صحرا ستر جن‘، ’ڏک سُکن جي سُونهن‘ (آتم ڪهاڻي)، ’ڪنڌيءَ ڪونر ترن‘ وغيره. تاجل بيوس شاهہ لطيف سان عقيدت جو اظهار ڪندي ’شاهہ جي رسالي‘ جي نمُوني تي ’تاجل بيوس جو رسالو‘ لکيو جيڪو 2006ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊميءَ شايع ڪرايو. شاهہ جي رسالي ۾ ٽيهہ سُر، جڏهن تہ تاجل بيوس جي رسالي ۾ چوِيهہ سُر آهن. گهڻ سُرن جو سبب اهو ڄاڻايل آهي تہ شاهہ لطيف سسئيءَ بابت پنج سُر مختلف نالن سان ڇپيا آهن، جڏهن تہ تاجل هڪ سُر ’سسئي پُنهون‘ لکيو آهي. شاهہ جي رسالي ۾ مختلف داستان آهن، تاجل داستان جي جاءِ تي ’باب‘ لفظ ڪتب آندو آهي، باقي صنفون شاهہ لطيف واريون (بيت ۽ وائي) لکيون اٿائين. تاجل پنهنجي رسالي ۾ 238 دفعا ’سنڌ‘ لفظ استعمال ڪيو آهي. ڪُل بيت اٺاويهہ سئو چوهتر (2874) لکيا اٿائين. هُن غلام محمّد شاهواڻيءَ جي شاهہ جي ترتيب ڏنل رسالي ۾ موجُود ڪُل بيتن 2950 کان ڇاهتر بيت ڇاڻي واڻي گهٽ لکيا، جنهن جو ڪارڻ پنهنجي حيثيت کي گهٽ ڏيکارڻ ڄاڻايو اٿائين. تاجل بيوس شاهہ لطيف کي پنهنجو ادبي مُرشد ۽ اُستاد سڏي ٿو. لطيف سائينءَ وانگر وٽس تمام گهڻي مذهبي رواداري آهي. ان سلسلي ۾ تاجل بيوس چوي ٿو:

مسجد ۽ مندر، ٻئي آکيرا ٻاجهہ جا،
ڏوئي داغ ڏُوئيءَ جا، اُجرو ڪر اندر،
هڪ گهتي هڪ گهر، آهن رام رحيم جا.
(تاجل بيوس جو رسالو، ص 16)

تاجل بيوس شاهہ لطيف جي بيت واري قالب جي بہ پيروي ڪئي آهي. ٻولي بہ ٺيٺ سنڌي استعمال ڪئي آهي. جيڪڏهن سندس بيتن تي پنهنجو نالو لکيل نہ هُجي يا ڀِريان نہ ٻُڌايو وڃي تہ اڪثر ماڻهو ڀُلجي پوَندا آهن ۽ تاجل جي بيتن کي شاهہ جا بيت سمجهندا آهن. هڪ سنڌي ٽي وي چينل مهراڻ ٽي ويءَ کي شابس آهي، جو خبرن کان اڳ ۾ شاهہ جو بيت ڏيندو آهي. ان چينل جي ان عمل کي مان ڏاڍو واکاڻيندو آهيان پر هڪ دفعي اُستاد محمّد يوسف جي آواز ۾ تاجل بيوس جو هيءُ بيت نشر ڪيو ويو ۽ نالو شاهہ لطيف جو ڏنو ويو.

جت جهانگي جت جهوپڙا، اُت ڍاٽي منهنجا ڍول،
ڪالهه پيا مون ڪن تي، ٻاٻيهن جا ٻول،
ميڙي مَڱ ملير ۾، جهانگين پريا جهول،
بيوس چِڪيا بند ۾، سَندا هينئڙي هول،
هِت پوَن هٿ ڪڙول، هُت ڪنڊ ملائن ڪير ۾.

اِهو بيت اُستاد محمّد يوسف تاجل بيوس جي ئي هِن ڪلام جي شروع ۾ ڳايو آهي:

جتي ليار پيرون، پَٽن تي پچن ٿا،
اُتان منهنجا مارو، ميارون مُنجن ٿا،

ڪتان ڪانگ آيا، ڪتي سي ڪهي ويا،
واهيرن ڏي واپس، ولر سڀ وهي ويا،
مگر چاڪ ڪوٽن ۾، منهنجا چِڪن ٿا.

پڪا پيرون چُونڊبن پَٽن تي پنهواريون،
چندن لام لوڏي، سڏن ٿيون سنگهاريون،
جتي وڳ وٿاڻن ۾، ڏوٽي ڏُهن ٿا.

جتي سڱ نہ ساٿي، اُتي ويا اُڪاري،
تڏهن وينا شايد، بيوس کي وِساري،
نہ ڪي پاڻ آيا، نہ ڪي سڏ ٻُڌن ٿا.

جڏهن ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪئي وئي تہ مهراڻ ٽي وي چينل درستي ڪئي. تاجل بيوس جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي شاهہ لطيف جا ڏاڍا چِٽا اثر آهن، جن تي الڳ مقالي لکڻ جي ضرورت آهي. هِتي رڳو ڪُجهہ مثال اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪيا اٿم.

اڪثر شاعرن ڌرتيءَ کي ماءُ جو درجو ڏنو آهي. تاجل بيوس بہ انهن ۾ شامل آهي پر هُن جنهن انداز سان ڌرتيءَ کي ماءُ ڪوٺيو آهي، اُن ريت اسان کي ٻين شاعرن جا مثال گهٽ ملندا. وري ساڳيءَ ريت جيڪا مقبُوليت ۽ مڃتا تاجل جي ان ڪلام کي ملي آهي، اُها مان سمجهان ٿو تہ ٻين کي شايد نہ ملي آهي. اهو ڪلام تاجل ۽ سنڌ جي سُڃاڻپ بڻيل آهي؛ بلڪ منهنجيءَ راءِ ۾ ان ڪلام کي سنڌ جي تراني جي حيثيت ملي چُڪي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي جن ڪلامن کي تراني جي حيثيت ملي آهي، اُهي مشڪل سان

چار پنج ئي هُوندا. هڪڙو شيخ اياز جو "سنڌڙيءَ تي سِر ڪير نہ ڏيندو، سهندو ڪير ميار؟"، ٻيو بہ شيخ اياز جو "سنڌ ديس جي ڌرتي تو تي سيس نمايان، مٽي ماٿي لايان مان"، ٽيون لوڪ گيت "هو جمالو" ۽ چوٿون عابده پروين جو ڳايل تاجل بيوس جو هيءُ ڪلام آهي:

سنڌ منهنجي امان! سونهن تنهنجيءَ مٿان،
ڇا لکي ڇا لکان، ڇا لکي ڇا لکان؟
هڪ قلم هڪڙو مان، ڪيئن پورو پوان،
ڇا لکي ڇا لکان، ڇا لکي ڇا لکان؟

هن ڪنڌيءَ تي ڪُڏيو جو ايم ٻار آ،
ڪنهن تہ جيجل جو جاني اکين ـ ٺار آ،
هي جو ٻالڪ سپاٽي جو معمار آ،
اِن جي ٻوليءَ ۾ لوليءَ تان صدقي وڃان.

تنهنجي ماٺهن کي سيني ۾ سانديو وتان،
تنهنجي لاٽن لَون کي بہ چندن چوان،
شال تنهنجي ئي ڪُک مان پيو هر هر ڄمان،
ڪير تنهنجو پيان، وَير تنهنجو وٺان.

هوءَ جا بيوس ٻُکن تي مڙهي منڊ ٿي،
اڄ بہ جوٽي اسر جو اُٿي جنڊ ٿي،
جا گرم ڪير ۾ پئي گڏي کنڊ ٿي،
اُن سهاڳڻ کي مان ڪيئن نہ سجدو ڪيان؟

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي ٻيا بہ مقبُول گيت آهن، جن کي تراني جهڙي مقبُوليت مليل آهي پر تاجل جو هيءُ ڪلام سيني کان وڌيڪ مقبُول آهي، جنهن جا مختلف سبب آهن جن مان هڪڙو ڪارڻ اهو بہ آهي تہ هِن شاعريءَ ۾ مُلڪي پاليسين جي ڪا بہ پيچڪڙي نظر ڪانہ ٿي اچي. پنهنجيءَ ڌرتيءَ سان پيار جو اظهار آهي، تنهن ڪري سنڌ توڙي هند ۾ سڄيءَ دنيا ۾ بنا خوف ۽ خطري جي ٻُڌو ۽ ڳايو وڃي ٿو.

تاجل بيوس پاڪستان سرڪار ۾ آفيسر رهيو. مختلف عهدن تي ڪم ڪيائين. سندس آخري عهدو ڪارپوريٽ لا اٿارٽيءَ ۾ رجسٽرار ڪمپنيز هو. سرڪاري ملازم هُجڻ سبب هُو ڪنهن بہ سياسي جماعت جو ميمبر نہ هو پر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو همدرد هو. خاص ڪري شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ محترمہ بينظير ڀُٽي سان تمام گهڻو چاهہ رکندڙ هو.

تاجل جي محبتن جو محور سنڌ هُئي. هُو سنڌ جي پٽ پيند، وڻ ٽڻ ۽ هر جيوت سان تمام گهڻي محبت ڪندو هو. سنڌ جي سُورن تي لکندو هو. تاجل بيوس سنڌ جي هر مسئلي تي قلم کنيو پوءِ اُهو پاڻيءَ جو مسئلو هُجي، ڪنهن سان ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جو مسئلو هُجي يا ڪنهن بي گناهہ کي ماريو ويو هُجي. هُن ڪالا باغ ڊيم خلاف بہ لکيو تہ سنڌ جي سُورهين، بهادرن ۽ شهيدن لاءِ بہ لکيو. انهن ۾ ماضيءَ کان حال تائينءَ جا شهيد شامل آهن. سنڌ جا جيڪي بہ سياسي، سماجي ۽ ادبي اڳواڻ آهن، اُنهن سينې جي عزت ڪندو هو. جيڪي اڳواڻ سنڌ جي آجپي لاءِ ڪم ڪندا هُئا، اُنهن سان محبت جو اظهار ڪو لڪي ڪونہ ڪندو هو. هند جي اديبن سان بہ اُٿندو ويهندو هو. هُن کي اها پرواهہ نہ هُوندي هُئي تہ سندس انهن عملن سبب ملازمت ۾ ڪو نقصان ٿي سگهي ٿو. هُو سنڌ جي ڀلي لاءِ سڀ ڪُجهہ ڪندو هو.

تاجل بيوس سائين جي ايم سيد سان بہ پنهنجي پيار جو اظهار ڪيو. هُن اِن سلسلي ۾ هڪ ڪتاب بہ لکيو جنهن جو نالو آهي ’سون سريکا چار سين‘ (سنڌو، سنڌ، سيد ۽ سَن). سائين جي ايم سيد سان گڏ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀُٽو بہ سندس محبُوب اڳواڻ هُئا.

شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو جڏهن قيد ۾ هو ۽ پوءِ شهيد ڪيو ويو. تنهن زماني ۾ ڀُٽي صاحب جا ويجها ساٿي بہ سندس ساٿ ڇڏي ويا پر تاجل وفاقي حڪُومت ۾ آفيسر هُوندي بہ ڀُٽي صاحب بابت شاعري ڪئي، جيڪو تمام وڏيءَ جُرئت جو ڪم آهي.

اسان مان ڪي ماڻهو ڀلي شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ شهيد محترمہ بينظير جي سياست ۽ شخصيت کان اختلاف رکندا هُجن، اُنهن جي راءِ جو احترام آهي پر هي اڳواڻ سنڌي ماڻهن جا مقبُول ۽ محبُوب اڳواڻ رهيا آهن. اڄ بہ اِهي اڳواڻ عوام جي دلين ۾ وَسن ٿا، خاص ڪري اليڪشن واري موقعي تي سندن نالو استعمال ڪري عوام کان ووٽ ورتو وڃي ٿو. هي عوامي اڳواڻ هُئا. قومي شاعر عوامي راءِ جو تمام گهڻو احترام ڪندا آهن ۽

سندن ترجماني ڪرڻ وقت عوامي اڳواڻن سان بہ عقيدت جو اظهار ڪندا آهن. تاجل بيوس بہ ائين ئي ڪيو.

جڏهن ذوالفقار علي ڀُٽي کي شهيد ڪيو ويو ۽ سنڌ مٿان تمام وڏو وار ڪيو ويو تڏهن تاجل سائينءَ جو هيءُ ڪلام جهنگ جهر ٻُرڻ لڳو هو. ماڻهو اِهو ڪلام ٻُڌي اُڇنگارون ڏيئي روئندا هُئا پر تاجل سائين ڪين دلداري ڏيندو هو:

لاش ڪانڌي ويا لَٽي، هاڻي روئڻ بيڪار آ،
هٿ ڪٽي هئي هئي ڪري، جهوريءَ جِهجڻ بيڪار آ.

اج پکيءَ پِڃرو پڃي، پرديس جي تياري ڪئي،
زندگي گذري وئي پر ڪنهن نہ پوئواري ڪئي،
موت کان پوءِ منهن ڏِسڻ، موٽي ملڻ بيڪار آ.

گڏ عُمر جن ساڻ گذري، تن ڏنا صدما سڏي،
سُور سختين ۾ ڏسي، پنهنجا پراوا ويا ڇڏي،
ڪين جن پنهنجو ڪيو تن لئہ جيئڻ بيڪار آ.

جن ڏريا الزام جيئري، تن بہ ڏنو سُڏڪا پري،
ڪن چيو ڏاڍو ڇڱو هو، ڪير ماري ايئن ڪري،
قبر بيوس جي ڏسي، روئي پوڻ بيڪار آ.

ڀُٽي صاحب بابت چيل اِن ڪلام جي مُنڍ ۾ انور حُسين وِسطڙي تاجل بيوس جو هيءُ ڏوهيڙو ڏنو آهي:

ڪانڌي ڏنا ڪالهہ، مون ڪوٺيندي قبرون،
اجل جي اوڙاهہ ۾، لُڙهندي ڏٺم لال،
مٿيءَ ماڻهو موڪليو نہ تہ ڪهڙي موت مجال،
خاص ان خيال، بيوس بيراڳي ڪيو.

ساڳيءَ ريت اسان سندس مختلف ڪلام ريڊيو پاڪستان تان ٻڌندا رهندا آهيون، جن جي باري ۾ تاجل جي ڪتاب ’ملير جي مارئي شهيد بينظير ڀُٽو جو ڪيڏارو‘ وسيلي خبر پئي تہ تاجل سائينءَ اهي ڪلام بہ ڀُٽي صاحب لاءِ لکيا هُئا. جيئن راڳ جي راڻي عابده پروين جو ڳايل هيءُ ڪلام آهي:

تون تہ ملندو رهندين خوابن ۾،
ڪو ڪيئن ٿو چوي، ڪو ڪيئن ٿو چوي.
ڪڏهن ننڊ ۾ ڪڏهن اوجاڳن ۾،
ڪو ڪيئن ٿو چوي، ڪو ڪيئن ٿو چوي.

تون تہ ورٺو هُئين وَسڪارن ۾،
چو نہ موٽئين ميگهہ ملهارن ۾،
اک ڦَرندي رهي ڦولارن ۾،
دل سڙندي رهي سيلابن ۾.

ڏني ڪانگن ٽپڪي تارين تي،
ڪيا وار وِرهہ ويچارين تي،
تو کي ڏسبو روز ديوارين تي،
يا تہ پڙهبو ڪڏهن ڪتابن ۾.

اڄ، اکين وَسي سيلاب ڪيا،
اڄ، ڪٽڪن ۾ هِن لاب پيا،
اڄ تائين نہ پُورا خواب ٿيا،
ڪيسين رهندين يار حجابن ۾.

ڪڏهن بيوس تنهنجا زخم اُگهيا،
ڪڏهن ڏرتيءَ تنهنجا پار پُڇيا،
اڄ پٽڙ بہ تنهنجا ڪين ٿيا،
ڪڏهن ٽُرندو هُئين تون گلابن ۾.

تاجل بيوس پنهنجي محبُوب اڳواڻ کي ڏاڍي خوبصورت انداز سان ساراهيو آهي. ظاهري طور تہ اِها ڪنهن عام معشوق لاءِ شاعري آهي پر اُهڃاڻي طور تي ڀُٽي صاحب لاءِ ڪيل آهي. ڀُٽي صاحب جي قيد ۽ شهادت وارا ڏينهن ڏاڍيءَ گهُٽ ۽ ٻُوسٽ وارا هُئا. اظهار تي پابندي هُئي. ميڊيا ۾ خاص طور تي سرڪاري ريڊيي ۽ ٽي ويءَ تي ڀُٽي صاحب جو ذڪر تہ پري جي ڳالهہ پر نالو وٺڻ بہ ڏوهہ هو. اهڙيءَ حالت ۾ تاجل بيوس علامتي انداز

اختيار ڪيو ۽ ريڊيو پاڪستان جي اُن وقت جي روشن خيال پروڊيوسرن سمجھڻ جي باوجُود عابده پروين جي ڳايل ان ڪلام کي نشر ڪرڻ جي اجازت ڏني ۽ بار بار ڪيو. جيڪڏهن ڪنهن پروڊيوسر کان پُڇاڻو ٿيو ٻہ هُوندو تہ هُن اِهو چئي جان ڇڏائي هُوندي تہ ٻُڌايو تہ ان ڪلام ۾ پُٽي صاحب جو نالو ڪٿي آهي؟

ان ڪلام ۾ هڪ ٻي ڳالهہ بہ غور طلب آهي تہ تاجل بيوس جيڪا منظر نگاري ڪئي آهي ۽ جيڪي تشبيهون ڏنيون آهن، سي اڪثر زرعي سماج جون آهن. مثال وَسڪار، ميگهہ ملهار، ڦولار، ڪانوَن جون وٽن تي ٽپڪيون، ڪٽڪن جا لابارا وغيره.

ذوالفقار علي ڀُٽي صاحب ۽ سندس خاندان سان سنڌ جو ٻچو ٻچو توڙي ٻڍو ننڍو توڙي وڏو مرد توڙي عورت انتها درجي جي محبت ڪن ٿا. ان جو هڪ ننڍڙو مثال اوَهان آڏو رکان ٿو. هڪ واقعو مون سان پيش آيو هو. جڏهن 27هين ڊسمبر 2007ع تي بينظير صاحبا کي شهيد ڪيو ويو هو. اُن ڏينهن سڄي سنڌ روئي رهي هُئي. هر هنڌ باهہ جا ڀڀڙ ڀڙڪِي رهيا هُئا. مان پنهنجن ٻارن سميت سکر کان ڪراچيءَ اچي رهيو هُئس. موري وٽ اسان جي بس کي بہ ساڙڻ آيا. هر ڪو پنهنجو سِر بچائڻ لاءِ بس مان لهي وڃي ڀڳو. مُون بہ ٻارڙن سميت هڪ قبرستان ۾ وڃي پناهہ ورتي. اُتي ڦورو آيا ۽ اسان کي ڦُري ويا. اهڙيءَ صُورت ۾ ٻارڙن جي ڇا حالت هُوندي؟ ان جو اندازو اوهان لڳائي سگهو ٿا، پر مون کي حيرت تڏهن ٿي جڏهن سُرهاڻ، مهراڻ ۽ رهاڻ روئڻهارڪا ٿي چوَڻ لڳا تہ بابا بينظير کي ظالمن ڇو ماريو؟ هُوءَ تہ سڀ ڪُجهہ عوام لاءِ ئي ڪندي هُئي. مطلب تہ هُنن کي پنهنجي ڦُرجڻ جو غم گهٽ، بينظير صاحبا جي شهادت جو ڏک وڌيڪ هو. جو وري وري بينظير صاحبا جو ذڪر پيا ڪن. مان سمجهان ٿو تہ ڀُٽي گهراڻي سان اسان جي محبت فطري ۽ اسان جي رَت ۾ شامل ٿي وئي آهي. اهڙو ذڪر سائين تاجل بيوَس بہ ڪيو آهي:

لکي لاڙڪاڻي جي سالڪ سياڻي،
هُئي بي شڪ بينظير، راڄن جي راڻي،
پُٺا چانديا ٻُڙدي، جنهن لاءِ رَڙن ٿا،
سڄيءَ سنڌ ۾ رَت جا پيا ڳوڙها ڳَڙن ٿا،
ٻڌي جنهن لاءِ پٽر آ، مڪلي مياڻي.

هُن جو شهيد محترمہ لاءِ هڪ ٻيو شعر هِن ريت آهي:

جيئي جيئي جيئي، جيئي بينظير،
ٻڌي آ بهشت ۾ سنڌ جي سفير،

جيئري آهي، منهنجي پيڻ مرڻي ناهي،
ساهہ ۾ سياڻي، سالِڪَ اول سانديل آهي،
جيئي جيئي جيئي، جيئي بينظير.

پائر پنهنجا، بهشت ۾ ڏِسڻ وئي آ،
پنهنجي پيءُ پُنهل سان ملڻ وئي آ،
جيئي جيئي جيئي، جيئي بينظير.

ڪيو جنهن بيوَس، لَکي لاڙڪاڻو
ڪڏهن ٽيڻو ناهي، اِهو پيچ پُراڻو
جيئي جيئي جيئي، جيئي بينظير.

سنڌ ۾ بهادرن، سُورهين سردارن، جَنگي جوڌن ۽ عوامي اڳواڻن جي تاريخ تمام پُراڻي آهي. جڏهن کان هيءُ پُونءِ ٻڌي آهي، تڏهن کان هِن ڌرتيءَ تي بهادرن، هڏ ڏوکين ۽ جهونجهارن جو سَلو ڦُٽڻ لڳو آهي. اهڙن سرويچن جي ساراهہ ۽ سندن ڪيڏارا بہ سنڌي ٻوليءَ جي ابتدا کان ئي ملن ٿا. خاص ڪري اهڙا اُهجاڻ لوڪ شاعريءَ ۾ جهجها ملن ٿا. ڪيڏارو اهڙيءَ شاعريءَ کي چيو ويجي ٿو جنهن ۾ خاص ڪري جنگ جي ميدان ۽ جنگي جوڌن جو ذڪر ڪيو وڃي. سنڌي شاعريءَ ۾ ان صنف جي ابتدا حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ڪئي. سندس ڪيڏارو ڪربلا جي شهيدن بابت آهي. ان کان پوءِ ٻين بہ ڪيترن ئي شاعرن ڪيڏاري کي موضوع بڻايو. ان حوالي سان خليفي نبي بخش ’قاسم‘ لغاريءَ جو ڪيڏارو ذڪر لائق آهي. تاجل بيوس جو محترمہ بينظير لاءِ ڪيڏارو بہ ان سلسلي جي ڪڙي آهي.

تاجل بيوس سماج سان جڙيل رهيو. نوڪريءَ دوران مُلڪ جي مختلف شهرن ۾ Posting رهيس پر جتي بہ هُوندو هو سنڌ کي نہ رڳو ساريندو هو پر سنڌ لاءِ ساهہ ڪٽندو هو. هُو پنهنجون سوچون پني تي لکندو ويندو هو. خاص ڪري سنڌ جي عام ماڻهن هارين نارين، پورهيتن، غريبن، مسڪينن ۽ مظلومن، ٻُڌن، ٻارن ۽ عورتن وغيره بابت ڪلام چيو اٿائين. هُو پنهنجي سماج جي پيڙهيل طبقي جو ترجمان شاعر آهي. اسان جو سماج زرعي سماج آهي. زراعت ۾ هاريءَ سان تمام گهڻا مسئلا آهن. تاجل پاڻ بہ ٻهراڙيءَ جو ماڻهو هو. زرعي ڪار وهنوار ۾ شامل رهيو. تنهن ڪري هُو پوک جي سيني مامرن کان چڱيءَ ريت واقف هو. سندس شاعريءَ ۾ مجمُوعي طور زرعي سماج جي بهترين عڪاسي

ٿيل آهي. سندس هڪ سُر 'سُر هاري' ته مڪمل طور آهي ئي ڌرتيءَ جي سيني کي چيري سونا سَنگ اُپائڻ واري هاريءَ بابت. هُو چوي ٿو:

چاٽين ڏُوڙ چٽن مان، انگين اُگهاڙا،
ڏَنديَل ڏاتو هٿ ۾، ڪُلهين ڪُهاڙا،
وَٽي وِجهن وِلهه ۾، نَهرن تي ناڙا،
جيئڻ ڪاڻ جيڏيون، ٽئونس ڪيا تاڙا،
ويڙهيون ۽ واڙا، مون تي اوٽ عنبير جي.

تاجل نه رڳو سنڌ جي زرعي سماج جي اهنجن ۽ خوبين، خامين، ريتن رسمن ۽ چڱاين لڱاين جو ذڪر ڪيو آهي پر ٺيٺ سنڌي ٻوليءَ کي محفوظ ڪرڻ جو به ڪم ڪيو اٿائين. اِنهيءَ شعر ۾ ئي ڏِسو ته هُن هاريءَ جي حالت ۽ صُورت بيان ڪرڻ سان گڏ سنڌي لفظن کي به سانڍي ڇڏيو آهي. هن وقت ڏاتي ۽ ڪُهاڙي جو ته وري به استعمال آهي پر ناڙا تمام گهٽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ڇا ڪاڻ ته هاڻي ٽريڪٽرن وسيلي هر ڪاهي زمين کيڙي وڃي ٿي. تمام گهٽ جاين تي ڏاندن ذريعي هر ڪاهيو وڃي ٿو. ڏاند ڳاڏيون جن کي ٻيل ڳاڏيون پڻ چئجي ٿو سي به گهٽ استعمال ٿين ٿيون. ناڙو هر ۽ پاڃاريءَ کي ڳنڍڻ لاءِ ڪم اچي ٿو يا وري پاڃاريءَ ۽ ڍڳي ڳاڏيءَ جي ڳن کي ٻڌڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي. ناڙو هڪ قسم جو رسو آهي، جيڪو گهڻي ڀاڱي جانورن جي کلُن کي وَٽي ناهيو ويندو آهي، جنهن کي وٽڻ کان پوءِ ٿُوڻين يا مَنهَن وغيره تي سُڪائڻ لاءِ رکيو ويندو آهي. مٿي ان جي ڪري رکيو وڃي ٿو ته جيئن ڪو ڪُتو ٻلو ان کي ڪائي نه سگهي. تاجل لفظ 'ناڙي' ۽ اُن کي سُڪائڻ واري عمل کي پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ خوبصورت نمُوني سان پوئي امر ڪري ڇڏيو.

تاجل بيوس جي ڪلام ۾ اهڙا سوين لفظ موجُود آهن، جنهن ڪري تاجل بيوس جي ڪلام کي اسان سنڌي ٻوليءَ جي لُغت چئون ته وڌاءُ نه ٿيندو. سندس Dictionary واري ان پاسي تي نوجوانن کي ڪم ڪرڻ گهرجي.

تاجل بيوس لوڪ يعني عوام سان تمام گهڻي محبت ڪندو هو جنهن جو عڪس سندس سمُوريءَ شاعريءَ ۾ موجُود آهي. ان حوالي سان سندس هڪ پاسو اهو به آهي ته هُن هِڪڙو پُورو ڪتاب لوڪ شاعريءَ تي لکيو. اهو ڪتاب 'صحرا ستر جن' اٿس. ان ڪتاب ۾ ترين سان محبت جا مثال ۽ لوڪ گيت ملن ٿا. هُونءَ به تر سان اسان جي سمُورن

شاعرن جي اُنسيت رهي آهي. اسان جي لڳ ڀڳ سمورن شاعرن ٿر ۽ ٿر جي مارئيءَ کي تمام گهڻو ڳايو آهي. تاجل جي همر عصر شاعرن شيخ اياز اُستاد بُخاريءَ ۽ ٻين پڻ ٿر، مارئي ۽ لوڪ گيتن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن مارئيءَ وسيلي ساڻيهه جي سِڪ جا درياهه وَهائي ڇڏيا آهن. تاجل به ساڳي واٽ وٺي، پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ ۾ حُب الوطنيءَ جي پرچار ڪئي آهي.

تاجل بيوس پنهنجي سماج جي عام ڪردارن ۽ مختلف قسمن جي پورهيتن کي به پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ جاءِ ڏني آهي، جن ۾ هاريءَ جو ذڪر ته ڪري چُڪاسين. ٻين پورهيتن ۽ ڪردارن ۾ ڏنار، اوٺي /جت، چاڪي، سِرِيگر (سِرن جي ٻنن تي ڪم ڪندڙ)، ڌوٻي، لاهيارا، ڪانير، ناتارا، مٺهيارا، گهورڙيا، لوهر، ڪوري، ڌوتي، ناڪُئا / مهاڻا، ڪُنير، سونارا، اوڏ وغيره اچي وڃن ٿا. مطلب ته هن سماج جي سيني طبقن، ڪردارن ۽ ڪِرتن (پيشن) وغيره تي لکيو آهي. سندس اڪثر ڪردارن جو تعلق ٻهراڙيءَ واري زرعي سماج سان آهي. هُو شهر ۾ رهندي به ڳوٺاڻي ماحول کي پسند ڪندو هو. زراعت جو سڌو سنئون تعلق ڌرتيءَ سان آهي. ڌرتيءَ بابت تاجل بيوس لکي ٿو ته: "ڌرتي، ڌرتيءَ ڄايا ۽ ڌرتيءَ جا نظارا منهنجي لاءِ ائين آهن، جيئن اک لاءِ روشني، مڇيءَ لاءِ پاڻي يا ساڻيهه لاءِ سنڌو..... ڳوٺاڻو ماحول، ڳوٺاڻي بدحالي، پنهنجي اندر جي پيڙا ۽ پيڙا جي رِدِ عمل ۾ جنم وٺندڙ وسوسن، ويچارن ۽ نااُميدين منهنجي لاءِ اُميد پريا گس ۽ چارا جوڙي ڏکن کي سُکن جي سُونهن ۾ سرمايو ثابت ڪيو آهي. منهنجو ماضي منهنجو سرمايو آهي. پوءِ چونه اهو ڳئون چاريندي يا ڍُڳڙن لَپَ تي گذر ڪندي گذريو هُجي." (ڌوريان ڌوريان مَ لهان، ص 188)

ڊاڪٽر عابده گهانگهرو تاجل بيوس جي پورهيت پچار بابت لکي ٿي ته: "تاجل بيوس هڪ ترقي پسندس شاعر هو. هن هاريءَ ۽ مزدور کي پنهنجي فن ذريعي گهڻو ساراهيو آهي. پورهيت پچار شاهه ۽ ٻين به ڪئي آهي پر تاجل بيوس ان کي هڪ جُدا سُر جو موضوع ڏئي هڪ جدت قائم ڪئي آهي. نواڻ سندس شاعريءَ ۾ هڪ ڪنٽريبيوشن آهي. اهڙيءَ طرح سندس شاعريءَ ۾ تخيل ۽ نوان عڪس پڻ موجُود آهن." (ڪارونجهر، جُون 2019ع)

تاجل بيوس جي پنهنجي سماج سان سچائيءَ، سِڪ، اُڪنڊ ۽ اُڪِير جون ثابتيون سڄي ڪلام ۾ موجُود آهن. هُن هر موضوع تي شاعري ڪئي آهي. توڙي جو هُن جي

حياتيءَ جو وڏو حصو شهرن خاص ڪري ڪراچيءَ ۾ گذريو. تنهن هُوندي بہ هُو ٻهراڙيءَ سان ڇُهتيو رهيو. ٻهراڙين وارو ماحول زرعي سماج وارو ماحول آهي. اُتان جا قدر وڏيڪ پنهنجائپ وارا آهن. شهرن ۾ انسان واپاري ذهنيت جو ٿي وڃي ٿو. سندس احساس ۽ جذبا، سوچون ۽ عمل بہ ڦيرو ڪائي وڃن ٿا، رَت جا رشتا بہ رڳو مفادن وارا ٿي وڃن ٿا پر تاجل بيوس ۾ ڪو بہ ڦيرو نہ آيو. اُهوئي پاڻهو، اُها ئي پنهنجائپ، اُها ئي شناس، اُهوئي رويو اُهي ئي قدر ۽ اُهي ئي ماڻ ماپا سندس زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين رهيا. هُن ۾ ڪا بہ وڏائي نہ هُوندي هُئي. عام ماڻهن توڙي اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن جي پرگهور لهندو ۽ قدرداني ڪندو رهندو هو. سنڌي ادبي سنگت توڙي ٻين تنظيمن جي بہ مدد ڪندو هو.

شاعريءَ ۾ بہ تاجل بيوس جي شخصيت ۽ ڪردار جا سڀ گُڻ موجُود آهن. هُن شاعريءَ ۾ سنڌ جي زرعي سماج ڪي تمام گهڻي اوليت ڏني. ڪراچيءَ ۾ رهڻ دوران هِتان جي ڳوٺن توڙي شهري آباديءَ ۾ رهندڙ سنڌين سان سلهاڙيل رهيو. شهري ۽ ٻهراڙيءَ واري سماج ڪي جوڙڻ لاءِ بہ ڪوششون ڪيائين. سنڌيءَ سان گڏ اُردوءَ ۾ بہ شاعري ڪيائين. اُردو شاعريءَ جا سندس بہ مجمُوعا ’اندازِ بيان اور‘ ۽ ’سُرخ گلابُون ڪي موسم‘ شايع ٿي چُڪا آهن. نظم سان گڏ نثر ۾ بہ لکيائين. سندس لکڻين ۾ سنڌي سماج جي ترقيءَ، خوشحاليءَ ۽ سُجاڳيءَ آڻڻ لاءِ انيڪ مثال ملن ٿا. ان موضوع تي پُورو ڪتاب لکي سگهجي ٿو. مون هِتي هِن مقالي ۾ تمام ٿورا مثال اوهان آڏو رکي خاص ڪري نوجوانن کي وڏيڪ تحقيق ڪرڻ جي دعوت ڏني آهي. اُميد تہ هِن ڪم کي اڳتي وڌايو ويندو.

**مددي ڪتاب:**


1. ڏوريان ڏوريان مَ لهان (تاجل بيوَس جي نوَن شعري مجمُوعن تي ٻڌل ڪتاب)، سنڌي ادبي سنگت ۽ تاجل بيوس اڪيڊمي ڪراچي، 1997ع
2. تاجل بيوس جو رسالو سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2006
3. ملير جي مارئي شهيد بينظير ڀٽو جو ڪيڏارو، تاجل بيوس، نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ ڪراچي، 2008ع
4. جڏهن ڀونءِ ٻٽي، تاجل بيوس، انڊس ويلي ڪلچر ايسوسيئيشن ڪراچي ۽ سنگم پبليڪيشن، 1982ع.

5. يوٽيوب تي رڪيل محمّد يوسف ۽ انور حُسين وسطڙي جي آوازن ۾ تاجل بيوس جا ڳايل ڪلام ۽ سنڌ سلامت ويب سائيٽ تان اُتاريل ڪلام
6. سنڌوءَ جا گيت، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو، ثقافت کاتو سنڌ، 2008ع
7. پٿائي ۽ پُونءِ، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو، سُرهاڻ ويلفيئر سوسائٽي سنڌ، 2019ع
8. ڊاڪٽر عابده گهانگهرو، مقالو: تاجل بيوَس جي شاعريءَ ۾ پورهيت پچار، تحقيقي جرنل ڪارونجهر، سنڌي شعبو، وفاقي اُردو يونيورسٽي ڪراچي، جُون 2019ع

ڊاڪٽر رياضت ٻرڙو

# دنيا جي مکيه ٻولين ۾ لغت نويسيءَ جي تاريخي ترقي: هڪ جائزو

## An analysis of the historical development of Lexicography in major world languages

**Abstract:**

Lexicography is a scholarly discipline as well as art and craft of dictionary-making has an important place in the history of language study; yet its formal study has roots in the modern times. A great importance has been attached to this discipline as it serves as the reliable source of information for language users.

This study investigates descriptively the historical development of lexicography and its effective contribution in enriching and developing the ancient languages of the world: Chinese, Japanese, Mesopotamian, Greek, Latin, Spanish, Welsh, French, Italian, Arabic, Persian, German and English. A detailed data of the dictionaries in afore-said languages has been made a part at this research paper.

Almost half of this paper covers the history of English lexicography as English is a lingua franca and thus, possesses a huge number of dictionaries. Later in the 15th century independent English Dictionaries were compiled and published. These dictionaries contained much of the material of English language, and thus, we can from them recover most of the current vocabulary, no one appears before the end of 16th century to have felt that Englishmen could want a dictionary to help them to the knowledge and correct use of their own language. With the passage of time, dictionaries in English language appeared in a greater number and this way English got a commanding position in the world of lexicography. Thus, the historical development of English lexicography has followed with no faltering steps the evolution of English History and the development of English literature as well as language.

لغت نويسيءَ (Lexicography) جي تاريخ ۽ شروعات ڏيڻ جو مطالعو ويجهي ماضيءَ ۾ ڪيو ويو آهي. ٻوليءَ جي تاريخ، ان جي ابتدا ۽ اوسر سميت مختلف ٻولين جي هڪٻئي سان لاڳاپن ڪي تہ مطالعي هيٺ آندو ويو ۽ صرف و نحو (Grammar/وياڪرڻ) جو تجزيو ۽ اڀياس بہ ڪيو ويو پر لغتن جي تاريخ ۽ مطالعي تي تمام گهٽ لکيو ويو. خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾، "لغت نويسيءَ جي تاريخ" جي موضوع تي تحريري مواد ڪو نہ ٿو ملي. دنيا جي آڳاٽي علمي ۽ ادبي تاريخ ۾، لغت نويسيءَ ۽ ان جي تاريخ جا ٿورا اهڃاڻ ۽ مثال ملن ٿا. ماضيءَ ۾، عام ڳالهہ ٻول توڙي تحريرن ۾، جيئن تہ لغتن جي ڪتابن کي حوالاجاتي ڪتاب هئڻ جي ڪري ڪا خاص اهميت حاصل نہ رهي آهي، ان ڪري لغتن لکجڻ جو رواج ايتري تيزيءَ سان جاري نہ رهيو جيتري ان جي اهميت هئي، نہ تہ اسان جي اڳيان آڳاٽن لفظن سان گڏ انهن ۾ سمايل مفهوم جي تاريخ موجود هجي ها جيڪا مختلف سماجن جي مطالعي ۾ پڻ گهڻي مددگار ثابت ٿئي ها. البت، موجوده وقت ۾، ڇپيل توڙي آنلائن لغتون پنهنجو گهڻ-رخو ڪارج ادا ڪري رهيون آهن ۽ پنهنجي مستقل حيثيت مڃرائي چڪيون آهن.

لغتن جي تاريخ جي حوالي سان، قبل مسيح (ق.م) دَور ۾ مليل پهرين لغت جو ذڪر ڪندي، ڊاڪٽر مدد علي قادري لکي ٿو: "پهرين قوم جنهن لغت نويسيءَ طرف توجهہ ڏنو سا هئي اشوري [Assyrian][1] قوم. آثار قديمہ وارن کي نينوي [Nineveh] شهر جي کوٽائي ڪندي، اشوري شهنشاهہ اشور بانيپال جي محل ۾ هڪ لغات جو ڪتاب هٿ آيو آهي، جنهن جو سن تاليف غالباً 650 ق.م آهي."[2] ان لحاظ کان اوائلي لغت جي تصنيف کي اڍائي هزار سالن کان مٿي وقت ٿي چڪو آهي. اشور بانيپال (Ashurbanipal، 685 ق.م - 631 ق.م) 669 ق.م ۾ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ بادشاهہ بڻيو ۽ 631 ق.م ۾ وفات تائين حڪومت ڪندو رهيو. افسوس تہ ڊاڪٽر قادريءَ ان ڪتاب جو نالو نہ ڄاڻايو آهي، جنهنڪري ان لغات جي تصديق ڪري نہ ٿي سگهجي.

چيني ٻوليءَ جي قديم لغتن بابت، ڊاڪٽر قادري لکي ٿو: "چيني زبان ۾ قديم لغات 'يوپان' (Yu Pien) [صحيح اچار "اوفين"][3] آهي جنهن جو مؤلف ڪيويي وانگ (Ku Ye Wang) [ڪواي وانگ] آهي. هن لغت جو سن تاليف 350 ق.م آهي. ٻي اهم لغات 'شو وان' (Shu Wan) [شو ون] آهي جنهن جو مصنف هو شن (Hu Shin) [ڪوشن] ۽ سن تاليف 150 ق.م آهي."[4] درحقيقت، اها "اوفين" ڊڪشنري اٽڪل 543ع ۾ مرتب ڪئي وئي هئي. سندس مؤلف گواي وانگ (Gu Yewang، جنهن جي لکيت Ku

Yeh_wang پڻ آهي) 519ع ۾ جائو ۽ 581ع ۾ وفات ڪري ويو. ان ڊڪشنريءَ جا پوءِ 760ع ۽ 1013ع ۾ پڻ وڏا ايڊيشن نظرثاني ڪيل ڇاپا ڇپيا.(5) اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته چيني ٻوليءَ ۾ اولين لغت نويسيءَ جو ڪمُ شيچو (Shizhou) نائين صدي ق.م ۾ ڪيو هو. افسوس ته اهو لغتِي ڪم بچي نه سگهيو ۽ ضايع ٿي ويو. ان کان پوءِ چيني لغت نويسيءَ جو ڪم، هان گهراڻي (Han Dynasty، 206 ق.م کان 220ع تائين) جي دَور ۾ ٿيو جنهن چِن گهراڻي (Qin Dynasty، 221 ق.م کان 207 ق.م) جي ادبي اپار کي اڳتي وڌايو. ان سلسلي ۾، "ايرا" (Erya) ۽ "شُووين جيز" (Shuowen Jiezi) ڊڪشنريون "اڳ-چِن ڪلاسيڪ" (Pre_Qin classics) کي سمجهڻ لاءِ ڪارائتا حوالاجاتي ڪتاب آهن. انهن لغتن مان "ايرا" کي پهرين مُک (major) چيني لغت سڏي سگهجي ٿو جنهن ۾ لفظن کي ان طرح هڪ سرشتي تحت مرتب ڪيو ۽ سمجهايو ويو آهي جو اها لغت، پوءِ ڇپجندڙ لغتن لاءِ رهنمائيءَ جو ڪم سرانجام ڏيندي نظر اچي ٿي. ان ڪري ان لغت کي "چيني لغت نويسيءَ جي تاريخ" ۾، عزت ڀري حيثيت به حاصل آهي، جيڪا پهريون پيرو ٽن جُلدن ۾، وِيهن بابن تي مشتمل ڇپي. ان جو موجود ڇاپو اڻويهن بابن تي مشتمل آهي. "هان گهراڻي" کان پوءِ، "تانگ" (Tang، 618ع_907ع) گهراڻي ۽ "سونگ" (Song، 960ع_1279ع) گهراڻي جي دَورن ۾، جيئن جيئن ادبي لفظ اوج وٺڻ لڳا، خاص ڪري شاعريءَ ۾، ته "اوفين" (Yupian)، "شين" (Qieyun) ۽ "گئانگين (Guangyun) ڊڪشنريون مشهور ٿيڻ لڳيون. ان سلسلي ۾، هڪ خاص لفظ "سيچو" (cishu، لغتي ڪم) اهم آهي، جيڪو لفظِي لغتن (cidian)، علامتي (character) لغتن (zidian)، انسائڪلوپيڊيائن ۽ انيڪ خاص گلاسرين (specialized glossaries) جي گڏيل متبادل طور ڪتب اچي ٿو.(6) حقيقت ۾، چيني لغت نويسيءَ جي اوسر ٽن هَزارين (millennia) تي مشتمل آهي جيڪا "ڇُ (Zhou) گهراڻي" (1046 ق.م _ 256 ق.م) کان "شنگ (Qing) گهراڻي" (1616ع _1911ع) تي پکڙيل آهي.(7)

وٽندڙ ڳالهه هيءَ به آهي، ته جپاني ٻُڌ (Buddhist)، عالم، شاعر، آرٽسٽ ۽ ڪاموري، ڪوڪائي (Kūkai، 774ع_835ع) "اوفين" ڊڪشنريءَ جو اصل نسخو 806ع ۾ چين مان جپان کڻي ويو جنهن کي هُن الٿو ڪري، اٽڪل 830ع ۾، "ٽينري بانشو ميگي" (Tenrei Banshō Meigi) جي نالي سان پڌرو ڪيو جيڪا آڳاٽي ۾ آڳاٽي دستياب جپاني لغت آهي.(8)ـ ان لغت ۾ اٽڪل هڪ هزار علامتون درج ڪيل آهن.

ان لحاظ کان جپاني لغت نويسيءَ جي شروعات کي 1300 سالن جو عرصو گذري چڪو آهي ۽ چيني لغت نويسي ئي جپاني لغت نويسيءَ جو بنياد آهي. جڏهن تہ ھيون کي جپاني لغتون رڪارڊ واسطي موجود نہ آهن. پر انهن جا فقط عنوان ئي لکت ۾ آيل آهن. جهڙوڪ اٽڪل 682ع ۾، ”نينا“ (Niina، يعني نيون علامتون [New Characters]) نالي سان لغت ڇپي. ٻي اهم جپاني لغت ”Shinsen Jikyō“ آهي، جيڪا 900ع جي لڳ ڀڳ، شوجو (Shōjū) مرتب ڪئي. جنهن لاءِ هن چيني لغتن ”اوفين“ ۽ ”شين“ کان مدد ورتي. ان جپاني لغت ۾ 21 هزار 300 علامتون درج ڪيل آهن. ان لغت کان پوءِ 1100ع ڌاري، هيئيئن (Heian) 32 هزار علامتن تي مشتمل لغت ”Ruiju Myōgishō“ پڌري ڪئي. انهن لغتن کان پوءِ جپاني لغت نويسي هوري هوري اڳتي وڌندي رهي ۽ جپاني ٻوليءَ جي جوڙجڪ موجب، مختلف نوعيتن جون لغتون پڌريون ٿينديون رهيون. جديد جپاني لغتن ۾، ويجهڙ ۾، 1989ع ۾ ڇپيل لغت ”Nihongo Daijiten“ (يعني ”عظيم جپاني لغت“) پڻ شامل آهي جيڪا اميسائو تدائو (Umesao Tadao) جي مرتب ڪيل آهي. ان لغت ۾ هڪ لک، 75 هزار مُک داخلائون شامل ڪيل آهن.(9)

جڳ مشهور ”انسائڪلوپيڊيا برٽينيڪا“ انگريزي ٻوليءَ جي سڀ کان مشهور انسائڪلوپيڊيا آهي، جنهن کي هڪ سَوَ کان وڌيڪ ڪُل-وقتي ايڊيٽرن ۽ چئن هزارن کان وڌيڪ ليکڪن، گذريل 244 ورهين کان وٺي لکيو ۽ تدوين پئي ڪيو آهي. ان جو 2010ع ۾ ڇپيل پندرهون ڇاپو 32-هن جُلدن ۽ 32640 صفحن تي مشتمل آهي(10)، جيڪو آنلائن ميسر آهي. ”انسائڪلوپيڊيا برٽينيڪا“ ۾ لغت نويسيءَ جي تاريخ جا هيٺيان ٽي دَور ڄاڻايا ويا آهن:

1. ڪلاسيڪي دَور کان 1604ع تائين،
2. 1604ع کان 1828ع تائين، ۽
3. 1828ع کان [هلندڙ].(11)

ٽن دَورن جي مٿينءَ ورڇ مان پڌرو آهي تہ لغت نويسيءَ جي تاريخ جو اوائلي دَور لغتن جي ڪثرت جي لحاظ کان ڪا گهڻي وسعت رکندڙ نہ آهي، وچون دَور لڳ ڀڳ سوا ٻہ سَو سالن تي پکڙيل آهي جنهن ۾ لغت نويسيءَ پنهنجا بنياد مضبوط ڪيا ۽ پويون دَور جديد لغت نويسيءَ ڏانهن وٺي آيو.

آڳاٽيون معلوم لغتن ۾ ميسوپوٽيميا جي اڪادي (Akkadian) شهنشاهيت جون "ميخي لکيت (cuneiform) واريون فهرستون" شامل آهن، جيڪي ٻه-ٻوليائي سميري-اڪادي لفظن جون لسٽون هيون. اهي فهرستون موجوده شام ملڪ جي ايلنا (Elba) علائقي مان مليون آهن ۽ اٽڪل 2300 ق.م آڳاٽيون آهن. ان بعد ٻي هزاري ق.م جي مُهڙ ۾ "Urra=hubullu" گلاسري ملي آهي، جنهن ۾ موضوعوار سميري ۽ اڪادي فهرستون ڏنل آهن. پهرين سنسڪرت لغت "امر ڪوش" (Amarakośa)، چوٿين صدي عيسويءَ ڌاري، سنسڪرت وياڪرٽي ۽ شاعر امر سنها (Amara Sinha) لکي، جنهن جو اصل نالو "نملنگنُشسَنَم" (Namalinganushasanam) آهي جنهن جو مطلب "اسمن ۽ جنسن سان لاڳاپيل هدايت" آهي.[12] اها لغت ٽن ڪتابن ۾ سهيڙيل آهي، جنهن ۾ 10 هزار لفظ، شعرن (verses) جي صورت ۾ شامل آهن.[13]

ٻئي طرف، يونانين (Greeks) کي اُن وقت تائين لغتن جوڙڻ جي ضرورت محسوس نه ٿي جيستائين سندن ٻوليءَ ۾ ڪي نمايان تبديليون ظاهر نه ٿيون. يونانين پهرين صدي عيسويءَ ۾ لغتون جوڙڻ شروع ڪيون، ته جيئن انهن لفظن جون معنائون لکي سگهن جيڪي سندن ماضيءَ جي رچيل ادبي ذخيري ۾ شامل هئا پر متروڪ ٿيندا پئي ويا ۽ انهن جو واهپو گهٽجندو پئي ويو. پهرين صدي عيسويءَ ۾ اليگزينڊريا جي پيمفِيلَس (Pamphilus) جي جوڙيل 'ليڪسڪن' کان پوءِ ڪيتريون ئي ڊڪشنريون مرتب ڪيون ويون، جن ۾ ايٽڪسٽڪس (Atticists) جِي ٻي صدي عيسويءَ ۾، هيسيچِيس (Hesychius) جِي پنجين صدي عيسويءَ ۾ ۽ فوٽِيس (Photius) ۽ سُودا (Suda) جِي وچين دَور جون لغتون شامل آهن.

لاطيني ٻوليءَ ۾ به ٻين علمن وانگر لغتن تي ڪم جي شروعات، پهرين صدي عيسوي صدي ۾ ٿي، پر ان ۾ علمي طور تي خاص ڪم وچين دَور (Middle Ages or Medieval Period، پنجين کان پندرهين صدي عيسويءَ) ۾ ٿيو جنهن انگريزي ٻوليءَ ۾ پڻ لغت نويسيءَ جي راهه هموار ڪئي ۽ ٻه-ٻوليائي ۽ گهڻ-ٻوليائي لغتون گهڻي تعداد ۾ پڌريون ٿيڻ لڳيون. پهرين صدي ق.م ۾، مارڪس ٽيرينٽس وَرو (Marcus Terentius Varro) هڪ مقالو "De Lingua Latina" (دَ لنگئا ليٽينا) لکيو جنهن ۾ هُن لاطيني شاعرن جي ڪلامن مان لفظن جا اشتقاق ڏنا. سن 1502ع ۾، ايمبروگيو ڪيلِپينو (Ambrogio Calipino) پڻ لاطيني لغت پڌري ڪئي، جيڪا گهڻي

مشهور ٿي. اهو سندس لغت جو ئي اثر هو جو ڊڪشنريءَ جو متبادل ’ڪيلپينو‘ پڻ سڏيو وڃڻ لڳو. ٻئي پاسي، جيئن تہ يورپي ٻولين جي هڪٻئي سان گھڻي ويجهڙائي هئي، ان ڪري، ڪيترين ئي ٻولين جون ٻہ-ٻوليائي (Bi_lingual) لغتون جوڙيون ويون، جن ۾ سورهين ۽ سترهين صدي عيسوي ۾، فرانسيسي، اٽيلين، لاطيني، اسپيني، انگريزي ۽ ويلش ٻولين جون هڪ-ٻوليائي ۽ ٻہ-ٻوليائي لغتون ڇپجي پڌريون ٿيون.

1476ع ۾، لنڊن ۾، پهرين پريس لڳڻ کان چار سال پوءِ، 1480ع ۾ جيڪا پهرين ٻہ-ٻوليائي گلاسري (Glossary) انگلينڊ ۾ ڇپي، سا هڪ سڄاڻ ليکڪ، مترجم، پبلشر ۽ پرنٽر وليم ڪيڪسٽن (William Caxton) جي جوڙيل ”اي فرينچ-انگلش وڪيبيلري“ هئي، جيڪا فرانس ۽ انگلينڊ جي مسافرن جي سهولت لاءِ جوڙي وئي هئي. اِن لغت جي هر هڪ صفحي تي ٻہ ڪالم ڏنل، آمهون سامهون لفظ ۽ انهن جا متبدل ڏنا ويا آهن. هيءَ ’گلاسري‘ جيتوڻيڪ فقط ڇويهن صفحن تي مشتمل هئي، پر ان جي اهميت، سندس قدامت ۽ اولين گلاسري هجڻ جي ڪري نمايان آهي.[14] ان گلاسريءَ کان پوءِ، 1496ع ۾، جان اسٽين برج جي جوڙيل لاطيني-انگريزي وڪيبيلري ڇپي. ان بعد وڏيڪ مشهور لغت، 1499ع ۾ انگريزي-لاطيني وڪيبيلري ”Promptorius puerorum“ (پرامپٽوريس پيوروَرَم) جي نالي سان ڇپي، جنهن جو مطلب هو ”Storehouse [of words] for Children“ (ٻارن لاءِ [لفظن جو] خزانو/کاڻ).

سن 1604ع کي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۾ خاص اهميت حاصل آهي، جنهنڪري ان سال تائين ”انسائڪلوپيڊيا برٽينيڪا“ ۾ لغت نويسيءَ جي تاريخ جي پهرين دَور جي پڄاڻي ڪئي وئي آهي. ان سال، رابرٽ ڪاڊري (Robert Cawdrey) هڪ اهم لغت ”A Table Alphabetical...“ (اَ ٽيبل الفابيٽيڪل...) پڌري ڪئي جيڪا ٽن هزار لفظن تي مشتمل هئي، جيڪي گھڻي ڀاڱي آڳاٽن ماخذن مان ورتا ويا هئا. ان لغت کي پهرين نج (purely) انگريزي ٻوليءَ جي لغت جي حيثيت حاصل آهي. ٻين لغتن ۾، جان بلاڪر (John Bullokar) جِي 1610ع ۾ ڇپيل لغت ”An English Expositor“ (اين انگلش ايڪسپوزيٽر) ۽ هينري ڪاڪيرم (Henry Cockeram) جِي 1623ع ۾ ڇپيل لغت ”The English Dictionarie“ (دَ انگلش ڊڪشنري) شامل آهن. پوئينءَ لغت جي سرنامي ۾ پهريون ڀيرو ”ڊڪشنري“ جو لفظ لکيو ويو جڏهن تہ ”ڊڪشنري“ لفظ

جو پھريون ڄاتل استعمال 1526ع ۾ ملي ٿو. انھن لغتن کان پوءِ انگريزي ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ جي تاريخ جا پنج وڏا ڇال ھن ريت رھيا آھن:

(1) 1755ع ۾، سموئيل جانسن نالي ھڪ لغت نويسَ، انگريزي ٻوليءَ ۾ پھرين جامع لغت "A Dictionary of the English Language" (اَ ڊڪشنري آف انگلش لينگويج) لکي پڌري ڪئي، جنھن ۾ 43 ھزار ۽ 5 سَو داخلائون آندل ھيون.

(2) 1828ع ۾، نوح ويبسٽر نالي ھڪ لغت نويسَ، اميريڪي انگريزي ٻوليءَ جي لغت "An American Dictionary of the English Language" (اين اميريڪن ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج) لکي پڌري ڪئي، جنھن ۾ 70 ھزارن کان وڌيڪ داخلائون آندل ھيون.

(3) 1884ع ۾، جيمس مَري نالي ھڪ لغت نويسَ، انگريزي ٻوليءَ جي مفصل لغت "Oxford English Dictionary" (اوڪسفرڊ انگلش ڊڪشنري) پڌري ڪئي، جنھن جي پھرئين ڇاپي ۾، ڇئن لکن کان وڌيڪ داخلائون آندل ھيون.

(4) 1889ع ۾، "The Century Dictionary" (دَ سينچري ڊڪشنري) ڇپجي پڌري ٿي، جنھن ۾ پنجن لکن کان وڌيڪ داخلائون شامل ڪيل ھيون.

(5) 1961ع ۾، "Webster's Third New International Dictionary" (ويبسٽرس ٿرڊ نيو انٽرنيشنل ڊڪشنري) پڌري ٿي، جنھن جي پھرئين ڇاپي ۾، 4 لک، 50 ھزار کان وڌيڪ داخلائون شامل ڪيون ويون ھيون. ان لغت ۾، وڏي اي.بي.سي سان داخل ڪيل فقط ھڪ ئي لفظ God ھو.

انگريزي ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ بابت وڌيڪ تفصيل اڳتي ڏنو ويو آھي.

عربي ٻوليءَ ۾، لغت جو پھريون ڪتاب "ڪتاب العين" الخليل بن احمد الفراھيدي[15] اٺين صدي عيسويءَ ۾ لکي تيار ڪيو جنھن ۾ مخرجن موجب لفظن جي ترتيب موجب "ع" کان لفظن جي شروعات ڪيل ھئي، جڏھن تہ منجھس عربي صوتيات جو تعارف پڻ پيش ڪيل ھو. اھا لغت ڪنھن بہ ٻوليءَ ۾ ڇپيل آڳاٽين لغتن مان ھڪ اھم لغت آھي، جنھن تي عربي لغت نويسيءَ جو پوءِ ٿيل ڪم مدار رکندڙ پڻ آھي.[16] عربي ٻوليءَ جي ان لغت کان پوءِ، ابو عمرو الشيبانيءَ (738-828ع) جي جوڙيل لغت "ڪتاب الجيم" 8-9 صدي عيسويءَ دوران ڇپي. ٻين عربي لغتن ۾، ابن دريد (838-

933ع) جي لغت ”جمهرت اللغت“ 9_10 صدي عيسويءَ ۾، ابو منصور الازهري الهرويءَ (895_981ع) جي لغت ”تهذيب اللغت“ 10 صدي عيسويءَ ۾، الصاحب بن عباد (938_995ع) جي لغت ”المحيط في اللغت“ 10 صدي عيسويءَ ۾ ۽ اسماعيل بن حماد الجوهريءَ (وفات 1009ع) جي لغت ”تاج اللغت و صحاح العربيہ“ 10_11 صدي عيسويءَ ۾ ڇپي، جنهن ۾ لڳ ڀڳ 40 هزار داخلائون آنديل هيون[17]، هُن اها لغت ”قافيہ جي ترتيب (Rhyme order) تي تيار ڪئي يعني الفاظ جي پڇاڙي وارن حرفن تي لغات کي مرتب ڪيائين.“[18] ان کان پوءِ ابن سيده (1007_1066ع) جي لغت ”المحڪم والمحيط الاعظم“ 11 صدي عيسويءَ ۾ ڇپي. خاص ڳالهہ اها تہ مؤلف ابن سيده نابين هو. ان ريت، ابن منظور (1233_1312) جي لغت ”لسان العرب“ لڳ ڀڳ 80 هزار داخلائن تي مشتمل هئي جيڪا 1290ع ۾ مڪمل ٿي. عربي ٻوليءَ جي ٻي هڪ اهم لغت ”القاموس المحيط والقابوس الوسيط“ جي نالي سان الفيروزآباديءَ (1329_1414ع) 60 هزار داخلائن تي مشتمل 1410ع ۾ مڪمل ڪئي، جيڪا عربي ٻوليءَ جي يورپي لغتن جو بنياد ثابت ٿي.[19]

فارسي ٻوليءَ کي بہ لڳ ڀڳ هڪ هزار سالن تي مشتمل لغت نويسيءَ جي روايت آهي. فارسيءَ جي هڪ قديمي لغت ”فرهنگ_پهلوي“ آهي، جنهن ۾ آرامي نشانين (Logograms) جون سمجهاڻيون وچين دَور (450 ق.م _ 650ع) جي فارسيءَ ۾ ڏنل آهن. ان لغت جو سن پوريءَ ريت معلوم ناهي.

فارسي ٻوليءَ ۾ ”لغت نامہ دهخدا“ کي وڏي ۾ وڏي جامع لغت جي حيثيت حاصل آهي جيڪا 200 جلدن تي مشتمل آهي. فارسي ٻوليءَ جي تاريخي اوسر تي آڌاريل ان لغت جو پهريون ڇاپو 1931ع ۾ ڇپيو. ان جو ليکڪ علي اڪبر دهخدا (Ali Akbar Dehkhoda) آهي. ساڻس سهڪار ۾ محمد معين، جعفر شاهاڻي ۽ دبير سياغي (Dabirsiyaghi) جهڙا ناميارا ٻوليءَ جا ماهر رهيا. اها ضخيم لغت تهران يونيورسٽي پريس پاران، دهخدا ڊڪشنري انسٽيٽيوٽ جي نگرانيءَ ۾ ڇپجي پڌري ٿي. ان لغت کي هر سال نئون سئون (update) ڪيو وڃي ٿو.[20]

جڏهن تہ انڊيا ۾، 1320ع ڌاري، امير خسروءَ (Amir Khusro) ”خالق_باري“ نالي سان ڪتاب مرتب ڪيو جنهن ۾ هندستاني ۽ فارسي لفظن بابت آگاهي ڏنل هئي. ان کي اردو ٻوليءَ جي مهڙين لغت طور بہ ڄاتايو ويندو آهي.

آئرش ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ جي شروعات نائين صدي عيسويءَ ۾ ٿي، جڏهن آئرش ٻوليءَ جي لغت "Sanas Cormaic" ڇپي، جنهن ۾ اٽڪل 1400 آئرش لفظن جا اشتقاق ۽ وضاحتون آئرش يا لاطينيءَ ۾ ڏنل آهن. اها لغت هڪ پادري ڪارميڪ مڪ ڪلينن (Cormac mac Cuilennáin، وفات 908ع) جي جوڙيل آهي. ان انسائڪلوپيڊيائي-لغت کي "ڪارميڪس گلاسري" (Cormac's Glossary) جي نالي سان پڻ سڃاتو ويندو آهي.[21]

فرانسيسي ٻوليءَ جي اولين لغت طور جيڪا لغت نظر اچي ٿي سا "Catholicon" (ڪئٿوليڪَن) آهي، جيڪا 1499ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي.[22] ان لفظ جو مطلب "ڪائناتي" آهي. اها لغت دراصل ٽه-ٻولياتي لغت آهي جنهن ۾ بريٽن (Breton)، فرانسيسي ۽ لاطيني ٻوليون شامل آهن. ان لغت کي، بريٽن جي پهرين لغت جي حيثيت به حاصل آهي، جيڪا 6 هزار داخلائن تي مشتمل آهي ۽ 1464ع ۾، بريٽن پادريءَ جيهَن لگاديوڪ (Jehan Lagadeuc) لکي مڪمل ڪئي[23]. فرانسيسي ٻوليءَ جي ٻي لغت، 1606ع ۾، جين نڪاٽ (Jean Nicot) جي لکيل "Thresor de la langue francoyse tant ancienne que moderne" آهي. ان لغت کان پوءِ، فرانسيسي ٻوليءَ جي سرڪاري (Official) ڊڪشنري "Dictionnaire de l'Académie française" 1694ع ۾ ڇپي.[24] اها لغت هڪ خاص جوڙيل ڪاتي "ڪميشن ڊي ڊڪشنري" جي ڪيترن ئي رڪنن گڏجي مرتب ڪئي. ان لغت جا 13 ڇاپا ڇپجي چڪا آهن.

فرانسيسي ٻوليءَ جي هڪ اهم لغت "Dictionnaire de la langue française" (Dictionary of the French Language، يعني فرانسيسي ٻوليءَ جي لغت) آهي، جنهن کي، 1844ع ۾، فرانسيسي لغت نويس مئڪسِيمليه-پال-ايمِيل لتري (Maximilien_Paul_Emile Littré) مرتب ڪرڻ شروع ڪيو. اها لغت 1863ع کان 1873ع دوران، چئن جُلدن ۾ ڇپجي پڌري ٿي، جڏهن ته ان جو اضافي جُلد (سپليمينٽ) 1877ع ۾ نڪتو. ان لغت ۾ سورهين کان اٺويهين صديءَ دوران سرجيل ادب مان سنَدون ۽ مقولا ڏنا ويا هئا ۽ هر هڪ لفظ جي ممڪن مفهوم کي چٽو ڪري بيان ڪيو ويو هو. ان لغت جو جديد ستاءَ ۾ ڇاپو 1956_58ع ۾، ستن جُلدن ۾ پڌرو ڪيو ويو.[25]

فرانسيسي ٻوليءَ جي هڪڙي ٻي اهم لغت ”Dictionnaire alphabétique et analogique de la langue française“ (Alphabetical and Analogical Dictionary of the French Language يعني فرانسيسي ٻوليءَ جي الف-بي وار ۽ تمثيلي لغت) پئرس مان، ڇهن جُلدن ۾ 1951ع کان 1964ع دوران ڇپي، جنهن کي ٻيهر اضافي جلد (سپليمينٽ) سان 1970ع ۾ پڌرو ڪيو ويو. اها هڪ تاريخي ۽ عالماڻي فرانسيسي لغت آهي جنهن ۾ اشتقاق، وصفون، ضد، متبادل ۽ اندروني حوالا ڏنل آهن[26]. ان جي ليکڪن ۾ رابرٽ پال شارل ڄُول (Robert Paul Charles Jules)، گئي ايلو (Rey Alain) ۽ گئي ڊِبوو يوزيٽ (Rey Debove Josette) شامل هئا[27].

جرمن ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ جي ابتدا اٺين صدي عيسويءَ ڌاري گلاسرين (Glossaries) جي صورت ۾ ٿي. انهن ۾ آڳاٽي لغت ”Abrogans“ آهي جيڪا زماني جي هيٺ مٿاهين کان بچيل پئي آهي. ان جي ليکڪن ۾ پادري آربيو آف فريزنگ (Arbeo of Freising) يا ڪيرو (Kero) شامل آهن. اٺين صدي عيسويءَ ۾ ڇپيل اها لاطيني-آڳاٽي جرمن ٻه-ٻوليائي لغت آهي. منجهس اٽڪل 3670 لفظ، 14600 مثالن ۾ آندل آهن.[28] جرمن ٻوليءَ جي پهرين جامع لغت ”Deutsches Wörterbuch“ (The German Dictionary) جي شروعات 1838ع ۾ گِرم ڀائرن (Brothers Grimm) ڪئي، جن جا نالا جيڪب لڊوِنگ ڪارل گرم (Jacob Ludwing Karl Grimm، 1785-1863ع) ۽ وليم ڪارل گرم (Wilhelm Carl Grimm، 1786-1859ع) هئا. هنن ان لغت کي 1852ع ۾ حصن جي صورت ۾ ڇپجڻ جي شروعات ڪئي، پر اها لغت سندن حياتيءَ ۾ مڪمل نه ٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته هنن ان لغت ۾ هر هڪ لفظ جي تاريخ ڏيڻ سان گڏ ان جو اشتقاق، معنيٰ، مصدق نمونو مترادف، استعمال ۽ لهجن جو فرق پڻ درج ڪيو. ان ڪري ئي ان لغت کي جرمن ٻوليءَ ۾ وڏي حيثيت حاصل آهي. ان لغت جي تڪميل 1961ع ۾ مختلف عالمن ڪئي، جنهن ۾ 3 لک، 30 هزار مکيه لفظ شامل هئا. 1971ع ۾ ان 33-هون اضافي جلد ڇپيو جنهن ۾ 25 هزار وڌيڪ داخلائون آنديون ويون.[29] جرمن ٻوليءَ جي ٻين لغتن ۾ پيٽرس ڊسائپوڊيس (Petrus Dasypodius) جي 1537ع ۾ ڇپيل لغت ”Dictionarium Latinogermanicum“ (ڊڪشنريم ليٽِينوجرمنيڪم)، جوهانيس فرائيز (Johannes Fries) جي 1541، 1556ع ۾ ڇپيل لغت ”Dictionarium

Latinogermanicum“، جوسا مالر (Josua Maaler) جي 1556ع ۾ ڇپيل لغت ”Pictorius“ (پِڪٽوريَس)، ۽ جوهان ڪرستوف ايڊيلنگ ( Johann Christoph Adelung) جي 1781ع ۾ ڇپيل لغت ”*Grammatisch_kritisches* (Adelung *Wörterbuch der Hochdeutschen Mundart*“ (ايڊيلنگ) شامل آهن. ”ايڊيلنگ“ کي جرمن ٻوليءَ جي پهرين مُک ٻولياٽي لغت (Linguistic Dictionary) جي حيثيت ڏني وئي آهي.[30]

ڊچ (Dutch) ٻوليءَ جي پهرين لغت، 1599ع ۾، ”Etymologicum teutonicae linguae“ (اِٽيمولوجيڪم ٽٽونيڪا لنگئا) ڇپي جيڪا ڪارنيلس ڪلان (Cornelius Kiliaan) جي لکيل هئي، جنهن کان پوءِ، 1664ع ۾، ”*'t Nieuw Woorden_Boeck der Regten*“ (حَقن جي نئين لغت) ڇپي.[31]

## انگريزي ٻوليءَ ۾ لغت نويسي:

انگريزي ٻولي دنيا جي مکيه ٻولين ۾ پنهنجن ڳالهائيندڙن ۽ تحريري مواد (Literature) جي ڪثرت جي ڪري بين الاقوامي حيثيت رکي ٿي. انگريزي اها ٻولي آهي جنهن ۾ لڳ ڀڳ سڄيءَ دنيا ۾ مختلف قسمن جو مواد ڇپجي ٿو. خاص ڪري جتي جتي انگريز_بادشاهت پکڙي، اتي انگريزي ٻولي به پهتي، جنهن سان انهن سماجن، ملڪن ۽ اتان جي ٻولين سميت تعليمي سرشتي تي انگريزي ٻوليءَ گهڻا رخا ۽ مستقل اثر ڇڏيا. انگريزي ٻولي جڻ ته انهن ملڪن جي ماڻهن جي لازمي ضرورت بڻجي پئي، جتي اها انگريز حاڪمن ۽ واپارين ذريعي پهتي. ان ڪري انگريزي ٻوليءَ جو دائرو ان جي ڳالهائيندڙن، پڙهندڙن ۽ لکندڙن جي لحاظ کان وسيع کان وسيع تر ٿيندو رهيو ۽ انگريزيءَ ۾ گهڻي کان گهڻو ۽ سڀ طرفو مواد لکيو ۽ پڙهيو وڃڻ لڳو. وڪيپيڊيا موجب، 2010ع ۾، انگريزي ٻوليءَ جي مقامي ڳالهائيندڙن (native speakers) جو تعداد، لڳ ڀڳ، 36 ڪروڙ (360 ملين) هو.[32]

انگريزي ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ جو ڪم پندرهين صدي عيسويءَ ڌاري شروع ٿيو. انگلينڊ ۾، 1440ع ۾، جيوفري دَ گرامرَن (Geoffrey the Grammaran) سان منسوب، سڀ کان اڳ ٻه_ٻولياٽي لغت لکي وئي، جيڪا انگريزي_لاطيني لغت هئي جنهن جو نالو ”پرامپٽوريم پرويولورَم (اسٽور هائوس [آف وردس] فار چلڊرين آر

ڪلارڪس "Promptorium parvulorum" (*Store house [of words] for children or clerics*) آهي.[33] ان لغت کي باضابطا طور پهرين انگريزي-لاطيني لغت جي حيثيت حاصل آهي، جيڪا لڳ ڀڳ 12-هزار انگريزي لفظن تي مشتمل هئي. منجهس داخل ڪيل لفظن ۾ گهڻا اسم ۽ فعل هئا جن جي لاطيني ٻوليءَ ۾ معنيٰ درج هئي. ڇپائيءَ جي دريافت کان اڳ هيءَ لغت ڪيترن ئي سالن تائين هٿ اکرن ۾ لکي وئي. اها لغت 1499ع ۾ لنڊن پريس مان ڇپي،[34] جنهن کان پوءِ 1480ع ۾ وليم ڪيڪسٽن جي جوڙيل ٻه ٻوليائي فرانسي-انگريزي لغت "اي فرينچ-انگلش گلاسري" جي نالي سان ڇپي، جنهن بابت مٿي آگاهي ڏني وئي آهي.

ان طرح، مختلف قسمن جي ٻه-ٻوليائي لغتن جي ڇپجڻ جو سلسلو نظر اچي ٿو جن ۾ انگريزي-لاطيني، لاطيني-انگريزي ۽ فرانسي-انگريزي شامل آهن. انهن لغتن ۾ 1533ع ۾ ڇپيل جان وائِٽلس جي انگريزي-لاطيني لغت "اَ شارٽ ڊڪشنري فار ينگ بگنرس" (A shorte Dictionarie for Yong Begynners) اهم آهي، جنهن جا 1602ع ۾ ڪيئي ڇاپا ڇپيا. 1538ع ۾ ڇپيل سَر ٿامس اِيلووٽ جي لاطيني-انگريزي لغت "ڊڪشنري (ببليوٿيڪا ايلوٽ)" (Dictionary (Bibliotheca Eliotae)، کان پوءِ 1547ع ۾ وليم سيلزبَري (William Salesbury) جي ويلز-انگلش لغت "اي ڊڪشنري ان انگلش اينڊ ويلش" (*A Dictionary in English and Welsh*) ڇپي، جنهن وسيلي هڪ وڏيڪ ٻولي انگريزي ٻوليءَ سان ڳانڍاپي ۾ آئي.[35] 1565ع ۾ ڇپيل ٿامس ڪُوپر جي فرانسيسي-انگريزي لغت "ٿيسارس لنگئا رومن ايٽ برٽانيڪا" Thesaurus Linguae Romanae et Britannicae ("Thesaurus of the Roman Tongue and the British") ۽ 1588ع ۾ ٿامس ٿامس جي جوڙيل لاطيني-انگريزي لغت "ڊڪشنريَم لنگئا ليٽن ايٽ ائنگليڪن" (Dictionarium Linguae Latinae et Anglicanae) پڻ نمايان آهن. جڏهن ته 1598ع ۾ جان فلوريو جي جوڙيل اطالوي-انگريزي لغت "اي ورلڊ آف ورڊس" (*A Worlde of Words*) جي نالي سان ڇپجي پڌري ٿي.[36] انهن لغتن مان نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو ته انگريزي ٻوليءَ ۾ لغتون لکڻ جو رواج ٻه-ٻوليائي لغتن سان ٿيو جن ۾ انگريزي-لاطيني ۽ لاطيني-انگريزي لغتن جي گهڻائي آهي.

ٻہ-ٻوليائي لغتن ۾ 1552ع ۾ رچرڊ هُولوئٽ (Richard Huloet) جي جوڙيل انگريزي-لاطيني لغت "ايبِيسِيڊيريم اينگلو-ليٽينَم" (*Abcedarium Anglo-Latinum*) ڇپجي پڌري ٿي. هن لغت ۾ اڳ ڇپيل اهڙين مڙني لغتن کان وڌيڪ انگريزي لفظن جو ذخيرو سمايل هو.[37] هيءَ جيتوڻيڪ ٻہ-ٻوليائي لغت هئي، پر ان ۾ داخلا جو طريقيڪار ان ريت رکيو ويو هو تہ پهريائين انگريزي لفظ جي انگريزي ۾ ئي سمجهاڻي ڏني وئي هئي، جنهن کان پوءِ لاطيني متبادل درج ڪيو ويو هو.[38] ان ڪري، ان لغت کي "انگريزي کان انگريزي ۽ لاطيني لغت" چئي سگهجي ٿو. اِن مشهور ۽ مهانگي لغت ۾ ڏِني ٿِي. استارنيس موجب، لڳ ڀڳ 26-هزار لفظ شامل هئا. اها لغت، خاص ڪري اسڪولي ٻارن لاءِ لکي وئي هئي. ان لغت جو نظرثاني ڪيل ڇاپو 1572ع ۾ جان هگنس (John Higgins) "هُولوئٽس ڊڪشنري" (Huloets Dictionarie) جي نالي سان ڇپيو پر اهو همعصر لغتن جهڙوڪ "اِيليَٽ-ڪُوپر ڊڪشنريز" (1538-1559)، جان ويرون جي لاطيني-انگريزي-فرانسي ڊڪشنري "ڊڪشنريولَم" (1552ع) ۽ جان وائٽل جي لغت "اي شارٽ ڊڪشنري فار ينگ بگنرس" جي ڀيٽ ۾ نمايان نہ ٿي سگهيو جيتوڻيڪ ان سورهين صدي عيسويءَ دوران لغت نويسيءَ جي اوسر ۾ دلچسپ باب جو اضافو ڪيو هو.[39] ٻہ-ٻوليائي لغتن سان گڏ ٽہ-ٻوليائي لغتن ۾ جان بيرٽ (John Baret) جي جوڙيل لغت "اين ايلويري، آر ٽرپل ڊڪشنري، اِن انگلش، ليٽن، اينڊ فرينچ" (An Alveary, or Triple Dictionary, in English, Latin, and French) پڻ اهم آهي. هن ٽہ-ٻوليائي لغت ۾ جان بيرٽ جي شاگردن جو ٻہ نصاب جون مشقون لکڻ ذريعي هٿ ونڊايل هو.[40]

1582ع ۾ انگريزي ٻوليءَ ۾ 8000 لفظن تي مشتمل هڪ لغت، "ايليمينٽري" (Elementarie) جي نالي سان ڇپي، جيڪا لنڊن ۾ قائم "مرچنٽ ٽيلرس اسڪول" جي هيڊماسٽر رچرڊ ملڪيسٽر (Richard Mulcaster)، خاص ڪري استادن لاءِ لکي هئي. حقيقت ۾ اها لغت انگريزي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي وڌيڪ مانائتو ڪرڻ جي هڪ ڪارگر ڪوشش ثابت ٿي،[41] جيتوڻيڪ اها الفابيٽ جي ترتيب ۾ بہ مرتب ڪيل نہ هئي.

سورهين صدي عيسويءَ جي انهيءَ گهٽي ڀاڱي ٻہ-ٻوليائي لغت نويسيءَ جي شروعاتي دَور کان پوءِ، سترهين صدي عيسويءَ کي انگريزي کان انگريزيءَ يعني هڪ-

ٻوليائي (mono lingual) لغت نويسيءَ جو ابتدائي دَور سڏي سگھجي ٿو. ”اوڪسفرڊ انگلش ڊڪشنري“ (OED) جو چيف ايڊيٽر، جان سمپسن (John Simpson) لکي ٿو:

> "The early modern period was an era of great change for the English language. According to the *OED*'s record, the number of words 'available' to speakers of English more than doubled between 1500 and 1650."(42)

(اوائلي جديد دور انگريزي ٻوليءَ واسطي هڪ عظيم تبديليءَ جو هڪ عهد هو. اوڪسفرڊ انگلش ڊڪشنريءَ جي ريڪارڊ موجب، 1500ع کان 1650ع دوران انگريزي ڳالهائيندڙن لاءِ 'ميسر' لفظن جو تعداد ٻيڻي تعداد کان به وڌيڪ هو.)

انگريزي لغت نويسي جي تاريخ ۾ هڪ اسڪولي استادَ رابرٽ ڪاڊري جي لغت ”اَ ٽيبل الفابيٽيڪل“ (...*A Table Alphabeticall*) پهرين نج انگريزي لغت طور نهايت اهم لغتن ۾ ڳڻجي ٿي. جيڪا 2543 لفظن جي داخلائن ۽ 120 صفحن تي مشتمل هئي. هيءَ لغت 1604ع ۾ لنڊن ۾ ڇپي. ان لغت جو سڄو نالو هن ريت آهي:

> *A Table Alphabetical, Containing and Teaching the True Writing and Understanding of Hard Usual English Words, Borrowed from the Hebrew, Greek, Latin, or French &c., With the interpretation thereof by plaine English words, gathered for the benefit & helpe of ladies, gentlewomen, or any other vnskilfull persons. Whereby they may the more easilie and better vnderstand many hard English wordes, vvhich they shall heare or read in scriptures, sermons, or elswhere, and also be made able to vse the same aptly themselues*

مٿينءَ لغت ۾ گھڻي ڀاڱي هڪ لفظ تي مشتمل مختصر سمجھاڻي درج ڪئي وئي هئي. ان لغت جو ٻيو ڇاپو 1609ع ۾، ٽيون ڇاپو 1613ع ۾ ۽ چوٿون ڇاپو 1617ع ۾ ڇپيو. جيڪو 3264 داخلائن تي مشتمل هو.(43) لغت جي ڪم ۾، رابرٽ ڪاڊري جي

پُٽ، ٿامس ڪاڊري (Thomas Cawdrey) نائب طور ڪم ڪيو جيڪو پڻ لنڊن جي هڪ اسڪول ۾ استاد هو.

1623ع ۾ ڇپيل، هينري ڪاڪيرَم جي لغت ”دَ انگلش ڊڪشنري (آر اين انٽرپريٽر آف هارڊ انگلش ورڊس)“ (The English Dictionarie (or An Interpreter of Hard English Words) کي اولين تشريحي لغت سڏي سگهجي ٿو جيڪا ٽن حصن ۾ ڇپي. انگريزي لغت نويسيءَ ۾ ٿامس بلائونٽ (Thomas Blount) جو نالو پڻ اهم آهي جنهن جي پهرين لغت، 1656ع ۾ ”گلاسوگرفيا“ (Glossographia) 11_هزار ڏکين لفظن تي مشتمل ڇپي ۽ جيڪا ان وقت تائين وڏي ۾ وڏي لغت هئي. ان ۾ پهريون ڀيرو تصويرون به ڇاپيون ويون، پهريون ڀيرو اشتقاق به ڏنا ويا ۽ پهريون ڀيرو وصفن جا ماخذ به لکيا ويا. ان لغت ۾ ڪي اهڙا غير مستعمل (unusual) لفظ پهريون ڀيرو درج ڪيا ويا جيڪي اڳ ۾ لغتن ۾ شامل نہ ٿيل هئا. ان لغت ۾ ڪي لفظ اهڙا بہ شامل هئا جيڪي پوءِ ڇپيل لغتن ۾ بہ شامل نہ ڪيا ويا، جيتوڻيڪ بلائونٽ ڪي بہ لفظ گهڙيا ڪو نہ هئا. ايڏين خوبين باوجود، ان لغت کي مشهوريءَ ۾، بہ سال پوءِ 1658ع ۾ ڇپيل، ايڊورڊ فلپس (Edward Phillips) جي انگريزي لغت ”دَ نيو ورلڊ آف انگلش ورڊس“ (The New World of English Words) پوئتي ڇڏي وئي، جيڪا لڳ ڀڳ 20_هزار لفظن تي مشتمل هئي، پر ان لغت ۾، ”گلاسوگرافيا“ مان انيڪ لفظ ۽ معنائون نقل ڪري داخل ڪيون ويون هيون، جنهنڪري بلائونٽ کي سخت صدمو رسيو. ان جي جواب ۾، 1673ع ۾، بلائونٽ ”اي ورلڊ آف اِررس ڊسڪوَرڊ اِن دَ نِيو ورلڊ آف ورڊس“ (A World of Errors Discovered in the New World of Words) نالي ڪتاب ڇپيو، جيڪو پڻ لفظن ۽ انهن جي معنائن جي لحاظ کان پسند ڪيو ويو. ان تڪرار باوجود، ”گلاسوگرفيا“ جا ڪيئي ڇاپا پڌرا ٿيا، جن ۾ آخري ڇاپو 1969ع ۾ ڇپيو.(44) 1676ع ۾ ڇپيل اِليشا ڪولس (Elisha Coles) جي انگريزي لغت ”اين انگلش ڊڪشنري“ (An English Dictionary) پڻ نمايان آهي، جنهن ۾ 25 هزار لفظن جو ذخيرو شامل هو. هن لاطيني لغت پڻ لکي جيڪا 1677ع ۾ ڇپي.

سورهين ۽ سترهين صدين ۾ ٿيل ابتدائي انگريزي لغتن جو ڪم، ارڙهين صدي عيسويءَ ۾ جديد لغتن جي لکجڻ ۽ ڇپجڻ جي ابتدا بڻيو. ان سلسلي ۾ مُهڙيون نالو جان

ڪِرسي (John Kersey) جو آهي، جنهن جي جوڙيل لغت، 1702ع ۾ "اي نيو انگلش ڊڪشنري" (A New English Dictionary) نالي سان ڇپي، جيڪا 28-هزار لفظن جي داخلائن تي مشتمل هئي. سندس ايڊيٽرشپ هيٺ، 1706ع ۾، "فلپسز نيو ورلڊ آف انگلش ورڪس" (Philips's New World of English Word) جي نالي سان وڏيڪ وڏي لغت ڇپي، جيڪا 38-هزار لفظن تي مشتمل هئي.

جان ڪرسي جي جوڙ جو ٻيو لغت نويس ناٿن بئلي (Nathan Bailey) هو جنهن هڪ وک اڳتي وڌائيندي، 1721ع ۾، انگريزي ٻوليءَ ۾ اشتقاقي لغتن جي باضابطا شروعات، پنهنجي لغت "اين يُونيورسل اٽامولاجيڪل انگلش ڊڪشنري" (An Universal Etymological English Dictionary) سان ڪئي. ان لغت جو ٻيو ڀاڱو 1727ع ۾ ڇپيو. ان اشتقاقي لغت جي پهرئين ڀاڱي ۾ 40 هزار لفظن جي داخلا هئي، جنهن جا 1802ع تائين 30 ڇاپا پڌرا ٿيا. هن لغت جي مقبوليت سموئيل جانسن جي لغت کان بہ وڌيڪ رهي.[45] ناٿن بئلي جي هڪ ٻي لغت "ڊڪشنريَم برٽانيڪم" (Dictionarium Britannicum) 1730ع ۾ پڌري ٿي، جنهن ۾ 48 هزار لفظ شامل هئا.

انگريزي لغت نويسيءَ ۾ نرالو ۽ وڏو ڇال سموئيل جانسن (Samuel Johnson) ثابت ٿيو جنهن جو 1747ع ۾ "پلان آف اي ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج" (Plan of a Dictionary of the English Language) يعني "انگريزي ٻوليءَ جي لغت جي رٿا" پڌرو ٿيو جنهن جو خاص مقصد "ٻوليءَ کي مستقل شڪل ڏيڻ" (to fix the language) هو جنهن سان لغتن جو هڪ اهم ڪارج پڌرو ٿئي ٿو. ان بعد سندس "اي ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج" (A Dictionary of English Language) 15-اپريل 1755ع تي ڇپجي پڌري ٿي، جيڪا 42 هزار لفظن ۽ ٻن ڀاڱن تي مشتمل، تمام اهم لغت هئي. اها لغت "جانسنز ڊڪشنري" (Johnson's Dictionary) جي نالي سان پڻ ڪيئي ڀيرا ڇپي. ان لغت جي ٻئي ڇاپي ۾، پهرئين ڀاڱي جي ٽائيٽل تي، 17 ننڍين وڏين سٽن ۾، هيٺينءَ ريت، نالو لکيو ويو آهي[46]:

A

DICTIONARY

OF THE

ENGLISH LANGUAGE:

IN WHICH

The WORDS are deduced from their ORIGINALS,

AND

ILLUSTRATED in their DIFFERENT SIGNIFICATIONS

BY

EXAMPLES from the beft WRITERS.

TO WHICH ARE PREFIXED.

A **HISTORY** of the **LANGUAGE,**

AND

An **ENGLISH GRAMMAR.**

By SAMUEL JOHNSON, A.M.

In TWO VOLUMES

VOL. I

هن لغت کي انگريزي ٻوليءَ جي پُر اثر ۽ جامع لغتن ۾ شامل ڪيو ويجي ٿو. جانسن کي لغت نويسيءَ جو پاپ-اسٽار سڏيندي، سندس لغت بابت، مارڪ ڊيمين امينٽ ۽ تاتيانا ناپولي لکن ٿا:

"The main reason for Johnson's everlasting fame is the fact that, while everybody was busy trying to enlist exclusively the "hard words", Johnson opened his pages to words people actually *used*. And that created a new trend in lexicography and defined the future of dictionaries."(47)

(جانسن جي لازوال مشهوريءَ جي حقيقت جو مکيہ سبب هيءُ آهي تہ جڏهن سڀئي "ڏکيا لفظ" لکڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هئا تڏهن جانسن انهن لفظن لاءِ پنهنجا ورق کولي ڇڏيا جن کي ماڻهو درحقيقت ڪتب آڻيندا هئا. ۽ ان لغت نويسيءَ جي نئين لاڙي کي پيدا ڪيو ۽ لغتن جي مستقبل کي واضح ڪيو.)

ارڙهين صدي عيسوي جي ٻين انگريزي لغتن ۾ 1755ع ۾ ڇپيل اسڪاٽ اٽ ايل جي لغت "اَ نيو يونيورسل انگلش ڊڪشنري" (A New Universal English

Dictionary)، 1757ع ۾ ڇپيل جيمس بُچانن جي لغت ”لِنگئا برٽَنيڪائي“ (Linguae Britannicae)، 1764ع ۾ ڇپيل، وليم جانسٽن جي لغت ”پرونائونسنگ اينڊ اسپيلنگ ڊڪشنري“ (Pronouncing and Spelling Dictionary)، جان اينٽِڪ جي لغت ”اسپيلنگ ڊڪشنري“ (Spelling Dictionary) سميت، 1773ع ۾ ڇپيل وليم ڪينرِڪ جي لغت ”اَ نيو ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج“، 1780ع ۾ ڇپيل ٿامَس شيريڊَن جي لغت ”اَ جنرل ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج“، 1783ع ۾ ڇپيل نوح ويبسٽر جي لغت ”دَ اميريڪن اسپيلنگ بُڪ“، ۽ 1791ع ۾ ڇپيل جان واڪر جي لغت ”ڪرٽيڪل پرونائونسنگ ڊڪشنري اينڊ ايڪسپوزيٽر آف دَ انگلش لئنگئيج“ (Critical Pronouncing Dictionary and Expositor of the English Language) نمايان آهن. انهن ۾، ”دَ اميريڪن اسپيلنگ بُڪ“ جا 1783ع کان 1843ع تائين، 60 سالن دوران، 260 ڇاپا پڌرا ٿيا.[48] پر ”دَ اميريڪن اسپيلنگ بُڪ“، بنيادي طور، ٻارن کي لفظن جي هِجي ڪرڻ، پڙهڻ ۽ اسپيلنگ سکڻ جو ڪتاب آهي، جنهن جون 1837ع تائين ڏيڍ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ ڪاپيون ڇپيون.[49]

اٺويهين صديءَ ۾ انگريزي ٻوليءَ جي لغتن ۾ وسعت ۽ پرپوريت ايندي وئي. گهڻيون ئي لغتون ڇپجڻ لڳيون جيڪي وڏ ۾ وڏ جامع ٿينديون ويون ۽ منجهن لفظن جو واڌارو ٿيندو ويو. هن صديءَ ۾، اميريڪا ۾ پڻ لغتن ڇپجڻ جو سلسلو شروع ٿيو جن ۾ شامل لفظن جي اسپيلن کي ”اميريڪي انگريزيءَ“ (American English) جو لقب ڏنو ويو. ان صديءَ جي مهڙين لغت نويسن ۾ معتبر نالو اميريڪي لغت نويس، نوح ويبسٽر (Noah Webster) جو آهي، جنهن جي پهرين لغت 1806ع ۾، ”اَ ڪمپينڊيس ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج“ (A Compendious Dictionary of the English Language) ڇپجي پڌري ٿي. عام طور ان لغت کي پهرين اميريڪي لغت ۽ ويبسٽر کي پهريون اميريڪي لغت نويس پڻ سمجهيو ويندو آهي، پر اميريڪي لغت نويسيءَ ۾، اسڪولي استاد سموئيل جانسن جونئر کي پڻ پهريون لغت نويس ۽ سندس لغت ”اسڪول ڊڪشنري“ (School Dictionary) کي پهرين اميريڪي لغت سڏيو وڃي ٿو جيڪا ويبسٽرس جي 1806ع ۾ ڇپيل لغت کان 8 سال اڳ، 1798ع ۾، نيوبارڪ مان ايڊورڊ اوبرائن ڇپي.

19_هين صديءَ جي ڇپيل انيڪ لغتن ۾، 1800ع ۾ ڪيلب اليگزينڊر (Caleb Alexander) جي لغت ”ڪولمبين ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج“ (Columbian Dictionary Of the English Language)، 1818ع ۾ هينري ٽاڊ (Henry Todd) جي ايڊيٽرشپ هيٺ پڌري ٿيل ”جانسنس ڊڪشنري“ (Johnson's Dictionary)، 1828ع ۾ جوزف اِي. وورسيسٽر جي ايڊيٽرشپ ۾ ڇپيل ”ڪالمرس ڊڪشنري“ (Chalmer's Dictionary)، 1828ع ۾ ٽي ٻن ڀاڱن ۾، 70 هزار داخلائن سان، نوح ويبسٽر جي ڇپيل مشهور لغت ”اين اميريڪن ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج“ (An American Dictionary of the English Language) (نئون ڇاپو 1841ع ۾)، ۽ 1830ع ۾ جوزف وورسيسٽر (Joseph Worcester) جي ڇپيل ”ڪمپريھينسوِ پروناٺونسنگ اينڊ ايڪسپلينيٽري ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج“ (Comprehensive Pronouncing and Explanatory Dictionary of the English Language) نمايان آهن.

1837ع ۾ ڇپيل چارلس رچرڊسن جي لغت ”اَ نيو ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج“ (A New Dictionary of the English Language) سميت، جوزف وورسيسٽر جون ٻيون لغتون: 1846ع ۾ ڇپيل ”يونيورسل اينڊ ڪِرٽيڪل ڊڪشنري آف دَانگلش لئنگئيج“ (Universal and Critical Dictionary of the English Language) ۽ 1860ع ۾ ڇپيل ”اَ ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج“ (A Dictionary of the English Language) پڻ اهم آهن. آخر الذڪر لغت ۾ هڪ لک ۽ چار هزار داخلائون ۽ 1800 صفحا آهن. ”اَ ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج“ جي ٽي نالي سان، نوح پورٽر (Noah Porter) جي ايڊٽ ڪيل لغت پڻ 1864ع ۾ ڇپي، جنهن کان اڳ 1857ع ۾ نوح ويبسٽر ۽ وليم ويبسٽر جي لغت ”پرائمري_اسڪول پروناٺونسنگ ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج“ (Primary_School Pronouncing Dictionary of the English Language) ڇپي. 1881ع ۾ جيمس اسٽارمنٽ (Stormonth James) جي لغت ”اِٽامولاجيڪل اند پروناٺونسنگ ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج“ (Etymological and Pronouncing Dictionary of the English Language)، 1882ع ۾ چارلس آننڊيل (Charles Annandale) جي لغت ”دَ سينچري ڊڪشنري“ (The Century Dictionary)،

1884ع ۾ جيمس مَرري جي ايڊٽ ڪيل ۽ 4_لک داخلائن تي مشتمل مشهور ترين لغت "اوڪسفرڊ انگلش ڊڪشنري" (Oxford English Dictionary)، 1886ع ۾ چانسي گڊرچ ۽ نوح پورٽر (Chauncey Goodrich & Noah Porter) طرفان سڌاريل ۽ وڌايل لغت "ويبسٽرس ڪمپليٽ ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج" (Webster's Complete Dictionary of the English Language)، 1889ع کان 1891ع تائين 24_هن حصن ۾، 2_لک مکيه داخلائن ۽ 5_لک سمجهاڻين تي مشتمل وليم ڊِوٽ واٽني (William Dwight Whitney) جي ايڊٽ ڪيل لغت "دَ سينچري ڊڪشنري اينڊ سائڪلوپيڊيا" (The Century Dictionary and Cyclopedia)، 1890ع ۾ ميريم (Merriam) جي لغت "انٽرنيشنل ڊڪشنري" (International Dictionary)، ۽ 1893ع ۾ آئزڪ ڪفمين فنڪ (Issac Kauffman Funk) جي لغت "اَ اسٽينڊرڊ ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج" (A Standard Dictionary of the English Language) ڇپيون، جن سان لغت نويسيءَ کي وڌڻ ويجهڻ جا سنا موقعا مليا ۽ لغتن جي اهميت وڌيڪ نروار ٿي.

گذريل صدين جي لغتن ويهين صديءَ جي لغتن لاءِ پختي پيڙهه جوڪم ڏنو. ويهين صديءَ جي انگريزي لغتن جي دنيا گهڻي ڪشادي آهي. ويهين صديءَ جي اهم ترين لغتن ۾ 1909ع ۾ ميريم جِي لغت "انٽرنيشنل ڊڪشنري"، ۽ 1911ع ۾ ميڪملن (MacMillan) جي لغت "ماڊرن ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج" (Modern Dictionary of the English Language) ڇپيون. 1911ع ۾ ئي، "ڪنسائيز اوڪسفرڊ ڊڪشنريءَ" جو پهريون ڇاپو ڇپيو. 1913ع ۾ هرمن مائيڪلس ۽ ڊينئل جونز جي لغت "فونيٽڪ ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج" (Phonetic Dictionary of the English Language) ۽ فنڪ ۽ ويگنلس جي لغت "نيو اسٽينڊرڊ ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج" ڇپي، جنهن ۾ 4_لک 50_هزار اصطلاحن (terms) شامل هئا. 1919ع ۾ هينري واٽسن فائولر ۽ فرانسس جارج فائولر جي لغت "ڪنسائيز اوڪسفرڊ ڊڪشنري آف ڪرنٽ انگلش" (Concise Oxford Dictionary of Current English)، 1926ع ۾ هيرولڊ پالمر، جيمس وڪٽر مارٽن ۽ فرانسس بليڪنڊفورڊ جي لغت "ڊڪشنري آف انگلش پرونائونسيئيشن" (Dictionary of English Pronunciation) ڇپيون. 1928ع ۽ 1933ع ۾ "اوڪسفرڊ انگلش ڊڪشنري"

ڇپجڻ جي ٻئي سال، 1934ع ۾، ”ويبسٽرس نيو انٽرنيشنل ڊڪشنري“ پڌري ٿي، جنهن ۾ 6-لک داخلائون ڏنل هيون. 1936ع کان 1944ع دوران، سر وليم اي. ڪريگي (Sir William A. Craigie) ۽ جيمس آر. هَلبرٽ (James R. Hulbert) پاران جوڙيل ”اَ ڊڪشنري آف اميريڪن انگلش آن هسٽاريڪل پرنسيپلس“ (A Dictionary of American English on Historical Principles) چئن جُلدن ۾ ڇپجي پڌري ٿي، جنهن ۾ برطانيا ۽ ٻين انگريزي ڳالهائيندڙ ملڪن جي انگريزيءَ کان اميريڪي انگريزيءَ جي لفظن ۽ فقرن جي واهپي جي تفاوت کي بيان ڪرڻ سميت اميريڪي ثقافت ۽ فطرتي تاريخ کي ان جي ٻوليءَ ۾ پڻ ڏيکاريل هو. 1947ع ۾ هڪ لک 32-هزار داخلائن تي مشتمل لغت ”اميريڪن ڪاليج ڊڪشنري“ ڇپي. ساڳئي سال هڪ لک 45-هزار داخلائن تي مشتمل فنڪ ۽ ويگنلس جي لغت ”نيو ڪاليج اسٽينڊرڊ ڊڪشنري“، ۽ 1953ع ۾ ”ويبسٽرس نيو ورلڊ ڊڪشنري آف دَ اميريڪن لئنگئيج“ ڇپيون. 1961ع ۾ 4-لک 45-هزار داخلائن تي مشتمل فلپ ٻيبڪاڪ گووِ جي ايڊيٽرشپ ۾ جڙيل لغت ”ويبسٽرس ٿرڊ نيو انٽرنيشنل ڊڪشنري“ (Webster's Third New International Dictionary) ڇپي، جنهن ۾ هڪ لک نيون داخلائون شامل هيون. 1963ع ۾ ساڳئي لغت نويس پاران ”ويبسٽرس سيونٿ نيو ڪاليجئيٽ ڊڪشنري“، 1966ع ۽ 1968ع ۾ رينڊم هائوس جون لغتون ”دَ رينڊم هائوس ڊڪشنري آف دَ انگلش لئنگئيج“ ۽ هڪ لک 55-هزار داخلائن تي مشتمل لغت ”رينڊم هائوس ڊڪشنري، ڪاليج ايڊيشن“، 1969ع ۾ ڇپيل ”اميريڪن هيريٽيج ڊڪشنري“، 1973ع ۾ ”ويبسٽرس نيو ڪاليجئيٽ ڊڪشنري“ ۽ 1983ع ۾ ڇپيل هڪ لک 60-هزار داخلائن تي مشتمل لغت ”ويبسٽرس نائنٿ نيو ڪاليجئيٽ ڊڪشنري“ انگريزي ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ جا سنگ ميل آهن.

ويهين صديءَ ۾ انگريزي لغت نويسي، علم ۽ ادب جي سيني شعبن ۾ مُهڙيون ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هن وقت سيني علمي شعبن جون انگريزي ٻوليءَ ۾ لاتعداد ڇپيل ۽ آنلائين لغتون موجود آهن، جن ۾ فطرتي سائنس، سماجي سائنس، اطلاقي سائنس، طبِي سائنس، ٻوليءَ، ادب وغيره جا شعبا شامل آهن.

مشهور ۽ معروف تعليمي اداري اوڪسفرڊ يونيورسٽيءَ جو هڪ اهم شعبو اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس آهي، جنهن جونانءُ لغتن جي ڇپائيءَ ۾، خاص ڪري گهٽي

مشهوري رکي ٿو. هن ”پريس“ پاران, عمومي نالي سان سڏجندڙ ”Concise Oxford Dictionary“ (ڪنسائيز اوڪسفرڊ ڊڪشنري = COD, سِي او ڊِي) يا پوري نالي سان سڏجندڙ ”Concise Oxford English Dictionary“ (COED, سِي او اِي ڊِي) ته جڳ مشهور انگريزي ٻوليءَ جي لغت آهي, جنهن جِي هر پنجين سال نئين وڌايل ۽ سڌاريل اشاعت پڌري ٿيندي آهي, جڏهن ته پنجن سالن جي وچين وٿيءَ دوران ان جا انيڪ ڇاپا پيا ڇپجندا رهندا آهن. اِن ”سِي او ڊِي“ جي شروعات 1911ع ۾ ڪئي وئي هئي.

انگريزي ٻوليءَ جي مشهور ۽ معروف ”چيمبرس ڊڪشنري“ (Chambers Dictionary) 1872ع ۾ پهريون ڀيرو ڇپي, جا 1867ع ۾ ڇپيل ۽ جيمس ڊُونالڊ جي مرتب ڪيل ”چيمبرس اشتقاقي ڊڪشنريءَ“ جو وڌايل ڇاپو هئي.(50) ان اهم ڊڪشنريءَ جو 2014ع ۾ ٻارهون ڇاپو 62500 داخلائن تي مشتمل ڇپيو. جيڪو سمارٽ فونن لاءِ پڻ ميسر ڪيو ويو آهي. ان جو تيرهون ڇاپو 2014ع ۾ پڌرو ڪيو ويو. موجوده وقت ۾, ”دَ چيمبرس ڊڪشنري“ چيمبرس هارپ پبشلرس لميٽڊ جي مستقل هلندڙ رٿا آهي. ان اداري پاران ڇپيل مشهور ڊڪشنرين ”The Chambers English Dictionary“ (چيمبرس انگلش ڊڪشنري) ۽ ”The Chamber's Twentieth Century Dictionary“ (چيمبرس ٽئينٽيٿ سينچري ڊڪشنري) منجهان ئي ”چيمبرس ڊڪشنري“ کي, همعصر گهرجن موجب, ان لغت جي ايڊيٽرن پاران مرتب ڪيو ويو آهي. چيمبرس ڊڪشنريءَ ۾, داخلائن کي, هن ترتيب ۾ بيان ڪيو ويو آهي: 1. مُک داخلا (Headword), 2. اچار (Pronunciation), 3. ڳالهائڻ جي قسم جو مخفف (Part of speech label), 4. وصف (Definition(s)), ۽ 5. اشتقاق (Etymology). انهن منجهان: 1. مُکيه داخلا کي, الف-بي وار ترتيب ۾, سوکو (bold) رکيو ويو آهي; ساڳي هِجي (spell, لِکت) وارين مُکيه داخلائن جي آخري اکر مٿان انگ ڏنو ويو آهي; مختلف لکتن ۾, حوالاجاتي-اشارو (cross_reference) ڏنو ويو آهي; مُکيه داخلائن سان گڏ مخففن ۽ نشانين کي پڻ داخل رکيو ويو آهي. 2. مُکيه داخلا پٺيان, مُکيه برطانوي اچارن کي پاسيرو (*italic*) ڪري درج ڪيو ويو آهي; جنهن لفظ جو متبادل اچار به مروج آهي, ته اهو پڻ داخل ڪيل آهي; اهم اميريڪي اچار پڻ داخل ڪيا ويا آهن; حرف علت (vowel) آوازن جي تڪڙي رهنمائي (quick guide) لغت جي

هر ہئي صفحي تي ڏني وئي آهي. 3. اچارن پنيان، مُکيہ داخلا جي ڳالهائڻ جي قسم جي وضاحت واسطي مخفف ڏنو ويو آهي؛ ڪنهن داخلا جا ہہ يا وڌيڪ ڳالهائڻ جا قسم آهن، تہ انهن جي نشاندهي پڻ ڊيش جي نشانيءَ (—) بعد، ہئي قسم جي معنائن کان اڳ، مخفف وسيلي ئي، ڪيل آهي. 4. مُکيہ داخلا جا عام مروج متبادل ۽ ساديون وصفون، ڳالهائڻ جي قسمن جي مخففن بعد، شامل ڪيون ويون آهن؛ مختلف وصفن کي اڌ دم (؛) وارِي بيهڪ جي نشانيءَ سان الڳ ڪيل آهي. 5. معنائن جي آخر ۾، چورس ڏنگين [ ] ۾ اشتقاق ڏنا ويا آهن؛ پَڪ نہ هجڻ يا ڄاڻ نہ ملي سگهڻ جي صورت ۾ اشتقاق کي ڇڏي ڏنو ويو آهي. دَ چيمبرس ڊڪشنريءَ ۾، وڏي تعداد ۾، پنجن لکن کان وڌيڪ حوالا ۽ وصفون شامل ڪيل آهن. هيءَ ڊڪشنري مشهور لفظي-جوڙجڪ واري راند اسڪريبل (Scrabble) ۽ آرپار لفظ (crossword) لاءِ پڻ عام طور ڪتب آندي ويندي آهي.

انگريزي ٻوليءَ ۾ لاتعداد ڊڪشنريون انيڪ موضوعن تي ڇپيون آهن ۽ مسلسل ڇپجنديون رهن ٿيون. مٿين ڊڪشنرين کان سواءِ، پروفيسر ايم. سعيد شيخ جي جوڙيل لغت "A Dictionary of Muslim Philosophy" (اَ ڊڪشنري آف مسلم فلاسافي) جو پهريون ڇاپو 1970ع ۾ ۽ ٻيو ڇاپو 1981ع ۾، انسٽيٽيوٽ آف اسلامڪ ڪلچر، لاهور، پاران ڇپيو جنهن ۾ عربي اصطلاح ، عربي الف-بي سان گڏ رومن الف-بي ۾ ہہ ڏنا ويا آهن، جنهن کان پوءِ انهن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي انگريزيءَ ۾ ڏني وئي آهي. هيءَ هڪ تشريحي لغت آهي.

ويهين صديءَ جي پوين ڏهاڪن ۾ ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي اچڻ ۽ ڄاڻ جي جامع، گهڻ رُخي ۽ تڪڙي ذريعي طور تي ڇانئجي وڃڻ جي ڪري، انگريزي سميت دنيا جي انيڪ ٻولين جي لغتن جون ويب سائيٽون ٺهي چڪيون آهن جن مان گهٽيون ئي آنلائن (online) لغتون موجود آهن جتي ڪنهن لفظ جي داخلا سان ان لفظ جي معنيٰ، سمجهاڻي، مثال، اشتقاق وغيره سميت ضروري ڄاڻ بنا دير ملي وڃي ٿي. انٽرنيٽ جي معروف انگريزي آنلائن لغتن ۾ "اميريڪن هيريٽيج ڊڪشنري"، "ڪولنس آن لائين ڊڪشنري"، رينڊم هائوس ويبسٽرس جي مڪمل ڊڪشنري "ڊڪشنري .ڪام"، "ميريم-ويبسٽر آن لائين ڊڪشنري"، "اوڪسفرڊ ڊڪشنريز آن لائين"، ايڊوانسڊ لرنر لغتن ۾ "ڪيمبرج ڊڪشنريز آن لائين"، "لانگمين": لانگمين ڊڪشنري آف ڪنٽيمپرري انگلش، "ميڪملن": ميڪملن انگلش ڊڪشنري فار ايڊوانسڊ لرنرس"،

"اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس": اوڪسفرڊ ايڊوانسڊ لرنرس ڊڪشنري"، ٻه-ٻوليائي آن لائين لغتن ۾ "ڊڪٽ.سي سي" (dict.cc)، "ماڊورا انگلش-سنهالا ڊڪشنري"، "الترا لنگئا"، "وڪشنري"، جپاني-انگلش (WWWJDIC) سميت ڪي مخصوص لغتون جهڙوڪ: "آن لائين ائٽمولاجي ڊڪشنري"، "اربن ڊڪشنري" (Urban Dictionary)، "ورڊ نيٽ" (WordNet)، "ورڊ ويب" (Wordweb)، وغيره شامل آهن.[51]

**نتيجو:**

لغت نويسيءَ جي شروعات قبل مسيح دَور ۾ ٿي. لغت نويسيءَ جي تاريخ کي بين الاقوامي تناظر ۾ ٽن خاص دورن ۾ ورهايو ويو آهي، جن مان پهريون دَور ڪلاسيڪي دَور کان 1604ع تي ۽ ٻيو دَور 1604ع کان 1828ع تي پورو ٿئي ٿو جنهن کان پوءِ ٽئين دَور جي شروعات ٿئي ٿي جيڪو 1828ع کان وٺي اڄ تائين هلندڙ آهي. لغت نويسيءَ جي تاريخ ۾ گهڻي اهميت چيني ٻوليءَ ۾ لغتن مرتب ڪرڻ ۽ لکڻ کي آهي، جنهن سان لغت نويسيءَ جي سرگرمي اڳتي وڌي ۽ لغتن جي اهميت نروار ٿي. چيني لغتن کي الٽو ڪرڻ سان جپان ۾ لغت نويسيءَ جي ابتدا ٿي. يوناني ۽ لاطيني ٻولين ۾ پڻ پهرين صدي عيسويءَ ۾ لفظن جي معنائن جي ضرورت کي محسوس ڪيو ويو. سنسڪرت جي ابتدائي لغت جا اهڃاڻ چوٿين صدي عيسويءَ کان ملن ٿا. عربي ٻوليءَ جي لغتن پڻ اٺين صدي عيسويءَ کان وٺي ترتيب جا نوان انداز متعارف ڪرايا. جرمن لغت نويسي پڻ ساڳئي وقت اُسرندي نظر اچي ٿي. جڏهن ته فارسي لغت نويسي پڻ هڪ هزار سالن جي تاريخ رکندڙ آهي. آڳاٽين لغتن ۾ اڪادي شهنشاهيت جي ميخي لکيت جي فهرستن کي پڻ اهميت حاصل آهي، جن ۾ سميري ۽ اڪادي لفظن جون لسٽون نهندي نظر اچن ٿيون. لاطيني ٻولين ۾ پڻ گلاسرين جي جڙڻ جي شروعات پهرين صدي عيسويءَ ۾ ٿي، پر ان ۾ گهڻي اڳڀرائي پنجين کان پندرهين صدي عيسويءَ دوران ٿي. لغتن جي ڇپجڻ کي پريس جي ايجاد سان به گهڻي هَٿي ملي. خاص ڪري 1480ع ۾ فرانسيسي-انگريزي گلاسري ڇپجڻ سان ٻه-ٻوليائي لغتون ججهي انداز ۾ ڇپجڻ لڳيون، پر لغت نويسيءَ کي اصل چال 1604ع ۾ رابرٽ ڪاڊري جي جوڙيل انگريزي ٻوليءَ جي لغت "اَ ٽيبل الفابيٽيڪل..." جي ڇپجڻ سان مليو جنهن کان پوءِ انگريزي لغت نويسيءَ گهڻو زور ورتو ۽ ٻين ٻولين کي پڻ متاثر ڪيو. ويهين صدي عيسويءَ ۾ ته لغت نويسي پوري اوج تي آهي. هن وقت نه صرف تسلسل سان لغت نويسيءَ تي ڪم ڪيترين ئي ٻولين ۾ ٿئي ٿو پر آنلائن لغتن

وسيلي ڪا بہ لغت هر ان فرد جي پهچ ۾ آهي جيڪو سمارٽ فون ۾ انٽرنيٽ استعمال ڪندڙ آهي.

**حوالا ۽ وضاحتون:**


(1) ورتل حوالن ۾ وڏي ڏنگيءَ ۾ آيل لفظ مقالي نويس پاران آيل آهن.

(2) قادري، مدد علي، ڊاڪٽر: لغت سازيءَ جا اصول؛ ڪتاب "لغت نويسيءَ بابت مضمون ۽ مقالا"، مرتب: رياضت برڙو، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ڇاپو پهريون 2018ع، ص: 81

(3) چيني لفظن جي اچارن بابت محترم ڊاڪٽر نور محمد ڪلهوڙي جو ٿورائتو آهيان.

(4) قادري، مدد علي، ڊاڪٽر: لغت سازيءَ جا اصول؛ ڪتاب "لغت نويسيءَ بابت مضمون ۽ مقالا"،2018ع، ص: 81

(5) https://en.wikipedia.org/wiki/Yupian#:~:text=The%20Yupian%20(Chinese%3A%20%E7%8E%89%E7%AF%87,540%20in%20the%20Shuowen%20Jiezi.

(6) https://muse.jhu.edu/article/456382/summary#:~:text=Lexicography%20in%20China%20has%20had%20a%20long%20and%20honored%20tradition.&text=Lexicography%20blossomed%20during%20the%20Han,221%20B.C%2D207%20B.C.).

(7) https://www.amazon.com/Chinese_Lexicography_History_1046_1911/dp/0199539820

(8) https://en.wikipedia.org/wiki/Yupian#:~:text=The%20Yupian%20(Chinese%3A%20%E7%8E%89%E7%AF%87,540%20in%20the%20Shuowen%20Jiezi.

(9) https://en.wikipedia.org/wiki/Japanese_dictionary

(10) https://en.wikipedia.org/wiki/Encyclop%C3%A6dia_Britannica

(11) *The New Encyclopaedia Britannica* (Volume 18 - macropaedia), by Encyclopaedia Britannica Inc. 15th Ed 2007, Pp. 277-280

(12) https://en.wikipedia.org/wiki/Amarasimha

(13) https://en.wikipedia.org/wiki/Dictionary#:~:text=An%20early%20non%2Dalphabetical%20list,schoolteacher%20Robert%20Cawdrey%20in%201604.

(14) https://www.britannica.com/topic/dictionary#ref113985 .

(15) سندس سچو نالو اَبُوعبدالرحمان الخليل بن احمد بن عمرو بن تميم الفراهيدي الآزدي اليَحمدي(Abu ‘Abd ar_Raḥmān al_Khalīl ibn Aḥmad ibn ‘Amr ibn Tammām al_Farāhīdī al_Azdī al_Yaḥmadī) هو پر عام طور الخليل يا الفراهيدي طور سڃاتو ويندو هو. هو 718ع ۾، عمان ۾ ڄائو. سندس وفات 786ع ۾، عراق ۾ ٿي. سندس ٻين ڪتابن ۾ ڪتاب النغم، ڪتاب العروض، ڪتاب الشواهد، ڪتاب النقط والشڪل، ڪتاب الايقاع ۽ ڪتاب معاني الحروف شامل آهن. ڏسو: https://ar.wikipedia.org/wiki/%D8%A7%D9%84%D8%AE%D9%84%D9%8A%D9%84_%D8%A8%D9%86_%D8%A3%D8%AD%D9%85%D8%AF_%D8%A7%D9%84%D9%81%D8%B1%D8%A7%D9%87%D9%8A%D8%AF%D9%8A ۽ https://en.wikipedia.org/wiki/Al_Khalil_ibn_Ahmad_al_Farahidi

(16) https://en.wikipedia.org/wiki/Kitab_al_%27Ayn

(17) https://en.wikipedia.org/wiki/List_of_Arabic_dictionaries

(18) قادري، مدد علي، ڊاڪٽر: لغت سازيءَ جا اصول، ڪتاب ”لغت نويسيءَ بابت مضمون ۽ مقالا“، ڇاپو پهريون 2018ع، ص: 82_83

(19) https://en.wikipedia.org/wiki/List_of_Arabic_dictionaries

(20) https://en.wikipedia.org/wiki/Dehkhoda_Dictionary

(21) https://en.wikipedia.org/wiki/Sanas_Cormaic

(22) https://en.wikipedia.org/wiki/List_of_French_dictionaries

(23) https://en.wikipedia.org/wiki/Catholicon_(trilingual_dictionary)

(24) https://en.wikipedia.org/wiki/List_of_French_dictionaries

(25) *The New Encyclopaedia Britannica* (Volume 4) micropaedia/ Ready Reference, by Encyclopaedia Britannica Inc. 15th Ed 2007, P.79

(26) Ibid. P.79

(27) https://www.dicopathe.com/livre/dictionnaire_alphabetique_et_analogique_de_la_langue_francaise/

(28) https://en.wikipedia.org/wiki/Abrogans
(29) https://en.wikipedia.org/wiki/Deutsches_W%C3%B6rterbuch
(30) https://en.wikipedia.org/wiki/List_of_German_dictionaries
(31) https://en.wikipedia.org/wiki/List_of_Dutch_dictionaries
(32) https://en.wikipedia.org/wiki/List_of_languages_by_number_of_native_speakers.
(33) https://en.wikipedia.org/wiki/Promptorium_parvulorum.
(34) http://wordinfo.info/unit/3555/s:and
(35) https://www.britannica.com/topic/dictionary#ref113993.
(36) http://web.archive.org/web/20080309181613/http://angli02.kgw.tu_berlin.de/lexicography/b_history.html.
(37) https://www.britannica.com/topic/dictionary#ref113993.
(38) http://wordinfo.info/unit/3555/s:and.
(39) http://www.jstor.org/stable/4172992?seq=1#page_scan_tab_contents.
(40) https://www.britannica.com/topic/dictionary#ref113993.
(41) http://www.bl.uk/learning/langlit/dic/mul/elementarie.html.
(42) http://public.oed.com/aspects_of_english/english_in_time/the_first_dictionaries_of_english/.
(43) https://en.wikipedia.org/wiki/Table_Alphabeticall.
(44) https://en.wikipedia.org/wiki/Thomas_Blount_(lexicographer)
(45) https://www.britannica.com/topic/dictionary#ref113993.
(46) http://engdictionaries.blogspot.com/2011/10/johnsons_dictionary_and_first_english.html.
(47) http://engdictionaries.blogspot.com/2011/10/johnsons_dictionary_and_first_english.html.
(48) http://web.archive.org/web/20080309181613/http://angli02.kgw.tu_berlin.de/lexicography/b_history.html.
(49) https://en.wikipedia.org/wiki/Noah_Webster.
(50) https://en.wikipedia.org/wiki/Chambers_Dictionary
(51) https://en.wikipedia.org/wiki/List_of_online_dictionaries#Selected_online_English_dictionaries.

ڊاڪٽر احسان دانش

# سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو محسن: ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو

# Dr. Allahdad Bohio: A Benefactor of Sindhi Language and Literature

**Abstract:**

Dr Allahdad Bohio was a prominent writer and scholar of Sindhi literature. He served Sindhi language and literature all his life and died while addressing an educational seminar. He started with creative literature, particularly writing poetry and short stories but in literary circles, he is especially known as a researcher and critic. That is mainly because his work indicates pioneering elements of scientific and argumentative methods in research and criticism.

There is a common opinion about Dr Allahdad Bohio that 'he chose difficult subjects and wrote on the complex and complicated aspects of literature'. I believe that it is an individual quality of his writings. In fact, he highlighted not only the prevailing principles of research and criticism but also projected their new perspectives. He wrote on linguistic subjects in modern and scientific way. In his writings, he researched on the educational and theoretical angles of criticism and focused on the subjects like the relationship of literature and society and the social responsibility of a writer.

In this research article, I have analyzed the literary work of Dr Bohio and have spotlighted his literary position in sindhi literature.

**Key words:** researcher, critic, scientific, argumentative, linguistic

سنڌ جي پنهنجي هڪ تهذيبي ۽ ثقافتي تاريخ آهي، هن ڌرتيءَ جون الڳ ريتون ۽ روايتون آهن. اسان بيشڪ موهن جي دڙي جي عظيم سڀيتا جا وارث آهيون ۽ ان ۾ ٻه ڪو شڪ ناهي ته اسان جي هن ڀوميءَ ڪئين لعلن کي به جنميو آهي، پر ڪجهه سوال آهن

تہ ڇا اسان پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت جي حفاظت ڪري سگهيا آهيون؟ ماضيءَ جي حسين ريتن ۽ روايتن جا امين رهيا آهيون؟ پنهنجي تاريخ جي عظيم ڪردارن، انهن املهہ موتين ۽ ماڻڪن جو قدر ڪيو آهي؟ ديانتداريءَ سان جاچبو تہ انهن سوالن جا جوابَ نفيءَ جي رڄ ۾ پيتڪائي ڇڏيندا.

اسان سنڌي قوم جي ناتي پنهنجن ڪوڙ سارن فرضن کان غافل آهيون ۽ بي قدري اسان جو نئون تعارف پئي بڻبي وڃي. ان طرح جڏهن سنڌ جي عالمن ۽ اڪابرن، محققن ۽ تاريخدانن، تخليقڪارن ۽ نقادن جو ذڪر نڪرندو تہ بہ ساڳي صورتحال نظر ايندي، اهو شڪوو ڪنهن هڪ فرد کان نہ پر سڄي سنڌي سماج کان ڪري سگهجي ٿو جنهن جا اسين سڀ ذميدار آهيون. پلا اسان جي نرڙ تي ئي مرده پرستيءَ جو اسٽيڪر چو ٿو چنبڙايو وڃي، پلا اسان پنهنجي دور جي عظيم انسانن کي سندن زندگيءَ ۾ ڇو نہ ٿا سڃاڻون، ڇو نہ ٿا انهن کي سندن زندگيءَ ۾ اهو مانُ ۽ مريادا ڏيون، جنهن جا هو حقدار آهن. ان سڄي صورتحال ۾ جڏهن سنڌ جي هڪ عالم جا اهي آخري لفظ تہ "مون هن قوم کي هٿيار نہ پر ڪتاب ڏنا آهن ۽ هن قوم لاءِ آئون دعا---" ذهن ۾ گونجن ٿا تہ سچ تہ اندر ئي اندر ۾ ندامت جو احساس ٿئي ٿو.

اهي ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جا آخري لفظ آهن جيڪي هن 16 جولاءِ 1994ع تي ٽنڊو آدم ۾ شام جي پهر هڪ تعليمي سيمينار ۾ جذبات ۾ اچي چيا هئا ۽ سندس آخري لفظُ "دعا" هيو جنهن کان پوءِ هن جي دل بيهي رهي هئي ۽ هو اسان کي الوداع چئي ويو هو. هن ويندي ويندي بہ سنڌي قوم کي دعا ڏني ۽ ان کان اڳ ۾ ڪتابَ. هڪ قوم کي هڪُ عالم ان کان سواءِ ٻيو ڏئي بہ ڇا ٿو سگهي... پر ڇا ڪنهن قوم لاءِ اهو ڪافي بہ ناهي تہ ڪو عالم ان کي ڪتابَ وسيلي علم جي روشني ڏئي وڃي ۽ "دعا" جي لفظ ۾ آئيندي جي اميد... پر اسان ٻوهيي سان انصاف نہ ڪيو آهي. هو علم ۽ ادب جي دنيا جو وڏو ماڻهو هيو زندگيءَ ۾ بہ هن کي هِن سماج کان شڪايتون هيون. هن هڪ انٽرويو ۾ چيو هو تہ "اديب کي بہ عوام کپي، مان اديب ناهيان جو مون کي پبلڪ ڪانهي... اديب جي دشمنيءَ کي مون ڏٺو آهي تہ انهيءَ جهڙي سخت ترين ٻي ڪا بہ ڪانهي. جڏهن اديب دشمن ٿئي تہ انهيءَ کان بچائڻ وارو هن ڌرتيءَ تي ٻيو ڪوبہ ڪونهي."[(1)] شايد ٻوهيي جو ڪنهن بہ ادبي ڌڙي سان تعلق نہ هجڻ ڪري ئي ان دور جي اديبن جي ساڻس اها روش هئي. هونءَ بہ پلا ڊاڪٽر ٻوهيي کي اهو شڪوو هجي بہ تہ ڇو نہ؟ جنهن ماڻهوءَ سماجي لسانيات تي ان

وقت ڪم ڪيو هجي جڏهن اردو سميت ڪوڙ سارين وڏين ادبي ٻولين ۾ اجا اهو اصطلاح مروج بہ نہ هجي، جڏهن هن سنڌ جي نقادن کي تنقيدي اصول سمجهائي رستو ڏنو هجي تہ ٻيلي ڏاها ٿيو تنقيد جي هنن مڃيل اصولن ۽ معيارن کي سامهون رکي تنقيد ڪريو. جڏهن هن تحقيق کي هڪ علم طور سمجهايو هجي، شعر جي اڀياس جا نوان طريقا ٻڌايا هجن، ادب جا فڪري محرڪ سمجهايا هجن، ٻولي ۽ ڪلچر جي معاملن تي نئين روشني وڌي هجي، تڏهن بہ هن جي ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪئي وئي هجي ۽ ڪيس ڏکيون ڳالهيون ڪندڙ سر ڦريو مٿي ڪاڙو ليکڪ، خشڪ اديب ۽ مٽي جو سور سڏيندي نظر انداز ڪيو ويو هجي تہ پوءِ سندس اهڙو شڪوو جائز آهي. جامي چانڊيي مطابق "ڊاڪٽر ٻوهيو جنهن سطح جو عالم، اديب هو ۽ هن سچي زندگي جن وڏن ۽ بنيادي موضوعن تي نهايت علميت ۽ گهرائيءَ سان سوچيو ۽ لکيو جي اُهي اڄ بہ اسان جي سماجي، فڪري ۽ ادبي ايجنڊا تي گهربل اهميت سان سامهون اچن تہ مان پنهنجي پوريءَ سنجيدگيءَ سان چوان ٿو تہ سنڌي ادب ۽ سماج صحيح معنيٰ ۾ هڪ نئين دؤر ۾ داخل ٿي سگهي ٿو."[2]

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي 8 آگسٽ 1934ع تي تعلقي قمبر جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ گهوگهاري جتي سڳداسي چانورن جو فصل ٿيندو هيو ۾ جنم ورتو. سڳداسي جي سڳنڌ جهڙي هن انسان جو هڳاءُ انهن ماڻهن ئي محسوس ڪيو جيڪي چيڪي مٽيءَ جي خوشبوءَ جا عاشق هوندا آهن، جن جو رشتو زمين سان هوندو آهي. الهداد ٻوهيي جي اک اهڙي جهوپڙيءَ ۾ کُلي جتي غربت، تنگ دستي ۽ مجبوري جهڙيون بيماريون اڳي ئي موجود هيون. هن جا ڀائرن ڏک ۽ درد هيا جيڪي هن کان اڳ ئي ان لانڍيءَ ۾ رهندا هيا. هو پنهنجي هڪ انٽريوءَ ۾ پنهنجو تعارف ڪرائيندي ٻڌائي ٿو تہ "مان هڪ هاريءَ جو پُٽ آهيان... مون کي ياد نہ آهي تہ منهنجي ماءُ ڪهڙن مهاندن جي عورت هئي، ڇو جو اڃا منهنجي سانڀر ئي ڪانہ ٿي هئي جو منهنجي والده گذاري وئي... توهان جي تصور ۾ جيئن ڪو ٻارُ پنهنجي ماءُ کان سواءِ پلجي سگهي ٿو تئين مون سان بہ ٿيو... مان سدائين بيمار، بکيو مٿي اگهاڙو، پيرين اگهاڙو ۽ وڏيل پيٽ وارو ٻارُ هئس... منهنجي شڪل بہ سٺي نہ هئي."[3] اسان سوچي سگهون ٿا ٻُک ڏک تي پلجندڙ جنهن ٻار جِي مامتا جي پيار ۽ شفقت بنا پرورش ٿي هوندي، ان جو اندر يتيميءَ جي احساس ۽ ٻين محرومين سان ڪيترو نہ پريل هوندو. ٻوهيي صاحب جو اهو چوڻ تہ **"منهنجي شڪل بہ سُٺي نہ هوندي هُئي"** خود انهيءَ محروميءَ جو پڙاڏو هيو. مان سندس راءِ سان متفق ناهيان پر جيڪڏهن

سندس ڳالهه مڃي به وڃي ته مان سمجهان ٿو ڳالهه شڪل جي نه پر عقل جي آهي. دنيا جي وڏن وڏن ڏاهن پنهنجي شڪل جي ڪري نه پر عقل جي ڪري دنيا ۾ مڃتا ماڻي، جنهن جو وڏو مثال ڏاهن جو ابو ”سقراط“ آهي. ڊاڪٽر ٻوهيي به پنهنجي علم، عمل ۽ عقل وسيلي سماج جي هڪ ڪارگر فرد واري زندگي گذاري.

ڊاڪٽر الهداد جي هڪ پورهيت گهر ۾ پالنا ٿي ان ڪري هن پاڻ به پورهيو ڪيو. رونبو ۽ لاب ڪيو ۽ هَرُ ڪاهيو. هن جو پيءُ ڌرتيءَ جو دهقان هيو ۽ نوي سالن جي عمر تائين هن پگهر جو پورهيو ڪيو. الهداد عرف دادو اجا ٻار ٿي هيو جو سندس وڏن گهوگهاري کي ڇڏي تعلقي وارهه جي هڪ ڳوٺڙي پيچوهن ۾ پکڙا اڏيا. هو هڪ مضمون ۾ پنهنجي ڳوٺ جي جاگرافي ٻڌائيندي پنهنجي ٻالپڻي کي هن طرح ياد ڪري ٿو: ”ڳوٺ جي جاگرافي سنڌ جي هڪ روايتي ڳوٺ جي جاگرافي جهڙي آهي. وچ ۾ هڪڙو دڙو آهي ۽ پوءِ ان جي آس پاس هيناهينءَ ۾ يا لاهيءَ ۾ اسان ماڻهو رهون ٿا... جڏهن آئون پنجن ڪي ڇهن سالن جو ٿيس تڏهن مون کي گهر جي پرسان ملا مڪتب ۾ پڙهڻ ويهاريائون. سائين ميان مرحوم حافظ محمد شاهه.... منهنجو پهريون استاد بڻيو. روڻو ۽ ڊڄڻو آءٌ (دادو) ٻوهين جو ٻار. پهريان قرآن جي تعليم وٺندو هوس. پوءِ سنڌي چار درجا به هن ئي ملا اسڪول ۾ پڙهيم. جسم ۾ تمام هلڪو هوس. تيسر ۽ ڪرودي هوس. بيمارين جو شڪار هوس.“[4] ٻوهيي پنهنجي انهيءَ مضمون ۾ ٻڌايو آهي ته ”مٿاهين واري هنڌ تي اڳ واڻيا، پوءِ پيچوها ۽ پير پاسي سيد رهندا هئا.“[5] ان مان اندازو ٿئي ٿو ته اهو هڪ طبقاتي سماج هيو جتي اوچ نيچ رڳو ذات جي بنياد تي ئي نه پر معاشي حالتن جي لحاظ کان به محسوس پئي ٿي. غريب کي هيناهينءَ تي رهڻو آهي ۽ امير کي مٿاهين هنڌ تي، جيئن ڪا ٻوڏ وغير اچي ته به غريب مري. ٻوهيي کي اها اوچ نيچ ڪنهن به صورت قبول نه هئي، تنهن ڪري ننڍي لاءِ کان ئي هو پنهنجي ماحول کان باغي هيو.

پرائمري تعليم بعد ٻوهيي صاحب وڳڻ ۽ نصير آباد جي اسڪولن ۾ مڊل تائين تعليم حاصل ڪئي، جنهن کان پوءِ سن 1953ع ڌاري گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان مئٽرڪ پاس ڪئي. انٽر وري سروري ڪاليج هالا مان ڪيائين. ان کان پوءِ ڊاڪٽر ٻوهيي باقي سموري تعليم نجي طور حاصل ڪئي. هن جو چاهه ته معاشيات جي مضمون ۾ هيو پر هن ايم اي انگريزي ادب ۽ پي ايڇ. ڊي سنڌي ادب ۾ ڪئي. ان دوران هن پي. ٽي. سي ۽ ايل. ايل بي جون ڊگريون به حاصل ڪيون. ان دوران هن ماستري کان پنهنجي

عملي زندگيءَ جو آغاز ڪيو ۽ سڄي زندگي درس و تدريس جي انهيءَ شعبي سان لاڳاپيل رهيو ۽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن جي عهدي تائين رَسيو. اهو سڀ ڪجهه هن کي اڻ ٿڪ محنت ۽ قابليت سبب حاصل ٿيو. هن پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو ته ”جيڪڏهن مان هاريءَ جو ٻار نه هجان ها ته مون ۾ ايڏي قابليت نه هجي ها.“[(6)] ڊاڪٽر ٻوهيو ڪم جي معاملي ۾ ڏاڍو چيڙهيالو ۽ مَڇَڙو هيو. هُن سرڪاري آفيسن ۾ رڳو ڦرٽي ڪرسيءَ جو مزو نه ورتو پر عملي طور سنڌ جي تعليم جي بهتريءَ لاءِ اپاءَ ورتا ۽ عوام ۾ جاگرتا پيدا ڪئي. ان سلسلي ۾ هن مختلف شهرن ۾ تعليمي سيمينار منعقد ڪرايا ۽ تعليمي نظام جي خرابين جي نشاندهيءَ لاءِ تعليمي ماهرن کان صلاحون ورتيون ۽ تعليم جي معيار کي بلند ڪرڻ لاءِ تعليم کاتي کي ڪيئي ڪارائتيون تجويزون ڏنيون.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي ٻه شاديون ڪيون. پهرين گهرواري سندس ڀقات هئي، جنهن مان ڪيس ٻن نياڻين جو اولاد ٿيو پر ان وفادار جيون ساٿياڻي سان زندگيءَ وفا نه ڪئي ۽ ٿن سالن جي قليل عرصي ۾ ئي سندس انتقال ٿي ويو. جنهن بعد هن ٻي شادي هڪ غير سنڌي پروفيسر سان ڪئي، پر ان عورت سان سندس ازدواجي زندگي ڪا ايڏي بهتر نه رهي، اهڙو اظهار هن پاڻ پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ ڪيو آهي. ٻي گهرواريءَ مان ڪيس هڪ ڌيءَ جيڪا ڊاڪٽر ٻڌي ۽ پُٽ هيو جيڪو انجنيئر ٿيو.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو ننڍيءَ وهيءَ کان ئي ذهين ۽ زيرڪ شاگرد هيو ۽ سندس لاڙو ٻولي ۽ ادب ڏانهن هيو. هن جي ابتدائي علمي ۽ ادبي تربيت تراب تخلص واري استاد عبدالڪريم ڪئي، جنهن نه رڳو هن کي شعر شناسي جا سبق سيکاريا، لکڻ جا گُر ڏسيا پر انگريزي ٻوليءَ سان به روشناس ڪرايو. ٻوهيي لکڻ جي شروعات شاعريءَ سان ڪئي ۽ عاصم تخلص اپنائي شعر چيا. شعر به عام روايتي ۽ رومانوي نه پر سماجي شعور سان ڀرپور ۽ مقصدي. مثال طور سندس هي شعر ڏسو:

**ڪوتا ماڻهوا! تون ڪوتو آن: تنهنجو منُ پيي ڪوتو آهي،**
**تون ان جو ئي پاسو آهين جنهن جي هٿ ۾ سوٽو آهي.**

**پورا ماڻهوا! تون پورو آن: تنهنجو مَن پيي پورو آهي،**
**تون ان جو ئي دشمن آهين جنهن جو توتي ٽورو آهي.**

**هلڪا ماڻهوا! تون هلڪو آن: تنهنجو مَنُ پيي هلڪو آهي،**
**تون ان جو ئي پاسو آهين جيڪو تنهنجو پٽڪو لاهي.**

**ڪاڻا ماڻهوا تون ڪاڻو آن: تنهنجو مَنُ پڻ ڪاڻو آهي،**
**تنهنجي ڳلي ۾ ڳارو آ، پر تنهنجي وات ۾ داڻو آهي.**

**سچا ماڻهوا تون سچو آن: تنهنجو مَنُ پڻ سچو آهي،**
**تون ئي ان جو پاسو آهين، جيڪو توسان سچو آهي. (7)**

الهداد ٻوهيي جو پهريون نظم ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي اخبار ”هاري حقدار“ ۾ 50 - 1949ع ۾ ڇپيو. جنهن جو ڪريڊٽ سندس دوست قاضي عبد الغفار ڏي وڃي ٿو جيڪو ابتدائي ڏينهن ۾ سندس پهريو ادبي سونهون بڻيو. اڳتي هلي هن ڪهاڻين ڏانهن رخ رکيو ۽ ”اسان جا روح ڪٿي آهن؟“، ”منهنجو قلم مري ويو آهي“، ”ميراثين جي گهرن کي باهه لڳي“، ”مان چپ، منهنجا چپ سبيل، منهنجي وات ۾ مڱ“، ”منيلا جي روڊ تي“، ”دلربا“، ”تارن ڀري ڪهاڻي“، ”سدا ڀاڳ“ ۽ ”ڀاڄائي“ جهڙيون سماجي حقيقت نگاري واريون ڪهاڻيون لکيون. منهنجي مطالعي مطابق ڊاڪٽر ٻوهيو پهريون اديب آهي جنهن ڪهاڻي ۽ افساني جي فرق بابت ٻڌايو. هن چيو هو ته ”مان چوان ٿو ته ڪهاڻيءَ کان افسانو وڌيڪ اهم آهي. ڪهاڻي اها آهي ته اسان جيڪو ڪجهه ڏسون ٿا، جيڪي ڪردار ۽ واقعا اسان جي مشاهدي ۾ اچن ٿا اسين انهن کي لکت ۾ آڻيون ٿا. اها ڪهاڻي آهي پر افسانو تمام وڏي ڳالهه آهي... افسانو اسان کي مستقبل جو شعور ۽ ڪردار ڏئي ٿو. اهو اسان جي شعور جي تمنا بڻجي ٿو.“(8) هن جيڪي ڪهاڻيون لکيون تن کان سواءِ پاڪيٽ سائيز ۾ ڇپيل انگريزيءَ ۾ لکيل سندس لوڪ ڪهاڻين جو ڪتابچو Tales Retold پڻ اهميت رکي ٿو. ان کان علاوه سنڌيءَ ۾ لکيل سندس مختصر قصي نما ڪهاڻين ۾ ”ڪينجهر ڪيئن ٿي ڳالهائي“، ”مصنف شاهه ۽ وڪيل“ ۽ ”جواني جو موت“ به قابلِ ذڪر آهن. ايترو ئي نه پر ٻوهيي صاحب ڪجهه اسٽيج ناٽڪ به لکيا جيڪي خاص طور لاڙڪاڻي جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پيش ڪيا ويا. اهڙن ناٽڪن ۾ ”نوري ڄام تماچي“، ”امرتا“، ”ڳورهين جو قرض“ ۽ ”صبح نه ٿي سگهندو“ شامل آهن. ان سڄي پوتاميل مان صاف ظاهر آهي ته ڊاڪٽر ٻوهيي لکڻ جو آغاز تخليقي ادب سان ڪيو ۽ ججهو تخليقي پورهيو هن جي ڪريڊٽ تي موجود آهي، پر سنڌي ادب ۾ هن جي سڃاڻپ جو حاوي حوالو هڪ عالمَ ۽ محقق وارو آهي.

”ڊاڪٽر الهداد جو محقق ۽ نقاد وارو حوالو علمي ۽ ادبي حلقن ۾ وڌيڪ معتبر ۽ مسلم آهي. ان جو وڏو سبب اهو آهي ته ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي تحقيقي ۽ تنقيدي ڪيتر ۾

جنهن عرق ريزي، محنت، جاچنا، سائنٽيفڪ ۽ مدلل طريقي سان ڪم ڪيو آهي، ان سان سنڌي ادب جي تحقيق ۽ تنقيد وارن شعبن ۾ نہ صرف فڪري ۽ فني وسعتن جنم ورتو آهي، پر تحقيق ۽ تنقيد جي علمي ۽ پروفيشنل اصولن جا پختا معيار ۽ بنياد پڻ پرپور ۽ واضح نموني سان عيان ۽ اجاگر ٿيا آهن.“[9] ڊاڪٽر ٻوهيي لاءِ هڪ عام راءِ اها بہ آهي تہ ’هو هڪ مشڪل پسند ليکڪ آهي ۽ هن ادب جي ڳوڙهن ۽ دقيق موضوعن تي لکيو آهي.‘ مان سمجهان ٿو تہ ڊاڪٽر ٻوهيي جي لکڻين جي اها ئي انفراديت آهي. هو جڏهن اعليٰ علمي سطح تي نج سائنسي انداز ۽ تحقيق جي مڃيل اصولن مطابق ڳالھ ڪري ٿو تہ اسان مان ڪوڙ سارن جي مٿي جي مٿان تي گذري وڃي. حقيقت اها آهي تہ ڊاڪٽر ٻوهيي تحقيق ۽ تنقيد جي مروج اصولن سان گڏ نئين جهتن تي بہ روشني وڌي ۽ لسانيات جي موضوع تي جديد سائنسي انداز ۾ لکيو. هن تنقيد جي علمي ۽ نظرياتي پاسن جي کوج ڪئي ۽ پنهنجين لکڻين ۾ ادب ۽ سماج جي رشتي ۽ اديب جي سماجي ذميداري جهڙن موضوعن کي اهميت ڏني.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جو پي ايڇ. ڊي وارو مقالو **”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“** جڏهن 1977ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو تہ تيسيتائين اهو ان موضوع تي ايشيائي ٻولين مان ڪنهن ٻوليءَ ۾ لکيل پهريون مقالو هيو. ڪتاب جي مهاڳ ۾ ٻوليءَ جي سماجي ڪارج جي سوال تي ٻوهيي صاحب لکيو آهي تہ ”اها ڳالھ هاڻي دنيا جي سڀني عالمن وٽ مڃيل آهي تہ ٻولين جو هرڪو ڪارج هڪ سماجي ڪارج آهي، پر جدا جدا سماجن جون تقاضائون، اخلاقي قدر، معيار، سياسي ۽ سماجي رجحان ۽ ادبي مقصد ۽ لاڙا جدا جدا ٿين ٿا. ان ڪري هر سماج جي ٻوليءَ جو ڪردار بہ نرالو ۽ جدا جدا ٿئي ٿو. ان ڪري اسان جي سامهون بہ سوال رکيو اهو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج ڪهڙو آهي. ٻين لفظن ۾ هيءَ تحقيق انهيءَ مقصد تحت ٿي رهي آهي تہ اسان معلوم ڪريون تہ سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس مان اسان پنهنجي سماج جي نفسيات، معاش، اقتصاد، سياست، تاريخ، حياتيات، مذهبي عقيدي ۽ ڏاهپ جي باري ۾ ڪهڙو رايو قائم ڪري ٿا سگهون. سماجي لسانيات جي مڃيل اُصولن مطابق هن قسم جو اڀياس اهو آهي جنهن کي بياني سماجي لسانيات (Descriptive Socio_linguistics) ٿو چئجي.“[10] پنجن ڀاڱن ۾ ورهايل اها ٿيسز سماج، ٻولي ۽ ڪلچر، سنڌي ٻوليءَ جو ادب ۽ ان جو سماجي اڀياس، روز مره واري سنڌي ٻولي ۽ ان جو سماجي اڀياس، اشارن واري ٻوليءَ جو اڀياس ۽ علم – معنيٰ ۽

ان جي سماجي حيثيت جهڙن اهم عنوانن تي مشتمل آهي. ڀهرين ڀن ڀاڱن ۾ الڳ الڳ عنوانن وارا باب مقرر ڪيا ويا آهن. ائين ڀاڱي ڀهرين ۾ ڀنج باب ۽ ڀاڱي ٻئي ۾ چار باب شامل ڪيا ويا آهن. انهن مان هر هڪ باب جا وري ڪيئي ذيلي عنوان آهن. جڏهن ته ٻوين ٽن ڀاڱن ۾ ننڍا عنوان ڏنا ويا آهن. ڀاڱي ٽين ۾ ڀنجويهه عنوان، ڀاڱي چوٿين ۾ يارهن عنوان جڏهن ته ڀاڱي ڀنجين ۾ ڀندرهن ننڍا عنوان موجود آهن.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جي اها ٿيسز پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هن وٽ اڻ ڪٿيو علم موجود آهي ۽ ٻوليءَ بابت اڻ ڳڻيا سوال. هن انهن سوالن جا جواب تلاش ڪرڻ لاءِ دنيا جهان جا ڪتاب کوليا ۽ بيشمار حوالا گڏ ڪري ۽ تحقيق جو نئون طريقو اپنائي منجهيل سُٽ جهڙن انهن سوالن کي سلجهائڻ جي سعي ڪئي. مختصر طور ائين چئي سگهجي ٿو ته ٻوهيو صاحب جي هي ٿيسز سماج، ٻوليءَ ۽ ڪلچر جي سڀڏ ۽ گهڻ رخي تحقيقي مطالعي تي مشتمل آهي، جنهن ۾ هن سنڌي ٻولي، ادب ۽ ان جي سماجي ڪارج بابت نهايت جزياتي اڀياس پيش ڪيو آهي. جامي چانڊيو درست لکيو آهي ته "ڊاڪٽر ٻوهيو چاڪاڻ ته هڪ عالم ۽ دانشور اديب هو ان ڪري هن سمجهيو ٿي ته جيسين دنيا جي سمورن فڪري ڌارائن کي سنڌي ادب ۾ اچڻ جا لنگهه نه ڏبا ۽ سنڌي ادب کي فڪري طرح دنيا جو سجاڳ ۽ فلسفياڻو شعور رکندڙ ادب نه بڻائبو تيسين اسان جو ادب پنهنجي سماج لاءِ ڪنهن به وڏي تبديليءَ ۽ رهبريءَ جو سبب نه بڻبو. "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" جي موضوع تي هن جي ريسرچ جو مُحرڪ به اِهو هو."[11]

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو پنهنجي زندگيءَ ۾ تحقيق ۽ تنقيد جي حوالي سان جيڪو پورهيو ڪيو اهو اڪيڊمڪ ۽ بنيادي جو نوعيت جو هيو جنهن سنڌي ادب کي نوان بنياد فراهم ڪيا. مثلاً جيڪڏهن سندس ڪتاب **"تنقيدون"** جو جائزو وٺبو ته اسان کي معلوم ٿيندو ته اهو ڪتاب تنقيد جي موضوع تي هڪ بنيادي نوعيت جو ڪتاب آهي، جيڪو عالمن ۽ اديبن سان گڏ سنڌي ادب جي شاگردن کي به ضرور پڙهڻ کپي، جيئن تنقيد بابت سندن Concepts واضح ٿين. ان ڪتاب بابت هن پاڻ به چيو آهي ته "اهو ڪتاب مون يونيورسٽيز جي لاءِ لکيو آهي ۽ يونيورسٽيز جي نصاب ۾ موجود آ ۽ ادب جي پرچي ۾ ان ڪتاب جو اڀياس ضروري ٿي پيو آ."[12] عام طور سنڌي ادب ۾ تنقيد کي بدعت سمجهيو ويندو آهي ۽ نقاد کي تخليقڪار جو دشمن. ان جا ڪيترائي ڪارڻ آهن. ٻين سببن سان گڏ شايد اهو رويو ان ڪري به پيدا ٿيو آهي جو اڌ پڙهيا نقاد تنقيد

جهڙي شعبي ۾ ٽپي پيا آهن ۽ پٽڪا ڍاهه ڪي تنقيد چئي تضحيڪ جي ڪم ۾ رُڌل آهن. اهو سڀ ڪجهه ان ڪري آهي جو اسان وٽ اڃا اڪيڊمڪ تنقيد جو تصور اپري نه سگهيو آهي. اصل ۾ تنقيد هڪ فن آهي، مان ته ان کي ادب جو روح سمجهندو آهيان. تنقيد کي هڪ فن طور سمجهڻ لاءِ ڊاڪٽر ٻوهيي جو ڪتاب **"تنقيدون"** نهايت ڪارگر آهي. اهو ڪتاب 1980ع ڌاري شايع ٿيو. ڪتاب جي مهاڳ ۾ ٿي ٻوهيي صاحب هن ڪتاب لکڻ جا چار محرڪ ٻڌايا آهن. "هن تحرير ۾ مون اها ڪوشش ڪئي آهي ته ادبي تنقيد جي سوال تي مان بنيادي خيالن ۽ نظرين کي گڏ ڪريان... ٻيو محرڪ اهي دوست آهن، جن جون بي انتها تحريرون ۽ بي انداز لکڻيون، ادبي ڇنڊڇاڻ جون منتظر آهن... ٽيون محرڪ منهنجا اهي شاگردن آهن، جن مان گهڻا هاڻي مون کان بهتر اديب ۽ پڙهيل ماڻهو آهن... منهنجيءَ هن تحرير جو چوٿون محرڪ سنڌ جا اهي معتبر نقاد ۽ انهن جا رايا آهن، جي مضمونن ۾ ۽ ڪتابن ۾... تحريرن ۾ موجود آهن."[13]

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي پنهنجي هن ڪتاب "تنقيدون" ۾ ادبي تنقيد جو پس منظر بيان ڪرڻ بعد دنيا جي وڏن عالمن، مفڪرن ۽ نقادن جي راين جي روشنيءَ ۾ ادب جي ڏهن تنقيدي پهلوئن تي نهايت جامع ۽ مدلل انداز ۾ لکيو آهي. جن ۾ نظرياتي، اخلاقياتي، مذهبي، نفسياتي، جمالياتي، سماجياتي، افادياتي، عملي، ذاتي يا شخصي تنقيد ۽ نئين تنقيد شامل آهن. ڊاڪٽر ٻوهيي هن ڪتاب وسيلي سمجهائڻ چاهيو آهي تنقيد ادب جو هڪ جدا شعبو ۽ الڳ علم آهي. هو تنقيد کي هنرمندي نه پر علم ڄاڻائي ٿو. تنقيد بابت وضاحت ڪندي اهڙو اظهار هن پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ به ڪيو هو. هن جو چوڻ هو ته "تنقيد ڪا هنرمندي ڪانهي، پر تنقيد هڪ علم آهي، هنر ۽ علم ۾ هڪ فرق ٿئي ٿو. هنر هڪ ڪاريگري آهي، جنهن جا گُر سکبا آهن ۽ پوءِ ان مطابق ڪا شيءِ پيدا ڪبي آهي، پر علم جيڪو آهي، سو اصولن جا بنياد رکي ٿو... مان ذاتي طور تنقيد کي ڪو وقت گذارڻ يا ڪا ادبي چيز پيدا ڪرڻ جو سبب نه ٿو سمجهان."[14] هن ڪتاب وسيلي هن کي سنڌي ادب ۾ تنقيد جي هڪ وڏي عالم جي حيثيت ۾ سڃاتو ويو ۽ اصل ۾ سندس خواهش به اهائي هئي. ٻوهيو صاحب هڪ مشڪل پسند اديب هيو جنهن جو اظهار هن ڪيترن ئي موقعن تي ڪيو. ڪتاب "تنقيدون" جي حوالي سان به هڪ پيري هن چيو هو ته "جيئن ته مان هميشه مشڪل پسند ماڻهو رهيو آهيان، ان ڪري پاڻ کي تڪليف ۾ وجهندو آهيان ۽ پوءِ لوڙيندو به آهيان، پوءِ ان جي باري ۾ جيڪو پوڳڻو پوندو

آهي ان کي ضروري بہ سمجهندو آهيان. مون سوچيو جي پروفيشنل تنقيد ڪندس تہ پوءِ ڪنهن جي تعريف ڪبي، ڪنهن تي تنقيد ڪبي. ڪنهن جي خلاف ڪو لفظ نڪري يا لکجي ويندو تہ پوءِ ڏاڍي ٿيندي. ان ڪري ڪم اهڙو ڪجي، جو ڪنهن کي جواب ڏيڻ جي ضرورت پيش نہ اچي... مون تنقيد جو مشڪل رستو اختيار ڪيو ۽ پروفيشنل تنقيد کي ڇڏي علم تنقيد تي لکڻ شروع ڪيو. مون نہ ٿي چاهيو تہ ماڻهو مون کي تنقيدنگار سڏين، پر جي آئون ڪجهہ ڄاڻان ٿو تہ ماڻهو مون کي تنقيد جو عالم سمجهن.“ (15)

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو ڪو روايتي اديب ۽ لڪير جو فقير نہ هيو. هن ادب ۽ ساهت جي سنسار جا نوان آڪاس پَسيا هئا، تنهن ڪري هن چاهيو ٿي تہ سنڌي ادب پڙهندڙن تائين بہ انهن نون آسمانن جون رنگينيون پهچائجن. هن جي نظر رڳو ادب جي فني، نظرياتي ۽ تنقيدي پاسن تي نہ هئي پر ادب جي فڪري پهلوئن تي بہ هن جي گهري نظر هئي، ان جو عملي مثال سندس ڪتاب **”ادب جا فڪري محرڪ“** آهي. هي ڪتاب 1984ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو ۽ سنڌي ادب جي قارئين وٽ بيحد مقبول ٿيو. ان جا ڪيئي سبب هيا. مثلاً ٻوهيي صاحب هن ڪتاب ۾ سماجي، مذهبي، سياسي، فڪري ۽ نظرياتي سوالن کي ڇيڙي حياتياتي ۽ انسان جي ارتقائي نظرين ۽ فڪري رجحانن تي جيڪا روشني وڌي آهي ان سان پڙهندڙن جي ذهن جون دريون کلن ٿيون. هي ڪتاب پنهنجي موضوع يا Content جي لحاظ کان هڪ ڀرپور ڪتاب آهي، جيتوڻيڪ ڊاڪٽر ٻوهيي ان جي مهاڳ ۾ ڪتاب جي موضوعاتي اڻ پورائي ۽ تشنگيءَ جو بارها اظهار ڪيو آهي، جنهن جو سبب شايد اهو بہ هجي جو جيڪو ليکڪ وسيع نظر ۽ وسيع مطالعو رکندڙ هوندو آهي، اهو پنهنجي ڪم جو ڪئنواس بہ وسيع رکندو آهي ۽ ڪيس ئي اندازو هوندو آهي تہ اهو موضوع ڪيترو اهم ۽ ڪشادو آهي. هن جا پنهنجا لفظ آهن تہ ”منهنجو ڪم اهو هو تہ مان انهيءَ خيال، فڪر، نظريي ۽ ويچار جو هڪ مختصر بيان ڪريان، جيڪو ادب سان لاڳاپيل ۾ رهيو هجي ۽ جنهن ادبي تحريرن تي اثر ڪيو هجي. پر رڳو هي ’ڪمڙو‘ بہ ادارن ۽ ٻورڊن جي ڪرڻ کان بہ وڏو ڪم آهي. هي ڪم بہ تہ ادب جي تاريخ ۽ فڪر جي تاريخ جو هڪ گڏيل ڪم آهي! هن حالت ۾ آءٌ رڳو ”مختصر جي مختصر“ تائين سوچي ۽ لکي سگهيو آهيان، جو مان رڳو ايترو ئي ڪري ٿي سگهيس.“ (16) ڊاڪٽر ٻوهيو انهن اديبن ۽ عالمن مان نہ هيو جيڪي لکڻ کي بہ هڪ فارملٽي وانگر نڀائيندا آهن، تنهن ڪري هن جڏهن بہ قلم کنئيون تہ پڙهندڙن جا Concepts چٽا ڪيا ۽ اصل ۾ اهو ئي وڏو ڪم آهي.

ڪتاب ”ادب جا فڪري محرڪ“ جا ڪُل ٻارهن عنوان آهن. ٻين لفظن ۾ ٻارهن باب آهن ۽ هر هڪ باب ۾ ڪيئي ذيلي عنوان شامل آهن. انهن بابن ۾ مسئلي جي ڇنڊڇاڻ، ادب جو فڪري پس منظر، يونان ۽ روم جو عظيم ادب، مشرق جا عظيم ڪتابَ، حياتياتي فڪر، ارتقا جي نظريي جا فڪري رجحان، ادبي فڪر جا تاريخي رجحان، فڪر ۽ فلسفو ويهين صدي ۽ عقلي ڇنڊ ڇاڻ جو دور، ادب ۽ ڪرداريت ۽ سماجي تبديلي شامل آهن. اهڙي طرح ٻارهين باب جا ذيلي عنوانَ ’زنده انسان سوچي ٿو‘ ۽ ’زنده سماج سوچي ٿو‘ ئي ايترا تہ پُر ڪشش آهن، جيڪي پڙهندڙ کي هن ڪتاب کي وڌيڪ پڙهڻ جي دعوات ڏين ٿا. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر ٻوهيي ادب ۽ فڪر جي تاريخي ۽ ارتقائي صورتگري کان سواءِ عقليت پسندي، روشن خيالي، ادب جي ترقي پسند ۽ قوميت وارن نظرين، مٿ، فلسفي ۽ تاريخ، زندگي ۽ فطرت، وجوديت ۽ مارڪسيت جهڙن ٻين ڪيترن ئي موضوعن تي روشني وجهندي ادب ۽ فڪر جي دنيا کي پڙهندڙن جي اڳيان رکيو آهي. هن ادب جا فڪري محرڪ بيان ڪندي هر عنوان تي تحقيق ۽ استدلال سان لکيو آهي.

”هن ڪتاب ۾ ٻوهيي صاحب ٻُڌايو آهي تہ يوناني شاعر هومر ۽ سافو اسڪائيليس، سوفوڪلس يا يورپيڊس کان وٺي ويندي برهمڻن جي ويدن، گوتم ٻُڌ جي ڌمپدا، ڪنفيوشس، ذرتشت، روم ۽ مشرق جي عظيم ادبي شاهڪارن تائين، دنيا جو اصلوڪو عظيم ادب دراصل پنهنجي پنهنجي دؤر جي اعليٰ شعور ۽ فڪر جي پيداوار هو. ويندي جديد دؤر ۾ ڊارون ۽ ميڪڊوگل جي حياتياتي فڪر کان وٺي هيگل جي عقلِ سليم ۽ حقيقت پسندي، روسو جي ”سماجي عهدنامي“ ۽ مارڪس جي جدلياتي ۽ تاريخي ماديت ۽ سارتر جي وجوديت جي فلسفي، ادب تي غير معمولي اثر مرتب ڪيا آهن ۽ دنيا جو ڪوبہ ادب پنهنجي هم عصر فڪري نظامن ۽ محرڪن کان لاتعلق رهي نٿو سگهي.“[17]

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي ادب جي فني ۽ فڪري پهلوئن توڙي تنقيد جي عالمي اصولن ۽ معيارن متعلق سچا سارا ڪتابَ لکيا. هن جو اڪثر ڪم ڪتابي صورت ۾ ئي ملي ٿو ڇوتہ هن پنهنجي زندگيءَ ۾ جنهن موضوع کي ڇُهيو اهو ايترو تہ اهم هيو جو گهٽ ۾ گهٽ ان تي هڪ ڪتاب لکڻ ضروري هيو. ٻوهيي صاحب جا اهي سمورا ڪتاب پنهنجن پنهنجن موضوعن جي لحاظ کان نهايت اهم آهن. ”علم تحقيق“ سندس اهڙن ئي ڪتابن ۾ شامل آهي، جيڪو 1990ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هيءُ ڪتاب محققن، عالمن، اسڪالرن ۽ تحقيق جي شعبي ۾ پير پائيندڙ شاگردن لاءِ نهايت ڪارگر آهي. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر ٻوهيي لفظ ”تحقيق“ جي معنوي وسعت کان وٺي، ان جي ڪارج ۽

قسمن توڙي علمي ۽ فني رخن تي نهايت عالماڻي انداز ۾ روشني وڌي آهي. هن ڪتاب ۾ ٻوهيي صاحب تحقيق جي مروج اصولن جي اوک ڊوک ڪرڻ سان گڏ، دنيا ۾ تحقيق جي نظرين توڙي پرک ۽ پروڙ جي نون رجحانن تي ڀرپور نموني ڳالهايو آهي. هي ڪتاب ٻن ڀاڱن تي مشتمل ۽ ڪيترن ئي ننڍين ننڍين عنوانن ۾ ورهايل آهي، جن وسيلي ڪتاب جي موضوع جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ تحقيق جو مختصر تاريخي جائزو پيش ڪرڻ سان گڏ تحقيق هڪ سماجي علم، سائنس ۽ ريسرچ، تعليمي تحقيق، تواريخي تحقيق، اظهاري تحقيق، تجرباتي تحقيق، علم ۽ علم تحقيق، علم تحقيق جو قانون، علم تحقيق جي سائنسي حيثيت، تحقيق جا علمي، بنيادي ۽ ثانوي وسيلا، تجرباتي تحقيق، ريسرچ ۽ سائنسي طريقا، تحقيق جي علم جي اخلاقيات، تحقيق ۾ غور ۽ فڪر جو مقام، علم تحقيق ۾ طريقي جي اهميت، سماجي، سائنسي، طبعي ۽ حياتياتي علوم ۽ تحقيق جو دائرو ڪان علاوه ٻين بہ ڪوڙ اهم موضوعن تي ڀرپور روشني وڌي وئي آهي.

ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر ٻوهيي انسائيڪلوپيڊيا آف سوشل سائنسس جو حوالو ڏيندي تحقيق (Research) بابت لکيو آهي تہ ”تحقيق شين، تصورن ۽ اهڃاڻن جي انهيءَ بندوبست (Manipulation) جو نالو آهي، جنهن جو مقصد عمومي نتيجا ڪيڻ هجي ۽ جنهن جي مدد سان ڪنهن علمي مواد کي وڌائي، درست ڪري سگهجي ۽ ان جو جائزو وٺي سگهجي، پوءِ اهو علمي مواد سائنس سان تعلق رکندو هجي ۽ ڪنهن نظريي جي ٺهڻ ۾ مدد ڪندو هجي يا ڪنهن آرٽ جي استعمال سان.“[18] اهڙي طرح تحقيق سان لاڳاپيل ججهو مواد هن ڪتاب ۾ موجود آهي ۽ هي ڪتاب تحقيق بابت اسان جي بنيادي Concept کي Clear ڪري ٿو ۽ مان سمجهان ٿو تہ ٻوهيي صاحب جو هي علمي ۽ تحقيقي پورهيو سنڌي ادب ۾ خاص اهميت رکي ٿو.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جو گهڻو سنجيده ڪم تہ ڪتابن جي صورت ۾ پڌرو ٿي چڪو آهي پر سندس ٽڙيل پکڙيل مضمون ۽ مقالا بہ نهايت اهميت وارا آهن. انهن مقالن مان، آءٌ رڳو سندس هڪ خاص مقالي جو هتي ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان، ڇوتہ اهو مقالو خود اصل ۾ هڪ ڪتاب جي ئي برابر آهي. اهو مقالو **”شعر جي اڀياس جا نوان طريقا“** جي عنوان سان 1978ع ڌاري ٽماهي ”مهراڻ“ ۾ ٽن قسطوار شايع ٿيو ۽ ان کي 2007ع ۾ جامي چانڊيي ”ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري“ واري اينٿالاجي ۾ بہ شامل ڪيو. هن جامع مقالي ۾ ٻوهيي صاحب، عڪس جي اهميت اجاگر ڪندي ادب ۾ عڪسيت، عڪسيت جي نفسياتي حيثيت، ادب ۾ عڪسي مشاهدي جهڙن موضوعن تي

روشني وجهندي ڀٽائي جي ڪلام مان مثال ڏنا آهن. اڳتي هلي هن نشان، علامت ۽ اهڃاڻ کي واضح ڪندي ’ٻوليءَ جي مابعد الطبعيات‘ تي ڳالهايو آهي. هن مقالي جو خاص موضوع شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي فن سان لاڳاپيل آهي. ٻوهيي صاحب فن جي تارازيءَ ۾ شاهه جي ڪلام کي توري شعر جي فني اپياس جا مثال ڏنا آهن. انهيءَ اپياس کي تنوير عباسي پنهنجي ڪتاب ”شاهه لطيف جي شاعري“ ۾ مڪمل ڪيو. هن مقالي جو هڪ شاندار حصو شاعري ۽ تاريخ جي حوالي سان پڻ لکيل آهي. جامي چانڊيي لکيو آهي ته ”هن (ڊاڪٽر ٻوهيي) ”شعر جي اپياس جا نوان طريقا“ جي عنوان سان هڪ شاهڪار مقالو لکي واضح ڪيو ته عظيم شاعري توڙي عمومي شاعريءَ جو اپياس ڪيئن ڪجي؟ عمرانياتي، تاريخي، فطري ۽ فڪري پس منظر، ڪردارَيت، قدرن، تصورن ۽ ٻوليءَ جي نسبت سان لکيل اهو عالماڻو مقالو شعر ۽ ادب جي اپياس لاءِ نوان گَس ۽ اُصول متعين ڪري ٿو.“ (19)

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جي انتقال بعد هن وقت تائين سندس ٻه ڪتابَ منظرِ عام تي آيا آهن. پهريون ”ٻوهيي جون تحريرون 1“ (1994) جنهن کي ناز سنائي ترتيب ڏنو ۽ ٻيو ”سنڌي ٻولي بابت مضمون ۽ مقالا“ (جلد iii) (2008) جنهن کي آزاد انور ڪانڌڙي ترتيب ڏنو. پهرين ڪتاب ۾ ٻوهيي صاحب جا ٻه مضمون ”هلون ته موتي ڳوٺ هلون“ ۽ ”ڪئمپ ۾ ٻه ڏينهن“ کان علاوه مختلف ادبي رسالن کي ڏنل سندس پنج انٽرويو ۽ ”انقلابيات جون تقاضائون“ جي عنوان سان نجم عباسي سان گڏ مذاڪرو ۽ پنج ڪتابن تي لکيل سندس مهاڳ توڙي سندس ٻه تقريرون شامل آهن. ڊاڪٽر ٻوهيي جي زندگي ۽ ڪم کي سمجهڻ لاءِ هي ڪتاب بنيادي رهنمائي ڪري ٿو. خاص طور هن ۾ شامل انٽرويو ڏاڍا اهم آهن. جڏهن ته سندس ٻيو ڪتاب ”سنڌي ٻولي بابت مضمون ۽ مقالا (جلد iii) خالص علمي ۽ تحقيقي ڪتاب آهي، جنهن ۾ ٻين مقالن ۽ مضمونن سان گڏ هڪ مضمون ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪردار“ به شامل آهي. اصل ۾ اهو ئي اهو مضمون آهي، جيڪو سندس پي ايچ ڊي ٿيسز لکڻ جو سبب بڻيو. انهيءَ مضمون ۾ هن اها اهم ڳالهه لکي ته ”ٻولي پنهنجي سماج جي سڀني ماڻهن (Social Groups) جي من (Mind) ۽ ذهن (Thinking) جي اها تحريڪ آهي، جيڪا پاڻ سدا جوان ۽ سدا سرگرم رهي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو چين جي ديوار کان چين جي ٻولي گهڻو برتر آهي... ٻولي سماج جي سچي ۽ امر قوت آهي، جا سماج جي زندگي جي ضمانت طور ڪم ڪري رهي آهي ۽ ان جو واسطو سماج جي سچي زندگيءَ سان آهي ۽ نه هڪ دور جي زندگيءَ

سان.“[20] اِهي ئي اُهي بنيادي ڳالهيون هيون جن کي ان دور جي عالمن ساراهيو ۽ ٻوهيي صاحب کي ان موضوع تي تحقيقي ڪم لاءِ اتساهيو. هن ڪتاب ۾ ان مضمون کان علاوه ٻولي، ڪلچر ۽ لسانيات جي جديد نظرين جي حوالي سان ٻيا ٻه ست پُر مغز مضمون ۽ مقالا شامل آهن.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي سڄي ڄمار علمي ادبي ۽ تحقيقي پورهيو ڪندي ۽ تعليم جي شعبي ۾ خدمتون انجام ڏيندي گذاري. هن جو علمي، ادبي، تحقيقي ۽ تنقيدي ڪم ڏسندي محسوس ٿئي ٿو ته هن جو قلم ڪڏهن به ڪين ٿڪيو ۽ هن مشڪل کان مشڪل ڪم کي به هٿ ۾ کڻي تڪميل تي پهچايو. هن وقت تائين هن جو جيڪو تخليقي، تحقيقي ۽ تاريخي ڪم سامهون آيو آهي، ان کان علاوه به ڪجهه ٽڙيل پکڙيل مواد آهي، جنهن کي سهيڙڻ جي ضرورت آهي. خاص طور هن جا ڪجهه مضمون ۽ مقالا جن ۾ ”سنڌي ادبي تاريخ لکڻ جا اُصول“، ”سنڌي ادب جي تاريخ ۽ ان جا مسئلا“، ”تاريخي واقعيت جو نظريو“، ”نئون روبو“، ”تنوير عباسي ۽ ورڊس ورٿ“، ”ڏڻو ڏڻائي ۽ ڏڻائپ“ وغيره اهم آهن، جن کي سهيڙي ڪتابي شڪل ۾ آڻڻ جي گهرج آهي. ان کان علاوه سندس تقريرون ۽ صدارتي خطبا پڻ نهايت ڪارگر آهن، جن کي پڻ Transcribe ڪرائي ڇپائڻ جي ضرورت آهي.

”ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو وسيع دماغ جو ڌڻي، جڳهي بصيرت رکندڙ ۽ مستقبل بين ماڻهو هو. هن سڄي زندگي پڙهيو، پروڙيو، پاڙهيو ۽ پوءِ ان جي پوري سچائي، سُچيتائي ۽ روشن خياليءَ سان پرچار به ڪئي. هُن عمر ڀر علم ۽ عمل جي روشنيءَ سان سنڌي ماڻهن جي سوچ ۽ سينن ۾ سجاڳي ۽ جاگرتا جي جوت جلائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو.“[21] ڊاڪٽر ٻوهيو هن بيقدري سماج جو هڪ اهڙو ڪردار هيو، جنهن کي ڪو به سجاڳ سماج پنهنجو رول ماڊل بڻائي سگهي ٿو. هن جي سٺ ساله متحرڪ زندگي قابلِ قدر، قابلِ رشڪ ۽ بي مثال هئي. اڄ هن کي ياد ڪندي ۽ هي مقالو پورو ڪرڻ وقت منهنجي ذهن ۾ هڪ شعر اچي ٿو:

*ایک روشن دماغ تھا نہ رہا*
*شہر میں اک چراغ تھا نہ رہا.*

**حوالا:**


1. سنائي ناز (مرتب) ”ٻوهيي جون تحريرون 1“ سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد 1994ع ص 63 ۽ 65
2. چاندیو جامي ”سندي جوڳيان ذات“ پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس ڪراچي، ڊسمبر 2016ع ص 147
3. سنائي ناز، حوالو ساڳيو ص 58
4. ساڳيو ص 16 ۽ 17
5. ساڳيو ص 17
6. ساڳيو ص 174
7. الهداد (عاصم) ٻوهيو فيس بڪ پيج تان ورتل (https://www.facebook.com/DrBohio/photos/a.683717671645093/1748404881843028/?type=3&theater)
8. سنائي ناز، حوالو ساڳيو ص 109
9. دانش احسان (مرتب) ”ويل نہ وسريام“ (مقالو: هڪ دانشمند ۽ صاحبِ بصيرت قلمڪار، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو ـ فياض لطيف)، لاڙڪاڻو ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي 2006ع ص 194
10. ٻوهيو الهداد ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، 1978ع ص 10
11. چانڊيو جامي، حوالو ساڳيو ص 156
12. سنائي ناز، حوالو ساڳيو ص 38
13. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر ”تنقيدون“ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1980ع ص 8
14. سنائي ناز، حوالو ساڳيو ص 69
15. ساڳيو ص 71
16. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر ”ادب جا فڪري محرڪ“ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو 2013ع ص 13
17. چانڊيو جامي، حوالو ساڳيو ص 60 ـ 159
18. ٻوهيو الهداد ”علم تحقيق“ نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، ٻيو ايڊيشن فيبروري 1999ع ص 27 ۽ 28
19. چانڊيو جامي، حوالو ساڳيو ص 158
20. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (جلد iii)“ سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، ص 126 ۽ 127
21. دانش احسان، حوالو ساڳيو ص 197

حَسين مُسرت/ڊاڪٽر ريحانہ نظير

# عورتن جي شاعريءَ ۾ سماجي حقيقتن جو عڪس

## The glimpse of societal reality in poetry by women

**Abstract:**

Poetry is an expression of our passions. It is difficult to separate passion from poetic expression just as it is impossible to separate women from poetry because women poets, arguably, often capture the more subtle expressions of human desire and passion than their male counterparts. Women have been battling to free themselves of various physical and psychological shackles imposed by patriarchal societies without fail and with great endurance. The resilience is evident in Meera's poetry as well in that of modern women poets. Poetry by women can often be deemed as a measure of social realities, a voice of resistance, an exercise in self-pity or even as a rationale for their subjugation but it is also, in many ways, reflective of an informal history of women. It is emblematic of the resistance and and progress that is often condemned in its own day but celebrated in the future. Yet, many poetesses have recorded persistently channelled the injustice, atrocities and social traumas inflicted on women through their poetry.

شاعريءَ جو بنياد عورت ئي آهي تہ وري شاعريءَ جي ابتدا ڪندڙ بہ عورت ئي آهي. جهڙي طرح شاعري مان جذبا ۽ احساس الڳ نٿا ڪري سگهجن تهڙي طرح عورت کي الڳ ڪرڻ بہ ناممڪن هجي ٿو. جذبا ۽ احساس تہ شاعريءَ جي زندگي هوندا آهن وري اهي احساس ۽ جذبا جيڪڏهن عورتن پاران بيان ڪيل هجن تہ وڌيڪ نفيس ۽ وڻندڙ محسوس ٿين ٿا.

اسان جي سماجي تاجي پيٽي مطابق تہ، عورتن تي هر طريقي سان پابنديون مڙهيل هجن ٿيون، جسماني ۽ روحاني طرح، عورتون صدين کان سماجي روين ۽ پابندين جي قيد ۾ رهيون آهن، پر جذبن جي اظهار کي ڪابہ حد، محدود ناهي ڪري سگهي. جڏهن بہ عورت جو اظهار ڪيو آهي تہ مڪمل طرح سچائيءَ سان ڪيو اٿس. پوءِ اها الڳ ڳالهہ

آهي تہ عورت ان اظهار جي آزاديءَ جي قيمت بہ چڪائي آهي.

شاعريءَ جي تاريخ جي ابتدا 6 صدي ق.م ۾ يونان جي شاعر سيفو جو نالو نمايان نظر ايندو آهي. خيال جي پختگي ۽ تصور جي گهرائيءَ ۾ ميران سڀ کان اڳتي ٿي نظر اچي. ”ميران جي دور ۾ ڀڳتي تحريڪ زور تي رهي هئي علم و ادب تي مذهبي اثر نمايان هو ميران جي تصوراتي ۽ خيالي عشق جي ڪيفيت هن کي ٻين شاعرن کان منفرد ٿي بنائي. ڀڳوان ڪرشن جي مورتي جيڪا ٻالڪپڻي ۾ هن کي ملي ۽ هن ان مورتي ميران جي زندگيءَ کي متائي ڇڏيو. ڪرشن جي مورتيءَ سان ديوانہ وار محبت ڪرڻ واري ميران جو تعلق راجستان جي شاهي گهراڻي سان هو. سندس شادي بہ خانداني روايتن مطابق راجڪمار سان ٿي ”ميران جي شادي راجڪمار ڀوج راج سان 1516ع ۾ ٿي“ (سناتي، 1997، ص 64)

ميران جا ساهرا ڪالي ماتا جا پوڄاري هئا ۽ هو ميران ڀڳوان ڪرشن سان عشق کي ناپسند ڪندا هئا سماجي رڪاوٽن جي باوجود ميران، ڪرشن جي ڀڳتي کي نہ ڇڏيو شاهي محلن کي ترڪ ڪري جهنگلن ۾ ڀٽڪندي ڀڄن ڳائيندي رهي، سماجي روايتن ۽ اصولن کان انڪار ڪندي، پنهنجن جذبن جي اظهار کي پابند نہ بڻايائين.

ميران جو عشق، هندو سماج لاءِ چئلينج بڻجي ويو، ميران جي شاهي خاندان لاءِ بہ ميران کي برداشت ڪرڻ ڏاڍو اوکو هو. ميران جي عشق کي بہ روحانيت جي لباس ۾ ڍڪيو ويو. ميران پنهنجي دؤر جو اهڙو آواز هئي جنهن کان انڪار ممڪن نہ هو تہ اقرار بہ مشڪل هو. ان ڪري ميران جي جسم کي تحليل ڪيو ويو.

*ایسی لگی لگن میرا ہو گئی مگن*
*وہ تو گلی گلی ھری گو ناگانے لگی،*
*محلوں میں پلی، بن کے جوگن چلی،*
*میرا رانی دیوانی کہانے لگی*
*ایسی لگی لگن، میرا ہو گئی مگن۔*

ميرا جي بي باڪ اظهار، ميرا جي گهنگهروئن جي آواز، ان دؤر لاءِ چئلينج بڻجي ويو هو. ميرا جي ڪا يادگار يا ڪا سماڌي ڪٿي نہ ملي، ٻڌڻ يا ڏسڻ ۾ نہ آئي آهي.

ميرا کي ڀڳوان ڪرشن پنهنجي اندر ۾ جذب ڪري ورتو. ميرا ڪرشن جي وجود ۾ گم ٿي ويئي. اهڙي قسم جا بيان ۽ ڏند ڪٿائون گهڙي زمانو پنهنجين زميوارين کان آجو بڻجي ويو پر ميرا جو آواز تہ خاموش نہ ٿي سگهيو. سندس گهنگهروئن جي ڇم ڇم

هر دور جي شاعر عورت جي ذهن جي تارن ۾ گردش ڪندي تي نظر اچي. ان ڪي عشق جو تسلسل چئجي، پوڳنائن جو ورجاءُ چئجي، سماجي نفريق جي نندا چئجي، حقيقت بياني چئجي يا بغاوت چئجي، پر ان کي ان سڌي سماجي تاريخ چوڻ کان ڪوبه انڪار نه ڪري سگهندو. اهو سچ جيڪو زماني جي مروج طور طريقن کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪري، اهو بغاوت سڏرائيندو آهي. اهو سچ پنهنجي دؤر ۾ نه پر ايندڙ زمانن ۾ تسليم ڪيو ويندو آهي. عورتن جي شاعري به ائين آهي. موجوده دؤر جون شاعرائون جڻ ته پنهنجي وقت جون ميرائون آهن جيڪي سچ جي تند کي ڇيڙي پنهنجين رچنائن جا ئي پولان ۾ محفوظ ڪنديون پيون وڃن. جن کي وقت جي ڪسوٽي، چنڊي چاٽي ايندڙ زمانن اڳيان پيش ڪندي، سماجي ٻنڌڻ سڌو سئون عورت تي اثر انداز ٿيندا آهن. انهن مسئلن ۾ تفريقي روين کي منهن ڏيڻ کان پوءِ به جڏهن عورت قلم کڻڻ جو سماتي ڪري وٺندي آهي ته پوءِ به مختلف رُڪاوٽون سامهون اچڻ لڳنديون آهن. ادبي حقلن ۾ به عورتن جي موجودگي نه هجڻ برابر هوندي آهي ۽ عورتن کي ميتا به گهٽ ملندي آهي. زمانو ڪڏهن به عورت جي ڏاهپ کي تسليم ناهي ڪندو پر عورت قلم کڻي سماج ۾ ٿيندڙ ظلم، جبر کي بيان ڪندي رهي آهي ۽ اهو اهڙو دستاويز تخليق ٿيل آهي جنهن ۾ هر دؤر جي مڪمل اڻ سڌي تاريخ محفوظ ٿيل آهي، جنهن ۾ سماج آئيني جيان نروار ٿيندو ٿو وڃي. اسان وٽ ادبي قابليت جي کٽ جو هڪ معيار ڪتابن جي گهٽائي به آهي ۽ ان معاملي ۾ عورتون پٺيان رهيل ٿيون نظر اچن. ان جو اهو سبب ناهي ته هو قابل نه آهن پر سوچ ۽ شعور جي سفر کان قلم کڻڻ تائين ۽ قلم کڻڻ کان وٺي ڇپپائيءَ جي مرحلن ۾ ڪيتريون ئي مشڪلاتون پيش اچن ٿيون. جن کي منهن ڏيندي سماج ۾ پنهنجي جاءِ ناهڻ، پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪرڻ، حوصلي، همت جو ڪم آهي.

هن تحقيقي مقالي ۾ سيني شاعر عورتن جون ذڪر نه ڪري سگهبو پر جديد دؤر جي انهن چند شاعر عورتن جو ذڪر ڪبو جن زماني تي، سماج تي، وقت تي، پنهنجي دؤر تي گهري نظر رکي آهي، شاعر پنهنجي شاعريءَ ذريعي، سماجي مسئلن کي به اجاگر ڪيو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ سماج ۾ موجود تفريقي روين جي نندا به ڪئي آهي.

**نور شاهين:**

”شاعري جي حوالي سان هڪڙو بولڊ ۽ اهم نالو محترمه نور شاهين جو آهي ۽ ٻيو گهڻو پوءِ 1969ع کان پوءِ اسان کي نظر اچي ٿو اهو آهي سحر امداد (جوڻيجو 2009 ص 56)

نور شاهين کي ”خاتون اول شاعره“ جو لقب مليل آهي. نور شاهين سنڌي ادب جي تاريخن ۾ مهان شخصيتن جو نالو پهرين عورت شاعر جي طور تي درج ٿيل آهي“. نور شاهين کي سنڌي ٻوليءَ جي خاتون اول شاعري جي حيثيت سان سڃاتو ويجي ٿو. ”جنهن دؤر ۾ هن لکڻ شروع ڪيو ان وقت سنڌي ادب مختلف نظرياتي تنظيمن رجعت پسند، ترقي پسند، بزم شعرا، بزم خليل، جميعت الشعراءِ وغيره ۾ جڪڙيل هو پر هن پنهنجي سڃاڻپ ڪنهن بنظيم بدران شاعراڻين صلاحيتن جي آڌار تي ڪرائي سنڌ جي اڪيلي شاعره هئي، جنهن مردن جي مشاعرن ۾ اڪيلي سر شرڪت ڪئي ۽ سکر کان جيڪب آباد تائين مشاعره پڙهيا.“ (جوڻيجو ـ 2009 ص 100)

نور شاهين شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي :

وفائون آزمائڻ ڏي، محبت آزمائڻ ڏي،
لکي لوڪان مون کي، هڪ وار تون نظرون ملائڻ ڏي
اسان جي زندگي ارمان، دل سان آهي وابستہ،
اسان کي پنهنجي ارمانن جون کي قبرون بنائڻ ڏي.
نہ دنيا جي رهي صاحب، نہ ڪا پنهنجي ڪپي هستي،
خدا جي واسطي همدم اها هستي وڃائڻ ڏي،
ڏسي رهندس پوءِ شهبازن، عقابن جي همت کي،
فقط اي دوستَ تون شاهين کر پر آزمائڻ ڏي،

(شاهين ص 69)

نور شاهين زماني جي ريتن کان واقف آهي، پر وري بہ شهبازن جي نطرن ۾ ڏسڻ جي همت رکي ٿي. حالتن جي ڏکيائي کي قبول ڪندي پنهنجي پاڻ کي مضبوط بنائي زماني جي اڳيان بيهي ٿي ۽ مقابلي کي همت جو اعلان ڪري ٿي.

ورهاڱي کان پوءِ واري دؤر ۾ ادب ۾ نوان لاڙا پيدا ٿيا. عورتن هر ميدان ۾ اڳيان اچڻ شروع ڪيو هو. ادبي ميڙاڪن بہ ٿي رهيا هئا. سماجي تنظيمن جو وجود بہ پئجي رهيو هو. نئين حالتن کي عورتن ۾ منهن ڏيڻ شروع ڪيو هو تعليم ۽ ادب ۾ پنهنجي مقام ناهڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيون هيون.

**رشي راماڻي:**

”رشي راماڻي جي ڪويتائن تي نظر وجهڻ سان پتو پوي ٿو تہ هن جي ڪوتائن جو وڏو حصو عورت ۽ مرد جي رشتي، رومانيت، عورت جي پيڙائن ۽ سماجي مسئلن جي گرد

ڦري ٿو. هن سماجي تبديلي (Change Global) جي هن دؤر ۾ عورت جو آواز ٻڌجي ڪوتا کي اظهاريو آهي ۽ اظهار ۾ سچائي، ايمانداري ۽ حسناڪي هر هنڌ بکي رهي آهي (جويو – ص 07)

جلاوطن
وهاڱي جو ناسور
مڪتي
تاريخ جو هي ڪهڙو مقام آهي؟
جتي اسين وري مليا آهيون
موهن جي دڙي جي هنن کنڊرن ۾،
هي اها آهي مهان سنسڪرتي،
جنهن جي نمائندگي ڪندي
خوشيءَ سان سدائين مرڪندا هئا تنهنجا چپ
سنڌوءَ جي ڇولين جي لوچ هئي
تنهنجي بدن ۾
نند ۾ ٿڙڪندا هئا تنهنجا پير
موهن جي دڙي جي گم شده سنسڪرتي
هزارن سالن کان پوءِ
اڄ تون اوچتو مون سان ملي آهين
مئي ويئي آ سنڌو
الائي ڪهڙي تہ اڻتڻ ۾ محو آهي مهراڻ؟
ميران جهڙي آڪاس جي اداسي
استوپا جي خاموشي،
سمائجي ويئي آهي هوا ۾
بيچين ٿي رهيو آهي تنهنجو من،
سياري جي ٻپهريءَ ۾،
ويران گهٽين ۾ پٽڪندي، ٿاٻڙجندي،
ٿڪجي پيا آهن، منهنجا پير،

رتورت آتما ۾ ٽٽل مردو،
هراسجي ويا آهن،
گذريل ڏينهن جي ڳولا ۾،
ياد تو اچي
زندگي جڏهن ٻڏي ويئي هتي موت جي نديءَ ۾،
وڇڙجي وياسين اسان ٻه،
شايد هميشه هميشه لاءِ!
پر! منهنجي تلاش مون ورنا ڪيئي هئي،
سڄي سنسار ۾ ڀٽڪندي رهيس،
صدين تائين اڄ مون سان ياڪر پاءِ،
اڄ . مڪت ڏي وڃان مان. (رشي ص 1)

رشي جي شاعريءَ ۾ سڏڪو به آهي درد به آهي، اوسيئڙو به آهي، اوسيئڙو ۾ سنڌ ڌرتيءَ سان محبت، رشي جي شاعري ۾ سمايل آهن. رشيءَ جي شاعري پوپٽ جيان نازڪ به آهي ته انڊلٺ جي رنگن جيان رنگين به آهي. رشي جي شاعريءَ ۾ عام انساني روين ۾ جذبن جي تصوير ڪشي ڪيل آهي. سندس مشاهدو تمام گهرو آهي.

عورتن تي مثبت ۾ تعميري ادبي تنقيد گهٽ ٿي نظر اچي. ان جي باوجود به جن عورتن کي موقعا مليا آهن اهي اڄ نمايان مقامن تي آهن. ڪجهه اهڙيون شاعر عورتون به آهن جن وٽ ڏات آهي پر اهي ايتري شهرت نه ماڻي سگهيون جن جون هُو حقدار هيون، جمهوريت جي خاتمي وارو دؤر ضياءَ جي حڪومت جو اچڻ عورتن لاءِ تمام ڏکيو دؤر هو. ان دؤر ۾ عورتن عملي طرح سان مختلف تحريڪن ۾ حصو ورتو هو ۾ پنهنجي قلم وقت جي جبر کي ظاهر ڪنديون رهيون.

**سلطانه وقاصي:**

سلطانه وقاصيءَ جي شاعري عام طرح کان ٿوري هٽيل آهي. سلطانه جيڪو محسوس ڪري ٿي جيئن جو تيئن چئي ٿي ڏي. جذبن کي لفظن جي چادر ۾ لڪائڻ جي ڪوشش نه ٿي ڪري. ”سلطانه وقاصيءَ جي شاعري لفظن جي شاعري ۾ اچارن جو صوتي سنگم نه آهي. پر احساس، اڌمن ۾ آسن جي شاعري آهي.“ (انور 1984 ص 4)

سلطانه انسانن جي اندر ۾ چڱائي تي ڳولي پر ابليس ٿو مليس. سلطانه جا ڪجهه

نظم ڪٿي ڪُتل تا لڳن جڻ تہ ڪا ڳالھ اڌوري هجي يا شعوري ڪوشش تحت سلطانہ ان کي اڌورو ٿي ڇڏي. ڪٿي هو عبادتن جي ڳالهين کي رد ڪري انسانن سان سلهاڙجڻ جي دعويٰ ٿي ڪري تہ ڪٿي وري خدائنءِ انسانن سان پسجندي. انسانن جي اندر بلڪل ابليس جو ذڪر ٿي ڪري. سلطانہ وقاصي پنهنجي دؤر جي سماجي حالتن ۽ نفسياتي لاڙن کي بيان ڪري ٿي. سندس هڪ نظم آهي:

بهارون ايندیون رهنديون،
گل ٽڙندا رهندا،
ڪيترا ڏيا ٻرندا،
ڪيترا ڏيا وسامندا،
پر منهنجي احساس کي
ماٺ نہ ايندي
جذبن جو وهڪرو
وهندو رهندو
تخيل جي جنگ جاري رهندي
ڇو جو مان
انسانيت جو عروج
حقيقتن جي فتح
ڏسڻ چاهيان ٿي
مان نئون انقلاب چاهيان ٿي
ظالم جو رت پيئڻ چاهيان ٿي

(وقاصي 84 ص 03)

زندگي جي حقيتن کي سلطانہ پنهنجي مشاهدي ۽ تجربي جي آڌار تي پرکي، بيان ڪيو آهي ان عورت جي نالي، جنهن جي سوچ ڏاڍي محدود آهي هن نظم ۾ هڪ عام گهريلو عورت جي ڪٿا سمايل آهي:

هي ڪير آ،
پڇڻ مهل
انيڪ اکيون
مون ڏي اُٿي آيون

پر جواب نہ مليو
وري پڇيم
هي ڪير آ
چيو ڪنهن
شاعره
سچ لِکندي لکندي
ڪوڙ جو ساٿ ڏئي ويو.

**پشپا:**

پشپا جي نظم هڪ محل ۾ منفرد خدال منفرد تشبيهہ سان گڏ ردم ۾ نغمگي بہ موجود آه.ي لفظن جي تسلسل خيال جي سلسلي کي سونهن بخشي ڇڏي آهي:

دريا ڪناري واريءَ گهڙو
مون سمجهيو پڪو قلعو
مون سمجهيو مان مضبوط مان محفوظ
لوهہ جو لوهہ آهيان
وقت جي کوري ۾ پڪي آهيان،
تجربي جي چاندي آهيان،
وارن ۾ چمڪي آهيان،
قسمت جي ريکا آهيان،
هٿن ۾ وکري آهيان
واريءَ واري واڇ آهيان
ڪٺو ڪٺو تي ڪري آهيان،
ڏسڻ ۾ اٿاهہ ساگر،
ڳوڙهو ڳوڙهو تي پري آهيان،
پر آئون تہ لوڻ محل آهيان
پاڻيءَ ۾ ڳري آهيان
ڪا ٻي آهيان.
(پشپا 2010ع ص 38)

پنهنجو پاڻ کي مضبوط ۽ محفوظ تصور ڪندڙ عورت جنهن مهل زماني جي لاهن چاڙهن مان گذري ٿي تڏهن ئي محسوس ٿئي ٿو ته سندس وجود لوڻ جيان آهي جيڪو پاڻيءَ ۾ حل ٿي وڃي ٿو. پر لوڻ پنهنجي وجود جا نشان پاڻيءَ ۾ محسوس ڪرائي ٿو. لوڻ جي موجودگي پاڻي جو ڳرو ٿيڻ ۽ پاڻي ۾ ڳري حل ٿيڻ منفرد تشبيهون آهن جيڪي عورت جي وجود جي حقيقت کي بيان ڪري رهيون آهن.

نظم "ننيڙڙي خواهش" (ص 33) ۾ معصوم جذبن جو حساسيت سان اظهار ڪيل آهي. ڏيئن جيان ٻرڻ جي خواهش، آسمان ڇهڻ جي خواهش، بادلن جيان ترڻ جي خواهش، اهڙي جيون جي خواهش جنهن کي موت به ماري نه سگهي. تصور جي گهرائي ۽ خيال جي اڏام پشمپا جي شاعري کي سگهارو ٿي بنائي.

"لفظن جي وچ وارو اڪر آهيان" نظم (پشپا 2010 ص 114) جنهن ۾ پشپا پنهنجي ذهني وسعت کي نروار ڪندي ئي نظر اچي وجود جي آزادي، خيال جي آزادي ۽ عورت جي اعتماد کي ظاهر ڪيو اٿس. عورت کي محدود نٿو ڪري سگهجي پشپا جا نظم ذهن جي ڪينواس کي تمام گهڻي وسعت ڏيندڙ آهن. اهڙي سوچ اصل ۾ سماجي بي حسي جي رد عمل ۾ ظاهر ٿئي ٿي.

پشپا اميد جي جياپي جي شاعره آهي. هوءَ چوي ٿي:

نيٺ ته صبح ٿيندو
نيٺ ته ٿيندو پرڪشش
انهيءَ آس جي جوت
من ۾ جلائي آهي.
(پشپا 2011 ص 31)

**گلشن لغاري:**

گلشن جو مشاهدو تمام گهرو آهي. زندگي جا رنگ اونداها پاسا به ظاهر ڪري ٿي ته وري پنهنجي ڌرتيءَ سان سلهاڙيل سچايون به ظاهر ڪري ٿي. ڌرتيءَ جي محبت هن جي لفظن مان ظاهر آهي، گلشن جي شاعري ۾ مختلف خيال مختلف زندگيءَ جا رنگ نظر ٿا اچن.

"شاعري خون جگر سان پني ٿي، لفظن سان جذبن ۽ احساسن جي چٽر ڪاري ڪرڻ جي هنر کي چئبو آهي پر مون کي ذات ۽ ذانءَ جي خبر ناهي، مون ته پنن تي پنهنجو

خون جگر هاري چيڏيو آهي ممڪن آهي ڪا درد جي تصوير ٺهي پوي. ” (لغاري) 2007 ص 23)

گلشن پنهنجي شاعري خون جگر تي چوي، گهائن ڪي گلاب ۽ درد ڪي خوشبو ٿي چوي. سندس لفظن ۾ زندگي جو تجربو ڳالهائي ٿو:

پنهنجي سوالن جو ڪو سنڌو ڪونهي،
سنڌ وانگي سچڻ بہ ڪو ڪونهي،
گهاءَ بڻجي گلاب ويا ليڪن
درد خوشبو اچا بڻيو ڪونهي.
(لغاري، 2009 ص 36)

سندس نظم منهنجي دل بہ ڌڙڪي ٿي (لغاري 2009 ص 78) شاهڪار نظم آهي. گلشن سياسي شعور رکندڙ شاعره آهي جيڪا هر سياسي تبديلي ۾ اٿل پٿل کي محسوس ڪري ٿي ۽ سياسي جدوجهد ۾ عملي طرح شامل بہ رهي آهي. ان ڪري سندس شاعري ۾ بہ سندس سياسي شعور صاف ظاهر نظر ٿو اچي.

**سحر امداد:**

ردم، موسيقي، رنگ، نزاڪت، رواني جو سنگم سحر امداد جي شاعري ۾ نظر اچي ٿو. سحر امداد پنهنجي دور جي نمايان شاعره آهي. سحر جي شاعري نئين دور جي شاعرن کي بہ نوان موضوع نوان لاڙا ڏنا. سحر جي شاعري محبت جي رنگن سان سجايل آهي. پر هوءَ گلن سان گڏ ڪنڊن کي بہ نظرانداز نہ ٿي ڪري، سحر سماج ۾ موجود روين کي محسوس ڪري ٿي، عورت لاءِ تعريفي روين کي شاعري ۾ پڌرو ڪري ٿي، وقت ۽ ملڪي حالتن جي تبديلي کي سحر بيان ڪري ٿي ايوب جي آمريت واري دؤر جي جبر کي هن جي حساس قلم نظر انداز نہ ڪيو آهي:

وات تي ڏس هو ننگو نينگر
ڪارو ڪنو ڪوجهو نينگر
هٿ سان ڳاڙهو جهنڊو ناهي
خوشحاليءَ جي بيک گهري ٿو
پيٽ بکيو ويچارو نينگر
(سحر 2003 ص 49)

معاشي اڻ برابري، جو ڏک، ڌرتيءَ تي وسندڙ ڌرتيءَ جي رهواسين جي ڏکن ۽ تڪليفن کان سحر بي خبر نہ آهي. هو پنهنجي وقت جي نبض شناس شاعره آهي. سحر جي شاعري جي خاص ڳالهہ هن جي ٻولي ۽ لفظن جي چونڊ بہ آهي. هر لفظ گهڻ معنائن ۾ هر معنيٰ جي لاءِ گهڻا لفظ استعمال ڪرڻ جو ڏانءُ سحر وٽ ئي آهي.

جبر واري دؤر کي سحر پنهنجي نظم "چنڊ ۽ زندان" (سحر 2003 ص 53) ۾ بيان ڪيو آهي. جمهوريت تي لڳل راتاها ۽ جبر جي حڪومت کان سحر جي حساسيت بي خبر نہ آهي. سحر جي شاعري ملڪ جي سياسي تاريخ کي ظاهر ڪندڙ آهي.

وقت ۽ دؤرن جي تبديلي کي بيان ڪندي هوءَ تمام گهڻي حقيقت پسند ٿي نظر اچي. هوءَ خيالي دنيا جي شاعر نہ آهي. "نيٺ تہ پرهہ ڦٽندا" (سحر 2003 ص 55). ۽ سچ نچ ٻچ (سحر 2003 ص 56) اهڙا ئي حقيقت تي مبني نظم آهن. ڪاري رات جو انجام آخر تہ ٿيڻو آهي، ڏک جا ڪوڪرا پرهہ ضرور پسندا، سچ لڙندو تہ چنڊ ڪڙندو، بهترين اصطلاح آهن.

سحر جي شاعري ۾ ڪلاسڪيت وارو رنگ ٿو نظر اچي. سندس جملن ۾ ڏاهپ جا نڪتا سمايل آهن. سحر جي شاعريءَ ۾ ڪٿي ڪٿي شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جي ڪلام جو رنگ ٿو نظر اچي.

دانگيءَ جهڙي دل سيني ۾،
تلها تانگ، توڳي ووءِ.
(سحر 2003، ص 98)

سحر پنهنجي ڪلام جي سحر ۾ پاڻ بہ گم ٿيل نظر ٿي اچي. وقت جي لاهن چاڙهن کي بينا ڪندي سحر صوفي بزرگن جيان اڳڪٿيون ڪندي محسوس ٿي ٿئي.

سحر فيمنسٽ اپيروچ رکندڙ شاعره آهي. سندس شاعري عورت جي احساسن کي بيان ڪندڙ آهي. سندس نظم تابوت، عورت جي پيڙا ۽ ڏک جو مظهر آهي. ڪيتريون ئي عورتون خاموشيءَ سان ستم برداشت ڪنديون آهن، اهڙا ظلم ۽ ستم جن کي سماج ظلم تسليم ئي ناهي ڪندو، بنا مرضيءَ ۽ بنا پسند جي زبردستي ڪيترين ئي ڇوڪرين جون شاديون ڪيون وينديون آهن ۽ اهي جڻ تہ زنده قبر ۾ پوريون وينديون آهن. تابوت نظم ۾ اهڙن احساسن کي پڌرو ڪيو ويو آهي.

**ومي سدا رنگاڻي**

ومي سدا رنگاڻي جي شاعري عام فهم آهي. اها عروض جي قاعدن ۾ قيد بہ ناهي.

لفظ ان جي شاعريءَ تي حاوي نہ آهن. سادن لفظن ۾ وڏي ڳالھ ڪري ٿي ڇڏي. ومي سدارنگاڻي موجوده دؤر جي پڙهيل لکيل عورت جي احساس جي ترجمان آهي. ”ومي سدارنگاڻي سنڌي ٻوليءَ جي اها سلڇڻي، سدوري، سباجهي ۽ سنجيده ليکڪا ۽ شاعره آهي، جنهن جي ادبي ڄمار ڪا ايڏي وڏي نہ آهي، پر هن جي سوچ، هن جا خيال، هن جي ٻولي، هن جا لفظ هن جو رويو ۽ فڪري لهجو بالڪل انوکو منفرد، اڇست ۽ نئون آهي“ (جويو ص 10)

ومي سدارنگاڻيءَ جي شاعري ۾ موجود عورت حصيدار آهي، هن جي زندگي مان پيار نڪري ويو آهي. هو ڄاڻي ٿي تہ پيار جا رڪان سواءِ ڪجھ بہ نہ آهي. پر هوءَ ڪويتائن مان پيار کي نہ ڪڏهن سگهي آهي. وميءَ کي شاعري بہ درد جي هلڪي گونج ٿي محسوس ٿئي. ماحول ۽ حالتن کي مڃتا بہ ڏي ٿي ان ناانصافيءَ کي قبول بہ ڪري ٿي پر اظهار بہ ڪري. سندس نظم چلھ، چڪرو ۽ ويلڻ ۾ لکي ٿي:

چلھ، چڪرو ۽ ويلڻ آهن مون لاءِ!
تون ڪمري ۾ پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهي
شاھ جو رسالو پيو پڙهي
تنهنجو سڏ مان ٻڌان پئي،
اچ، هتي اچي ويھ!
ڏس تہ شاھ ڪيڏو نہ سنو لکيو آهي!
ڇا توکي خبر نہ آهي،
مان تولاءِ روٽي پئي ناهيان!
اسٽوق جي آواز اڳيان
تنهنجو سڏ دٻجي ٿو وڃي
منهنجي نصيب ۾ نہ ڪرسي آهي،
نہ چانھ جو پيالو ۽ شاھ بہ نہ.
چلھ، چڪرو ويلڻ آهن مون لاءِ!
لفظن کي گهمڻ ڦرڻ ڏي!
لفظن کي نہ سميٽ،
کين گهمڻ ڦرڻ ڏي،

ڪليل هوا ۾ انهن جو وات،
بند ڪندي ته
هو سڀ ڪجهه چئي ڏيندا
پنهنجي ڪمري ۾
ڇوڪري
گهر جي سيني ياتين کي خوش ڪندي
ٽڪجي پوي ٿي
ٽڪل قدمن سان،
هوءَ گهڙي ٿي پنهنجي ڪمري ۾
سندس اکين جي اداسي
ڀت تي ٽنگيل
پوسٽر واري ڇوڪري تي جي
مرڪندڙ اکين ۾
گهڙي وڃي ٿي.

(ومي، ص 05)

شمشاد مرزا، حميرا نور، زبيده ميتلو شبنم چانديو عذرا سرور ڪنڊر، نسرين سيد، ديپاجي لعلچنداڻي، سايان سانگي، شبانه سنڌي، نسرين الطاف، ارشاد سومرو، ارم محبوب، نجمه پنهور، شگفته شاهه، ريحانه چنڙ، فهميده شرف بلوچ جي شاعري به خوبصورت احساس ۽ سماجي تنقيدي شعور موجود آهي. انهن جو تفصيلي ذڪر نه ڪري سگهيون آهيون پر انهن جي شاعري مان ڪجهه شعر ضرور لکبا.

”اٿل ڪاهيو اچي نه ٻاهر،
چين آهي چڙي مهتي
نيڻن تاءَ ۾ ترندا تارا
چانوءَ چڙيا ريتي
ڀت تي اڪريل ورهين ڪان
نان لڏل چڙيو ليتي.“

(شمشاد مرزا 2006، ص 46)

”هاڻي وِيتي پوڳ سڪي،
تنهنجي ذات ڏوهاري آهي،
ذات جا ڏيا ٻاريئي پوءِ بہ
چوڏس انڌ انڌاري آهي“

(زبيده ميتلو (2001 ص 129)

”مان عيسيٰ
ٿورئي آهيان جو صليب تي چڙهان
۽ بچي وڃان“

(ساپيان سانگي، ص 159)

”آهي مٺي زهر جيان،
زندگي مون چکي
ڇا ڪيان اي سکي؟
اڌري ويئي اوچتو
ذات منهنجي پکي،
ڇا ڪيان اي سکي“

(حميرا نور، 2004 ص 109)

”عورت تنهنجي هاءِ ڪهاڻي!
درد دانهن ۽ اکين ۾ پاڻي

(رديا لعلچنداڻي 1991ع ص 29)

”سي ڏينهن ويا خوف جا، سُڏڪن جي پڄاڻي آ،
هيءَ ڳالهہ نئين ناهي جذبن جي ڪهاڻي آ،
هيءَ سوچ ڪٽي سنڌجي نڪتي هيءَ نياڻي آ،
سي ڏينهن ويا خوف جا، سڏڪن جي پڄاڻي آ.

(نجمہ پنهور)

عورت جي اظهار سماج لاءِ ايترو تہ ناقابل برداشت هجي ٿو جو ڪڏهن ڪڏهن عورتون پنهنجون تخليقون پنهنجي نالن سان نہ ڇپرائي سگهنديون آهن. جيئن شبانہ سنڌي پنهنجي شاعريءَ لاءِ الڳ نالي جو انتخاب ڪيو. سنجها سرواڻ جي نالي سان شاعري ڪندي هئي ۽ شبانہ سنڌي جي نالي سان ڪهاڻيون لکندي هئي. اندر جي

جهيڙي جو ذڪر پنهنجي ڪتاب "چنڊ، سمنڊ ۽ مان" جي مهاڳ ۾ ڪيو اٿس. "گمناميءَ جو اهوئي فائدو هوندو آهي ته نه ڪير سڃاڻندو آهي، نه ڪجهه چئي سگهندو آهي ۽ نه ڪجهه ٻڌڻو پوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سڃاڻپ عذاب بڻجي ويندي آهي ۽ گمناميءَ ۾ مزو اچڻ لڳندو آهي. مون کي ته "سنجها سرواڻ" جي گمنامي وڻڻ لڳي هئي." (شبانه سنڌي، 2006 ص 14)

"هڪ سچ مان تو سان پيار ڪريان ٿي
هڪ ڪوڙ!
پيار جو انڪار ڪريان ٿي.
(شبانه سنڌي)

قديم ڪان موجوده دؤر تائين هر شاعر عورت جا لفظ الڳ آهن پر جذبن ۾ هڪجهڙائي آهي احساس مختلف سهي پر پس منظر ساڳيو آهي. عشق جي اظهار کان زماني تي تنقيد تائين عورت جي شعوري ۽ فڪري سفر ۾ نواڻ آئي آهي. وقت سان گڏ شاعراڻن طريقن ۾ نواڻ آهي، موضوع ۽ فني سٽاءَ ۾ به تبديليون آيون آهن. علم عروض جي قائدن ۾ قيد شاعري هجي يا آزاد نثري نظم هجن، عورت شاعره پنهنجي فڪري وسعت کي به اظهاريو آهي. عورتن سياسي لاهن چاڙهن، سماجي تبديلن، بين القوامي سياسي تبديلين کي به شاعر جو موضوع بڻايو آهي.

**ريحانه چنڙ**

ريحانه جو قلم تمام ظالماڻي طريقي سان اظهار ٿو ڪري. هن جي شاعريءَ ۾ سندس اندر جو غصو ۽ ڪروڌ ظاهر ٿو ٿئي. زمانو عورت کي ڪيئن ٿو ڏسي، ان جي ردِ عمل ۾ ريحانه چنڙ جا ننڍڙا نظم تخليق ٿين ٿا:

منهنجي سڄي هي سڄي سونهن
تنهنجي شاعري آهي
ناهي بس رڳو
منهنجي زندگيءَ به ناهي
ٿي پٽ تري آيا
ڏيءَ لڙهي وئي
چو ته نياڻي ذات

تارو ناهي ٽيندي.
چنڊ جي ڇهري تي به
ڪارو رڻ،
منهنجي چنڊ جهڙي ماءُ جي
ڇهري تي به ڪارو رڻ
ڇا چنڊ کي به ڪنهن
چپاٽ هنئي آ.

(ريحانه چنڙ)

**روبينه ابڙو**

روبينه ابڙو منفرد لهجي جي شاعره آهي. سندس شاعريءَ ۾ سنڌيت جو رنگ جهلڪي ٿو سنڌ جي قدامت جا پڙاڏا گونجن ٿا، ثقافت جا رنگ وڪريل سڌاءُ عشق جي بي ساختگي، اظهار جي سگهه موضوع جي وسعت لفظن جي موسيقيت، رڌم ۽ تسلسل اٿس. جيتوڻيڪ روبينه جي نظمن ۾ طوالت گهٽي آهي پر ان جي باوجود نظم تي هن جي گرفت مضبوط ٿي رهي. خيال اڇوتا، استعارا ۽ تشبيهون منفرد اٿس. روبينه جي شاعريءَ ۾ ”پاٽياري“، ”ڪنير“، ”راجا ڏاهر“، دراوڙي ڏيءَ ڏرتي جي“، ”ڳوٺ کي هڏڪي لڳڻ، نوان اصطلاح آهن.

”هن دؤر ۾ منهنجي نظرن سان هي پهرين شاعري گذري آهي جنهن ۾ تصوف ايڏي شان ۽ سچائيءَ سان جلوه گر هجي... ٻئي طرف روبينه شعر لکڻ جو گُر شيخ اياز کان سکيو آهي.“ (فهميده رياض 2015 ص)

روبينه جي شاعري ۾ ڳولا آهي احتجاج آهي، مزاحمت آهي:

”قدم کان هن عدم تائين
سيئي اسرار ماٽي پر
هنيلو مرڻ مردي جو
تلاشي آب جو اهڙي
جتان ڪا سرڪ پاڪائي حرا جي
ڪنهن پيري ناهي.“

(روبينه ص 2015 ص 83)

### گلبدن جاويد مرزا

گلبدن جاويد مرزا ادب سان ڪافي عرصي کان سلهاڙيل آهي، سندس شاعري مختلف رسالن ۾ ڇپجندي رهي آهي. گلبدن شاعره هجڻ سان گڏوگڏ ايڪٽوسٽ به آهي. گلبدن جي شاعريءَ روحانتڪ هجڻ سان گڏوگڏ مزاحمتي به آهي، گلبدن جي لفظن ۾ احتجاج جو رنگ به آهي. گلبدن جا طويل نظم "ميچورٽيءَ جي توهين!، 'پاءُ جي بدي ۾ پرٽيل پيٽ جي ڪهاڻي'، '8 مارچ'، 'پوڙهو ٿو پوي'، ملاقات کان اڳ موت چو آهي'، 'چاهتن جا قافلا'، انهن نظمن ۾ اهم سماجي مسئلا کنيا ويا آهن. نظم ميچورٽيءَ جي توهين ۾ لکي ٿي:

"جڏهن انهن ماڻهن،
جن کي ڪجهه به نه سمجهنديون آهيون،
تن کان مات کائي، پڇي پري پونديون آهيون،
پنهنجي ميچورٽيءَ جي توهين تي،
درد جي بار هيٺ دٻجي وينديون آهيون."

(گلبدن)

گلبدن پنهنجي شاعريءَ ۾ زندگي جا انيڪ روپ بيان ٿي ڪري، عورت لاءِ زندگي آزمائش جو پيو نالو آهي، مجموعي طرح اسان جو سماج پڙهيل لکيل، سرگرم نوڪري پيشه عورت کي قبول نه ٿو ڪري، عورت جي قابليت سماج جي برداشت کان ٻاهر آهي. عورت کي هميشه مرد جي پيٺ ۾ گهٽ قابل سمجهيو ويندو آهي، گلبدن پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن روين کي پڌرو ڪيو آهي.

### رخسانه پريت

نازڪ نفيس احساسن جي شاعر آهي، جنهن غزل کي سنڌي ويس اوڍائي اسان جي آڏو پيش ڪيو آهي. رخسانه جي شاعريءَ ۾ غزل جي صنف نمايان آهي. رخسانه جا غزل فني سٽاءَ ۾ نهايت موزون ۽ مڪمل نظر ٿا اچن. خيال کان تشبيهه، قافيي ۽ رديف جي استعمال ۾ رخسانه پنهنجي انفراديت برقرار رکي آهي. زندگيءَ سان ويجهڙائي رکندڙ احساس آهن، رخسانه جي شاعري لفاظي ۽ لفظن جي راند ناهي. هيءَ احساسن جي راند آهي. سندس لفظن جو درد ۽ ڪرب، پنهنجو درد ٿو محسوس ٿئي. رخسانه سياسي جدوجهد جو حصو به رهي آهي. سندس سوچ جو ڪينواس وسيع آهي.

ڏکن کان ڏار ٿي ويجي،
گھڙي پل ٻار ٿي ويجي.
(رخسانہ، 2014 ص 59)

رخسانہ محبت جو اظھار ڪري ٿي پر پنھنجي وجود کي پنھنجي شخصيت کي گم نہ ٿي ڪري، هوءَ محبت ۾ بہ برابريءَ جي قائل ٿي نظر اچي. رخسانہ درد ۽ ڏک کي لڪل نہ رهڻ ڏنو آهي:

”چپ سرخيءَ سان جو ڍڪيل آهن،
درد تن ۾ بہ ڪجھہ لڪل آهن.“
(رخسانہ 2014 ص 232)

رخسانہ دهشت، تشدد، مذهبي منافرت، ناانصافي، سماجي اڻ برابري جنسي تفريق کي ننديو ٿي، رخسانہ جا خيال خنجر اڳيان چڙهن ٿا، زماني جي اڳيان سينہ سپر ٿي بيهن ٿا، دهشت، وحشت ۽ خوني ماحول ۾ بہ رخسانہ پنھنجي اندر جي حسن، نزاڪت ۽ پريت سنڀاليندي اچي. هوءَ موت اڳيان زندگيءَ جون ڳالهيون ٿي ڪري نفرت اڳيان محبت ٿي پکيڙي.

**عطيہ دائود**

”عطيہ جي شاعريءَ ۾ معاشري جي انھيءَ هر قدر سان بغاوت آهي جا عورت ۾ ڪوئي احساسِ ڪمتري پيدا ڪري ٿي. جا نہ هن نظم لکيو آهي، ”پنھنجي ڌيءَ جي ناوَ!“ جڻ ڪوئي زلزلو سماج جي درو ديوار کي ڏانوا ڏول ڪري رهيو آهي، اُها سٽ آهي يا جھانسيءَ جي راڻيءَ جي تلوار آهي، جا اخلاقي قدر تهس نهس ڪري رهي آهي:

”جي توکي ڪاري ڪري مارين،
مري وڃجانءِ، پر نينھن ضرور لائجان“

اها هڪ سٽ برصغير جي پوريءَ عورتازاد جي شاعريءَ تي ڀاري آهي.“ شيخ اياز ص 17)

عطيہ داؤد فيمينٽ شاعره آهي جنھن جي شعري مجموعي جو ترجمو اردو، انگريزي ۽ هنديءَ ۾ ٿي چڪو آهي. عطيہ پنھنجي اک مان جيئن سماج کي ڏٺو آهي اهو بيان ڪيو جيئن محسوس ڪيو آهي اهو لکيو اٿس. عطيہ فيمينٽ آهي تہ هو ان جو اظھار بہ ڪري ٿي، عطيہ جي شاعري هن جا نظرياتي پاسا اجاگر ڪري ٿي، عورت جي سوچ،

عورت جي نفسيات، عورت جي نظر سان سماج کي ڏسڻ، هر شاعر جو انداز نہ آهي. عطيہ پنهنجي دؤر جي اها شاعر آهي جنهن روايتن کي ٽوڙيو آهي. عطيہ شاعري جي موضوعن کي نواڻ ڏني آهي، عورت جا جذبا تہ ساڳيا ئي آهن، زماني جا رويا بہ ساڳيا ئي آهن پر عطيہ داؤد انهن مخصوص روين کان انڪار ڪيو آهي، جيڪي سماجي ميڄتا حاصل ڪري چڪا آهن.

عام عورت جي زندگي گهر جي مردن جي سهاري ۽ اهن جي نالي ۽ سڃاڻپ تحت گذرندي آهي، عطيہ لکي ٿي:

”منهنجي حياتيءَ جو سفر
گهر کان قبرستان جيترو آهي،
لاش وانگر پيءُ، ڀاءُ،
پٽ ۽ مڙس جي ڪلهن تي مون ڪاٽيو آهي
مذهب جو غسل ڏئي،
بيخبريءَ جي قبر ۾ دفنايو ويو آهي.“ (عطيہ ص 37)

بظاهر هيءَ عام ڳالهہ ٿي لڳي ۽ سماجي روايتن مطابق تہ اها عورت ڀاڳن واري ليکي ويندي آهي جنهن کي دفنائڻ ۾ ڀاءُ، پيءُ، مڙس ۽ پٽ جو مٽ هجي، جنهن جي زندگي گهر جي مردن جي سهاري گذري اها عورت خوشنصيب شعور ڪئي ويندي آهي، عطيہ ان ميڄتا، ان ڀاڳ کي ٽوڙي ٿي. عطيہ جي ان نظم ۾ هڪ رڙ آهي احتجاج آهي.

عطيہ جو نظم ”بيڪار رانديڪا“ جنهن ۾ معصوم ٻارڙين سان ٿيندڙ جنسي زيادتيءَ جو ذڪر آهي سماج جي ڳلن تي هڪ زوردار چماٽ جيان آهي. ايڏو درد ۽ ايڏي پيڙا جا سمنڊ ۾ بہ نٿي ماپي سگهجي، انسان جو اندر ڏک ۾ اڌ ٿي وڃي ٿو.

”مان ڪيس چمي ڏيان ٿي
تہ هوءَ ننڊ ۾ مان رڙيون ڪري اٿي پئي ٿي
هي ڪهڙي دوزخ منهنجي معصوم مٿان
لاٿي اٿئي؟
جو پيءُ جي ويڪري ڇاتي ۽ مامتا جي ڀاڪر ۾ بہ
هوءَ سير وڏل ڪڪڙ جيان تڙپي پئي ٿي،
منهنجي ملڪ جي قانون جو ڪوٺو سڪو

ڇا مون کي اھو رانديڪو ڏيئي سگھندو
جنھن سان اذيت جي ٽانڊن تي
ستل ڌيءَ کي وندرائي سگھان
اي خدا ڌيءَ جا بيڪار رانديڪا
۽ رت ۾ ٻڏل! ڇيڙي ڪٽي ايندس
جڏھن مان تنھنجي عدالت ۾ ايندس
تہ انصاف جي تارازيءَ جي ھڪ پڙ ۾
ڇئہ! تون ڇا وجھندين؟؟ !!
(عطيہ، ص 143)

عطيہ ڪان سواءِ اھڙن موضوعن تي ڪنھن بہ ناھي لکيو. عطيہ سماج جي ڏوھن جا اھي پاسا نروار ٿي ڪري، جنھن لاءِ اسان جون عدالتون ۽ قانون بہ خاموش ٿيو ٿو وڃي. عطيہ وٽ سوال آھن، مزاحمت آھي سچ جي ڳولا آھي، اعتبار پيار، مان ۽ عزت جي خواھش آھي، سماج ۾ عورت ۽ مرد جي رشتي ۾ برابريءَ جي ڳالھہ ٿي ڪري.

**امر سنڌو**

امر سنڌوءَ جو لھجو پنھنجي دؤر جي مڙني شاعرن ڪان منفرد آھي. سياسي ۽ سماجي تحريڪن سان سلھاڙيل ھجڻ جي ڪري ھن جي سوچ جو ڪينواس وسيع آھي، امر سنڌو جو شعري مجموعو ”اوجاڳيل اکين جا خواب“ عورتازاد ويمينس ريسرچ اينڊ پبليڪيشن (2011) پاران ڇپيو.

”شاعري ھڪ ليکڪ جو پنھنجي داخلي ذات ۽ سماج سان ڪيل تحريري عھدنامو بہ آھي ۽ حيات جو منشور بہ آھي، خوشقسمت آھي سنڌي ادب جنھن ۾ امر سنڌو جھڙي عورت جا قدم پھتا آھن“ (فھميده رياض 2011، ص 12)

امر سنڌو جي شاعريءَ ۾ گھرائي ۽ خيال جي وسعت ۽ نظريي جي ڳوڙھائي آھي، امر سنڌو جي شاعري صرف داخلي ڪيفيت نہ آھي، امر سنڌوءَ جا موضوع بين الاقوامي آھن. ھن جي شاعري گلوبل انداز جي آھي، فيمنٽ نظريي سان تعلق رکندڙ شاعر، امر سنڌو سماجي تنقيدي شعور رکي ٿي ھن تنقيدي سماج جي ھر پھلوءَ کي قلم جي دائري ۾ آڻي ٿي، سچ ذڪ آھي، حقيقتجي ڪڙاڻ بہ ھن جي شاعريءَ تي حاوي آھي. عورتن لاءِ عملي جدوجھد ڪندڙ امر سنڌوءَ جي شاعريءَ ۾ مزاحمت جا رنگ نمايان آھن.

سندس نظم مزاحمتي شاعري:

”مزاحمتي شاعريءَ ۾ جاڳڻ کان پوءِ
بغاوت!!
منهنجي رڳن ۾ ڊوڙندي
منهنجي اکين ۾ پڙجي ٿي
منهنجي ڀڪوڙيل مٺين ۾ ساهه کڻي
منهنجي چپن تي جاڳي ٿي
بغاوت کان ورتل چمي
واٽن تان ڪنيل لٽن کان پوءِ
منهنجا چپ ۽ پير
اجنبي ٻوليءَ ۾ لکيل تاريخ جي ڪتاب
جي خالي ورقن تي بنا هيڊنگ جي
پرنٽ ٿي ٿا وڃن
منهنجي ايندڙ نسل انهن پرنٽس مان
نعرا ......................؟؟!! ؟؟
يا سياري جي سرد راتين ۾
اهي پرنٽ ساڙي پنهنجا هٿ سيڪندي
ما ڇا ڄاڻان؟؟

(امر سنڌو 2011 ص 18)

امر سنڌو جو عشق، مزاحمت ۽ بغاوت رومانس، امر سنڌوءَ پنهنجي شاعريءَ لاءِ عملي زندگي جيان مزاحمت ۽ جدوجهد ڪندي نظر ٿي اچي، هوءَ سماج کي ڪجهه ڏيڻ جي دعوي نہ ٿي ڪري بس پنهنجو نظريو ۽ سوچ بيان ٿي ڪري.

امر سنڌو ديس ڀڳتيءَ جا نعرا نہ ٿي هڻي ديس سان محبت جي دعوي بہ نٿي ڪري پر پنهنجي جنم ڀوميءَ سان لڳاؤ هن جي لفظن مان ظاهر ٿئي ٿو. هوءَ ديس جي اڪيلائيءَ کي پنهنجو ساٿ ٿي آڇي. اهڙي آڇ امر سنڌؤ کان اڳ ڪنهن شاعر نہ ڪئي آهي. انياءِ دنيا ۾ ڪٿي بہ ٿئي، امر سنڌؤ جو قلم ان پيڙا کي لفظن ۾ فريم سجائي پڙهندڙن اڳيان ڪنهن خوبصورت تجريدي آرٽ جي شاهڪار جيان پيش ٿي ڪري. امر سنڌو پنهنجي

ٿيءَ جي اهڙي شاعره آهي جنهن سنڌي شاعريءَ کي وسعت ڏني آهي، لاطيني آمريڪا ۽ آفريڪا کان ايشيا جي سنڌ تائين عوام جي ڏک ۽ بيوسيءَ کي بيان ٿي ڪري. ته سندس دل ٿوڙهي ڦاٽڪ تي قتل ٿيل شاگردن لاءِ به تڙپي ٿي:

"نئين عالمي نظام وٽ
اسان کي ڏيڻ لاءِ
کير جي فيڊر بجاءِ آهي رڳو
گندرف ۽ شيهي جي گولي
اسان جون جوانيون انقلاب
اسان جون مرڪون احتجاج
۽ اسان جا لڙڪ
اسان لاءِ نعرا اٿي رهيا آهن"

(امر سنڌو، 2011 ص 40)

امر سنڌوَ جي شاعريءَ ۾ تشبيهه تمام سگهاري ۽ منفرد آهي امر سنڌوُ جيڪي تشبيهون استعمال ڪيون آهن اهي عام مروج طريقي کان هٽيل آهن، امر سنڌوَ جا لفظ، تشبيهون، استعارا سندس پنهنجي تخليق آهن. ڪٿان متاثر ٿي ورتل نه آهن. لفظن جي گهرائي ۽ خيال جي پکيڙ ۾ داخليت ۽ خارجيت جو عنصر موجود آهي.

سنڌي عورت جي شاعري سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿي. اسان جي شاعر عورتن مڃتا کان مٿاهون ٿي قلمي پورهئي سان ادب کي سينگاريو آهي. وقت جو محقق جڏهن به انهن پنن تي نظر وجهندو ته ضرور جذبن جا رنگ، ٽٽل خوابن جا شيشا ميڙٽا پوندس، ان خونِ جگر تان چٽيل تصويرن ۾ هن پنهنجي سماج جا عڪس به پسي سگهندو.

**حوالا:**


1. عورت ڪوتا ۽ احساس.
2. عورتازاد، وومن ريسرچ اينڊ پبليڪيشن 2004.
3. ناز سنائي. ؟؟؟؟
4. سلطانه وقاصي، "دونهاٿيل درشن، آگم پبليڪيشن ايجنسي 1984ع.
5. نذير ناز، غزل چو نه چوان، ناري پبليڪيشن حيدرآباد نومبر 2004.
6. نور شاهين، رُس مَ رسڻ گهوريو.

7. ڊاڪٽر فهميده حسين, د نيا جون شاعر عورتون.
8. تاج جويو رشمي راماڻيءَ جو پنر جنم.
9. سندري اتم چنداڻي, ذات لپٽي لات.
10. ناز سنائي مرتب: ميزباني, ڪيسر سنڌي ساهت گهر 1997ع
11. رشمي راماڻي, "مان سنڌڻ" (2005).
12. تاج جويو ومي سدارنگاڻي جي تخليق جو جائزو.
13. سحر امداد, چوڏهينءَ چنڊ آڪاس وعده ڪتاب گهر 2003ع
14. ومي سدا رنگاڻي, سچ الاءِ ڪٿي ڪري پيو.
15. گلشن لغاري, وڇڙي ويل زندگي, ڪويتا پبليڪيشن 2009.
16. حميرا نور, درد جي خوشبو تخليق پبليڪيشن حيدرآباد مئي 2009.
17. عذرا سرور, ڪنڊر, نم جي ڇانوري ۾.
18. ديا جي لعلچنداڻي, اٽپوري اٽپوري پاشا مها رنگ احمد 1999ع.
19. شبنم چانڊيو چنڊ..... راول پبليڪيشن خيرپور 2008ع.
20. زبيده ميتلو ڏات ڏوهاري, انڊس پبلشر ڪراچي 2009.
21. فهميده شرف بلوچ, اداس راتيون ادا رستا, سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد آگسٽ 2016ع.
22. روبينہ ابڙو قدم ڪان عدم تائين ڪنول پبليڪيشن قمبر 2015ع
23. ارشاد سومرو گهڙي ڪن جي ياري آهي, سڏرائي درد جو ڪوانت نہ 2015ع
24. شمشاد مرزا, نئين لاتي جهڙي آرٽس ڪرافٽس سينٽر سکر 2006 آگسٽ
25. نسرين الطاف درد جي ڇانوَ ۾, سليٽ اشاعتي شعبو ٽنڊوقيصر 2015ع
26. شبانہ سنڌي, چنڊ سمنڊ ۽ مان ادب اشاعت گهر حيدرآباد 2006ع
27. ساپيان سانگي, اجان ڪائنات جيئري آهي سانگي پبليڪيشن شڪارپور
28. عطيہ داؤد, شرافت جي پل صراط
29. رخسانہ پريت: نگاهن جا سجدا, ماءِ پبليڪيشن سکر 2014ع
30. امر سنڌو, اوجاڳيل اکين جا سپنا, عورتازاد, ويمنز ريسرچ اينڊ پبليڪيشن حيدرآباد 2011ع.

غلام مرتضيٰ نانگور (مرتضيٰ ناز)

# تنوير عباسيءَ جي شعري مجموعي ”ساجن سونهن سرت“ ۾ انساني زندگيءَ تي موسمي اثرن جو اڀياس

## The study of weather impact on human life in Tanveer Abbasi’s poetry collection “Saajan Soonh Surrit”

**Abstract:**

The phenomenon of natural calamities, weather, earthquakes and attacks of wild animals has been the source of inspiration, awe and curiosity of human being since along. While the impacts of weather have also remained the Centre of human attention, which has caused the whirl of inspiration in human thought, out of which, the new meditation and wisdom emerge.

The weather has a greater impact on social and cultural life of the society. As the poets happen to be more sensitive, so the weather impact also effects on the thought, and emotions of poets and writers. This is why, we find greater impact of weather in art and literature in general and in poetry in particular.

Tanveer Abassi was amongst the poets of nature and romance. There is a spontaneous expression of weather impact on human life in his poetry at large. So, this research study explores the weather impact on human life as well as on the poetic work of Tanveer Abassi comprised in his poetry collection “Sajan Soonhun Surrit”.

فطرت جا ڪيترائي واقعا ۽ لقاءَ انسان جي حيرت ۽ تجسس جو محرڪ رهيا آهن، جن ۾ قدرتي آفتون، زلزلا ۽ خوفناڪ جهنگلي جانورن جا حملا شامل آهن. ان ڪان سواءِ موسمن جي ڦيرگهير ۽ تبديليءَ جا اثر بہ ازل ڪان انسان جي توجہ ۽ سوچ جو مرڪز بڻيا آهن، جن شعوري يا لاشعوري طور تي انسان جي ذهن ۾ هڪ ولوڙ پيدا ڪئي آهي. ان ولوڙمان انساني فڪر جنم پئي ورتو آهي. اهو فڪر ارتقا جون مختلف منزلون طئي ڪري، شعور جي نت نئين صورت اختيار ڪندو رهيو آهي، جنهن جي جهلڪ هر

دور جي ادب، آرٽ ۽ فنونِ لطيفه جي مختلف شعبن ۾ نظر اچي ٿي. تاريخ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته قديم دور جو انسان موسمي اثرن کان ايتري حد تائين ته متاثر رهيو آهي، جو ڪيس مذهبي عقيدي جو بنياد ئي موسمي اثرن ۽ انهن جي مخلتف مظهرن تي رکڻو پيو. ان جي نتيجي ۾ مختلف دؤرن ۾ سج، چنڊ، وڻن، باهه ۽ پاڻيءَ جي پوڄا ٿيندي رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو مقدس ڪتابن ۾ پڻ انساني زندگيءَ تي موسمي اثرن جو ذڪر نهايت وسيع دائري ۾ ڪيو ويو آهي. ٻين مذهبي ڪتابن جيان قرآن پاڪ ۾ ته لاتعداد جاين تي انساني زندگيءَ تي موسمي اثرن جي اهميت بيان ڪئي وئي آهي، جنهن مان انساني زندگيءَ تي موسمي اثرن جي اهميت جي خبر پوي ٿي.

جيئن ته شاعر ۽ آرٽسٽ وڌيڪ حساس هوندا آهن، ان ڪري انهن جي نفسيات تي موسمي تبديلين جو اثر نسبتاً وڌيڪ ٿيندو آهي. ان ڪري دنيا جي آرٽ ۽ ادب خاص طور تي شاعريءَ ۾ موسمي اثرن جي ڪري آيل تبديلين جي عڪاسي وڌيڪ نظر اچي ٿي، جنهن ۾ دنيا جي مختلف خِطن جي فطري، سماجي توڙي ثقافتي زندگيءَ جو عڪس ڏسي سگهجي ٿو.

غور ڪري ڏسبو ته تخليقڪار جي سوچ تي موسمي تبديلين جا اثر ٻن طريقن يعني سڌيءَ ۽ اڻ سڌيءَ طرح اثرانداز ٿيندا آهن. تخليقڪار ڌرتيءَ جي جنهن خِطي ۾ موجود هوندو آهي، اتان جي موسم ڪڏهن ٿڌي، ڪڏهن گرم، ڪڏهن وڻندڙ ته ڪڏهن گُهٽ، ٻوسٽ ۽ بيزاريءَ واري هوندي آهي. ان قسم جي موسمي تبديلين جا اثر سندس نفسيات تي مختلف قسم جا اثر مرتب ڪندا آهن. اهي اثر ئي سندس سوچ ۾ تخيلقي تحرڪ پيدا ڪندا رهندا آهن. اهڙيءَ طرح سوچ جو اهو تحرڪ وري ڪنهن نئين تخليق جو محرڪ بڻبو آهي. يعني موسمي تبديلين جا اثر تخليقڪار جي سوچ تي اثرانداز ٿي، سندس تخليقي عمل ۾ سڌيءَ طرح ڪردار ادا ڪندا آهن.

ان کان علاوه موسمي تبديلين جا اثر زندگيءَ جي مختلف شعبن ۽ سماجي سرگرمين تي به پوندا آهن. جنهنڪري سماج ۾ معاشي، معاشرتي ۽ ثقافتي تبديليون اينديون رهنديون آهن. مثال طور جڏهن بهار جي موسم ايندي آهي، ته هر طرف گل ٽڙي پوندا آهن ۽ خوشبوءِ جي هبڪار ٿي ويندي آهي. ان جي ابتڙ خزان جي موسم ۾ وڻن جا پن ڇڻي ويندا آهن. سياري جي موسم ۾ وري پارو ڄمندو آهي يا برفباري ٿيندي آهي. انهن سمورين موسمي تبديلين جو اثر سماجي توڙي معاشرتي زندگيءَ تي پوندو آهي.

ساڳيءَ ريت، سال جي سمورين موسمن ۾ ايندڙ سماجي، معاشرتي توڙي ثقافتي تبديلين جو محرڪ اصل ۾ موسمي تبديلين جا اثر هوندا آهن. انهن اثرن جي ڪري ئي سماج ۾ نيون نيون تبديليون ايندڙيون ۽ ختم ٿينديون رهنديون آهن. انهن تبديلين جي مسلسل ڦير گهير مان نئين سوچ ۽ جدت پسنديءَ جي نواڻ جنم وٺندي آهي. سماج ۾ موسمي اثرن جي ڪري آيل اها نواڻ ئي تخليقڪار جي سوچ ۾ تخيلاتي تحرڪ پيدا ڪندي آهي. اهو تحرڪ وري ڪنهن تخليق جو باعث بڻبو آهي. اهڙيءَ ريت موسمي تبديلين جا اثر تخليقڪار تي اڻ سڌيءَ طرح اثرانداز ٿيندا رهندا آهن، جن جي جهلڪ سندس تخليق ۾ نظر ايندي آهي. مطلب ته تخليقڪار جي ذهن ۾ آيل تخيلاتي تحرڪ جي پويان اصل محرڪ موسمي اثر هوندا آهن.

ڪن موسمي تبديلين جا اثر عالمگير اهميت جا حامل هوندا آهن. ان ڪري انهن جو اظهار دنيا جي مختلف ٻولين جي ادب ۾ ٿيندو ٿيندو رهي ٿو. خاص طور تي شاعري انهن جي اظهار جو اهم ذريعو بڻجي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو انساني زندگيءَ تي موسمي تبديلين جو اثر سموري دنيا جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو. اها الڳ ڳالهه آهي ته هر ملڪ يا خِطي ۾ موسمي تبديلين جا اثر يا انهن جي ڪري ايندڙ تبديليون مختلف ضرور آهن، پر دنيا جي نامور شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي پنهنجي علائقي جي زندگيءَ تي موسمي اثرن جي ڪري ايندڙ تبديلين جو اظهار ڀرپور انداز سان ڪيو آهي، جيڪو سندن شاعريءَ ۾ موجود سماجي، تهذيبي ۽ ثقافتي انفراديت جو اساس آهي.

تنوير عباسيءَ جو شمار به ان قسم جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو. سندس شاعريءَ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته هو بنيادي طور تي هڪ رومانويت پسند، فطرت نگار شاعر آهي. ان ڪري سندس شاعريءَ ۾ فطرت ۽ انساني زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ موسمي اثرن سبب ايندڙ تبديلين جو اظهار ڀرپور انداز سان ٿيل آهي. هن مقالي ۾ تنوير عباسيءَ جي شعري مجموعي ”ساجن سونهن سُرت“ ۾ شامل شاعريءَ ۾ انساني زندگيءَ تي موسمي اثرن جي ڪري ايندڙ مختلف قسمن جي تبديلين جو جائزو ورتو ويو آهي.

تنوير عباسي سنڌي ٻوليءَ جو ڀڳڙو شاعر ۽ محقق هو. هن نه صرف سنڌي شاعريءَ ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو پر تحقيقي ۽ تنقيدي ادب ۾ جديد سائنسي طريقو اختيار ڪيائين. ان لحاظ کان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ بابت سندس ڪتاب ”شاهه لطيف جي شاعري“ ڪافي اهميت حاصل ڪري چڪو آهي. هو سنڌي ادب سان گڏ انگريزي ۽ فرينچ ادب جو به وسيع مطالعو رکندڙ اديب

هو. رکيل مورائي لکي ٿو تہ ”مان پانيان ٿو تہ سنڌي شاعرن ۾ اياز (شيخ اياز) کان پوءِ تنوير عباسيءَ جهڙو ۽ جيترو پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو نہ رهيو آهي.“[1]

ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين تنوير بابت پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿي تہ ”اها ڳالهہ طئي ڪانہ ٿي آهي تہ هُو (تنوير) شاعر وڏو هو يا محقق وڏو هو هن جي تخليقي صلاحيت اتم هئي يا وٽس تنقيدي شعور وڏيڪ هو؟“[2]

مٿين راين مان تنوير عباسيءَ جي شخصيت جي علمي ۽ ادبي حيثيت جي خبر پوي ٿي. بهرحال تنوير عباسي سنڌي ادب خاص طور تي جديد سنڌي شاعريءَ جي ارتقا ۽ اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو سندس شمار جتي سنڌي ٻوليءَ جي جديد شاعرن ۾ ٿيندو رهي ٿو اتي ڪيس سنڌي ٻوليءَ جي عالم ۽ محقق طور تي بہ سڃاتو وڃي ٿو. ان جي باوجود سندس بنيادي سڃاڻپ هڪ شاعر جي حيثيت سان ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي ادب ۾ سندس شاعريءَ جا ڇهہ مجموعا سندس شاعر هئڻ جو هڪ اهم حوالو آهن. تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي خوبيون موجود آهن، پر فطرت نگاري ۽ نفيس رومانوي احساسن جو اظهار سندس شاعريءَ ۾ پنهنجي دور جي هڪ نمايان خوبي آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ کي جديد / منفرد رخُ فراهم ڪيو. ان کان علاوه سندس شاعريءَ ۾ موجود تازگيءَ ۽ خوشيءَ جو احساس بہ سندس شاعريءَ جي هڪ اهم خوبي آهي، جيڪا پڙهندڙ کي خوشيءَ جي احساس سان سرشار ڪري ڇڏي ٿي. پڙهندڙ جيئن جيئن سندس شاعري پڙهندو وڃي ٿو تئين تيئن تازگيءَ جي ان احساس ۾ اضافو ٿيندو وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت ٻوليءَ جي نج پٽي جو سواد ۽ سنڌي سماج جو واضح ۽ چٽو عڪس پيش ڪرڻ بہ سندس شاعريءَ جون اهم خوبيون آهن. جڏهن تہ موسمي اثرن جي ڪري زندگيءَ جي مختلف سرگرمين ۾ آيل تبديلين جي عڪاسي سندس شاعريءَ جي هڪ خاص ۽ بنيادي سڃاڻپ آهي. اهو ئي سبب آهي جوسندس شاعريءَ ۾ موسمي اثرن جي ڪري انساني زندگيءَ جي ريتن، رسمن ۽ سماجي سرگرمين ۾ آيل تبديلين جا انيڪ عڪس نظر اچن ٿا.

تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ انساني زندگيءَ تي موسم جي اثرن جي اڀياس کان اڳ، ٻين ٻولين جي شاعريءَ ۾ مذڪوره عنوان جي اهميت جي باري ۾ ڄاڻڻ ضروري آهي، تہ جيئن ان جي روشنيءَ ۾ سندس شاعريءَ جو تنقيدي جائزو جائزو وٺي سگهجي.

موسمن ۾، سال جون چار موسمون يعني (سيارو بهار، اونهارو ۽ سرءُ) شامل آهن، اها الڳ ڳالهہ آهي تہ دنيا جي ڪن خِطن ۾ سال جون چار موسمون نہ ٿينديون آهن، پر ان جي

باوجود هر خطي جي شاعريءَ ۾ اتان جي موسمي اثرن جي ڪري آيل تبديلين جو ذڪر ضرور ملي ٿو. جيئن تہ موسم جي تبديليءَ جو اثر ماحول جي طبعي ۽ حياتياتي شعبن تي سڌيءَ طرح اثرانداز ٿيندو آهي, ان ڪري معاشرتي زندگيءَ سان گڏ سماج جي ٻين شعبن ۾ انهن ۾ ٿيندڙ سرگرمين ۾ بہ تبديليون ايندیون آهن. مثال طور, موسمي تبديلن سبب گلن جو ٽڙڻ ۽ وڻن مان پنن ڇڻڻ جو عمل ٿيندو آهي, جنهنڪري گلن ٽڙڻ کي بهار جي علامت تہ پنن جي ڇڻڻ جي عمل کي خزان جو اهڃاڻ سمجهيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح سياري ۽ اونهاري جي موسم جا بہ پنهنجا الڳ اثر, تبديليون ۽ علامتون آهن, جن جو اظهار دنيا جا مخلتف شاعر ۽ آرٽسٽ سندن ماحول ۾ ايندڙ موسمي تبديلين جي مطابق ڪندا رهندا آهن.

انگريزي شاعريءَ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ مختلف دورن جي انگريز شاعرن موسمي اثرن ذريعي ايندڙ تبديلين جو اظهار پنهنجي انداز سان ڪيو آهي,

ارڙهين صديءَ جي مشهور انگريز شاعر, اوليور گولڊسمٿ (Oliver Goldsmith) (1728_1774) پنهنجي نظم, "Lines From The Deserted Village" ۾ موسم جي اثرن ۽ انهن جي تبديلين جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

Where smiling spring its earliest visit paid,
And parting summer's lingering blooms delayed.(3)

جيئن مٿي بيان ٿيو تہ, گلن جي ٽڙڻ ۽ خوشبوءِ جي ڦهلجڻ جو عمل مختلف موسمي اثرن جي ڪري ٿيندو آهي يعني گلن جي ٽڙڻ ۽ انهن جي خوشبوءِ جي ڦهلاءَ جو بنيادي محرڪ موسمي اثرن جي ڪري آيل تبديليون هونديون آهن, ان ڪري گلن ٽڙڻ جي عمل ۽ انهن جي خوشبوءِ اثرن کي موسمي اثرن جي اپياس جي دائري ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. ان لحاظ کان هڪ ٻئي انگريز شاعر, شيلي (Percy Bysshe Shelly) (1792_1822) جي هيٺئين شعر ۾ گلاب ۽ ان جي خوشبوءِ جو ذڪر ڪيو ويو آهي:

Odors, when sweet violets sicken,
Live within the sense they quicken,
Rose leaves When the rose is dead
Are heaped for the beloved bed.(4)

اهڙيءَ طرح رومانوي شاعريءَ جي باني وليم ورڊس ورٿ (1770_1850) جي مشهور نظم "The Daffodils" (نرگس جا گل) ۾ پڻ گلن جي جهومندڙ جهڳٽي ۽ ان

مان پيدا ٿيندڙ تخيلاتي تاثر کي منفرد انداز سان اظهاريو ويو آهي، جنهن مان موسمي اثرن جي چِٽي جهلڪ نظر اچي ٿي.

ان کان علاوه رومانوي دور جي مشهور شاعر شيلي پڻ پنهنجي نظم ”آزادي“ ۾ موسمي اثرن جو چِٽو عڪس پيش ڪيو آهي. سندس نظم هن طرح آهي:

”آسمان ۾ وڄ ٿي ڪڙڪي،
اوسي پاسي جا واهڻ- وستيون
روشن ٿا ٿين،
زلزلو شهر کي پنهنجي خوفناڪ
پيرن ۾ چيپاتي ٿو.
هزارين شهر خوف کان ڏڪن ٿا
هڪ خوفناڪ آواز
زمين جي تهن ۾ گونجڻ لڳي ٿو.“[5]

ان ريت، انگريزي شاعريءَ ۾ حُسن (Beauty) يعني خوبصورتيءَ ۽ جماليات جي مشهور شاعر ڪِيٽس Keats (1795_1821) جي شاهڪار نظم (Ode To Nightingale) ۾ موسمي اثرن جي عڪاسيءَ جو اندازو سندس نظم جي هيٺين سِٽن جي ترجمي مان ڪري سگهجي ٿو:

”مان هن خوشبودار اونده ۾
ايترو اندازو ضرور لڳائي سگهان ٿو تہ
چيٽ جي ڦوٽهڙي ۾
گاهن ۽ ڦلدار وڻن تي
ڪهڙا ڪهڙا گل ٽڙيا آهن،
چنبيليءَ جا برف جهڙا گل،
چراگاهن جو جهنگلي گلاب،
بنفشيءَ جو نازڪ گل،
۽ بهار جي موسم جو
شبنمي شراب ڇلڪائيندڙ گلاب،
سانوڻ جي شامن ۾

ڀُون ڀُون ڪندڙ
ماڪيءَ جي مکين جو
آستانو بنجي ويندو آهي.“(6)

اهڙيءَ طرح، اردو شاعريءَ ۾ به هر دور جي شاعرن موسمي اثرن ۾ انهن جي ڪري ٽڙندڙ مختلف گُلن ۾ انهن جي خوشبوءِ کي شاعريءَ جو موضوع بنايو آهي. ان لحاظ کان ”وہ بھیگا دسمبر“ جهڙا شعري اسم ته تمام گهڻو مشهور ٿيا. ان کان علاوه هر دور جي اردو شاعريءَ ۾ موسمي تبديلين ۾ انهن جي اثرن جو ذڪر ملي ٿو. ڏيگهه کان بچڻ لاءِ اردو شاعريءَ مان هتي انهن شعرن جون فقط چند سِٽون ڏجن ٿيون، جن مان موسمي اثرن جي ذڪر جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. هيٺئين شعر ۾ بارش جي موسم جي اثر جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن مان اها خبر پوي ٿي ته شاعر جي ذهن ۾سندس محبوب جي بدن جي خوشبوءِ جو احساس جاڳي پيو آهي:

”بارش ہوئی تو تیری خوشبو کے قافلے،
ایسے اڑے کہ شہر گلابوں سے بھر گیا۔“

اهڙيءَ طرح نوشي گيلانيءَ جي شعر جي هيٺين سِٽ پڙهڻ سان انساني سوچ تي سرديءَ جي موسمي اثر جي خبر پوي ٿي.

”یہ سردیوں کا اداس موسم،
کہ دھڑکنیں برف ہو گئیں۔“

ساڳيءَ ريت، ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته ان ۾ به اوائلي دور کان انساني زندگيءَ ۾ موسمي اثرن جي ڪري ايندڙ تبديلين جو چٽو اظهار ٿيندو رهيو آهي، جنهن مان موسمي اثرن جي ڪري زندگيءَ ۾ آيل تبديلين جي جهلڪ پسي سگهجي ٿي. قاضي قادن ۾ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي بيتن جي هيٺين سِٽن ۾ موسمي تبديلين جي اثرن جو ذڪر موجود آهي.

”ڪڏهين ٻيري ٻُور، ڪڏهن ڦل نه هڪڙو.“
(قاضي قادن)

”سالوري ڇا سُڌِ، متي ڪنول ڦُلاريو.“
(شاهه ڪريم رحہ)

مٿين سٽن ۾ بير جي ٻورجڻ واري موسم سان گڏ ٻيرن اُڪرڻ واري موسمي تبديليءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ ٻيءَ سٽ ۾ ڪنول جي ڦولارجڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن جو اصل محرڪ موسمي اثر ۽ ان جي ڪري آيل تبديلي آهي يا ائين ڪٿي چئجي تہ هن سٽ ۾ ان وقت جي اهميت بيان ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ موسمي تبديليءَ جي اثر سبب ڪنول جو گل ڦولاربو آهي، پر (سالُوري) يعني ڏيڏر کي ان موسمي تبديليءَ جي خبر ئي ناهي.

اهڙيءَ طرح شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سموري شاعريءَ ۾ بہ موسمي اثرن ۽ انهن جي ڪري انساني زندگيءَ جي مختلف سرگرمين ۾ آيل تبديلين جو ذڪر ملي ٿو. سُر ”سارنگ“، سُر ”عمر مارئي“، ”سسئيءَ جي مختلف سُرن“ ۽ سُر ”سهڻي“ وغيره جي اڪثر بيتن ۾ موسمي اثرن يا انهن جي ڪري آيل تبديلين جو اظهار وسيع انداز ۾ ملي ٿو. ان لحاظ کان هيٺ، سندس چند بيتن جون هيٺ ڏجن ٿيون، جن کي پڙهڻ سان موسمي اثرن جي ڪري آيل تبديلين جي خبر پئجي سگهي ٿي.

(1) ”سَر نِسريا پانڌ، اتر لڳا آءُ پرين.“ (سر ساموندي، داستان پهريون)
(2) ”سانوڻ گهڙي سپ ڪا، هيءَ سَرَهي سياري.“ (سر سهڻي، داستان ٽيون)
(3) ”لڳي ڪوسو واءُ، لوڪ مڙوئي لهسيو.“ (سر سسئي آبري، داستان پهريون)
(4) ”لڳي اتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي.“ (سر ڪاموڏ، داستان ٻيو)
(5) ”آگميو آهي لڳهہ پس لطيف چئي،
وٺو مينهن وڏ ڦڙو ڪيو ڏڻ ڪاهي.“ (سر سارنگ، داستان پهريون)

شاهہ سائينءَ جي مٿين سِٽن ۾ ’اتر جي لڳڻ‘ واري موسمي اثرن سبب سَرن جي نسرڻ جي عمل جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ٻئي بيت ۾ درياهہ جي پاڻيءَ تي اونهاري ۽ سياري جي موسمي اثرن جي ڪري ايندڙ تبديلين کي بيان ڪيو ويو آهي يعني سانوڻ جي مند ۾ موسم جي گرم هئڻ سبب هر ڪنهن کي درياءَ ۾ وهنجڻ جي خواهش هوندي آهي، پر شاهہ سائينءَ سياري جي موسم ۾ سهڻيءَ طرفان موسم جي سرد اثر جي پرواهہ نہ ڪرڻ واري ڳالهہ ذريعي اصل ۾ موسمي اثر جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي. حقيقت ۾ موسم جو اهو اثر ئي هن بيت جي فڪري اهميت جو حقيقي روح آهي. اهڙيءَ طرح ٽئين بيت ۾ ’ڪوسي واءَ جي ڪري لوڪ جي لهسجڻ‘ واري موسمي اثر جي اهميت بيان ڪئي وئي آهي. چوٿين بيت ۾ اتر لڳڻ جي ڪري ڪينجهر جي لهرن ۾ آيل تبديلي بيان

ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ پنجين بيت ۾ برسات جي موسم جي ڪري ’مال جا ڏڻ ٻاهر ڪاهي هلڻ‘ واري تبديليءَ کي بيان ڪيو ويو آهي.

اهڙيءَ طرح سچل سائينءَ جي هيٺئين بيت ۾ محبوب جي ويجهو اچڻ ۽ ان سان ملاقات ڪرڻ واري عمل کي وسڪاري جي موسم جي اثر طور پيش ڪري، اهو ٻڌايو ويو آهي تہ جڏهن موسم تبديل ٿي برساتي ٿي ويندي تہ پرين منهنجي ويجهو ايندا.

”والي وسائيج درد منديءَ جو ديس،

پرين مون پرديس، اُني ايندم اوڏڙا.“ (سچل، سُر سارنگ)

اهڙيءَ ريت، جديد سنڌي شاعريءَ ۾، ڪشنچند بيوس، شيخ اياز، حيدربخش جتوئيءَ، نارائڻ شيام، تنوير عباسيءَ، هري دلگير، استاد بخاريءَ، نياز همايوني، عبدالڪريم گدائيءَ، امداد حسينيءَ، شمشير الحيدريءَ، ابراهيم منشيءَ، حليم باغيءَ، جمن دربدر، آڪاش انصاريءَ، اياز گل، ادل سومري، حسن درس، احمد سولنگيءَ، اياز امر شيخ، فياض ڏاهريءَ ۽ حفيظ باغيءَ سميت نئين ٽهيءَ جي اڪثر شاعرن جي شاعريءَ ۾ انساني نفسيات تي پوندڙ موسمي اثرن ۽ انهن جي ڪري ايندڙ مختلف تبديلين جو ذڪر ملي ٿو.

ٻين ٻولين جي شاعريءَ ۽ ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ ۾ مذڪوره عنوان جي اڀياس کان پوءِ تنوير عباسيءَ جي مجموعي ”ساجن سونهن سُرت“ (1996ع، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو) ۾ انساني زندگيءَ تي موسمي اثرن ۽ انهن جي ڪري ايندڙ تبديلين جي اڀياس طرف اچون ٿا. هي مجموعو سندس سڀ کان آخري شعري مجموعو آهي، جنهن ۾ وايون، غزل ۽ هائيڪا شامل آهن. جيئن تہ تنوير عباسيءَ جي اڪثر شاعري سندس ذاتي زندگيءَ جي تجربن ۽ احساسن جو شاعراڻو اظهار آهي، جنهن بابت هو خود لکي ٿو تہ، ”مان پنهنجي شعر ۾ ڪوشش ڪري پنهنجي ذاتي جذبن ۽ احساسن جي اپٽار ڪندو آهيان.“[7]

پر جيئن تہ شاعر بہ سماج جو هڪ حساس ذهن رکندڙ اهم جز هوندو آهي، جيڪو ڪيس محسوس ٿيندڙ هر شيءِ کي اظهار جو روپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جنهن ۾ پڙهندڙ کي پنهنجي زندگيءَ جا احساس ئي محسوس ٿيڻ لڳندا آهن. اهڙيءَ طرح تنوير عباسيءَ جي شاعري بہ ڪنهن حد تائين سندس دور جي نئين نسل جي داخلي دنيا جي ترجماني ڪندڙ هئي، جنهنڪري سندس شاعريءَ کي ان دور جي نوجوانن وانگر موجوده دور جو نئون نسل بہ پسند ڪري ٿو.

تنوير عباسيءَ جي مذڪوره مجموعي ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن تي سال جي ڇهني مندن جي اثرن ۽ انهن جي ڪري ايندڙ تبديلين جو ذڪر ملي ٿو. هن مقالي ۾ سندس مجموعي ۾ هر موسم جي اثرن جو ڌار ڌار جائزو وٺي، انساني زندگيءَ تي موسمي اثرن ۽ انهن جي ڪري ايندڙ مختلف سماجي، معاشرتي ۽ ثقافتي تبديلين کي اجاگر ڪيو ويو آهي. سڀ کان پهريان هيٺ سندس شاعريءَ ۾ سياري جي موسمي تبديلين جي ڪري ايندڙ تبديلين جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

### 1. سياري جي موسم

سياري جي موسم پاڻ سان گڏ پنهنجا الڳ اثر ۽ تبديليون کڻي ايندي آهي. ٿڌي هوا لڳڻ سبب سيءُ پوڻ شروع ٿيندوآهي تہ انسان جي سوچ نفسيات تي ان سيءُ ۽ سرديءَ جو گهرو اثر پوندو آهي. اهو اثر انساني زندگيءَ ۾ ايندڙ معاشرتي تبديلين جو باعث بڻبو آهي. انهن تبديلين جا اثر وري انسان جي مزاج، پسند ۽ ناپسند ۾ بہ تبديليون آڻيندا آهن. مثال طور جڏهن سردي وڌي ويندي آهي ۽ ماحول تي ڪوهيڙي جو ڏنڌ ڇانئجي ويندو آهي تہ جسم کي اُس ۽ باهہ جي گرمائش وڻڻ لڳندي آهي، جنهن مان عجيب رومانوي احساس جنم وٺندا آهي. انهن جو اثر انسان جي مزاج توڙي روزاني زندگيءَ ۾ بدلاءُ آڻيندو آهي. تنوير عباسيءَ جي هيٺئين شعر ۾ سياري اثر جي ڪري انساني زندگيءَ ۾ آيل تبديليءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي:

جنوريءَ – راتيون،
هيٽر ڪمري ۾ ٻريل،
نيزا ۽ باداميون.

(صفحو: 58)

هن شعر ۾ ڪمري ۾ هيٽر ٻرڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ، سيءُ کان بچڻ لاءِ ڊراءِ فروٽ يعني نيزا ۽ باداميون استعمال ڪرڻ واري ڳالهہ ڪئي وئي آهي. غور ڪري ڏسبو تہ ان معاشرتي تبديليءَ جو سبب سياري جو موسمي اثر نظر ايندو. مطلب تہ هن شعر مان انساني زندگيءَ تي موسم جي اثرن جو عڪس بہ نظر اچي ٿو تہ ان مان معاشرتي زندگيءَ ۾ آيل تبديليءَ جي جهلڪ بہ ڀسي سگهجي ٿي. اهڙيءَ طرح تنوير عباسيءَ جي هن مجموعي ۾ موجود سندس ڪيترن ئي شعرن ۾ سياري جي موسم جي اثرن جي ڪري آيل تبديلين جو ذڪر ملي ٿو. پر طوالت کان بچڻ لاءِ هتي حوالي طور فقط هڪ شعر زيرِ بحث آندو ويو آهي. سياري کان پوءِ بهار جي موسمي اثرن جي اڀياس طرف اچون ٿا.

### 2. بهار جي موسم

بهار جي موسم پاڻ سان گڏ گلن ٽڙڻ جو خوبصورت ماحول ۽ خوشبوءِ جو احساس کڻي ايندي آهي، جيڪو خاص طور تي شاعرن جي سوچ تي وڏيڪ اثر انداز ٿيندو آهي. بهار جي خوبصورتيءَ جو اهو احساس شاعر جي تخيل جي ذريعي نئين تخليق جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. ڪڏهن تہ شاعر خوبصورتيءَ جي تصوراتي مشاهدي دوران، احساس جي ايتري تہ گهرائيءَ ۾ هليو ويندو آهي، جو ڪيس هر منظر ۾ خوبصورتيءَ جي جهلڪ نظر اچڻ لڳندي آهي. تنوير عباسيءَ جي هيٺئين شعر ۾ بہ ان قسم جو اظهار ڪيو ويو آهي.

تنهنجي نيڻ نهار،
جهڙي مند بهار.

(صفحو: 16)

يا

بسنت جهڙو سپرين،
جنهن جو گفتو گفتو گلُ.

(صفحو: 18)

بهار جي موسم جي اثر سبب شاعر کي سندس محبوب بسنت جي مند جهڙو خوبصورت ۽ ان جي گفتگوءَ مان بهار جا گل ٽڙندي محسوس ٿي رهيا آهن. مطلب تہ هن شعر ۾ شاعر جي تخيل يا سوچ تي بهار جي موسم جي اثر کي بيان ڪيو ويو آهي، جيڪو سندس تخيلاتي سوچ تي موسمي اثر جي خوبصورت اظهار جي صورت ۾ هن شعر جو فني توڙي فڪري جوهر بڻجي هن شعر جي خوبصورتيءَ ۾ اضافي جو باعث بڻجي پڙهندڙ کي متاثر ڪري ٿو.

غور ڪري ڏسبو تہ گلن جي ٽڙڻ ۽ خوشبوءِ جي هبڪار جو عمل ڪنهن نہ ڪنهن موسمي اثر جو ئي نتيجو هوندو آهي. گلن ٽڙڻ ۽ خوشبوءِ جو اهو وڻندڙ احساس بيِن فطري ۽ موسمي تبديلين جي اثرن جيان انساني سوچ ۽ فڪر تي اثر انداز ٿيندو رهي ٿو. جيئن تہ شاعر حساس هئڻ ڪري خوبصورتيءَ کي نسبتاً وڏيڪ پسند ڪندا آهن، ان ڪري گل ۽ خوشبوءِ، خوبصورتيءَ جو رومانوي احساس رکڻ سبب شاعرن کي وڏيڪ ڪشش ڪندا آهن. ان ڪري سموري دنيا جي شاعريءَ ۾ موسمي اثرن جي اظهار سان گڏ انساني مزاج ۽ فڪر تي گلن ۽ خوشبوءِ جي اثر جو ذڪر بہ ٿيندو رهي ٿو.

تنوير عباسي بہ ٻين موسمي اثرن وانگر گلن ۽ خوشبوءِ کان متاثر ٿيندي نظر اچي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ گلن جي خوبصورتيءَ، تازگيءَ ۽ خوشبوءِ جو اظهار وڏيڪ ملي ٿو. ان کان علاوه انساني مزاج ۽ نفسيات تي انهن جي اثرن جو ذڪر بہ سندس شاعريءَ جو اهم موضوع ۽ محور نظر اچي ٿو. ان ڪري سندس شاعريءَ ۾ انساني زندگيءَ ۾موسمي اثرن جي ڪري ايندڙ تبديلين جي جائزي سان گڏ گلن ۽ خوشبوءِ جي اثرن جو جائزو وٺڻ بہ ضروري آهي. هيٺ سندس شاعريءَ ۾ گلن ۽ خوشبوءِ جي اثرن جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

**گُلن جو اثر:**

بهار جي موسم جو اثر گلن ٽڙڻ ۽ خوشبوءِ جي ڦهلجڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي ۽ اهي گل وري شاعر کي ڪشش ڪري، سندس تخليقي اظهار جو سبب يا موضوع بڻجندا آهن. تنوير عباسيءَ جي هيٺئين شعر ۾ گلن ٽڙڻ جي خوبصورتيءَ جي ان اثر جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو رستي سان ويندڙ شاعر کي پنهنجي طرف ڪشش ڪري، ڪيس اتي بيهڻ ۽ انهن طرف ڏسڻ تي مجبور ڪري ڇڏي ٿو. جڏهن هو انهن گلن کي ڏسڻ لڳي ٿو تہ سندس اکيون نري پون ٿيون ۽ سندس منُ اُجرو ٿي پوي ٿو.

رستي ويندي
ڏسبا آهن،
ڪيئي گل گلابي،
ٿورو ترسي،
تن ڏي نهاري،
اکيون ٺاري،
تن جي سڳنڌ سان،
من کي اجاري،
اڳتي وڌندو ويندو آهيان.

(صفحو: 81)

جيئن تہ گل موسمي اثرن جي ڪري ٽڙندا آهن .جڏهن هوا انهن جي خوشبوءِ کي ڦهلائيندي آهي، تہ انهن تي پوپٽ مڙي ايندا آهن، اهو منظر شاعر جي تخليقي سوچ ۾ هڪ عجيب تحرڪ پيدا ڪندو آهي، جنهنجي نتيجي ۾ نئين تخيلق جي سرجڻ جي

موسم سازگار ٿيندي آهي. مطلب تہ گلن ٽڙڻ کان پوپٽن جي مِڙڻ ۾ شاعر جي ذهن ۾ تخيلاتي تحرڪ ذريعي نئين تخليق جي سرجڻ واري سموري عمل ۾ بنيادي طور تي موسمي اثر ئي ڪارفرما هوندا آهن. تنوير عباسيءَ جو هي شعر ان جو مثال آهي:

مون تہ گلاب لڳايا آهن،
پوپٽ پاڻهي آيا آهن.

(صفحو: 46)

**خوشبوءِ جو اثر:**

هونئن تہ مخلتف موسمن ۾ مختلف گلَ ٽڙندا رهندا آهن، پر جيئن تہ گلن جو ٽڙڻ ۽ خوشبوءِ جو مهڪڻ بهار جي موسم جا اهم حوالا آهن، ان ڪري بهار جي موسم جي موضوعاتي نسبت سان تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ انساني سوچ ۽ مزاج تي گلن جي اثر جي جائزي سان گڏ خوشبوءِ جي اثر جو جائزو وٺڻ بہ ضروري آهي. ان لحاظ کان سندس هيٺئين شعر ۾ خوشبوءِ جي اثر جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

رات جي راڻيءَ جا اوپارا،
آئي جڻ ڪا سار سڄڻ جي،
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.

(صفحو: 22)

هن شعر ۾ رات جي راڻيءَ جي خوشبوءِ جي اثر جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جڏهن چانڊوڪيءَ رات ۾ رات جي راڻيءَ جا گُل ٽڙندا آهن، تہ هر ڏسا خوشبوءِ ٿي ويندي آهي. هن شعر ۾ رات جي راڻيءَ جي خوشبوءِ جي ان اثر جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو هڪ شاعر کي سندس محبوب جي ياد ڏياري ٿو. جيئن ئي هوا جا جهوٽا رات جي راڻيءَ جي خوشبوءِ کي ڦهلائڻ لڳن ٿا تہ شاعر يادگيرين جي حسين دنيا ۾ هليو وڃي ٿو، جتي هو چوڏهينءَ جي چانڊوڪيءَ ۾ پنهنجي محبوب کي پسي رهيو آهي. غور ڪري ڏسبو تہ رات جي راڻيءَ جي گلن ٽڙڻ کان وٺي چوڏهينءَ جي چانڊوڪيءَ ۾ شاعر پاران محبوب جي يادن ۾ گم ٿي وڃڻ واري سموري عمل ۾ موسمي اثرن (يعني چانڊوڪيءَ) جو ڪمال ئي نظر اچي رهيو آهي.

فطري طور تي گرميءَ، گُهٽ ۽ ٻوسٽ جو انسان جي طبيعت توڙي مزاج تي اڻوڻندڙ اثر پوندو آهي، جنهنڪري ان مان بيزاريءَ جو احساس جنم وٺندو آهي، پر تنوير عباسيءَ

جي هيٺئين شعر ۾ موتئي جي سرهاڻ سبب ڪيس گرمي ۽ گُهٽ جهڙي نه وڻندڙ موسم به وٽي رهي آهي. اهڙيءَ طرح هن شعر ۾ گرمي ۽ گُهٽ جي اثر مان پيدا ٿيل جنهن موتئي جي سرهاڻ جي احساساتي تاثر (جيڪو موسمي اثر جي پيداوار آهي) جو اظهار ڪيو ويو آهي، ان جي اهميت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي.

موتئي جي سرهاڻ،
هيءَ گرمي ۽ گُهٽ ۾،
وٽي ٿي ڏاڍي هاڻ.

(صفحو: 55)

اهڙيءَ طرح چانڊوڪيءَ جو تصور عموماً خوشيءَ جي احساس کي جنم ڏيندو آهي. جڏهن ته اونداهي ۽ ٻُٽ، بيزاريءَ، بوريت ۽ مايوسيءَ جي علامت سمجهي ويندي آهي، پر جڏهن ان اونداهيءَ ۽ ٻٽ واري ماحول ۾ هوا جو جهوٽو پاڻ سان گڏ خوشبوءِ جو احساس کڻي اچي ٿو ته اونداهي، ٻوسٽ ۽ بيزاري واري اها ڪيفيت هڪ وڻندڙ احساس ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. انساني نفسيات تي ان قسم جي موسمي اثر جو اظهار تنوير عباسيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ هن طرح ڪيو آهي.

اونداهي، ٻُٽَ، هاڻ،
آندي جهوٽي اوچتو
رابيلن جي سرهاڻ.

(صفحو: 61)

### 3. اونهاري جي موسم

سياري ۽ بهار جي موسم وانگر اونهاري جي موسم به پاڻ سان گڏ مختلف سماجي ۽ ثقافتي تبديليون کڻي ايندي آهي. تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾سياري ۽ بهار جي موسمي اثرن سان گڏ، ڪيترن ئي شعرن ۾ اونهاري جي موسمي اثرن جي ڪري آيل تبديلين جو اظهار به ملي ٿو:

آيو اونهارو،
پنڪڙيون ڇڻنديون ويون،
ڦٽڻ لڳو ميوو.

(صفحو: 59)

هن شعر ۾ اونهاري جي موسمي اثرن سبب گلن جي پنکڙين ڇڻڻ ۾ ميووي ڦُٽڻ واريءَ تبديليءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي. هن شعر ڪي ان نظر سان پڙهڻ سان حيرت لڳي وڃي ٿي، تہ شاعر ڪيئن نہ فقط چند لفظن ۾ اونهاري جي موسمي اثرن جي ڪري آيل ان تبديليءَ کي بيان ڪري ڇڏيو آهي، جيڪا هن شعر جو فڪري جوهر بڻجي، پڙهندڙ کي متاثر ڪري وڃي ٿي.

موسمي اثرن جي ڪري آيل ڪي تبديليون سماجي ۾ معاشرتي زندگيءَ تي ايترو تہ گهرائيءَ سان اثرانداز ٿينديون آهن، جو اهي ڪنهن مخصوص علائقي يا خطي جي ثقافت جي اهم جزن جي حيثيت اختيار ڪري وٺنديون آهن. ان قسم جي موسمي اثرن ۾ انهن ذريعي آيل سماجي ۾ ماحولياتي تبديلين مان مقامي ڏاهپ (Folk Wisdom) جنم وٺندي آهي. ان مقامي ڏاهپ جي استعمال جي جهلڪ وري وري سماجي زندگيءَ جي ترجماني ڪندڙ شاعريءَ يا آرٽ جي مختلف صورتن ۾ نظر ايندي آهي. تنوير عباسيءَ جي هن شعري مجموعي ۾ بہ ان قسم جي شاعري موجود آهي، جنهن ذريعي، موسمي اثرن جي ڪري ايندڙ تبديلين مان پيدا ٿيندڙ ان مقامي لوڪ ڏاهپ (Folk Wisdom) جي انفراديت کي اجاگر ڪيو ويو آهي، جيڪا خيرپوري ۾ آس پاس جي خطي جي ثقافت جو جُز بڻجي چڪي آهي. سندس هن شعر ۾ ان قسم جو اظهار ملي ٿو.

گرمي، گُهٽَ، مکيون،
آرايون ڪنَهندي ڇيئين،
کجيون چاڻ پڪيون.
(صفحو: 73)

هن مختصر شعر ۾ خيرپور جي آس پاس جي مقامي زندگيءَ تي اونهاري جي موسمي تبديليءَ جي ڪري انساني زندگيءَ تي پوندڙ اثرن مان پيدا ٿيل ان لوڪ ڏاهپ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو اتان جي منفرد مقامي ثقافت جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. اها ثقافتي انفراديت خيرپور ۾ ان جي آس پاس جي عام زندگيءَ تي موسمي اثرن جي ڪري ايندڙ تبديلين جي پيداوار آهي. تنوير عباسيءَ پنهنجي شاعريءَ ذريعي اونهاري جي موسم جي اثرن مان پيدا ٿيل، ان مقامي انفراديت کي لوڪ ڏاهپ جي صورت ۾ پنهنجي شاعريءَ ذريعي پيش ڪرڻ جي فنڪاراڻي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن مان پڙهندڙن کي اها خبر پئجي سگهي ٿي تہ خيرپور جي علائقي جي گهريلو زندگيءَ ۾ کجين پچڻ جي موسم جو اندازو ڪيئن ڪيو ويندو آهي يعني کجين پچڻ

جي موسم کي سجاڻڻ جا مقامي ماپا ڪهڙا آهن؟ ان لحاظ کان هي شعر شاعريءَ ۾ مقاميت نگاريءَ جو بہ اعليٰ نمونو آهي. سچ تہ موسمي تبديليءَ جي اثرن مان پيدا ٿيل ان نج مقامي ثقافت جي اظهار هن شعر جي فڪري اهميت کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

**4. سرءَ يا خزان جي موسم**

تنوير عباسيءَ جي مذڪوره مجموعي ۾ سال جي ٻين موسمن جي اثرن سان گڏ سرءَ جي مند جي اثرن جي ڪري انسان جي مزاج ۾ پسند ناپسند ۾ ايندڙ تبديلين جو اظهار بہ عام مليو ٿو. سندس هينئين شعر ۾ وڻن مان پنن جو ڇڻڻ، فضا ۾ مٽي ۾ دزَ مليل هئڻ ڪري، هرشيءِ جو ڏنڌلي ۾ ميرانجهي نظر اچڻ جي ذڪر وسيلي سرءَ جي موسمي تبديلين ۾ ان جي اثرن جو اظهار ڪيو ويو آهي. جيڪي سرءَ جي موسم جي اهم علامت سمجهيا وڃن ٿا. ان قسم جو اظهار هن شعر ۾ هن طرح ڪيو ويو آهي:

پن ڇڻ سانجهي،
دز رَليل ڪرٽا هئا،
هر شيءِ ميرانجهي.
(صفحو: 59)

سندس هينئين شعر ۾ تہ نہ صرف سرءَ جي موسم جي اداسيءَ وارو منظر پيش ڪيو ويو آهي، پر ان سان گڏ سرءَ جي موسمي اثر سبب جي نفسياتي طور انسان جي موسيقيءَ جي پسند ۾ آيل تبديليءَ جو اظهار بہ ڪيو ويو آهي، جنهن ذريعي، شاعر شاعراڻي مهارت سان فراق جي گيت مان پيدا ٿيندڙ اداسيءَ کي سرءَ جي موسم جي اثر طور پيش ڪيو آهي.

ٻيڙي ۾ مانجهي،
گونجيل گيت فراق جو،
سرءَ جي سانجهي.
(صفحو: 64)

**نتيجا:**

تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ مان هي فقط چند مثال پيش ڪيا ويا آهن. جن ذريعي سندس شاعريءَ ۾ انساني زندگيءَ تي موسمي اثرن جو اڀياس ڪيو ويو آهي. سندس شاعريءَ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ انساني زندگيءَ ۾ سماج ۾ موسمي اثرن جي ڪري مختلف تبديليون ايندڙيون رهن ٿيون. جهڙيءَ طرح مختلف قسم جي تبديلين جا

بنيادي محرڪ موسمي اثر آهن. ساڳيءَ ريت شاعر جي تخيلاتي سوچ تي مختلف قسم جي موسمي اثرن ۾ تبديلين جو اثر ٿيندو رهي ٿو جيڪو سندس نئين تخليق جو باعث بڻجي ٿو. انهن اثرن جي جهلڪ سندس شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿي. تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ جي گهري مطالعي مان اها خبر پوي ٿي ته شاعريءَ جي سرجڻ ۾ موسمن جا اثر ۽ انهن جي ڪري ايندڙ مختلف تبديليون ڪارفرما هونديون آهن.

جڏهن ته تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ جي مطالعي مان اها ڳالهه به پڌري ٿئي ٿي، ته سندس مشاهداتي قوت تمام تيز ۽ سڄيت آهي، جيڪا انساني زندگيءَ تي اثرانداز ٿيندڙ موسمي اثرن ۾ انهن ذريعي ايندڙ تبديلين کي محسوس ڪري وٺي ٿي. ان ڪري سندس شاعريءَ ۾ جتي انهن موسمي اثرن ۾ انهن جي ڪري ايندڙ تبديلين جي عڪاسي نظر اچي ٿي، اتي سندس شاعريءَ ۾ انساني زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ آيل تبديلين جو ذڪر به ملي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ موسمي اثرن جي اڀياس مان اها ڳالهه به سامهون اچي ٿي ته انساني زندگيءَ ۾ سماج ۾ موسمي اثرن جي ڪري ايندڙ تبديليون هڪ فطري عمل آهن. ان ڪري شاعر جي ذهن ۾ سندس تخليق تي انهن تبديلين جو اثر پڻ هڪ فطري عمل آهي. اهو ئي سبب آهي جو تنوير عباسيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن موسمي اثرن ۾ انهن جي ڪري ايندڙ تبديلين جي اظهار کي نهايت اهميت ڏني آهي، جيڪا ڪيس موسمي تبديلين جي اظهار ڪندڙ ۽ فطرت سان پيار ڪندڙ شاعر جي منفرد سڃاڻپ ڏئي ٿي.

**حوالا:**


(1) مورائي، رڪيل: ”زندگيءَ ۾ ٿي ويو ايمان تازو“ (مضمون)، ممبئي: ڪونج، 2000ع، ص 14

(2) فهميده حسين، ڊاڪٽر: ”تنوير عباسي هڪ نقاد هڪ محقق“، پڙهائي ـ7 (تنوير عباسي نمبر)، خيرپور: سنڌي شعبو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، ڊسمبر،2002ع

(3) سليڪشن فرام انگلش ورس. ڊي واءِ مارگن. ڄامشورو: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ. 2014ع

(4) ساڳيو

(5) بيوس، تاجل: انگريزي شاعريءَ جي مختصر تاريخ، ڪراچي: نئون نياپو اڪيڊمي، 2004ع، ص 39

(6) ساڳيو ص 53

(7) ملڪ، نديم: ”تنوير عباسي - پهاڙ پڇاڙيءَ تائين“ (مقالو)، بشمول: پڙهائي ـ7 (تنوير عباسي نمبر)، سنڌي شعبو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، ڊسمبر 2002ع، ص 38

رياض ڪلهوڙو

# رئيس شمس الدين ”بلبل“ جون ادبي خدمتون

## Literary Contribution of Raees Shams-ud-din “Bulbul”

**Abstract:**

One of the most eminent and prominent personality, Raes Shamas-ud-din “Bulbul” was familiar in observations of literature, prose, writing and journalism. His work for Sindhi literature and expertise in journalism is to save in golden words in history. He began his career as an Editor in “Al-Muawin”, the newspaper of Khan Bahadur Hassan Ali Effendi. He preached Nationalism in prose writings that made him familiar in history of literature. His interconnected skills of prose; poetry provided a unique and pioneer space in modern literature. Raees Shamas-ud-din “Bulbul” was known as an innovative poet, scholar, literature commandant and an educationalist. He wrote so many books, out of which 38 were published. In his books, he has reflected circumstances of that time. He is known as “Grand Father of Sindhi Literature and Journalism” in history.

دادو ضلعي جي شهر ميهڙ جي مهڪ پري مٿي علم ۽ ادب جي حوالي سان سنڌ ۾ سر سبز خطي طور سڃاتي ويندي آهي. ميهڙ جي مردم خيز مٽيءَ مان جنم وٺندڙ عظيم هستين سنڌي ادب نثر توڙي نظم، ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. اهڙن باڪردار شخصيتن منجهان رئيس شمس الدين ”بلبل“ بہ هڪ هو. سندس ولادت 29 شعبان 1374 هجري بمطابق 21 فيبروري 1857ع تي، بهادر خان شينو (ابڙو) جي گهر ۾ ٿي. بنيادي طور سندس وڏا بلوچستان جي شهر ڀاڳناڙيءَ جا رهواسي هئا. شمس الدين ”بلبل“ شروعاتي تعليم ڳوٺ گاهي مهيسر جي ديني درسگاهہ مان حاصل ڪئي، جتي مولانا عصمت الله پيرزادو سندس استاد هو. ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پاٽ شريف جي ديني مدرسي مان 1872ع ۾ فاضل جي سَند حاصل ڪيائين. پاٽ شريف ۾ دوران تعليم ڪيس علمي ڪمال سان گڏ ادبي ذوق ۽ سياسي مطالعي جو موقعو

بہ مليو. سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي زبانن تي عبور حاصل هئس. ڪتابن پڙهڻ جو ايڏو تہ ڪوڏيو هو جو اڪثر سندس ٽيبلهي ۾ يا بستري ۾ ڪتاب موجود هوندا هئا.

لاهور، دهلي ۽ حيدرآباد دکن ۾ اٽڪل ڏهہ سال صحافت جي شعبي سان منسلڪ رهندي، شمس الدين "بلبل" اخباري دنيا جي ماحول کي سمجهي ۽ اخبار نويسيءَ جو فن سکي ورتو. پاڻ صحافت جي شروعات حسن علي آفنديءَ جي اخبار "المعاون" ۾ ايڊيٽر جي حيثيت سان ڪيائون. بعد ۾ شيخ عبدالعزيز جي اخبار "الحق" سکر، "ڪراچي گزيٽ"، "خيرخواهہ" لاڙڪاڻو حاجي احمد ميمڻ جي اخبار "آفتاب سنڌ" ۾ پڻ ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنائون. سندس سچائي، ايمانداري، محنتن، ڪوششن ۽ ڪاوشن جي ڪري کيس "سنڌ جو سرسيد"، "سنڌ جو حالي" ۽ "سنڌ جو اڪبر الله آبادي" بہ سڏيو ويجي ٿو. سندس صحافتي خدمتن بابت پير علي محمد راشدي، پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن، اهي شينهن" ۾ لکي ٿو تہ "اخبار نويسيءَ جي حوالي سان بلبل سنڌ اندر اخبار نويسي ۽ لٽريچر جو ڏاڏو آدم هو."(1)

جڏهن سنڌ مدرسته السلام ڪراچيءَ جو ماهوار رسالو "جامع العلوم" ڪن سببن جي ڪري بند ٿيڻ تي هو تہ سنڌ مدرسته السلام جي پرنسپال مسٽر وائينس، "بلبل" کي جامع العلوم جي ادارت لاءِ گذارش ڪئي، جيڪا هن قبول ڪئي. "بلبل" جي لکڻين جي ڪري "المعاون" ۽ "جامع العلوم" کي سنڌ ۾ وڏي پذيرائي حاصل ٿي. اها حقيقت آهي تہ "بلبل" جنهن بہ اخبار يا رسالي ۾ ڪم ڪيو ان کي قلمي جادوءَ سان زمين کان آسمان تي ڪڻي ويو. مضمونن ۽ شعرن ۾ سندس ڪمال جو اهو مثال هو جو جن اخبارن يا رسالن ۾ اهي ڇپيا سي هٿوهٿ وڪامي ويا. صحافتي حوالي سان پير علي محمد راشدي لکي ٿو تہ "مون مرحوم کي اکين سان ڪو نہ ڏٺو پر جڏهن اڪ پتيم تہ اهو ڏٺم تہ هن مڙس جو ساريءَ سنڌ مٿان ڏاڪو وينل هو. جوءِ ۾ ٻيا بہ گهڻا ئي لکيل پڙهيل ماڻهو هوندا هئا پر "بلبل" جو مٽ ڪو نہ هو. صحافت جي ٻيلي ۾ انهن ڏينهن ۾ بہ شير ٻڌبا هئا. لاڙ ۾ محمد هاشم "مخلص" ۽ اتر ۾ شمس الدين "بلبل."(2)

سنڌين جي همدرد ۽ سنڌي قوم جي مصلح، رئيس شمس الدين "بلبل" جون ڪيل ادبي خدمتون، سنڌي ادب ۽ سنڌي صحافت جي تاريخ ۾ سونهري اکرن تي مشتمل باب ليکيا وڃن ٿا. هن جو هر ڪم پرخلوص ۽ اٽل ارادن جي پيروي ڪندي خدمت خلق ۾ شمار ٿئي ٿو. "بلبل" جو سنڌي صحافت ۾ مٿاهون درجو رهيو آهي. هن جي فنڪارانا ۽ ظريفاڻا صلاحيتن سندس صحافتي درجي کي بلند ڪيو. ڊاڪٽر عزيزالرحمان ٻگهيو

پنهنجي پي ايڇ. ڊي ٿيسز ۾ لکيو آهي ته ”رئيس شمس الدين ”بلبل“ نه رڳو صحيح معنيٰ ۾ هڪ صحافي نظر اچي ٿو پر طنز ۽ ظرافت جو پڻ باني ۽ نشو نما ڪندڙ جي حيثيت ۾ ملي ٿو. اهو به حسن اتفاق چئجي جو سنڌي صحافت ۾ به ٻيون معروف هستيون مرحوم محمد هاشم ”مخلص“ ۽ مرحوم مولوي نور محمد نظاماڻيءَ جي صورتن ۾ تقريبن انهيءَ دور جي پيداوار هيون. جن پڻ ساڳين صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي ۽ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي. مرحوم ”مخلص“ ته گهڻي ڀاڱي ۾ ”بلبل“ جو همعصر رهيو ۽ نظاماڻي نون سالن کان پوءِ اڀريو. ”بلبل“، ”مخلص“ ۽ ”نظاماڻيءَ“ جي باهمي نوڪ جهوڪ به رهي ۽ هڪ ٻئي تي حملا به ڪيائيون پر هنن ۾ فرق اهو هو جو بلبل جو درجو ان ڪري مٿاهون آهي جو ته هن پنهنجي فنڪارانا ۽ ظريفانا صلاحيتن کي مڪمل طرح قومي اصلاح جهڙي اعليٰ مقصد لاءِ وقف ڪيو ۽ ذاتيات کان پرهيز ڪئي.“[3]

رئيس شمس الدين ”بلبل“ صحافي، ظرافت نگار ۽ شاعر سان گڏوگڏ هڪ بهترين نثرنويس پڻ هو. هو هڪ قومي درد رکندڙ انسان هو. وقت جي ادبي، سماجي، سياسي ۽ اقتصادي حالتن کي پنهنجي تحرير ۾ اهڙو ته فن سان قلم بند ڪيو اٿائين جو آئينو آڏو رکجي. ”بلبل“ جو نثر زور وارو هو. جنهن جي وسيلي هن اخباري دنيا ۾ هڪ نئين اسلوب ۽ طرز تحرير جو بنياد وڌو. ”بلبل“ نثر جي نموني مقفيٰ کي ترڪ ڪري، اخبار نويسيءَ لاءِ ڪنهن مناسب ڍنگ جي ضرورت محسوس ڪندي هڪ انوکو اسلوب اختيار ڪيو. ڊاڪٽر محمد ابراهيم ”خليل“ لکي ٿو ته ”’بلبل‘، نثر نويس جي سليس ۽ سلوڻي طرز ايجاد ڪئي. حقيقت ۾ مرحوم شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ به هن طرز ۾ مرحوم ’بلبل‘ جوئي ٿو ڏسجي.“[4]

شمس الدين ”بلبل“ پنهنجي دور جو تمام مقبول شخص ٿي گذريو آهي. سندس مقبوليت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌ جي تمام وڏين ادبي هستين شمس الدين ”بلبل“ جي شان ۾ شاعري ڪئي آهي. انهن هستين ۾ مير عبدالحسين سانگي، مرزا قليچ بيگ، هدايت علي ”تارڪ“ نجفي، مولوي نور محمد نظاماڻي، شيخ محمد ابراهيم ”خليل“، جمعو خان ”غريب“ ۽ ٻيا شامل آهن. مرزا قليچ بيگ سندس شان ۾ هينيون فارسي شعر لکيو آهي:

شاعر، ملک سندھ شمس الدین،
کہ ازو بود عالمی بہ شگفت.

ترجمو: شمس الدين سنڌ ملڪ جو شاعر هو جنهن کان پوري دنيا واقف هئي.

بلبل، بود او کہ با منقار،
در معنی عجیب او می سفت". (5)

ترجمو: بلبل پنهنجي چهنب سان، لفظن جون تعجب ۾ وجهندڙ معنائون ڪڍيون.

مرحوم شمس الدين "بلبل" ظرافت، کل، يوڳ ۽ چرچي ۾ پنهنجو مقصد بيان ڪري ويندو هو. جنهن ۾ بظاهر تہ کل ۽ مسخري لڳندي هئي پر ان ۾ هڪ ناصحاڻو انداز هوندو هو جيڪو سندس تحرير جي زينت بڻبو هو. هن پنهنجي دور جي سيني مرضن، بدعتن ۽ سماجي براين تان پردو هٽائي نهايت ڪاريگريءَ سان سندن اصلي رنگ ۾ اهڙو تہ نروار ڪري عوام آڏو آڻيندو هو جو هر ڪو ڳالهہ جي تہ تائين پهچي ويندو هو. پوءِ کلندي مشڪندي پنهنجي پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي اصلاح طرف متوجہ ٿيندو هو.

"بلبل" هڪ تعميري مزاح نگار هو سندس مزاح جو انداز نرالو ۽ انفرادي هو. سندس مذاح متعلق محمد اسماعيل عرساڻي لکيو آهي تہ: "بلبل پنهنجي نوڪ قلم سان خالص تعميري مزاح لکي ويو. سندس مضمون ۽ ظرافت سنڌي ادب ۾ لازوال حيثيت رکن ٿا. سندس نثر موزون، شائستہ ۽ بليغ آهي."(6)

شمس الدين "بلبل" شاعريءَ جي سلسلي کي نئون موڙ ڏيندي ظرافت کي پڻ جديد نوع ۾ نروار ڪيو. سندس ظرافت ۾ مزاح سان گڏ طنز جو عنصر بہ غالب آهي، جنهن ۾ جاءِ بجاءِ تعميري ۽ اصلاحي پهلو سمايل هو. هن معاشري تي ڀرپور طنز ڪري، ان جون خاميون وضاحت سان نروار ڪيون. سماج ۾ موجود اوڻايون ختم ڪرڻ لاءِ "بلبل" طنز و مزاح وارو رستو اختيار ڪري سماجي براين کي پاڙئون پٽڻ چاهيو. علم سان سنڌ جي هر فرد کي روشن ڪرڻ لاءِ خاص ڪري مسلمانن ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ جاکوڙ ڪيائين. خانبهادر محمد صديق ميمڻ لکيو آهي تہ "بلبل" جي ڪلام ۾ جا خصوصيات آهي سا آهي مذاق ۽ ظرافت... سارو مذاقيہ ڪلام اڻ سڌي طرح ناصحانو آهي."(7)

دراصل مرحوم "بلبل" کي عملي ميدان ۾ آڻڻ لاءِ اهو درد ذميوار هو جو ڪيس سنڌي مسلمانن جي سماجي، اقتصادي ۽ تعليمي طرح پٺتي رهجي وڃڻ واري حقيقت مان پيدا ٿيو هو. مسلمانن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ ۽ سندن حقن جي حفاظت لاءِ مختلف اخبارن، رسالن، چوپڙين ۽ ڪتابن ۾ لکندا رهيا. نثر توڙي نظم ۾ بيداري ۽ سجاڳي سندن اولين ترجيح هئي. بزرگ مرحوم قاضي محمد انور پاتائي، "بلبل" جي عظمت بيان ڪندي لکيو آهي تہ "جيئن ناليواري فيلسوف جانسن، اسڪاٽ ۽ ٻين يورپ جي مشهور شخصيتن

پنهنجن ناولن ۽ فلسفي ۽ حڪمت کي جاءِ ڏئي پنهنجي قوم ۾، جا فيشن جي دلداده ٿي چڪي هئي، هڪ وڏو انقلاب ۽ سڌارو آندو تيئن ”بلبل“ جي ظرافتي مقالن ۽ تصنيفن جيڪو اخلاقي اثر پيدا ڪيو سو قوم جي سڌارڻ ۾ اسان جي ڏکيين تقريرن، تحريرن ۽ مضمونن ڪڏهن نہ ڪيو.“(8)

شمس الدين ”بلبل“ سنڌي ادب جو هڪ اهو ستارو آهي جنهن طنز و مزاح واري انداز ۾ قومي تبليغ ڪئي. انسان دوست ”بلبل“ پنهنجي تحريرن ۾ مسڪين ماروئڙن جي اهنج ۽ احساس جي باقاعده ترجماني آهي. ”بلبل“ جو قومي ڪردار ”آفتاب سنڌ“ جي مرڪزي لائين مان پڌرو ٿئي ٿو. اڻويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ جڏهن مسلماني سوچ عروج تي پهتل هئي مختلف اخبارون پنهنجي نموني سنڌ جي پنتي پيل مسلمانن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪردار نڀائي رهيون هيون، ”ڪانگريس“ ۽ ”تحريڪ خلافت“ بہ زور وٺي رهيون هيون، تہ انگريز سرڪار دانشمندانہ طور تي مختلف جماعتن ۽ زميندارن تي هٿ رکيو جيئن سندن حڪومت وڌيڪ وقت ڪيڏي سگهي. ”بهرحال ’آفتاب سنڌ‘ جي مرڪزي لائين اها هئي تہ آزادي تہ تمام چڱي ۽ ضروري شيءِ آهي پر اها هندن سان گڏجي حاصل ڪرڻ ۾ نقصان اهو ٿيندو تہ زياده سجاڳ ۽ تعليم ۾ اڪثريت ۾ هئڻ ڪري هندو مسلمانن کي کائي کپائي ويندا. انگريز تہ وري بہ ڌاريا هئا ۽ هڪ ڏينهن وڃڻا هئا پر هي هندو تہ هتان جي مخلوق هئا. انهن مان جند ڇڏائڻ ۽ آزاديءَ جو صحيح ۽ منو ميوو کائڻ هيرڪان هير گهرڻ جي برابر هو. تنهن ڪري مسلمانن کي گهرجي تہ پنهنجي مذهب ۽ معاشري جي مطابقت سان تعليم طرف توجہ ڏين. ان لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ مسلم عليحدگي ۽ فرقيواريت واري پريس جو اصل خالق مرحوم ’بلبل‘ هو.“(9)

”معاون“ اخبار ۾ ڇپجندڙ ظرافتي چٽڪا بعد ۾ ”آفتاب اخبار“ جا مستقل ڪالم بڻجي ويا. بعد ۾ تہ وري ڪتابي صورت اختيار ڪيائيون، جن ۾ ”چٽ سوال، پٽ جواب“ 1903ع، ”آئينہ تجارت، مائينہ ظرافت“ 1904ع، ”لطائف و ظرائف“ 1908ع، ۽ ”گلزار لطائف“ 1910ع ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا. طنز ۽ مزاح جي لحاظ کان سندس مشهور ڪتاب ”تيرنهن چار، مڪرن جا مار“ سيني ڪتابن کان اڳ ۾ 1896ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هو. ”بلبل“ جي چٽڪن ۾ رهائش جو مسئلو ميلي ۾ کاڌ خوراڪ جو احوال، ميلن ۾ چوريءَ

جو احوال، پوليس جو چارڻ چٽ سوال، پڻ جواب سڀ کان وڏيڪ وندرائيندڙ ۽ کلائيندڙ تحريرون اٿس. سندس طنز ۽ مذاق جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

”هڪ مڪان ته سو مهمان، هڪ وڻ ته اسي انسان، هر اوطاق ۾ هر مذاق، جتي وڃ اتي پاسي پاسي پوش پوش وِسلا ڪچ ۾، خانہ بدوش. هڪ چار پائي ته پنج پائي. چٽائي بمنزل چارپائي، ساوچائي ته سولان هيٺ آئي.“[10]

”ڪنهن جي ڳنڍ ڪپي ته ڪنهن جو گهوڙو ئي گم، ته ڪنهن جو پٽڪو لُنگي چٽ، ته ڪنهن جو اُٺ عدم، ڪنهن جي جوا ۾ هار، ته ڪنهن کي شرط جي مار، ڪنهن کي پير جي پچار، ته ڪنهن کي دعا جي ڏپاڙ ڪنهن جي هڙ هلاڪ، ته ڪنهن جا پئسا پاٽيءَ ۾، ڪنهن جو داد نہ فرياد، ڪنهن جو ڏٽي نہ ڏياٽي، ڪنهن جو بغچو بيران، هميشہ هڪ نہ هڪ جان جو ضرور ٿئي نقصان، ڪو نہ ڪو مڙيو ئي ڇيهو نہ سنوڻ جو نہ ساٺ جو، نہ گهر جو نہ گهاٽ جو.“[11]

شمس الدين ”بلبل“ جي نثر توڙي نظم ۾ طنز و مزاح کان علاوه جيڪا سنجيدگي سمايل آهي سان بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ”بلبل“ پنهنجي دور جو نواڻ پسند صحافي ۽ شاعر هو. سندس شاعري وقت جي تقاضائن موجب دورانديش خيالن تي مبني هئي. ”بلبل“ غزل کي اظهار جو ذريعو بڻائي کانئس قومي، ثقافتي ۽ سماجي ڪم ورتو. معاشري مان هن اهڙا موضوع چونڊيا، جن ماحول کي مَتائڻ ۾ سندس فني مدد ڪئي. شيخ عبدالرزاق ”راز“ لکيو آهي تہ ”بلبل معاشري جي ناسورن کي غزل جي قالب ۾ سمائي منجهس هڪ انفرادي رنگ پيدا ڪيو آهي.“[12] تعليم جي اڻهوند سبب معاشري ۾ مختلف بيماريون پکڙيل هيون جن خلاف رئيس شمس الدين ”بلبل“ تبديليءَ جو عَلَمُ بلند ڪيو ۽ پنهنجين تحريرن، نثر توڙي نظم ۾ طنز و مزاح واري رستو اختيار ڪيو ڇو تہ فرنگي حڪومت هئي ۽ اظهار جي آزاديءَ تي پابندي مڙهيل هئي. ان ڪري هن طنز ۽ مزاح وارو رستو اختيار ڪري اڻ سڌيءَ طرح وقت جي حاڪم کي بہ للڪاريو ۽ معاشري جي فردن جي اصلاح بہ ڪئي. سندس ئي دور ۾ لاهور وارو مولانا ظفر علي خان، اخبارن ۾ لڳاتار چٽو ۽ سئون سڌو انگريزن خلاف لکندو رهندو هو جنهن ڪري انگريز کيس عتاب ۾ رکندا آيا ايتري قدر جو جيل جون صعوبتون بہ سنيائين. رئيس شمس الدين ”بلبل“ ساڳيو ئي ڪم هڪ نئين انداز ۾ ڪنيو ۽ وچي پنهنجي مقصد کي رسيو. طاقتور حڪمران ڌُر تي تنقيد بہ ڪيائين ۽ معاشري ۾ سجاڳي بہ آندائين. اها سندس ئي حڪمت هئي تہ ڪيئن فرد پنهنجي معاشري جي اصلاح ڪري ٿو. ڊاڪٽر غلام قادر

سومرو پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته ”بلبل جي تحرير سجاڳيءَ جو سڏ بڻجي سنڌين، خاص ڪري جي غافل مسلمانن پنهنجي اوڻاين ۽ سماجي بدعتن جو احساس ڏياريو.“[13]

”بلبل“ جو ادب ۾ بلند مقام آهي. هي سنڌ جي طنز نگارن ۾ واحد شخص آهي جنهن پنهنجي فن سان طنز کي هجو کان ممتاز ڪيو ۽ سنڌي زبان ۽ ادب ۾ ظرافت جي هڪ ناقابل شڪست اسلوب جو بنياد وڌو. سندس ان اسلوب متعلق سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ممتاز عالم ۽ شاعر غلام محمد گرامي لکي ٿو ته ”سندس زبان اهڙي سليس، شستہ، شرين ۽ نمڪين، جو ماڻهو پيو پڙهي ۽ گنگي وانگر ڳڙ جا چشڪا وٺي پيو کلي ۽ ٽڙي! سندس ڏڪ ۾ تلخي موجود ۽ ان سان گڏ تلخي ڪام و دسن جي آزمائش به موجود، پر رنگ اهڙو شيرين، جو پيئندڙ کي نڪو تلخيءَ جو احساس ستائي، نه ڪو ڪڙيءَ سُتيءَ جي پيئڻ وانگر منهن ئي بڇڙو ٿئي. بلبل جي معنوي رهاڻ، تضاد ۽ اختلاف جي ظريفانه وڍ ٽڪ کي ڏسي، پڙهندڙ سندس ذهني شعبده بازيءَ تي حيران رهجي ٿو وڃي ۽ داد ڏيندي ڏاپي نه ٿو.“[14]

رئيس شمس الدين ”بلبل“ پنهنجي دور جو هڪ وڏو ليکڪ هو جنهن جي لکيل مضمونن ظرافت ۽ شاعريءَ ان دور جي ماڻهن کي متاثر ڪيو. پاڻ انگريزي پڙهيل ڪونه هو پر سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسيءَ تي خاصو عبور حاصل هئس. ان وقت جي دور جي تقاضائن موجب انگريزي لباس ۽ فيشن تي مذاق ۽ ظرافت آهر ٽوڪون ٺهلون به ڪيائين ڇو ته اهو فيشن ان دور جي قدامت پسند مسلمانن ۽ مولوين کي ناپسند هو. ”بلبل“ خاص ڪري مغربي فيشن پسند ڪندڙ انگريز مسلمانن تي مذاقون ڪيون اٿس. ان کان علاوه سندس هڪ ڪتاب ”ڪريما نيچرل“ جي نالي آهي جيڪو پڻ مذاقيہ ڪلامن تي مشتمل آهي. هي ڪتاب شيخ سعدي جي تصنيف ڪيل ڪريمہ فارسيءَ جي مصرعن اڳيان پنهنجون مصرعون ڳنڍيندو ويو آهي. اهو سڄو ڪتاب مثنوي شعر جي صورت ۾ آهي. سندس سمورو ڪلام ناصحاڻو آهي. ”بلبل“ مرحوم جيئن شاعريءَ، مضمون، ۽ صحافت ۾ انوکو ۽ هڪ جدا انداز ااختيار ڪيو تيئن سندس شادي به انوکي انداز ۾ ٿي. ڪراچيءَ جي پارسي مومل سان اک لڙيس. پارسي دنيا جي ٻين قومن کان نهايت ئي منفرد هوندا آهن پر پارسين جي انفراديت کان ”بلبل“ جي انفراديت گوءِ کٽي وئي. آخر پارسي راڻيءَ ڪيس وَرُ قبول ڪري اچي ميهڙ جا وڻ وسايا. ”بلبل“ پنهنجي شاعريءَ ۾ به سندس ذڪر آندو آهي.

جي نہ اچي ڪي بلبلان، ڪين ٿئي اي گل گلان،
روز چمن ۾ ڇهچٽو تازه بتازه نو بنو.[15]

"بلبل" سنڌي شاعريءَ ۾ مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي، جن ۾ غزل تي پڻ تجربا ڪيا. هن غزل کي هڪ نئون موڙ ڏنو. سندس غزل ۾ هڪ عجيب رس چس آهي. "ديوان بلبل" جيڪو غلام محمد گراميءَ مرتب ڪيو آهي، ان مان ڪجهه چونڊ شاعري نموني طور هيٺ ڏجي ٿي:

نوڪ ابروءَ جي نوائي، دل کي ستيو سينڌ وٽ
ڏس تہ سودائي ٿئي ٿو قتل ڪيئن بازار وٽ

زلف جي ڏنگ جو وجي، جيئن حال جوڳيءَ سان ڪيم
تنهن چيو ٿيندو اسان کان ڪين ازدر جو علاج

"ڪلام بلبل" جيڪو پڻ غلام محمد گراميءَ مرتب ڪيو آهي. ان مان ڪجهه چونڊ شاعري نموني طور هيٺ ڏجي ٿي.

لفظ گرميءَ جو لکان ٿو تہ قلم ۾ گرمي،
دل ۾ گرمي، دهن و ديده و دم ۾ گرمي.
باغ ۾، صحن ۾، گلزار و چمن ۾ گرمي،
گل و "بلبل" ۾، شجر شاخ ۾ نم ۾ گرمي.

سندس غزل متعلق شيخ عبدالرزاق "راز" لکي ٿو تہ: "شمس الدين بلبل، اوائلي دور جي مشهور ۽ معروف غزل گو شاعرن سانگي، حامد، گدا وغيره جو همعصر هو. سندس غزل ۾ تغزل گهٽ آهي پر هن معاشري جي خرابين ۽ سنڌي ثقافتي قدرن جي پائمالي جو ذڪر ڪري غزل کي هڪ نئون موڙ ڏنو آهي، جنهن ڪري سنڌي غزل جي ارتقائي دور ۾ هڪ نئون تجربو اسان جي سامهون اچي ٿو."[16]

"بلبل" باوجود علمي، ادبي ۽ سياسي مشغولين جي، نماز جو پابند، ديندار، شرعي مسئلن جو ماهر، ديني مطالعو ڪندڙ عالمن ۽ اديبن جو يار، پيرن ۽ فقيرن جو محب ۽ صحبتي، ذڪر و فڪر جو پڻ پابند هو. مارچ 1913ع ۾ سيٺ عبدالله هارون جي اڳواڻيءَ ۾ هلال احمر جو هڪ وفد، ترڪي جي بادشاهہ لاءِ امداد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ کان ميهڙ آيو. هن وفد خاطر، رات جو هڪ عام جلسو ميهڙ ۾ منعقد ٿيو. ميهڙ واسي وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا. پوجوش تقريرن کان پوءِ "بلبل" مرحوم هڪ غزل پڙهيو:

هنن جي خير مقدم ۾ اسان کي هيئن چوڻ گهرجي،
اجها هي زر، اجهي زيور، اجهي هي گهر، اجهي هي سر.
ان هڪ شعر تي جو وقت انگيز نظارو پيدا ٿيو ان جو حال وڏڙا اڄ بہ بيان ڪري رهيا آهن. ان نظم جو مطلع هن ريت هو:

ڀلي آيا! ڀلي، اي سر گروهہ قوم، دين پرور،
مجاهد في سبيل الله، فائز في هلال احمر.
اوهان جي خاص خدمت آ خدا جي راهہ ۾ ورنہ،
ڪٿي بستان، ڪٿي ويران، ڪٿي بنگلا، ڪٿي هي بر!"(17)

رئيس شمس الدين "بلبل" 1904ع ۾ "انجمن اتفاق الاسلام ميهڙ" نالي سان هڪ تعليمي تنظيم جو قيام عمل ۾ آندو. هن تنظيم طرفان 1906ع ۾ سنڌ مدرسہ الاسلام جي نالي سان ميهڙ ۾ هڪ ادارو قائم ڪيو ويو جتي شاگردن کي انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو. شهر کان ٻاهران ايندڙ شاگردن لاءِ مفت رهائش جو بندوبست بہ ڪيو ويو هو. اداري جي ڪاميابي لاءِ علائقي ۾ شعور رکندڙ ماڻهن ۽ زميندارن بہ بهتر ڪردار ادا ڪيو. هن درسگاهہ ۾ ائين درجي تائين تعليم هلندڙ هئي. "بلبل" جي وفات واري سال سنڌ مدرسہ الاسلام ميهڙ کي هاءِ اسڪول جو درجو مليو. هي ادارو علائقي واسين لاءِ مرحوم "بلبل" جي آخري تعليمي خدمت هو جيڪو اڄ بہ "هاءِ اسڪول ون"، هزارين نوجوانن کي تعليم جهڙي زيور سان روشناس ڪري رهيو آهي. "بلبل" مرحوم هڪ متحرڪ شخص هو. سندس اجاگر صلاحيتن جي ڪري، کيس خيرپور ميرس ۾ رياست جي نصابي ڪاميٽيءَ جو مستقل ميمبر بڻايو ويو هو. سينيٽري ڪاميٽي ميهڙ، ڊسپينسري ڪاميٽي ميهڙ ۽ اسڪول ڪاميٽي ميهڙ جو پڻ ميمبر رهيو. تعلقہ لوڪل بورڊ جو سرڪاري ميمبر رهڻ سان گڏوگڏ تعلقي جي پبلڪ ورڪس ڪاميٽيءَ جو پڻ ميمبر رهيو. 1917ع ۾ ميهڙ جي آنرري بينچ مئجسٽريٽس جو چيئرمين پڻ رهيو. رئيس شمس الدين "بلبل" ڪيئي ڪتاب لکيا جن منجهان 38 ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا. سندس ڇپيل ڪجهہ ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

1. ديوان بلبل (سنڌي)، 2. ڪلام بلبل (سنڌي)، 3. نيچرل ڪريما، 4. قلندري ميلو 5. چٽ سوال، پٽ جواب، 6. بهار عشق، 7. آئينہ تجارت مايہ ظرافت، 8. جل تجربات يعني شمس الغات، 9. ظريف الدولہ، 10. گلزار لطائف، 11. بخت بازي، 12. ڪارو فيشن،

13. رحيما سنڌي، 14. بهارستان بلبل، 15. تيرهن چار مڪرن جا مار، 16. صد پندسودمند، 17. عقل ۽ تهذيب، 18. جام جم، 19. مسلمان ۽ تعليم، 20. انگريز ۽ مسلمان، 21. مسلمانان سنڌ جي تعليم ۽ سرڪار، 22. حرزالبنياد علي شرح قانون وقف الاولاد، 23. قرض جا مرض ان جا علاج، 24. پليگي ڪريما، 25. نيچري ما مقيما.

"بلبل" مرحوم پنهنجي دور جو قادر الڪلام هو. سندس فن ۽ مقام ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي. "ڪلام بلبل" جو مرتب غلام محمد "گرامي" هن ڪتاب ۾ لکيل مقدمي ۾ "بلبل" جي شان ۽ سندس ڪمال بابت چوي ٿو ته "جتي آپريشن جي ضرورت ٿئي ٿي، اتي گهاءُ به گهرو ٿو ڪري، پر جتي نرمي ۽ شفقت جي ضرورت ٿئي ٿي، اتي کلندي، تبسم زير لب ۾ زهر ملائيندي به نٿو گسي! فرق اهو آهي جو اهو زهر به مريضن لاءِ ترياق ٿي پوي ٿو."[18] بلبل اهو ڪم ان دور ۾ ڪيو جڏهن سوچ ۽ لوچ وارا ماڻهو فقط ايترا هئا جيترو اٽي ۾ لوڻ.

بلبل مرحوم صحيح معنيٰ ۾ قومي شاعري شروع ڪئي. قصيدي کي نئين منزل ڏني، توحيد رسالت ۽ ٻين اسلامي قومي ۽ اخلاقي موضوعن تي شاعري ڪري نمايان ڪم ڪيو. نيچرل شاعري ڪري قوم کي حقيقت پرست بڻايو. بلبل مرحوم نوان استعارا، نيون تشبيهون، نيون تمثيلون، نيون ترڪيبون، چست بندش، شوخ ادا، فصاحت، بلاغت جهڙيون خالص فني خوبيون سنڌيءَ ۾ پيدا ڪري ٻوليءِ جو ادبي پهلو روشن ڪيو. شيخ عبدالرزاق "راز"، "بلبل" جي شاعريءَ لاءِ لکيو آهي ته "هن اهڙا موضوع هٿ ڪيا جن ماحول کي بدلائڻ لاءِ سندس مدد ڪئي. ماحول کي بدلائڻ وارو شاعر صدين ڪان پوءِ پيدا ٿيندو آهي."[19]

رئيس شمس الدين "بلبل" مرحوم جون ٻه گهر واريون هيون سندس وڏي گهر واريءَ گل بيبي خاتون مان ڪيس پٽ جي اولاد ۾ رئيس عبدالفتاح ڄائو ۽ ٻيءَ گهر واريءَ بيبي خانزادي مان ڪيس پٽ ضياء الدين ڄائو. ٻئي پٽ ادبي ذوق جا مالڪ هئا. مگر رئيس ضياءالدين جون ادبي خدمتون ملڪان ملڪ مشهور ٿيون.

وقت جو مشهور عالم، ڏاهو رئيس شمس الدين "بلبل" چنچر ڏينهن، 17 ذوالحج 1337 هجري بمطابق 15 سيپٽمبر 1919ع تي لاڏاڻو ڪري ويو. مرحوم "بلبل" جي ادبي خدمتن بابت جن مفڪرن، عالمن ۽ اديبن راءِ ڏني آهي، انهن ۾ شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ، خانبهادر محمد صديق ميمڻ، مرحوم واصف، حاجي محمود "خادم"، حافظ "بسمل"

ٽکڙائي، پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي، رحيمداد خان مولائي شيدائي، سيد علي اڪبر شاهه، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ”خليل“ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مرحوم مخلص، مرحوم مرتضائي ٺٽوي، حڪيم نور محمد نظاماڻي، جمعو خان ”غريب“ ۽ ٻيا شامل آهن. سنڌ جي مشهور عوامي شاعر علامه هدايت الله ”تارڪ“ نجفيءَ سندس وڇوڙي تي فارسيءَ ۾ غزل لکيو جنهن ۾ قطع تاريخ پڻ آيل آهي:

چون رئيس آن شمس الدين رحلت نمود،

شد دل احباب زين صدمه دونيم.

ترجمو: جڏهن رئيس شمس الدين دنيا مان گذاري ويو ته دوستن جي دل صدمي ۾ ٻه ٽڪر ٿي پئي.

از مهه ذوالحج، روز هفدهم،

صبح شنبه گشت در جنت مقيم.

ترجمو: ذوالحج جي سترهين تاريخ، ڇنڇر جي صبح هئي جڏهن رحلت ڪري جنت ڏانهن روانو ٿيو.

يا الاهي، بهر مقبولان تو،

مسڪن اوڪن به گلزار نعيم.(20)

ترجمو: اي خدا پنهنجي پيارن جي صدقي هن کي جنت ۾ جاءِ عطا فرماءِ.

**حوالا:**


(1) راشدي، پير، علي محمد: اهي ڏينهن، اهي شينهن، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2011ع ص 144

(2) ساڳيو ص 394

(3) ٻگهيو عزيز الرحمان، ڊاڪٽر: سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ڇاپو پهريون 1988، ص 525

(4) خليل، محمد ابراهيم، ڊاڪٽر (مؤلف): بلبل سنڌ: سلسله اشاعت، جميعت الشعراء سنڌ، 1951ع ص 163

(5) قادري، اياز: سنڌي غزل جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ڇاپو پهريون، ڊسمبر 1984، ص 189

(6) عرساڻي، محمد اسماعيل: چار مقالا، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، پهريون ڇاپو 1973ع، ص 97

(7) ميمڻ، محمد صديق، خانبهادر: تاريخ سنڌي ادب، جلد ٻيو آر ايچ احمد برادرس حيدرآباد، دفعو ٻيو 1959_60ع ص 472، 482

(8) ٻگھيو عزيز الرحمان، ڊاڪٽر: سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ، ص 526

(9) ساڳيو 261

(10) ساڳيو 531

(11) ساڳيو 532

(12) "راز" عبدالرزاق، شيخ: سنڌي غزل جو تجزيو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، ڇاپو ٻيو 2004ع. ص103

(13) سومرو، غلام قادر، ڊاڪٽر: سنڌي ادب ۾ طنز ۽ مزاح، ثقافت کاتو سنڌ، ڇاپو پھريون مئي 2013، ص 628

(14) گرامي، غلام محمد (مرتب): مزاحيات، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ڇاپو ٻيو 2006، ص 13

(15) "راز" عبدالرزاق، شيخ. سنڌي غزل جو تجزيو ص103

(16) ميمڻ، محمد صديق، خانبهادر: سنڌ جي ادبي تاريخ، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، ڇاپو پنجون 2014، ص 539

(17) "گرامي"، غلام محمد (مرتب): ديوان بلبل، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 1982ع، ص 21

(18) "گرامي"، غلام محمد (مرتب): ڪلام بلبل، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 1982ع، ص 20

(19) قادري، اياز: سنڌي غزل جي اوسر (ڀاڱو ٻيو)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو ڇاپو پھريون، جُون 1982ع، ص 191

(20) ساڳيو. ص 190

غلام عمر (مور مغيري)

# سيد رکيل شاهه صوفي القادري جون ٽيهه اکريون (سي حرفيون)

**Abstract:**
Poetry is source of heartest expression of internal outpour. Poetry is main genre of Sindhi literature through poetry, political, social, literal, spritual and public perpertartors take strat. Poetry of Sufi's is a mission, which gives a lesson of love affection, peace, freedam and huminty.

Poetry of Sufi Rakhyal Shah is also full of such qualities. Literally service of Sufi Rakhyal Shah keeps main position in Sindhi literature. He is qualitative poet artistic and notion deepness is also present in his poetry. His poetry book namely "Bahr-e-Ishiq" is available. He composed his poetry in six languages such as Sindhi, Siraiki, Balochi, Urdu, Persion and Hindi. Monisim is main theme of his poetry.

سنڌ صوفياڻي ڌرتي آهي جيڪا سدائين زرخيز رهي آهي. سنڌڙيءَ تي هر دور ۾ شعوري هوائون گُهلنديون رهيون آهن. هن ڌرتيءَ تي سياسي، سماجي، ادبي ۽ صوفياڻي فڪر جون شاندار شخصيتون پيدا ٿيون آهن، جن پنهنجي فڪري پيغام ذريعي پنهنجي ڌرتيءَ ۽ عوام لاءِ پاڻ پتوڙي بي مثال ڪارناما سر انجام ڏنا آهن. سياسي اڳواڻن سياسي خدمتون سرانجام ڏنيون، سماجي رهبرن، سماج جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ صوفي بزرگن، صوفياڻي فڪر رستي رواداري، انسانيت جي درس کي عام ڪيو. صوفيت جو پيغام شاعريءَ رستي عوامي اُمنگن جي ترجماني ڪندو رهيو آهي. صوفي بزرگن جي شاعري هڪ پيغام آهي، جنهن ۾ پيار، محبت، امن، آجپي، رواداري ۽ انسانيت جو درس ڏنل آهي. سيد رکيل شاهه جي شاعري به امن، مساوات، صلح ۽ پائيچاري جو سبق ڏئي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ ميٺ، محبت، ايڪي، اتحاد ۽ اصلاح جي اپٽار ٿيل آهي.

سيد رکيل شاهه ادبي ڪيتر جو سگهارو نالو آهي. سندس شاعريءَ ۾ فني سٽاءُ ۽ فڪري گهرائيءَ جي بهترين رنگيني آهي. سيد رکيل شاهه وحدت الوجود جو پيروڪار آهي. سندس رسالي "بحرالعشق" ۾ سنڌي، سرائڪي، بلوچي، اردو، فارسي ۽ هندي

ٻوليون شامل آهن. پاڻ بروهڪي زبان جو به ڄاڻو هيو. سندس شاعريءَ ۾ بروهڪي ٻوليءَ جون سٽون به ملن ٿيون. صوفي رکيل شاهه سنڌي ادب جو ٻهڀڳڻ شاعر آهي. بلوچستان صوبي جي ضلعي جهل مگسي تعلقي گندا واهه جي شهر فتحپور شريف ۾ سندس درگاهه آهي. بلوچستان صوبي جي ڪتابي لکت بلوچي ۽ اردو آهي، پر سيد رکيل شاهه سنڌي ٻوليءَ سان چاهه ۽ محبت جي ڳانڍاپي جي ڪري، سنڌي ادب جي گهڻي خدمت ڪيائين ۽ سندس شاعريءَ جو ڳاڻيٽو سنڌي زبان ۾ زيادهه ملي ٿو.

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو لکي ٿو ته: "سائين رکيل شاهه اهڙن ئي صوفي شاعرن جي سٽ جو هڪ ساٿاري آهي، جن پنهنجي عشق جي علم سان واديءَ گندا واهه بلوچستان ۾ اهڙي ته نور جي پالوٽ ڪئي جو خشڪ ۽ بيابان زمين کستورين ۽ خوبصورتين جي آماجگاهه بڻجي پئي. هن ڪتاب 'بحرالعشق' ۾ اهڙي ئي وستار ٿيل آهي، عشق جي، محبت جي ۽ قرب جي. انساني جذبن ۽ احساسن جي ترجماني جڏهن پنهنجي مڪاني ٻوليءَ جي آسان لفظن ۾ ڪئي ويجي ته ان ڪلام جي ادبي افاديت پاڻ وڏي ويجي ٿي ۽ اهائي سائين رکيل شاهه جي شاعريءَ جي وڏي ۽ اهم خوبي آهي."(بحرالعشق، ص 12)

سيد رکيل شاهه انگريز دور جي ٿمورتي جو شاعر آهي. سندس شاعريءَ ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، حضرت سچل سرمست، فقير نانڪ يوسف جو اثر ملي ٿو. صوفياڻي شاعريءَ جي پهرين ٿمورتي حضرت عبدالمجد مجدود "حڪيم سنائي"، حضرت شيخ فريدالدين "عطار" ۽ حضرت مولانا جلال الدين "رومي" جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. ٻي ڪلهوڙا ۽ ٽالپر دور جي ٿمورتي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، حضرت عبدالوهاب "سچل سرمست" ۽ ڀائي چين راءِ "سامي" جي نالن جي آهي ۽ انگريز دور جي ٿمورتي فقير قادر بخش "بيدل"، مصري شاهه ۽ سيد رکيل شاهه جي نالن سان جڙيل آهي. صوفياڻي شاعريءَ جون ٽيئي ٿمورتيون مٿين نالن سان صوفياڻي سرزمين جي سونهن بڻيل آهن.

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي پنهنجي پي ايڇ ڊي جي مقالي ۾ لکي ٿو: "رکيل شاهه سنڌي، سرائڪي، بلوچي ۽ فارسيءَ جو تمام سٺو صوفي شاعر هو. سندس شاعريءَ ۾ عشق ۽ تصوف جي تنوار تمام گهڻي ملي ٿي. روحاني رمز ۽ حق جي طلب سندس شاعريءَ جون نمايان خوبيون آهن. ٻوليءَ جو ميناج ۽ فني پختگيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي."(صوفي شاهه عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر، ص 107)

سيد رکيل شاهه ڪافيءَ جو سرموڙ شاعر آهي. ڪافيءَ لاءِ ڪيل سندس خدمتون بي مثال باب جي حيثيت رکن ٿيون. سيد رکيل شاهه جي شاعريءَ تي اڳ ۾ تحقيقي ڪم ڪونه ٿيل آهي، پر سنڌي ادب جي تاريخي ڪتابن ۾ سندس نالو ملي ٿو. سندس شاعريءَ تي راقم ”صوفي سيد رکيل شاهه جي شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو“ جي عنوان سان ايم فل جِي ڊگري، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ماڻي آهي. سيد رکيل شاهه جي شاعريءَ ۾ منهنجي تحقيق موجب فني حوالي سان 55 صنعتون ملن ٿيون. جهڙوڪ: صنعت سلاست، صنعت فصاحت، صنعت بلاغت، صنعت جِدت، صنعت تشبيهه، صنعت استعارو، صنعت اهڃاڻ، صنعت عڪس، صنعت علامت، صنعت تجنيس حرفي، صنعت تجنيس خط، صنعت تجنيس زائد، صنعت تجنيس تام، صنعت تجنيس مرڪب، صنعت تجنيس لاحق، صنعت تجنيس مطرف، صنعت تجنيس مضارع، صنعت تضاد، صنعت تعجب (حرف ندا)، صنعت مڪرر، صنعت سواليه، صنعت تصغير، صنعت طرد وعڪس، صنعت ذوالقافيين، صنعت مقلوب بعض، صنعت سجع، صنعت سياقته الاعداد، صنعت ملمع، مطلع ۾ تخلص جو استعمال، محاڪات جو استعمال، لفظن جي ورجاءَ جو استعمال، مڪالمات جو استعمال، ڪلاسيڪيت جو استعمال، حروفِ عطفي جو استعمال، ضميري پڇاڙيءَ جي لفظن جو استعمال، اوائلي لفظن جو استعمال، مطلع ۾ هڪڙي قافيي جو استعمال، ٻٽن لفظن جو استعمال، ٺيٺ قافيي جو استعمال، ٽُڙُ قافيي ( ٺيٺ قافيو) جو استعمال ، آوازي قافيي جو استعمال، جاڙي قافيي جو استعمال، رديف جو استعمال، اشتقاق جو استعمال، مطلع ۾ تخلص جو استعمال، ماڻهن ۽ شهرن جي نالن جو استعمال، نانگن جي نالن ۽ هٿيارن جو استعمال، موالين ۽ لوهارن جي اوزارن جو استعمال، جوڳين ۽ رنگن جو استعمال، عوامي لفظن، موسيقيت جو استعمال ۽ متاثريت (اثر) جو استعمال وغيره. سندس شاعريءَ ۾ ڪافيءَ جا 29 گهاڙيٽا، ڇهن گهاڙيٽن جا بيت ۽ ٻن گهاڙيٽن تي سي حرفيون سندس شاعريءَ ۾ اجاگر ڪيون آهن.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ لکيو آهي ته: ”بلوچستان جي علائقي ياڳناڙيءَ ۾ سنڌي زبان عام ڳالهائي وڃي ٿي. هتي به سنڌي شاعر ٿيا آهن. اجا تائين هن علائقي جي سنڌي ٻولي لهجي ۽ هتي جي سنڌي شاعرن تي تحقيقي ڪم ڪونه ٿيو آهي. هتي به به وڏا صوفي شاعر سيد رکيل شاهه ۽ سندس فرزند سيد چيزل شاهه ٿي گذريا آهن، جيڪي درگاهه جهوڪ شريف جا مريد هيا. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ سندن ڪيترائي مريد آهن. هنن

صوفيانہ ڪلام چيو آهي، جنهن ۾ هم اوست جي اُپٽار ڪئي اٿن.“(بيت ـ سٽا ۽ اوسر، ص 79)

حضرت سچل سرمست کان پوءِ سيد رڪيل شاهہ ڪافيءَ جي شاهڪار شاعر جي حيثيت رکي ٿو. سندس سلسلي جون ڪافيءَ لاءِ ڪيل خدمتون سنڌي ادب جي افق تي، سج جي روشنيءَ جيان چمڪي رهيون آهن. سيد رڪيل شاهہ جي سلسلي شاعرن ۾ صوفي سيد چيزل شاهہ، صوفي فيضل فقير، صوفي پهلوان فقير، صوفي مور محمود عارباڻي، صوفي فقير عثمان لغاري، صوفي فقير ٻاجهي لغاري، صوفي فقير گلبهار لاشاري ۽ صوفي فقير غلام مصطفيٰ جويو پڻ صاحب ڪتاب ۽ مختلف ٻولين جا ڪافيءَ جا سريلا شاعر آهن. ان کان علاوه صوفي احمد فقير، صوفي اشرف فقير، فقير تيغ علي مغيري (ٽلٽي) ۽ نور محمد نوري وڳڻ پڻ ڪافيءَ جا سيبتا شاعر آهن، جن جي شاعريءَ ڪتابي صورت ۾ زينت ڪونہ ماڻي سگهي آهي. سنڌي ادب ۾ سيد رڪيل شاهہ جي درگاهہ جون ڪافيءَ لاءِ ڪيل خدمتون سونهري اکرن ۾ لکڻ جهڙيون آهن.

فتح چند ڪارڙا لکي ٿو تہ: ”تعجب ٿو لڳي تہ سنڌي ٻوليءَ جا ڄاڻيندڙ ادب ۽ ساهت جا سينگاريندڙ ۽ صوفيانہ سوچ رکندڙ ودوان (ڏاها) الائي ڇو ايڏي وڏي ساهت جي شاهڪار شاعر جي تحقيق ۽ ترويج لاءِ ڪو لاياٽتو ۽ ڳڻڻ جهڙو ڪردار ادا ڪري نہ سگهيا آهن. تصوف جي واٽ اسان جي سنڌ لاءِ نجات جي واٽ آهي. ان تي وڌ کان وڌ تحقيق ۽ پرچار جي ضرورت آهي. اميد آهي تہ هن اهم ڪارائتي ۽ صوفياڻي پنڌار تي قلم کڻي، هن فڪري پيغام کي عوام تائين پهچائيندا.“(بحر العشق، ص 10)

اها هڪ مجيل حقيقت آهي تہ سيد رڪيل شاهہ جو ادبي پورهيو سنڌي ادب ۾ بهترين باب جي حيثيت رکي ٿو ۽ درگاهہ فتحپور شريف جون ڪافيءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪيل ڪاوشون، شاناٽتن اکرن ۾ لکڻ جهڙيون آهن پر مٿس تحقيقي ڪم ڪونہ ٿيو آهي. ان جا مختلف ڪارڻ ٿي سگهن ٿا. سنڌي محققن بلوچستان صوبي جو شاعر سمجهي ڏانهس توجہ ڪونہ ڏنو ۽ بلوچستان صوبي جي اديبن، سيد رڪيل شاهہ کي سنڌي شاعر سمجهي وساري ڇڏيو پر وري بہ راقم ڇڪي سندرو ٻڌي، پراهين پنڌ ۽ تڪليفن جا ڪشالا پنهنجي ڪلهي تي ڪري ”صوفي سيد رڪيل شاهہ جي شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو“ جي عنوان سان ايم جي تحقيقي ڊگري، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي مان ماڻي، سيد رڪيل شاهہ جي ادبي خدمتن کي خراج پيش ڪيو.

سيد رڪيل شاهه جا وڏا عربستان شريف جا هيا، جيڪي وقت ۾ حالتن سبب اتان لڏي، ايران جي شهر شيراز ۾ افغانستان کان ٿيندا، قلات رياست يعني هاڻوڪي بلوچستان صوبي جي پاڳنارڙيءَ جي علائقي ۾، گنداواهه تعلقي کان چار ڪلوميٽر ڏکڻ طرف فتحپورشريف نالي ڳوٺ بڌائون. سيد رڪيل شاهه جا وڏا نهايت قابل ۽ بيحد سخي هيا. سرڪار سندن قدر شناسي ڪري ڪين جاگيرون پڻ ڏنيون، جنهن کان پوءِ پنهنجي زمينن تي سندن خاندان پڻ رهندو آيو جنهن ۾ پاڳ شهر کان 20 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڏکڻ ۽ اولهه طرف ڳوٺ پير محمود اولياءُ لڳ گدڙ ۾ ويٺا، جتي سيد رڪيل شاهه جي ولادت ٿي ۽ سندس پاءُ سيد عبدالنبي شاهه جي مزار بہ اتي موجود آهي. پوءِ ميرپور تعلقي ۾ چوڙي جي علائقي جي ڳوٺ لطف هاڙا ۾ پڻ رهائش اختيار ڪيائون. ان بعد اتان لڏي، ساڳئي تعلقي جي ڳوٺ حليم شاهه ۾ ويٺا ۽ آخر ۾ وري سيد رڪيل شاهه فتحپور ڪي اچي آباد ڪيو جتي سيد رڪيل شاهه جي درگاهه آهي ۽ سندن خاندان فتحپور شريف ۾ رهائش پذير آهي.

سيد رڪيل شاهه جي ولادت 17 ربيع الاول 1262 هجري مطابق 14 مارچ 1846ع تي جمعي جي ڏينهن سيد نور محمد شاهه گهر ۾، ڳوٺ پير محمود اولياءُ تعلقو پاڳ، ضلعي ڪڇيءَ ۾ ٿي. سيد رڪيل شاهه جو خانداني شجرو 53 هين پيڙهيءَ ۾ حضرت علي ڪرم الله وجہ سان ملي ٿو. پاڻ حسيني سيد آهن ۽ سندن سلسلو قادري آهي. سيد رڪيل شاهه جو روحاني سلسلو شاهه عنايت شهيد جي درگاهه جي ستين سجاده نشين صوفي عبدالستار جهوڪ ميرانپور واري سان جڙيل آهي، جيڪو 39 هين سلسلي جي ڪڙيءَ ۾ حضرت علي ڪرم الله وجہ کان ٿيندو نبي ڪريم ﷺ تائين پهچي ٿو. سندن تعليم پنج درجا پرائمري آهي، جيڪا ڳوٺ ۾ پرايائون. سيد رڪيل شاهه 7 ربيع الثاني 1359 هجري مطابق 14 مئي 1940ع تي، سومر جي ڏينهن تي، هن فاني جهان مان وصال ڪري ويو. کين فتحپور شريف ۾ دفنايو ويو. جتي سندس فرزند سيد چيزل شاهه عاليشان روضو ٺهرايو. مارچ مهيني جي 11، 12۽ 13 تاريخ تي هر سال سندس شاندار عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي. سيد رڪيل شاهه کان پوءِ سندس درگاهه جو گادي نشين، سندس چوٿون نمبر فرزند صوفي سيد چيزل شاهه بڻيو. سيد چيزل شاهه کي سيد رڪيل شاهه پاڻ سجاده نشينيءَ جون ذميواريون سونپيون هيون. سندس ٻيو سجاده نشين صوفي سيد صادق علي شاهه ولد سيد چيزل شاهه هيو ۽ درگاهه فتحپور شريف جو موجوده سجاده نشين صوفي سيد سرفراز علي شاهه ولد سيد صادق علي شاهه جن آهن.

منهنجو مقالو سيد رکيل شاهه جي ٽيهه اکرين تي آهي، تنهنڪري هاڻي اچون ٿا ٽيهه ڏانهن. ”ٽيهه اکريون“ سڀ کان پهريان ميين عيسي ۽ لاکيٽي لطيف جون ملن ٿيون يعني ڪلهوڙن جي دور کان سنڌي ادب ۾ ”ٽيهه اکريون“ مليون آهن. هيءَ نيٽ سنڌي ادب جي صنف آهي. نظم ۾ ٽيهه اکريءَ جي پنهنجي مڃيل حيثيت آهي. هن صنف جي ترقي ڏيارڻ ۾ اساسي شاعرن مڪمل ڪردار رهيو آهي. ڪلاسيڪي شاعرن ٽيهه اکريءَ تي ڀرپور لکي، هن صنف جو مٿاهون مقام بڻايو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته: ”هيءَ صنعت ’ٽيهه اکري‘ نظم جي جان آهي. هر اکر آڏو ساڳئي اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ ملائي، نظم جي بيت يا بند جوڙڻ سان ئي ’ٽيهه اکري‘ نظم جو بنياد پيو. انهيءَ لحاظ سان عام طور تي ’ٽيهه اکري‘ جي هر هڪ اکر آڏو بيت يا بند انهيءَ ساڳئي اکر واري لفظ سان شروع ٿيڻو آهي.“(سنڌي لوڪ ادب جو اڀياس، ص 74)

سيد رکيل شاهه جي شاعريءَ ۾ به سي حرفيون آهن. جيڪي الڳ گهاڙيٽي تي لکيل آهن. سندس ڀئي ٽيهه اکريون اوٽٽيهن اکرن تي لکيل آهن. شاعريءَ جي هي صنف گهڻي ڀاڱي صوفي شاعرن لکي آهي، جيڪي ٽيهن، اوٽيهن ۽ اناويهن اکرن تي لکي ويندي آهي پر سيني کي سي حرفي يا ٽيهه اکري سڏيو ويندو آهي. سي حرفيون الف ۽ ب حرفن جي ترتيب سان لکبيون آهن يعني پٽيءَ وارن حرفن جي حوالي سان لکبيون آهن. الف-ب کي ننڍيپڻ ۾ پٽي چوندا هياسين ۽ اڄ به پٽي سڏبي آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته: ”ڪن بيتن جي سلسلي ۾ هر بيت ’الف-ب‘ اکرن سان شروع ٿيندو آهي. انهيءَ کي فارسي جي لحاظ سان ’سي حرفي‘ ۽ سنڌيءَ ۾ ’ٽيهه اکري‘ چيو ويندو آهي. ڪن شاعرن عربي الف-ب جي پورن ٽيهن اکرن تي مشمل بيت لکيا آهن. ڪن شاعرن وري ’لا‘ ۽ ’ء‘ کي ڇڏي 28 اکرن تي ٻڌل 28 بيت لکيا آهن پر انهن کي به ’ٽيهه اکري‘ سڏيو اٿن. ڪن شاعرن سنڌي الف-ب موجب 52 اکرن تي مشتمل ٽيهه اکريون به لکيون آهن. اهوئي سبب آهي، جو اصطلاحي معنيٰ ۾ ’ٽيهه اکري‘ ان کي چيو ويو، جنهن جا بيت الف-ب جي اکرن سان شروع ٿين پوءِ اهي ٽيهه اکري هجن يا گهٽ وڌ. تاريخي لحاظ کان ’ٽيهه اکري‘ شاهه عبداللطيف کان آڳاٽي معلوم ٿئي ٿي.“(بيت-سٽا ۽ اوسر، ص 87)

الف-ب جي ترتيب سان لکندڙ بيتن کي ٽيهه اکري سڏيو وڃي ٿو پوءِ انهن حرفن جو انگ ڪيترو به ٿي سگهي ٿو پر خاص ڪري سي حرفي انهن بيتن کي سڏجي ٿو

جيڪي ستاويهہ اٺاويهہ اوڻٽيهہ ۽ ٽيهن حرفن جي ترتيب سان لکيل هجن ۽ انهن کان گهٽ ۽ وڌ اکرن تي لکيل بيتن کي بہ ٽيهہ اکري سڏيو ويو آهي. شروعات ۾ سي حرفي ٽيهن اکرن تي لکيل بيتن کي چيو ويندو هيو پر اڳتي هلي شاعرن هن صنف ۾ نوان تجربا ڪري، هن کي 52 اکرن تائين پهچايو آهي يعني گهٽ ۽ وڌ حرفن جي حوالي سان پڻ هيءَ صنف لکي وئي آهي. ٻاونجاهہ اکرن جي ترتيب سان بہ هن صنف تي صوفي شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي، جيڪا پڻ سي حرفيءَ طور سڃاتي وڃي ٿي. غلام مصطفيٰ ”مشتاق“، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ”خليل“ جي ترتيب ڏنل ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ:

”هي اهو ڪلام آهي جو هڪ قسم جي صنعت آهي. هن جو مطلب آهي تہ ابجد جي هر هڪ اکر تي بيت چئجي. اها صنعت فارسي جي ڪنهن بہ شاعر استعمال ڪانہ ڪئي آهي. قديم استادن جو ڪلام حتيٰ ڪہ امير خسرو جو ڪيترن صنفن جو موجد آهي، ان جو ڪلام بہ انهيءَ صنعت کان خالي ڏسجي ٿو جنهن ڪري قوي گمان آهي تہ هي ڪلام خاص سنڌ جي شاعرن جو ايجاد ڪيل ۽ استعمال ڪيل آهي. سنڌ جي موجوده دور جا شاعر اهو ڪلام ترڪ ڪندا پيا وڃن.“(سنڌي شاعري ۽ علم عروض، ص 385،386)

”سي حرفي“ پارسي ٻوليءَ جا لفظ آهن، سي معنيٰ ٽيهہ ۽ حرف معنيٰ اکر. انهيءَ ڪري اهو شڪ ٿو لڳي تہ متان هيءَ صنف فارسي ادب جي ايجاد ڪيل هجي پر جڏهن فارسي ادب جو مطالعو ڪيون ٿا، تہ فارسيءَ جي وڏي شاعر ”امير خسرو“ بہ هيءَ صنف ناهي لکي، انهيءَ شاهديءَ کان پوءِ تسليءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ سي حرفي سنڌي ادب جي ميراث آهي. فارسي ٻولي آڳاٽي دور ۾ سنڌ جي دفتري ٻولي پڻ رهي چڪي آهي، تنهنڪري پارسيءَ جو سنڌي ٻوليءَ تي گهڻو اثر رهيو آهي. ٿي سگهي ٿو انهيءَ اثر سبب هيءَ صنف ”سي حرفي“ طور سڃاتي وڃي ٿي. فارسي ٻوليءَ کي اسان وٽ سرڪاري پنيرائي ملندي رهي آهي، ان ڪري پارسي ٻوليءَ سان گهڻي ويجهڙائي رهي آهي. تنهنڪري اهو گمان بہ آهي تہ متان انهيءَ سبب ڪري ”ٽيهہ اکري“ کي ”سي حرفي“ سڏيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر مهر خادم لکي ٿو تہ: ”سنڌي ادب ۾ ’ٽيهہ اکرين‘ (سي حرفين) جي شعري صنف ڪلهوڙن جي دور کان ملي ٿي. هن صنف کي صوفي شاعرن (۽ پڻ سگهڙن) پنهنجي پنهنجي انداز سان، سنڌي ٻوليءَ سان گڏ سرائڪيءَ ۾ پڻ سرجيو آهي. هيءَ نج فني شعري صنف آهي، جنهن ۾ الف-ب جي ٽيهن اکرن کي هر پهرين مصرع يا پهرين بند ۾ نهڪندڙ لفظن سان شروع ڪيو ويندو آهي.“(سنڌ جو سرمست، ص 248)

سيد رکيل شاهه جي شاعريءَ ۾ ٻه ٽيهه اکريون مليون آهن. جن مان هڪ ڇئن سٽن جي ترتيب سان لکيل آهي ۽ ٻي ڇهن سٽن تي سرجيل آهي. ٻنهي جو گهاڙيٽو پنهنجي بيهڪ رکي ٿو. سندس ٽيهه اکرين ۾ وحدانيت، رسالت، انسانيت، رومانويت ۽ وحدت الوجود جا پرچار مليٰ ٿي. سيد رکيل شاهه جي سي حرفين ۾ انسانيت جي ڳڻن، رواداري ۽ پنهنجائپ جا سبق سيکاريل آهن.

مثال:

”الف اور اندر ۾، سدا فڪر فقيرن،
اوجاڳا اکين ڪي، دل ۾ مچ ٻرن،
فاني تنهن فراق ۾، جهوريءَ منجهه جهرن،
اهي وينا رب گهرن، وڃي مليا سي مطلوب سان.“ (بحرالعشق، ص 494)

هيءَ سي حرفي چوستي بيت جي گهاڙيٽي ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ اوڻٽيهن اکرن جي ترتيب سان بيت آهن. ان جون سيئي سٽون ٻن پدن جون آهن. هن جي پهرين ٽنهي سٽن ۾ قافيو آخر ۾ اچي ٿو ۽ چوٿين سٽ جو قافيو پهرين پد تي آهي. هن ٽيهه اکري جي سڀني بيتن جي پڇاڙي پد ۾ ”وڃي مليا سي مطلوب سان“ رديف اچي ٿو معنيٰ هر بيت جي آخري پد ۾ رديف جو فقرو استعمال ٿيل آهي. هن جي بيتن کي اگر بندن ۾ ورهائبو ته ٻه گهاڙيٽا ٿيندا. پهريون بند دوهو ٿيندو ۽ پويون بند بيت ٿي پوندو معنيٰ هن ٽيهه اکريءَ جي بيتن جي تقطيع سان ٻه گهاڙيٽا ٺهن ٿا. هيءَ صنف هنن لفظن جي ترتيب سان لکيل آهي: الف، ب، ت، ث، ج، ح، خ، د، ذ، ر، ز، س، ش، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ڪ، ل، م، ن، و، هه، ل، ء ۽ ي. هن ۾ ”ل“ اکر تي ٻه بيت ڏنل آهن. جنهن سان ڪُل اوڻٽيهه بيت ٿين ٿا.

**ٻي ٽيهه اکري:**

”جيم جانب تو بنا، گذران ڏورڻ هت ڏکيو،
هو مرد پيا وڃي مامري، سِر نه ڇاڏن سو سکيو،
راضي مٿي هو رب رضا، تقدير مون جي ڪجهه لکيو،
ڪن ڪمائي قلب سان، هي درد جو ٻاري چکو،
ڇڏ وڃائي خام خطرا، جي رسين هن راهه کي،
سمجهه دل او ٿي صفا، تون ياد ڪر الله کي.“ (بحرالعشق، ص 486)

سيد رڪيل شاهه جي هيءَ ٽيهه اکري ڇهن سٽن يعني مسدس بيت جي گهاڙيٽي ۾ لکيل آهي، جنهن جي سيني سٽن ۾ ٻه ٻه پد آهن معنيٰ هن ٽيهه اکريءَ جو هر بيت ٻارهن پدن جو آهي. هن سي حرفيءَ جو گهاڙيٽو نرالو آهي، جنهن ۾ پهرين چئني سٽن جي آخر ۾ قافيا آهن جيڪي قافيا پاڻ ۾ هڪجهڙائي رکندڙ آهن. وري پوين ٻنهي سٽن جا قافيا پاڻ ۾ مناسبت رکن ٿا. هن جون پويون ٻئي سٽون سيني شعرن ۾ ورجائجن ٿيون. هن ٽيهه اکري جي بيتن کي جيڪڏهن بندن ۾ ورهائبو ته پهرين چئني سٽن مان ٻه دوها ٺهندا ۽ پويون بند پڻ الڳ دوهو ٺهندو. معنيٰ هن جي بيتن جي تقطيع سان هر بيت جا ٽي دوها ٺهن ٿا. هيءَ سي حرفي دوهي جي گهاڙيٽي تي لکيل آهي. سيد رڪيل شاهه جي شاعريءَ ۾ هن صنف تي هيٺين حرفن تي ترتيبوار بيت لکيل آهي: الف، ب، ت، ث، ج، ح، خ، د، ذ، ر، ز، س، ش، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ق، ل، م، ن، و، هه، ل، ءُ ۽ ي. هن سي حرفي ۾ پڻ ”ل“ اکر تي ٻه بيت ملن ٿا، جنهن سان بيتن جو تعداد اوڻٽيهه بيهي ٿو.

سيد رڪيل شاهه فرمائي ٿو ته:

”شين شريعت شان تن جو تابع مجن سي هٿ ٻڌي،
منجهه طريقت ماهيت، تعريف تو صاحب سندي،
هو حقيقت ۾ هليا، لاهوت ۾ لائق لنگهي،
ٿا ڏکن ساءِ معرفت، اسرار سارو احمدي،
ڇڏ وڃائي خام خطرا جي رسين هن راهه کي،
سمجهه دل او ٿي صفا تون ياد ڪر الله کي.“ (بحرالعشق، ص 498)

سيد رڪيل شاهه جي ٽيهه اکرين ۾ ڪيترائي موضوع ملن ٿا، جن ۾ صوفيت، رومانويت، انسانيت، اخلاقيات، اصلاحيات، حب الوطني ۽ جدوجهد اچي وڃن ٿا. سندس مٿئين بيت ۾ شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جي وضاحت سمجهايل آهي. پاڻ ٽيهه اکرين ۾ توحيد، رسالت، عشق، محبت ۽ پنهنجي مرشد ميان عبدالستار جهوڪ ميرانپور واري سان عقيدت جو اظهار ڪري ٿو. سيد رڪيل پنهنجي هڪ بيت ۾ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ سان محبت جي بياني هيٺين ريت ڪري ٿو:

”ظوئي ذڪر زهد سان، ڪن ٿا قلبون ڪمائي،
حرف پڙهيائون هڪڙو تن پاڪيزي پائي،

پوءِ پيچي بي نفس ٿيا، خودي کي ڪائي،
اهي سارن سدائي، وڃي مليا سي مطلوب سان.“ (بحرالعشق، ص 500)

سيد رڪيل شاهه سنڌي ٻوليءَ جو برجستو شاعر آهي، سندس سي حرفين ۾ فني ۽ فڪري خوبين جون بهترين بهارون آهن. سيد رڪيل شاهه جي شاعريءَ ۾ ايڪي، اتحاد، هدايت ۽ انسان جي اعليٰ قدرن جا سبق سمايل آهن. سندس ٽيهه اکريون عشق، درد، سڪ، سور ۽ حسن جي خيالن سان سرشار آهن. سيد رڪيل شاهه جي شاعريءَ ۾ نفس کي مارڻ، حق ۽ سچ جي راهه تي هلڻ، دل منجهان دئي، غير، غفلت ۽ بيائي کي ڪڍي، اندر کي اڇو اُجرو ڪري، هٺ، وڏائي، غرور، تڪبر ۽ خوديءَ کي ختم ڪرڻ جي تلقين ٿيل آهي. سيد رڪيل شاهه جي ٽيهه اکرين ۾ تصوف جي چمڪاٽ، عشق جي اُساٽ، برهه جي پڙڪاٽ، درد جي لُڙاٽ، غميءَ جا گهيرٽ، پيار جي پالوٽ، فڪر جون ڦرهيون ۽ ذڪر جي زباني ملي ٿي. سندس شاعريءَ جي هن صنف ۾ موضوعن جا ٻه مختلف رنگ ۽ روپ رچيل آهن. سيد رڪيل شاهه بيت جي روپ ۾ بهترين ادبي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. ڪيس بيت جي فن سان دلي لڳاءُ هيو سندس بيتن ۾ ذات ۽ ذاتءَ پالوت نظر اچي ٿي. سيد رڪيل شاهه جي شاعريءَ جا سيئي پاسا شاندار، فني ۽ فڪري گهرائيءَ سان ٽمٽار آهن.

**نتيجو:** سيد رڪيل شاهه صاحبِ ولايت ۽ ڪامل صوفي درويش ٿي گذريو آهي. سندس دور جون ڪيترين ئي ڪرامتون مشهور آهن. سيد رڪيل شاهه صوفياڻي فلسفي سان لکين ماڻهن جي دلين ۾ فقيري رنگ جي فيض جي پالوٽ ڪري، سندن دليون روشن ڪيون آهن. پاڻ ناسوت، جبروت، ملڪوت، لاهوت، هاهوت ۽ باهوت جي مقام تي پهتل بزرگ هيو. سيد رڪيل شاهه رياضتن ۽ عبادتن ۾ بک ۽ اڃ تي بَر ۽ ويران جڳهن تي اڪيلائيءَ ۾ ويهي چلا ڪٽي، ولايت جي مٿاهين منزل ماڻي، ٻَرن ۾ بازارون ٻڌائي، فتحپور شريف ۾ روحاني رنگ ۽ رونقون رچائي ڇڏيائين. سندس درگاهه تي سدائين مريدن جا ميلا، گل گلزاريون باغ ۽ بهاريون آهن. سيد رڪيل شاهه جي درگاهه تي اڄ ٻه عقيدتمندن جون مرادون پوريون ٿين ٿيون. سندس سجاده نشينن ۾ صوفي سيد چيزل شاهه ۽ صوفي سيد صادق علي شاهه پڻ وقت جا ڪامل درويش ٿي گذريا آهن ۽ صوفي سيد سرفراز علي شاهه (موجوده سجاده نشين) پڻ صاحبِ ولايت ۽ ڪرامتن جو والي آهي، جتي عقيدتمندن جا خالي جهول پُرُ ٿيندي پسجن ٿا.

**مددي ڪتاب:**

1. شاهه رڪيل، صوفي القادري، سيد، حضرت: رسالو بحرالعشق، ڪراچي، آزاد ڪميونيڪيشن: فتح چند ڪارڙا، 2014ع.

2. مانجهي، محمد علي، پروفيسر، ڊاڪٽر: صوفي شاه عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2014ع.

3 . سنڌي، عبدالمجيد، ميمڻ، ڊاڪٽر: بيت (ستا ۽ اوسر)، شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي، جنوري 2002ع.

4. بلوچ، نبي بخش، خان، ڊاڪٽر: سنڌي لوڪ ادب جو اڀياس، حيدرآباد: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڊيشن، 2016ع.

5. مشتاق، غلام مصطفيٰ (ترتيب): سنڌي شاعري ۽ علم عروض، شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي، اپريل 2001ع.

6. مورائي، رڪيل. سنڌ جو سرمست (مرتب)، حڪومت سنڌ: ثقافت ۽ سياحت کاتو 2009ع.

پروفيسر جاويد احمد شيخ

# درسي ڪتابن ۾ شامل امداد حسينيءَ جي ٻاراڻن گيتن جو جائزو

# Analysis of Imdad Hussaini's Children Songs included in Text Books


**Abstract:**

Imdad Hussaini is a legendry poet, great scholar and famous critic. His precious work will be remembered for many centuries. Besides this, there is lot of educational and literary work of Imdad Hussaini. But here we will analyze his poems included in text books for primary and secondary classes.

Imdad has penned many entertaining and educational comprehensive and conceptual poems for children. The most popular and thought provoking poem is (قدم وڌائي اڳتي هل) which has been taught to children almost half a century for their mental and ideological training. Those poems of Imdad are infect the revival of child hood of every adult.

He has got his six poetry books published, some of them are masters pieces, such as:

امداد آهي رول (1976)، هوا جي سامهون (2000ع)، شهر (2000ع)، ڪرڙي جهڙو پل، دهوپ کرن(2014ء،اُردو مجموعہ) and هوءَ (2017ع)

He has written some short stories under a pen name 'Sanwal' and composed lyrics for four Sindhi Movies.

I would like to add here that every Sindhi Poet or Poetess carries a cosmopolitan outlook on religious and sectarian aspects and expresses due reverence and respect for all religions and deities in poetry.

He was also awarded with Presidential Award by Government of Pakistan for his literary work in 2003.


سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان پوءِ بہ ويدانتي فڪر سان گڏ نئين اسلامي (تصوفي) فڪر جي تعليم ذريعي سنڌ جي ماڻهن جي راهنمائي ۽ رهبري جاري رهي. مٿيان ٻئي

نوان پُراڻا فڪر سنڌ ۾ رواداريءَ جي اصُولن پٽاندڙ انسانذات جي خدمت تي يقين رکي سنڌ سنوارڻ ۾ مشغُول رهيا. هن دور ۾ بہ درس ۽ تدريس جو سفر مندرن، وديا گهرن، مڪتبن ۽ مدرسن معرفت جاري رهيو. جيڪو سُومرا ۽ سما دور تيپي ”ڪلهوڙن جي ايامڪاريءَ تائين پهتو. هيءُ دور (ڪلهوڙا دور) جيئن سنڌي شاعريءَ جو سونهري دور ليکيو وڃي ٿو تيئن سنڌيءَ ۾ درس تدريس جو خالص ۽ سونهري دور بہ چئي سگهجي ٿو.

”ڪلهوڙن جي دور ۾ ابوالحسن پنهنجي مڪتب جي شاگردن لاءِ پهريون پيرو سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ جي مقصد سان نہ صرف سنڌي الف ب ناهي پر پهريون باقاعدي ڪتاب انهيءَ صُورت خطيءَ ۾ ’مقدمة الصلوة‘ يا ’ابوالحسن جي سنڌي‘ لکيو. ان کان پوءِ محمد هاشم ٺٽويءَ ۽ ٻين ڪيترن ئي اُستادن ۽ آخوندن ان روايت کي اڳتي وڌايو.“(1)

هن ئي دور جي سنڌي نواز ماڻهن سنڌي ٻوليءَ (نثر ۽ نظم) ۾ ڪافي ڪتاب لکي خالص ۽ نئين سنڌي ديسي ۽ درسي ڪتابن جي روايت قائم ڪئي. هيءُ دور سنڌ ۾ درسي ڪتاب پڙهائڻ جو ابتدائي ۽ پهريون دور چئي سگهجي ٿو. ڪلهوڙن کان پوءِ سنڌ ٽالپُرن جي حوالي ٿي ۽ ٽالپُرن جي حڪُومت جي پُڄاڻيءَ کان پوءِ انگريزي ايامڪاريءَ جي ڏهن سالن اندر 1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ وارو مسئلو حل ٿيڻ کان پوءِ عربي - سنڌي صُورتخطيءَ کي سنڌ ۾ عارضي طور تي جاري ڪرايو ويو. جيڪا اڳتي هلي مُستقل الفابيٽ بڻجي وئي. صُورت خطيءَ واري مسئلي حل ٿيڻ کان پوءِ تہ سنڌي ٻوليءَ جو جهول علم ۽ ادب سان ڀرجڻ لڳو. پرڏيهي ٻولين مان سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ترجما ٿيڻ لڳا، اصلُوڪو ادب سرجڻ شروع ٿيو. گرامر ۽ ڊڪشنريون ڇپجڻ لڳيون. سنڌ جي تاريخ لکجڻ شروع ٿي. انگريزن سنڌ جي ڪار وهنوار کي ڏينهن وار ’سنڌ گزيٽيئر‘ جي صُورت ۾ لکڻ شروع ڪيو. مطلب الف بي (پٽيءَ) جي جُڙڻ کان پوءِ قلم جُنبش ۾ اچي ويو. سنڌي لکڻ، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جون تعميري ڪوششون شروع ٿي ويون. غور ڪجي تہ ”ان هڪ آئيوٽا جي پڌرائيءَ کان پوءِ سنڌي ڪتابن لکڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ مسٽر ايلس ڊسمبر 1854ع ۾ ئي اهڙن ڏهن ڪتابن ڇپجڻ جي پڌرائي ڪري ورتي. انهن ڏهن ڪتابن ۾ ’باب نامو‘، ’ٻاراڻو ڪتاب‘، ديوان نندي رام جو لکيل بہ هو. ائين جديد دور جي عربي سنڌي صُورتخطي لکڻ ۽ پڙهڻ سيکارڻ جي ابتدا ٿي. نندي رام جي ان تصنيف يعني باب نامي ٻاراڻي ڪتاب سان ٿئي ٿي.“(2)

جڏهن تہ ان بعد ديوان اُڌا رام ٿانور داس جو سنڌي پهريون ۽ ٻيو ڪتاب، ديوان پرڀ داس آنند رام رام چنداڻيءَ جو جوڙيل سنڌي ٽيون ڪتاب ۽ چوٿون ڪتاب ۽ ڪوڙي مل

چندن مل کلٽاڻيءَ جو سنڌي ڇهون ڪتاب. چوٿون ڪتاب ۽ جوڙيل ٻيا ڪوڙ سارا ڪتاب ڳڻپ جوڳا آهن. جن نصابي سنڌي ڪتابن ان دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ تعليم لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو هو. ٻهر حال برطانوي قبضي وارو عرصو ڪيئن به هُيو؟ ڪهڙو به هُيو؟ انهيءَ بحث ۾ پوڻ سواءِ اهو بي جهجهڪ چئي سگهون ٿا ته هيءُ دور سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي واڌاري وارو ۽ سنڌي تهذيب، تاريخ ۽ تمدني سُڌاري، ترقي ۽ تعليمي سرگرمين جي حوالي سان هڪڙو روشن ۽ راهنماءُ دور هُيو.

14 آگسٽ 1947ع تي دنيا جي گولي تي هڪ نئين مُلڪ پاڪستان جو نالو نظر اچڻ لڳو. پاڪستان ٺهڻ واري ئي مهيني ۾ سنڌ جي تعليمي سرشتي کي نئين سر سُڌارڻ، وڌائڻ ۽ تبديل ڪرڻ جو ارادو ڏيکاريو ويو. جنهن تحت پُراڻن سنڌي درسي ڪتابن کي جديد دور سان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ جا اعلان ڪيا ويا. جنهن جي نتيجي ۾ 1955ع کان پوءِ سنڌ جي تعليمي سُڌاري لاءِ ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جو قيام عمل ۾ آندو ويو. جنهن سنڌ جي تعليم کاتي جا سڀئي درسي ڪتاب نئين سر تيار ڪرايا. جيڪي اڄ ڏينهن تائين ’سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ‘ جي نگرانيءَ هيٺ ٿوري گهڻي مَٽ سَٽ سان سنڌ ۾ تعليمي جوت جلائي رهيا آهن. فرق ايترو آهي جو اڄ ماضيءَ جي سنڌي درسي ڪتابن مان انهن مهان مهربانن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي قدر دانن جهڙوڪ: ديوان اُڌا رام ٿانور داس، ديوان پرڀ داس آنند رام رام چنداڻيءَ، ڪوڙي مل چندن مل کلٽاڻيءَ ۽ ٻين سنڌي ٻوليءَ جي ٻاجهارن ڪردارن جا نالا، جن سنڌي تعليم جو ابتدائي ڍانچو تيار ڪيو سي پس منظر ۾ رکيا ويا. جن کي اسان جو ايندڙ نسل شايد سُڃاڻندو به نه! سنڌي ادب ۽ تاريخ جي سهيڙيندڙن کي گهرجي ته ڪڏهن پُلجي سندن خدمتن جي اعتراف طور سندن ڏيهاڙي يا جنمي ڏڻ ملهائي، کين ڀيٽا پيش ڪن.

ورهاڱي بعد سنڌي تعليم جي فروغ لاءِ ڪيترن ئي اديبن ۽ شاعرن قومي جذبي کي اڳيان رکي، پنهنجون پنهنجون خدمتون پيش ڪيون ۽ سنڌي ڪتاب مُرتب ڪرڻ ۾ پيش پيش رهيا. ان حوالي سان ڏٺو وڃي ته ڪِن مهربانن سبق لکي ڏنا ته ڪن نظم واري حصي ۾ پاڻ ملهايو. هن ڏس ۾ ڪيترا ئي نالا آهن. جن درسي ڪتابن ۾ ٻارن لاءِ ڪافي سارا اصلاحي، اخلاقي، تربيتي ۽ تعليمي مقصدن ڀريا ٻاراڻا ٻول (نظم، گيت، بيت) لکيا، جن سالن تائين سنڌ جي مُستقبل جي معمارن کي فيض پئي بخشيو آهي. انهن سنڌي سدورن ۾ نامور عالم ۽ اُستاد شاعر جناب امداد حُسيني به قابلِ ذڪر آهي.

امداد حُسينيءَ شاعريءَ جي شروعات ’ٻاراڻي شاعريءَ‘ سان اُن وقت ڪئي جڏهن هُو ٻاڻ ٻارُ هُيو. سندس عُمر يارهن يا ٻارهن سالن جي اندر هُئي. هُن اسڪُول وڃڻ واريءَ وهيءَ ۾ ئي ٻارن لاءِ خوبصُورت ۽ ڪار آمد گيت ۽ نظم لکيا, جيڪي ان دور جي مشهور ٻالڪ رسالي ’گُلستان‘ ۾ شايع ٿيندا هُئا. امداد حُسينيءَ ٻارن لاءِ جيڪي ٻول, گيت, نظم سرجيا اُنهن ۾ تعليم, تربيت, تفريح, اخلاقيات, ذهني اوسر ۽ سُجاڳيءَ جا جُملي جُزا شامل آهن, جڏهن تہ گيتن ۽ نظمن جي ٻولي ماڪيءَ کان وڌيڪ مِٺي, مڌر, وڻندڙ ۽ من موهيندڙ اٿس.

سندس ”گيتن ۾ سادگي, سلاست ۽ رواني آهي. موضوعن ۾ پڻ رنگا رنگي آهي. گهڻو ڪري اهڙن موضوعن جي چُونڊ ڪئي اٿائين, جيڪي ٻارن جي فطرت ۽ دلچسپيءَ جي لحاظ کان لاڀائتا آهن. مطلب تہ هُن ٻارن لاءِ جيڪو ڪجهہ لکيو آهي, سو نهايت موهيندڙ ۽ دل ڪش انداز ۾ لکيو آهي.“[3]

امداد حُسينيءَ ٻارن لاءِ ڪافي اسم تخليق ڪيا آهن, جن مان ڪجهہ چُونڊ شعري اسم (گيت, بيت, نظم) سنڌي پرائمري ۽ سيڪنڊري ڪلاسن جي ٻالڪن کي ڪيترن ئي سالن کان سنڌ جي تعليم کاتي جي مُقرر ڪيل نصاب ۾ شامل ڪري پڙهايا وڃن ٿا, جيڪي اسڪُولي ٻارن جي سماجي راهنمائي ۽ سکيا ۾ پنهنجو تعميري ڪردار ڀرپُور نمُوني ادا ڪري رهيا آهن ۽ آئيندي وارو عرصو بہ ڪندا رهندا.

پڙهڻ وارن جو ڪڏهن شايد ان طرف ڌيان نہ ويو هُوندو تہ سنڌي, انگريزي ۽ اُردو ٻولين جي پرائمري, سيڪنڊري ۽ ڪاليج ليول جي درسي ڪتابن ۾ نظم (Poetry) جو ڀاڱو ڇو هُوندو آهي؟

جيئن تہ نثر جي مُقابلي ۾ نظم گهڻو آسان ۽ رديف, قافئي يا رڌم جي ڪري ياد ڪرڻ ۾ سوَلو ۽ سمجهہ جوڳو ٿيندو آهي; ان ڪري ڪجهہ نثري سبق پڙهي بور ٿيڻ بجاءِ دماغ تان بوجهہ لاهڻ, دل وندرائڻ ۽ مزو مهيا ڪرڻ خاطر ٻارن کي ڪنهن گيت, نظم, بيت يا ڪنهن ٻي شاعراڻي سرگرميءَ ذريعي نئين سر پڙهڻ لاءِ آماده ڪيو ويندو آهي. عموماً هر ٻار اهڙو شاعراڻو حصو ڪوڏ مان پڙهڻ پسند ڪندو آهي, جو ٻالڪ ڪوتائن جي ٻولي / شعر شيرين ۽ آڪاڻيءَ واري انداز ۾ سرجيل هوندا آهن; جيڪي جهٽ ۾ هر ٻالڪ جهٽي وٺندو آهي.

”ٻار جي درسي ڪتاب ۾ نظم وارو حصو ٻار لاءِ سڀ کان وڌيڪ دلچسپ رهي ٿو. ٻار پنهنجي درسي ڪتاب جا اڪثر نظم سوَلائيءَ سان ياد ڪري وٺي ٿو ۽ نظم ۾ موجُود

رڳو ان ۾ خوشين جا اڻ ڇاتا رنگ پريندو رهي ٿو. اهي هدايتون جيڪي ٻارن جي درسي ڪتابن ۾ نظم جي صُورت ۾ شامل رهيون آهن. اهي نصيحتون ٻار پنهنجي سمُوري عملي زندگيءَ ۾ ياد رکي ٿو ۽ موقعي جي مناسبت سان انهن جو بيان به ڪندو رهي ٿو.“[4]

امداد حُسينيءَ جا هن وقت جيڪي نظم / گيت سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شوري جي منظور ڪيل سنڌي پرائمري ۽ سيڪنڊريءَ جي درسي ڪتابن ۾ شامل ڪري پڙهايا وڃن ٿا، انهن سڀني اسمن کي پيش ڪريون ٿا. پر درجي وار انهن جو مختصر تعارف ڪرائيندي انهن جي اهميت ۽ افاديت به ٻڌائينداسُون.

سڀ کان اول امداد حُسينيءَ جو ’سنڌي پهرئين ڪتاب‘ جي سبق نمبر اُوٺويهين ۾ هڪڙو نظم بہ عُنوان ’پلا ٻڌاءِ تہ ڇاهي؟‘ ڏنل آهي، جنهن ۾ ٻارن کي ويجهي ماضيءَ جي جديد دور جي سائنسي ايجادن متعلق تصويرون ڏئي ڳجهارتي انداز ۾ سُواليا نمُوني يا رستي پُڇا ڳاڇا ذريعي معلُومات ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هيءُ نظم ايجوڪيشن جي ابتدائي سکيا وٺندڙ معصُوم ۽ ننڍڙن ٻارڙن جي ذهني پُختگي ۽ شين جي سُڃاڻپ ڪرائڻ جي مد ۾ مصروف نظر اچي ٿو. امداد حُسينيءَ جو هيءُ ”نظم جيڪو پرولين جي صُورت ۾ ٻارن کي سوچ جي ساگر ۾ اُماڻي کين ذهني ورزش ڪرائي درست جوابن تائين پهچڻ جو سعيو ڪري ٿو سو پڻ شاعر جي مدرس ۽ مدبر هُجڻ جو ثبُوت آهي.“[5] هتي اهو سمُورو نظم پڙهڻ لاءِ پيش ڪريون ٿا، جنهن ۾ ڄاڻ سان گڏ پرولين متعلق شعور ٻارن ۾ وڌي سگهجي ٿو. هيءُ نظم عام فهم ۽ آسان ٻوليءَ ۾ سرجيل آهي.

پرَ آتس پرَ پوپٽ ناهي،
اُپ ۾ اُڏري پکي بہ ناهي،
پلا ٻڌايو تہ اهو ڇا هي؟

خَبرُون چارُون روز ٻُڌائي،
مِنڙا، مِنڙا، گِيت سُڻائي،
پلا ٻڌايو تہ اهو ڇا هي؟
کيلَ پسائي، دل وندرائي،
جڻ تہ ڪو گهر جو ڀاتي آهي،
پلا ٻڌايو تہ اهو ڇا هي؟[6]

ان کان علاوه ساڳي سنڌي پهرئين ڪتاب جي سبق نمبر ويهين ۾ ڇهه بيت بہ عُنوان ’آواز‘ ڏنا ويا آهن، جن ۾ ٻالڪن کي موٽر ڪار ۽ ريل سميت ڪجهه پکين ۽ جانورن جي

فطري آوازن / ٻولن جو شعور / علم تقسيم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هُونئن به ٻارڙي کي مُطالعي کان وڌيڪ مشاهدي سان مزو حاصل ٿيندو آهي. هن نظم ۾ جڏهن شاعر (امداد حُسينيءَ) اسڪُول اندر موٽر ڪار جي غير فطري گهرڪن (آوازن) کان نه رڳو آشنائي ڪرائي آهي، پر لوڪ ڏاهپ سان به سندن دوستاڻو تعارف ڪرائي ٿو.

”هِن نظم ۾ ٻارن کي جيڪي شيون ٻُڌايون ۽ ڏيکاريون ويون آهن اُهي شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي ٻارن ڪجهه نه گهرن ۾ به ڏٺيون آهن. جن ۾ ڪوئل، ڪانءُ، جهرڪي، ڪُڪڙ، ڪار، ڏيڏر شامل آهن. باقي ٻيا انهن لاءِ بلڪُل نوان آهن ۽ اهي ٻار اهڙي نظم کي پڙهي پنهنجي ڄاڻ ۾ اضافو ڪن ٿا ته گهر وڃڻ کان اڳ ۾ پنهنجي ننڍڙي ذهن ۾ ڪافي سوال کڻي اچن ٿا ۽ والدين کان انهن مُتعلق پُڇا ڳاڇا ڪندا، جنهن ۾ شاعر جي ڪوشش شاندار آهي.“[7]

هتي اهي سمُورا بيت حوالي طور ڏجن ٿا، جن مان ٻار ساهدارن ۽ غير ساهدارن شين جي آوازن جي سحر جو لطف وٺن ٿا.

**آوازَ**

ڪوئل ڪُوڪي، ڪُو ڪُو ڪُو، ريلَ ڪري ٿي، ڇُڪ ڇُڪ ڇُڪ،
ڳيرو ڳائي، گهُو گهُو گهُو، تيز ڀڄي ٿي، ڀُڪ ڀُڪ ڀُڪ،

ڪانءُ ڪري ٿو ڪان ڪان ڪان، موٽرُ ڊوڙي، ڦَر ڦَر ڦَر،
ڏيڏر ڪري ٿو ٽان ٽان ٽان. تيلُ اُنهيءَ ۾، پَر پَر پَر.

جهرڪِي ٻولي، چُون چُون چُون، ڪُڪڙ ڪري ٿو ڪُڪڙُو ڪُو
پَرڙا کولي، چُون چُون چُون. صُبحُ ٿيڻ جو ڏَس ڏئي هُو.[8]

امداد حُسينيءَ جو درسي ڪتابن ۾ شامل هڪڙو ٻيو ننڍي بحر وارو نظم ’دُعا‘ جي عُنوان سان سنڌي پهرئين ڪتاب جي سبق نمبر ڇاويهين ۾ ٻارن کي پڙهايو ۽ ياد ڪرايو وڃي ٿو. هي سنڌي پهرئين ڪتاب ۾ لڳاتار شامل شاعر جو ٽيون نظم آهي يعني امداد حُسينيءَ سنڌي پهرئين ڪتاب ۾ هيٽرڪ ڪئي آهي. هن نظم ۾ شاعر علم جي حاصلات سان گڏ هُنر کي حاصل ڪرڻ جي به هدايت ڪري ٿو. هيءُ سمُورو دُعائيا نظم ننڍڙي ٻار کي ڄاڻ جا ڪجهه سونهري اصُول ۽ حقيقتون ٻُڌائي ٿو جيڪي مُستقبل جي معمارن کي آئيندي جي اَبي ٿيڻ ۾ مدد ڏيندا. ان کان علاوه هن ”نظم ۾ ٻارن کي زندگي ۽ سماج جا اعليٰ قدر اپنائڻ جي نصيحت ڪيل آهي ۽ انهن قدرن کي اپنائڻ جي قوت

حاصل ڪرڻ لاءِ ڏٽيءَ در دُعا گُهرڻ جو درس ڏنو ويو آهي. ان لاءِ بہ خود ٻار ڪي ئي شراڪتي ڪردار ڏئي سندس واتان دُعا جا لفظ چورايل آهن. ٻيءَ صُورت ۾ ڪنهن وڏي بُزرگ طرفان سڌي هدايت وارا لفظ گهٽ پاڳي ٻار کي ڏکيا لڳندا آهن.“[9] انهيءَ ڪري دعا ذريعي ٻارن کي نصيحت، هدايت ۽ ڄاڻ فراهم ڪرڻ وارو تجربو سهل ۽ سُهڻو سمجهيو ويندو آهي. هيءَ نظم ٻارن ۾ اخلاقي قدرن کي مضبوط ڪرڻ جو موقعو مهيا ڪري ٿو. نظم هن طرح آهي:

| | |
|---|---|
| خُدايا اِها، | اَگهو ڪِينَ ٿيان، |
| دُعا گهُران ٿو. | سَگهو شَل رهان. |
| سَنئين واٽ تي، | وَطنَ ساڻ مان، |
| سدائين هلان. | مُحبت ڪريان. |
| اَبو ۽ امان، | پَڙهان ۽ لِکان، |
| سُکيا شل رکان. | هُنر پڻ سِکان.[10] |

سنڌي ٽئين ڪتاب جي اَٺاويهين سبق لاءِ جيڪو نظم چُونڊيو ويو آهي اُهو پهرئين درجي لاءِ چُونڊيل نظمن ۽ بيتن کان ڪنهن قدر وزني آهي. شاعر هن نظم لاءِ لفظن جي چُونڊ وقت ٻارن جي ڄمار کي پڻ آڏو رکيو آهي. هن نظم جي تخليقي پرواز ڪجهہ متاثر ڪندڙ آهي. هِن نظم جو عُنوان پڻ دُعا آهي ۽ دعا جي اسلامي تعليمات اندر ڪيتري اهميت آهي، اهو ان نظم جو اصل جوهر آهي.

”دُعا ٻارڙن لاءِ حوصلي جو ڪارڻ هُوندي آهي. ان ڪري اهڙا گيت ٻارڙن لاءِ ڪارائتا هُوندا آهن، جيڪي ڪين اُتساهہ ڏين پر شرط اهو آهي تہ اهي دلچسپ ۽ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيا ويا هُجن.“[11]

هيءَ نظم مذڪُوره ڪلاس جي ٻارڙن منجهہ دُعا جي اهميت، طريقي، مالڪ حقيقيءَ کان پنهنجي لاءِ ڌن دولت بجاءِ علم، سمجهہ، عقل، وڏن جي عزت، ننڍن سان شفقت ۽ محبت، لحاظ وارو رويو رکڻ جي تلقين ۽ سچ جو ساٿ ۽ ڪُوڙ کان نفرت، ساٿيهہ جي نالي کي زنده رکڻ جي ڳالهين تي ٻڌل آهي. ان لاءِ بہ خود ٻار ڪي ئي اڳيان ڪري (سهڪاري ٻڌائي) سندس واتان ’دُعا‘ جا لفظ چورايل آهن. شاعر هن نظم ۾ دعا جي مقصد کان علاوه حب الوطنيءَ جي جذبي کي بہ اُڀاري ٿو.

”هن نظم جو خيال پنهنجي حوالي سان نهايت ئي خوبصُورت آهي، جنهن جو رس چَس رڌم تہ اعليٰ درجي جو آهي، جنهن ڪي ٻار باآساني پڙهي ۽ جهونگاري سگهن ٿا، جيڪو انهن کي جلدي ياد بہ ٿي ويندو!“[12]

هتي ساراهہ جوڳو جُملي نظم پيش ڪجي ٿو. هيءُ نظم ريڊيو پاڪستان حيدرآباد اسٽيشن تان صوبيا، بختاور ۽ حُميرا سارنگ جي گڏيل آوازن ۾ نشر ٿيندو رهي ٿو.

ڪٽي هٿ دُعا ٿو گُهران اي ڏٽي!
ملي سمجهہ ساڃاهہ مون کي گهڻي!

وڏن جي گهڻي آءُ عزت ڪريان،
۽ پاڻان ننڍين سان محبت ڪريان!
وطن سان سچو شل سدائين رهان،
شروع کان وٺي توڙ تائين رهان!

پڙهان ۽ لکان ۽ هُنر پڻ سکان،
وطن جو اچا نانءُ اُوچو ڪريان!
خُدايا! چوان جو بہ سچ مان چوان،
ڪڏهن ڪُوڙ کي ڪين ويجهو وڃان!

ڪٽي هٿ دُعا ٿو گُهران اي ڏٽي!
ملي سمجهہ ساڃاهہ مون کي گهڻي.[13]

امداد حُسينيءَ جا نظم يا گيت سنڌي پرائمري ۽ سيڪنڊري درجي تائين درسي ڪتابن ۾ لڳ ڀڳ پنجاهہ سالن کان پڙهايا وڃن ٿا. بلڪِ ائين چئجي تہ سندس ڪجهہ نظم / گيت نصف صديءَ جو فڪري سفر طئہ ڪري چُڪا آهن تہ وڏاءُ نہ ٿيندو. مثلاً سنڌي پنجين درجي واري ڪتاب جي ارڙهين سبق ۾ ڏنل نظم ’قدم وڌائي اڳتي هل‘ 80ع واري ڏهاڪي کان پڙهايو وڃي ٿو. هيءُ نظم ٻارن جي ذهني نشو نما سان گڏ مُندن موسمن سميت زرعي چاڻ بہ مهيا ڪري ٿو. هيءُ انتهائي فڪري ناصحاڻو ۽ تعليمي تربيتي گهرجُون پُوريون ڪندڙ نظم آهي. امداد حُسينيءَ هن نظم ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٽن فڪري اصطلاحن ’هٿ ملڻ‘، ’ڏونگر ڏري پوڻ‘ ۽ ’ٻانهن ۾ ٻل‘ وسيلي نهايت ڪاريگريءَ سان نصيحت ڪئي آهي، جنهن جي بند بند ۾ فڪر، شعور جا ست رنگي قول ٻارن سان گڏ

وڏڙن جي بہ دل دماغ کي لُڀائڻ جي اهليت رکن ٿا. هن نظم ۾ جدوجهد، ڪوشش، نيل آرمسٽرانگ جي چنڊ تائين رسائيءَ واري خوش خبري بہ ڏنل آهي. هيءُ سمُورو نظم مترنم آهي، جنهن کي آسانيءَ سان ڳائي سگهجي ٿو ۽ ڳائڻ وارو نظم اسڪُولي ٻار نثري سبق جي نسبت جهٽ ۾ ياد ڪري وٺندا آهن. هيءُ نظم اسڪُولي ٻارن کان ٻاريءَ ۾ ڳارائجي تہ هڪ عجيب شعوري سحر طاري ٿي ويندو. اُستاد ۽ شاگرد تجربو ڪري ڏِسن. بظاهر پنجين درجي جي ٻارن لاءِ لکيل هيءُ نظم وڏڙن جي شعور کي بہ ڪافي متاثر ڪري ٿو.

”هن نظم جي رواني تمام گهڻي شان دار آهي.... جنهن ۾ همت، حوصلو ۽ اٽل ارادي هُجڻ کي وڏي معنيٰ ڏني وئي آهي. ان جو مطلب تہ جيڪڏهن انسان سُستي ڇڏي پنهنجا قدم وڌائي اڳتي منزل جي طرف هلندو رهندو تہ يقينًا ڪاميابي انهيءَ کي ملڻي آهي ۽ وقت جو قدر ڪرڻ اهميت وارو جذبو آهي، جنهن لاءِ شاعر اهڙو پيغام نظم ۾ ڏنو آهي. هن سمُوري نظم ۾ ٻارن لاءِ هڪ مقصد ۽ وڏو اُتساه سمايل آهي، جنهن جي پڙهڻ کان پوءِ ماڻهوءَ ۾ همت سان اڳتي هلڻ جي جُستجو پيدا ٿئي ٿي ۽ اهو اڳتي وڌڻ جو ارادو ڪري ٿو ۽ نظم جي ڪيفيت ٻارن کي ادراڪ بخشي ٿي. ان جو رَس چَس بہ اعليٰ آهي.“[14]

امداد حُسينيءَ جي سنڌي نصابي ڪتابن ۾ شامل سمُوري شاعري ٻارن جي مزاج، مڪتبي ماحول، ذهني سطح ۽ تعليمي مقصدن مُطابق سرجيل آهي، جنهن ۾ اعليٰ ترين فڪر، سمجهہ ۽ ڄاڻ سمايل آهي. سنڌس درسي ڪتابن ۾ موجُود نظميا پاسي تي ڏيان ڏرجي ٿو تہ اسان کي اهو سمُورو حصو ئي سماجي قدرن جي پاس داري ڪندي، تعليمي گهرجن جو پُورائو ڪندي ۽ سائنسي اصُولن تي اَرڏائيءَ سان بيٺل نظر اچي ٿو. هڪ اسڪُولي ٻار کي شين يا قدرن جي ابتدائي عُمر ۾ ضرورت محسُوس ٿيندي آهي يا ڪرائي ويندي آهي. اهي سمُورا لوازمات امداد جي شاعريءَ ۾ موجُود آهن. جيڪي قدر ٻارڙن جي ڪردار سازيءَ کي نئون موڙ ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

”ٻاراڻي وهيءَ ۾ ٻار کي نظم و نسق ۽ تربيت جي سخت ضرورت پوَندي آهي ۽ اهڙي ٻار جي شخصيت ناهڻ لاءِ انهن قدرن کي ورتاڻو آهي، جيڪي قدر زندگيءَ کي ترتيب ڏين ٿا. اهي قدر اڪثر ڪري شاعريءَ جي سٽا مان ملن ٿا. ان ڪري نظم لاشعوري طور تي ٻار جي شخصيت کي هڪ نئون نڪار ڏئي ٿو ۽ سندس زندگيءَ لاءِ حد بندين جو تعين ڪري ٿو.“[15]

امداد حُسينيءَ جو مطالعي لاءِ هتي ڏنل نظم ’قدم وڌائي اڳتي هل‘ لڳ ڀڳ اڌ صديءَ جو سفر طئہ ڪري سنڌي قوم جي ڪيترن ئي نسلن جي زندگين ۾ تبدل ۽ ترتيب پيدا

ڪري ڪين ڪاميابين جي چنڊ تائين رسائي ڇُڪو آهي. هيءَ نظم جنهن لاءِ ساک سان چئون ٿا تہ امداد جي مڙني ٻالڪاڻن ٻولن (شعرن) جو شاهہ شعر (اسم) آهي، جيڪو اهڙي فڪري ڦل دار وڻ مِثل آهي، جنهن جي هر هڪ ٽاريءَ جو هر هڪ ميوو مِٺو رس دار ۽ قدر قيمت وارو آهي. ڇو تہ ڪالهہ ۽ اڄ جي انهيءَ نهايت ئي معنيٰ دار ۽ مقبُول نظم جو نہ رڳو فني فڪري مزو ونون پر ڪيترا ئي سال پوئتي وڃي خيال پچاريندي اسڪُول جي بينچ تي پاڻ کي ويٺل محسُوس ڪريون. هيءُ نظم پڙهندي، جهونگاريندي، ياد ڪندي محسُوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. هن نظم ٻالڪاڻي ڪردار سازيءَ ۾ واهہ جو ڪردار ادا ڪيو آهي. هيءُ نظم بہ اعجاز سولنگيءَ جي آواز ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي رڪارڊ ٿيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين سنڌي اسڪُولي ٻارن ۾ همت ۽ حوصلي جو ڪارڻ بڻيل آهي.

**قدم وڌائي اڳتي هل**

سُستيءَ مان ڇا هَٿ حاصل، گُذري جيڪو وقت ويو،
قدم وڌائي اڳتي هل. هاڻ اُنهيءَ تي هٿ نہ مَل.

چنڊ تي پهتو آ انسان، ڏونگر پاڻ ڏري پوَندا،
محنت جو سڀ آهي ڦل. اگر ارادو آهہ اٽل.

ڪنهن جو تون محتاج نہ ٿي، علم تہ آهي سچ جي واٽ،
ڪنهن جي آڏو جهول نہ جهل. واٽ انهيءَ تي هلندو هَل.

همت وارن جي آڏو، پهاڙ پُرزا ٿي پوَندا،
جُهڪي پوي ٿو نيٺ جَبَل. ٻانهُن ۾ جي آهي ٻَل.

سردي گرمي سر تي سهي، وقت وِڃائين مُفت متان،
گُلَ جهلي ٿي تڏهين وَل. قيمت لهڻي، هر ڪو پَل.(16)

آسان سنڌي ستين درجي لاءِ بہ امداد حُسيني صاحب جو هڪڙو نظم بہ عُنوان 'دُعا' سبق ٿيهين ۾ ڏنل آهي. امداد حُسينيءَ جو هيءُ ٽيون دُعائيو نظم آهي، جيڪو درسي ڪتابن جي ٻارن لاءِ عُمر آڌار (Age vise) شامل ڪيو ويو آهي. هن نظم ۾ ڪافي سارا سادا ۽ سليس لفظ استعمال ڪيا ويا آهن، مگر ڪجهہ لفظ پڻ وڏڙن ٻارڙن جي سمجهہ سوچ آڌار استعمال ڪيا ويا آهن. هن نظم ۾ بہ ٻارڙن کي اخلاقي ۽ سماجي قدرن جو 'دُعا' ذريعي ڏڳ ڏيکاريو ويو آهي. هِن نظم جا هڪڙي بند 'ڏيئي جان انڌيرا پڃائي ڪيان'

ڪان سواءِ سمُورا بند ٻارن لاءِ عام فهم ۽ جهٽ ۾ جهلڻ جهڙا آهن. جڏهن ته ٽيون بند فڪري وُسعت ۽ استعاراتي حُسن وارو ۽ وسيع معنيٰ ۽ مطلب وارو آهي، جنهن ۾ ٻارن لاءِ ديس ۽ ديس واسين جي واهر ڪرڻ واري رمز رکي وئي آهي. لفظن ۾ قوم لاءِ ڪجهه ڪرڻ واري ڪيميائي سعادت سموهي وئي آهي. هيءُ نظم جيئن ته ستين ڪلاس جي شاگردن لاءِ لکيو ويو آهي، جيڪي عُمر جي لحاظ کان سرڪاري اسڪُول اندر ٻارهن تيرهن سالن جا ٻار ٿين ٿا. ان ڪري انهن جي نظمن جي ٻوليءَ ۽ لفظي چُونڊ ڪجهه مٿيري، سندن عُمرين آڌار ٿئي ٿي، جو هر ٻار جسماني طور وڏو ته ٿيندو آهي پر ذهني بلاغت به منجهس پيدا ٿيندي ويندي آهي. هُونئن به ڏٺو ويو آهي ته ”عُمر ۽ علم وڌڻ سان شعور به پُختو ٿئي ٿو ۽ ان مُطابق ئي منجهن موجُود گڻن کي اُجاگر ڪرڻ ۽ جذبي پيدا ڪرڻ لاءِ نظم شامل ڪيا آهن.“(17)

هتي امداد حُسيني صاحب جو نظم ’دُعا‘ ڏجي ٿو.

| | |
|---|---|
| تُون مالڪ، تُون خالق، تُون قادر ڪريم، | ڏيئي جان انڌيرا پيچائي ڪيان، |
| اَگهائِين دُعا شالَ رب عظيم. | ٿَرن تي ٿڌِي بُوند بڻجي وَسان. |
| سڌي واٽ تي شالَ قدم هي هَلن، | وڏن جو ادب ۽ ننڍين ساڻ پيار، |
| نَيُن منزلُن ڏانهن وڌندا رهن. | اها نيڪ عادت ڪريان اختيار. |
| لکان ۽ پڙهان مان وڏي چاهه سان، | غريبن يتيمن سان اُلفت ڪريان، |
| رکان سَڪَ ساٿيهه جي ساهه سان. | وڏو ٿي وطن جي به خدمت ڪريان.(18) |

امداد حُسينيءَ جا نظم، گيت ۽ ٻيون ٻالڪ صنفون پهرئين درجي کان اٺين درجي تائينءَ جي شاگردن لاءِ سنڌي درسي ڪتابن ۾ شامل ڪيون ويون آهن، جيڪي هر ڪلاس جي ٻارن جي عُمرين ۽ ذهني سطح کي سامهون رکي چُونڊيون ويون آهن. مثال طور سنڌي اٺين ڪتاب جي سبق اُوڻٽيهين ۾ امداد حُسينيءَ جو لکيل نظم بہ عُنوان ’سوپارو ساٿيهه‘ ڏنو ويو آهي، جيڪو ٻارن کي وطن سان حُب جو درس ڏئي ٿو. شاعر هن نظم ۾ ڌرتيءَ سان سلهاڙيل ڪوڙسارين شين، جاين جڳهين کي ايترو ته ساراهيو آهي جو وطن کي جڻ جنت جهڙو بڻائي پيش ڪيو اٿس. شاعر (امداد حُسينيءَ) سنڌو درياهه ۽ سنڌ ۾ وهندڙ ڍنڍين ڍورن، ندين نالن ۽ آبشارن جي پاڻيءَ کي چانديءَ سان ڀيٽي ٻارن منجهه مارئيءَ واري حُب الوطنيءَ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هيءُ نظم ڪورَس ۾ ڳائجي ته هُوند اسڪُول جو ماحول ساٿيهه جي سِڪ، اُڪير ۽ قدر قيمت سان

مالا مال ٿي پوي. هن نظم ۾ امداد حُسيني صاحب ساٽيهہ جي فطري حُسن کي نظمي تصويرن واري انداز ۾ ايترو چِٽو ڪري پيش ڪيو آهي، جهڙوڪر چوڏهينءَ چنڊ رات جي پهر وارو يا جهڙوڪر مينهن بند ٿي وڃڻ کان پوءِ وسيع ۽ واضح نظر ايندڙ آڪاش جو عڪس هُجي، جنهن ۾ تارا، ڱتيون ۽ تيڙو پنهنجو جمال ۽ ڪمال پَسائيندا ۽ پِرپائيندا آهن. هن نظم سان گڏ هر بند جي هُوبَہ هُو عڪاسي ڪندڙ تصويرون پڻ ڏنيون ويون آهن، جيڪي نظم جي اهميت کي وڌيڪ وضاحت ۽ وُسعت بخشن ٿيون. هن قسم جي تصويرن کي ٻار گهڻو پسند ڪندا آهن. ٻار عمومًا ٻُڌڻ واري عمل کان گهڻو ڏسڻ واري عمل سان وڌيڪ متاثر ۽ مانوس ٿيندا آهن.

”نظم ’سوپاري ساٽيهہ‘ ۾ شاعر پنهنجي وطن جي ساراهہ ۽ سُونهن کي بهترين انداز سان پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ هُن پنهنجي ڏاڏاڻي ڏيهہ کي ’سوپارو ساٽيهہ‘ سڏيو آهي، جنهن جو صُبح سُهڻو ۽ شام اُن جي افضل ۽ پياري ٿئي ٿي، جنهن جا ڪي ئي رنگ روپ ٻُڌايا ويا آهن ۽ نظم ۾ لفظن جي رواني ۽ عام فهم واري ٻولي استعمال ڪئي آهي، جنهن ان جي سُندرتا کي حُسن بخشيو آهي.“[19]

ڇو نہ اهڙو سُندر ۽ من موهڻو نظم پڙهي ٻارڻ بہ وطن جي وادين، جبلن، درياهن، سائي زمين، اناج اُپائيندڙ ڌرتي ۽ ٻين انيڪ گڻن، رنگن روپن سان مالا مال ساٽيهہ جو نظمي نظارو ڪريون. هن نظم جي آخري حصي ۾ ٻارڙن کي فقط محنت، محنت ۽ محنت جو ئي دامن مضبوطيءَ سان پڪڙڻ جي پياري صلاح ڏني وئي آهي. هونءَ بہ محنت واري جو مان وڏو آهي، جو محنت ڪش خدا جو خليل آهي.

ڏاڏاڻو هي ڏيهہ اسان جو،
سوپارو ساٽيهہ اسان جو.
صُبح انهيءَ جو سُهڻو سُهڻو،
سُهڻو سُهڻو ۽ من مهڻو.
شام انهيءَ جي پياري پياري،
سُهڻن رنگن روپن واري.

رات انهيءَ جي چنڊ سِتارا،
نوري ان جا سڀ نظارا.
جبل انهيءَ جا اُوچا آهن،

ڳاٺُ اُوچو ڪنيو ڏس بيٺا آهن.

درياءَ وهندا وهندا آيا،
هيٺ جبل تان لهندا آيا،
چانديءَ جهڙو جن جو پاڻي،
جنهن ڪان ڌرتيءَ ساوڪ ماڻي.

مٽي ان جي سوني آهي،
هاري ان تي هر ٿو ڪاهي،
سونا سونا سنگ اُپائي،
ڪانياٽيءَ سان جهار اُڏائي.

مِل ۾ ڏس مزدور اچن ٿا،
پنهنجي وطن لئہ پورهيو ڪن ٿا،
سمجهہ اهو ئي درس ڏين ٿا،
محنت سان ئي رنگ رچن ٿا.

محنت محنت محنت محنت،
محنت ۾ ئي عظمت آهي،
اچو پڙهڻ تي ڌيان لڳايون،
پنهنجي وطن جو مانُ وڌايون![20]

**نتيجو:**

امداد حُسينيءَ جي درسي ڪتابن ۾ شامل ٻاراڻن گيتن ۽ نظمن جي جائزي وٺڻ سان اهو نتيجو نڪتو تہ سائينءَ جون ٻال - ڪوِتائون اسڪولي ٻارن منجهہ ڪافي عرصي ڪان نہ رڳو دلچسپي ۽ تفريح جو باعث بڻيل آهن، بلڪ سندن ذهن سازيءَ ۾ هاڪاري ڪردار پڻ ادا ڪيو آهي. امداد حُسيني بنيادي طور شاعر آهي، ڪيس شعر ۽ اُن جي فن تي قدرت حاصل آهي. توڙي جو هو وڏن لاءِ بہ لکي ٿو. سندس درسي ڪتابن واري شاعريءَ تعليمي معيار ۽ اصُول اَڏڻ ۾ پنهنجو هاڪاري ڪردار ادا ڪيو آهي. امداد

حُسيني سنڌ جي نئين نسل، خاص ڪري مستقبل جي معمارن جي علمي پيڙهيءَ کي ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ جي پار پهچائڻ لاءِ وسان ناهي گهٽايو. اڄ به سندس گيت، نظم ۽ بيت ڪيترا ئي نسل پنهنجي دلين ۾ ڌڙڪندي ۽ گُنگُنائيندي محسُوس ڪن ٿا. امداد حُسينيءَ جا ٻاراڻا ٻول آئيندي جي اَبن ۾ اُتساهه ۽ اعتماد، وِديا ۽ وندر ورهائن ٿا. درسي ڪتابن وارا سندس سمُورا اسم ٻارڙن جي ڪردار سازي ۽ شعور جي واڌ وِيجهه ۾ هاڪاري ڪردار ادا ڪري چُڪا آهن. جن ۾ قومي جذبي، قومي ٻَڌيءَ، ايڪي ۽ اتحاد جا سيڱي سبق پڻ سمايل آهن. سچ پچ ته امداد حسينيءَ جي ٻاراڻي شاعري سنڌي ٻاراڻي ادب جو شاندار قومي ورثو آهي ۽ ٻاراڻي ادب ۾ اهميت جي نگاهه سان پڙهي وڃي ٿي، جن مان درسي ڪتابن ۾ شامل ٻال-ڪوتائن جي اهميت پنهنجي آهي ته غير نصابي ڪتابن واري ٻاراڻي شاعري وري انتهائي سُريلي، سولي ۽ سهڻي آهي.

**حوالا:**


1. گوپانگ، ڊاڪٽر محمد صالح، ’پرائمري درسي ڪتابن جو تحقيقي جائزو‘، 2012ع، ص 07
2. ساڳيو
3. مُصطفيٰ، غُلام، سولنگي، ڊاڪٽر، ٻارڙن جي ماهه وار رسالي ’گل ڦل‘ جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو پي ايچ _ ڊي مقالو وفاقي اُردو يونيورسٽي ڪراچي، 2018ع
4. سولنگي، غُلام مُصطفيٰ، مهاڳ سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي اينٿالاجي، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2007ع، ص 8
5. سمون، مُختيار، ٻارن جي درسي ڪتابن ۾ شامل امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ جو جائزو، روزاني عوامي آواز ڪراچي، 15 سيپٽمبر 2019ع
6. نظر ثاني ڪندڙ: الانا، غُلام علي، ڊاڪٽر، حُسيني، امداد ۽ ٻيا، سنڌي پهريون ڪتاب، سبق اُوٺيهون، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شورو اپريل 2015ع، ص 45
7. محسن، وحيد، ٻارن لاءِ سنڌي درسي ڪتابن ۾ شايع ٿيل امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ جي سُڳنڌ، روزاني هلالِ پاڪستان ڪراچي، آچر 21 جُولاءِ 2019ع
8. نظر ثاني ڪندڙ: الانا، غُلام علي، ڊاڪٽر، حُسيني، امداد ۽ ٻيا، سنڌي پهريون ڪتاب، سبق اُوٺيهون، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شورو اپريل 2015ع، ص 43
9. سمون، مُختيار، ٻارن جي درسي ڪتابن ۾ شامل امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ جو جائزو، روزاني عوامي آواز ڪراچي، 15 سيپٽمبر 2019ع

10.نظر ثاني ڪندڙ: الانا، غُلام علي، ڊاڪٽر، حُسيني، امداد ۽ ٻيا، سنڌي پهريون ڪتاب، سبق اُوٺيهون، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شورو اپريل 2015ع، ص 43
11.مُصطفيٰ، غُلام، سولنگي، ڊاڪٽر، ٻارڙن جي رسالي ’گل ڦل‘ جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو، پي ايچ _ڊي ٿيسز، وفاقي اُردو يونيورسٽي ڪراچي، 2018ع
12.محسن، وحيد، ٻارن لاءِ سنڌي درسي ڪتابن ۾ شايع ٿيل امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ جي سُڳنڌ، روزاني هلالِ پاڪستان ڪراچي، آچر 21 جولاءِ 2019ع
13.ليکڪ: الانا، غُلام علي، ڊاڪٽر، حُسيني، امداد، سيد ۽ ساٿي، سنڌي ٽيون ڪتاب (ٽئين درجي لاءِ، آزمائشي اشاعت)، سبق اَناويهون، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شورو مئي 2015ع، ص 67
14.محسن، وحيد، روزاني اخبار هِلالِ پاڪستان، آچر 21 جُولاءِ 2019ع
15.سولنگي، غُلام مُصطفيٰ، مهاڳ سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي اينٿالاجي، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2007ع، ص 8
16.سنڌي پنجون ڪتاب (آزمائشي اشاعت)، سبق اَرڙهون، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شورو، آگسٽ 2017ع، ص 53
17.سمون، مُختيار، ٻارن جي درسي ڪتابن ۾ شامل امداد حُسينيءَ جي شاعريءَ جو جائزو، روزاني عوامي آواز ڪراچي، 15 سيپٽمبر 2019ع
18.آسان سنڌي (ستين درجي لاءِ)، سبق ٽيهون، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شورو، 2007ع، ص 88
19.محسن، وحيد، روزاني اخبار هِلالِ پاڪستان، آچر 21 جُولاءِ 2019ع
20.سنڌي اَٺون ڪتاب، سبق اُوڻٽيهون، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شورو، اپريل 2018ع، ص 95، 96

ذوالفقار علي جلباڻي

# ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي تذڪره نويسيءَ جو جائزو
## Discriptive Analysis of Dr. Hamid Ali Khanai's Writtings

**Abstract:**

Sindhi literature is immensely rich and protected whether it is poetry, stories, novels or any other form of literature. It is the result of unstoppable strives of sindhi authors. One of those extra ordinary writers Dr. Hamid Ali Khanai is among the leading writers from interior put of sindh. His work is not adequately highlighted/ mentioned/spotlighted in sindhi literature. In this paper, I have unveiled some of his exceptional collections like:

1. Tazkarah-e-Kotai Saadaat Rohri (A descriptive account of Syeds of Rohri; Published in 1998)
2. Tazkarah-i-Kotai Saadaat Sukkur (A description of the Kotai Saadaat Sukkur; Published in 2001)
3. Tazkarah-i-Shuara Rohri (A description of the poets of Rohri: unpublished).

I have presented a brief introduction of the collection of Dr. Hamid Ali khanai's three exceptional writing collection.

سنڌي ادب جي خدمتگارن ۾ اسان کي ڪيترن ئي عالمن ۽ اديبن جا نالا ملن ٿا. انهن عالمن ۾ هڪ محقق ۽ نقاد. ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي جو به نالو نشانبر طور نظر اچي ٿو. حامد علي خانائي سنڌ جي ساهتي پرڳڻي جو هڪ اهڙو هاڪارو عالم، ڏاهو اديب، نقاد ۽ محقق آهي، جنهن سنڌ جي تاريخ ۽ ادب جي مختلف پهلوئن تي جيڪو تحقيقي ڪم ڪيو آهي، ان جي پيش ڪيل تحقيقي ڪم کي غور سان پڙهڻ ۽ ان تي فڪر ڪرڻ سان سان معلوم ٿئي ٿو ته. هن پنهنجي تحقيقي عمل وسيلي نوجوان نسل ۽ ادب پرورن کي جيڪو علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪم پيش ڪيو آهي تنهن مان اسان جي نوجوان نسل جي ذهني تربيت ٿئي ٿي. سندس ادبي ڪم جي شروعات سال 1955 کان شروع ٿئي ٿو ۽ 2010ع تائين يعني ڪل پنجونجاهن سالن تي محيط آهي. اڌ صديءَ تي مشتمل سندس تحريرون جن ۾، شاعري، افسانه نگاري ۽ مضمون نگاري کان علاوه

سنڌي ادب جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪندو رهيو. تحقيق ۽ تنقيد جي کيتر ۾ اڻ مٽ نشان ڇڏيا آهن. سندس تحقيقي ۽ تنقيدي عمل ۾ ڪيئي نوان سوال ۽ انهن جا جواب به ملن ٿا. حامد علي خانائي پنهنجي همعصر دور جي عالمن کان به متاثر ٿيندو رهيو ۽ انهن کي پنهنجي تحقيقي ۽ تنقيدي عمل سان متاثر به ڪندو رهيو. سنڌي ادب جي ميدان ۾ اڳ پيش ڪيل ڪيترن ئي نين ڳالهين جو ادراڪ حاصل ڪري ۽ پنهنجي تحقيقي شعور جي وسيلي سنڌ جي عالمن جي ڪتب آندل ڳالهين تي غور ويچار ڪندو انهن سوالن ۽ موضوعن سان لاڳاپيل ڳالهين کي پنهنجي علمي بصيرت ذريعي نوان نقش تلاش ڪندي ڪيترن ئي پهلوئن تي قلم کنيائين. سندس انهيءَ سموري پيش ڪيل تحقيقي عمل ۾ هڪ پهلو تذڪره نويسيءَ جو پڻ آهي، جنهن جو هت جائزو پيش ڪريون ٿا. هن کان اڳ ۾ اهو به ٻڌايون ته، تذڪرو ڇا آهي؟ تذڪره جي وضاحت عالم هن طرح ڪن ٿا:

ڊاڪٽر انوي فگار هڪڙو لکي ٿو ته: "هر زبان جي ادب جي شروعات، نثر بجاءِ نظم سان ٿي آهي. انهيءَ مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته، انسان جو شعر ۽ شاعريءَ سان لڳاءُ گهڻو آهي. انهيءَ لَنوُ لڳا سبب انسان پنهنجي پسند جي شاعريءَ کي سيني ۾ سانڍڻ کان سواءِ جڏهن قلم سان ڪاغذ تي تحرير ڪرڻ شروع ڪيو تڏهن پنهنجي پسند ۽ گهرج موجب مختلف طريقن سان شاعريءَ کي ڪتابي صورت ۾ هٿيڪو ڪندو رهيو. هٿيڪي ڪرڻ جي طريقن مان هڪڙو طريقو شعر جي انتخاب جو به آهي، جنهن ۾ مختلف شاعريءَ جي ڪلام کي گڏ ڪيو ٿي ويو. انهيءَ انتخاب کي بياض سڏيو ويو. انهيءَ بياض ۾ منتخب شعر سان شاعري جو نالو به ڏنو ويو. اڳتي هلي نالي سان گڏ، تخلص، سوانح ڪلام تي تبصري ۽ تنقيد کي پڻ شامل ڪيو ويو. اهڙي انتخاب يا بياض کي تذڪرو سڏيو ويو." (هڪڙو: 2013، 19)

ساڳيو مصنف ڊاڪٽر فرمان فتحپوري جو حوالو ڏيندي لکي ٿو: "بياض ۾ رڳو شعر جو انتخاب هوندو آهي، جڏهن ته تذڪري ۾ شعر جي انتخاب سان گڏ، شاعر جو نالو ۽ تخلص جو به اضافو ڪيل آهي، بعد ۾ شاعرن جي نالن ۽ تخلصن ۾ خاص ترتيب آندي وئي آهي. ڪٿي اُها ابجد جي حروفن مطابق رکي ويندي آهي ته ڪٿي الفابيٽيڪل آرڊر ۾، انهيءَ سان گڏ مختصر سوانح ۽ ڪلام تي تبصري واري واري واڌ ٿي ۽ تذڪرو بياض کان اڳتي وڌي نيم تاريخي نيم تنقيدي ۽ نيم سوانحي قصا ۾ داخل ٿي ويو. وقت ۽ حالتن جي تقاضائن تحت تذڪري تي "ادبي تاريخ"، "تنقيد ۽ سوانح نگاري" جو رنگ گهرو

ٿيندو ويو. انهيءَ نہ رنگي سنگم کي صحيح معنيٰ ۾ نہ ادبي تاريخ جو نالو ويو نہ تنقيد سڏيو ويو ۽ نہ ئي سوانح نگاريءَ سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. اهوئي تذڪري جو فن قرار ڏنو ويو آهي. تذڪري جي عنصرن ۾ شاعرن جي مختصر حالتن، ڪلام تي سراسري تبصري ۽ شعر جي انتخاب کي هن فن جي عنصرن ۾ شامل ڪيو ويو.“ (هڪڙو: 2013: 2)

تذڪري جي موضوع تي اسان کي ڊاڪٽر انور ”فگار“ هڪڙي جا ٻہ مقالا ملن ٿا. اهي ٻئي مقالا سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي پاران شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنل ”ڪينجهر“ شمارو 16، سال 2013ع ۾ ۽ ”ڪينجهر“ شمارو 17، سال 2014ع ۾ شايع ٿيل آهن. جنهن ۾ پهرين مقالي ۾، سنڌ ۾ فارسي تذڪره نگاريءَ جي ابتدا ۽ ارتقا ۾، فارسيءَ جي ڪجهہ تذڪرن جو مختصر ذڪر ڪيو آهي. ان کان پوءِ سنڌ ۾ سنڌي شاعرن جي تذڪرن جي اشاعت جو ذڪر ڪندي ڪافين جو ڪتاب تي تحقيق جا اشارا ڏنا آهن. مذڪوره موضوع کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ سنڌس تحقيق ۾ گهرو اڀياس پيش ڪيل آهي.

پهرين مقالي ۾، شايع ٿيل سنڌي شاعرن جي تذڪرن جو مقالي جي آخر وچُور ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ 60 شايع ٿيل تذڪرن جا نالا ۽ تذڪرا نويس ۽ شايع ٿيل تذڪرن جو سال ڏنو ويو آهي ۽ ٻئي مقالي ۾، ساڳين ئي 60 تذڪره نويسن کي جيئن جو تيئن مقالي ۾ رکيو ويو آهي.

جيئن تہ اسان جو موضوع ”ڊاڪٽر حامد علي جي تذڪره نويسيءَ جو جائزو“ آهي، ان ڪري اسان پنهنجي موضوع کي اڳ ۾ پيش ڪيل تحقيق جي روشني ۾ ڏٺو تہ جيڪا ڳالهہ سامهون آئي تہ اسان جي تحقيق مطابق اڃ تائين. ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي ٽنهي تذڪرن کي ڪنهن بہ محقق، تحقيقي عمل هيٺ نہ آندو آهي. هتي انهن تذڪرن جي روشنيءَ ۾ ڊاڪٽر حامد علي خانائي جي ادبي ڪردار جو ذڪر اچي ويندو، جنهن مان هرهڪ کي معلوم ٿيندو تہ هُو ڪيڏو نہ وڏو محقق ۽ نقاد هو جنهن جي خدمتن کي وساريو ويو آهي.

1. تذڪره ڪوٺائي سادات روهڙي: 1998ع
2. تذڪره پُوراڻي سادات سکر: 2001ع
3. تذڪره شعراءِ روهڙي (اڻڇپيل)

ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ پنهنجي ٽنهي تذڪرن ۾، سکر ۽ روهڙي جي تاريخ

سان لاڳاپيل ۽ متعين ڪيل هردور جون ڳالهيون لکيون آهن. جڏهن سندس پهرئين تذڪري جو اڀياس ڪجي ٿو ته، ان ۾ پنهنجي زبان ۽ ادب سان سچائيءَ نظر اچي ٿي. هن تذڪري مان سندس ذهانت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سنڌ جي تاريخ ۽ ادبي ڳالهين کي قديم ماخذن مان ڳولي هٿ ڪري نهايت اهم معلومات ڏني ٿو انهيءَ ڳالهه کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته، هن تذڪري کان اڳ ۾ اهڙي مفيد نوعيت واري معلومات ڪنهن به تذڪره نويس پيش ناهي ڪئي.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي تذڪره ڪوٿائي سادات روهڙي، جي مهاڳ ۾ چوي ٿو ته:

”هن ڪتاب ۾ شامل مواد، سنڌ جي تواريخ جي وچايل ڪڙين مان هڪ اهم ڪڙي آهي، جنهن ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته، سنڌ جي سرزمين مان ڪهڙا نه وڏا اڪابر ۽ بصيرت جا صاحب ٿي گذريا آهن، جن اعليٰ منصب حاصل ڪيا ۽ پنهنجي سياسي تدبر سان ملڪي انتظام کي صحيح معنيٰ ۾ هلائڻ جا جوهر ڏيکاريا. مير يعقوب علي خان رضويءَ جي تذڪري سان گڏ، سندس اولاد مان هڪ ٻئي پنيان جيڪي گادي نشين ٿيندا آيا آهن، تن جو احوال ڏنو ويو آهي. هن خاندان جي سياسي ۽ سماجي عمل دخل سان گڏ، علم ۽ ادب جي ميدان ۾ به ڪافي ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. ان ڪري، هن خاندان جي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ مشاهيرن جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي.“ (خانائي، 1998: 9)

مذڪوره تذڪري جي تاليف ۾، ڊاڪٽر حامد علي خانائي، تذڪري جي فهرست هن طرح رکي آهي.

باب پهريون: نواب سيد يعقوب علي خان رضوي جو خانداني پس منظر، ولادت، تعليم ۽ تربيت، سير ۽ سفر.

(الف) لاهور جو سفر (ب) شاهجهان آباد (دهليءَ جو سفر) (ج) شهزادن جي تخت لاءِ ويڙهه ۽ مير صاحب جو وطن واپس ورڻ (4) عالمگيري دربار ۾ حاضري ۽ منصب جو عطا ٿيڻ (5) سيوهڻ جي فوجداري _ ميان نصير محمد جي شورش _ انتظامي ڪارناما _ سيوهڻ مان موقوف ٿيڻ (6) بکر جي گورنري ”لُب تاريخ سنڌ“ جي غلطي _ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي ٻيو دفعو شورش _ هنگورجن جي هندو ڪاردارن کي سزائون _ زرعي سڌارا (7) وفات (8) شخصيت (9) تصنيفات (10) جاگيرون ۽ آمدني (11) يادگار آثار: (الف) لاهور (ب) سيوهڻ _ قلندر شهباز رحه جي ڪنهڙي جو سائيبان _ عيد گاهه مسجد ۽ باوُلي (ج) روهڙي _ قلعو شاهه آباد _ قلعي واري ننيڙي مسجد _ قلعي وارو باغ _ اورنگزيب مسجد _ نولکي باغ _ مير يعقوب خان جو قبرستان _ مستورات جو قبرستان _

(12) اهل ۽ عيال

باب ٻيو: سيد مير صادق علي خان رضوي، نواب راجا مريد خان سان تعلقات، سنڌ کان ٻاهر سفر، هڪ اهم تواريخي واقعو وفات، شخصيت، اهل ۽ عيال

باب ٽيون: سيد مير يعقوب علي خان (ثاني) عرف مير جعفر، يادگار ۽ آثار_ همايون باغ_ شاهه آباد قلعي وارو بنگلو اهل ۽ عيال

باب چوٿون: ڪوٺائي جا اديب، شاعر ۽ مشاهير. 1. سيد علي مدد شاهه عرف مير يعقوب علي شاهه (رابع) 2. سيد همت علي شاهه 3. سيد فيض حمد شاهه "جعفري" 4. سيد اميد علي شاهه 5. سيد حيدر علي شاهه (ثاني) عرف مير صادق علي شاهه (رابع) 6. سيد پنجل شاهه عرف مير صفدر علي شاهه 7. سيد علي گل شاهه 8. سيد لڳڙ شاهه 9. سيد تاج محمد شاهه 10. سيد شاهنواز شاهه 11. سيد زوار حسين شاهه "زوار" ڪوٺائي 12. سيد عنايت علي رضوي 13. سيد غلام مرتضيٰ شاهه عرف ٽڪيل شاهه 14. سيد خادم علي شاهه 15. سيد مدد علي شاهه عرف يعقوب علي شاهه (خامس) تعليقات_ جاگير جو فرمان_ مذهبي عقائد_ ضميما 1. شجره خاندان ڪوٺائي سادات روهڙي 2. سيد حاصل شاهه جو مقبرو 3. سراءِ جي سيدن جو قبرستان 4. سيد سلطان شاهه رضويءَ جو مقبرو 5. روهڙي هندو_ مسلمانن جو صلح بورڊ جي هدايت 6. مانپٽر 7. اهم تواريخي ماخذن جو تعارف 8. ببليو گرافي 9. ڏسٽي (الف) ماڻهو قومون ۽ قبيلا (ب) جاگرافيائي ماڳ ۽ مڪان

جيئن ته تذڪره نويسيءَ جي فن جو هي هڪ بهترين نمونو آهي، جنهن ۾ ليکڪ ڪيترين ئي يادگار ئي تصويرون ڏنيون آهن جن ۾، تاريخي مسجدون، مسجدن جا آثار، قبرستانن جا ڦٽل آثار، مقبرا، مزارون ۽ انهن جا ڪتبا شامل آهن. جڏهن اسان ليکڪ جي تحقيقي ڪاوش کي ڏسون ٿا ته، سندس محنت ۽ ڪاوش جو به اعتراف ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. تاريخ جا ڏنڌلا عڪس ڏوئي انهن تان دز لاهي ڪيترين ئي قيمتي شين ۽ ڳالهين کي روشن ڪيو ويو آهي، اهو سمورو ڪم اتان جي مقامي ۽ سجاڳ علمي گهراڻن جو تعاون ۽ مدد سان ڪيترائي قلمي نسخا هٿ ڪري انهن مان مواد جي چونڊ ڪئي اٿائين. سندس زير نظر قلمي ماخذ هيٺ ڏيون ٿا.

1. سيد علي اڪبر شاهه "فائق" جانشاني: جو "شجره سادات رضوي/ نقوي بکر" (قلمي فارسي)
2. سيد يعقوب علي شاهه (رابع): "تذڪره مير يعقوب علي خان" (قلمي فارسي)، 1325ھ/1907ع.

3. "نامي" بيگ محمد: "تواريخ نوابين بکر" (قلمي فارسي)، مملوڪ "موسوي لائبريري" روهڙي سنڌ.
4. "مجموعہ رقعات" (قلمي فارسي)، 1293ھ/ 1876ع
5. سيد غلام مرتضيٰ بن سيد غلام علي رضوي: "شجره سادات رضوي/ نقوي" (قلمي)، مترجم: سيد پير ڏنو بن سيد خير محمد رضوي، 1361ھ/ 1942ع.
6. سيد نبي بخش شاھ بکاري: "تواريخ بکار جاگير" (قلمي سنڌي)، 1367ھ/ 1948ع. مملوڪ سيد صالح شاھ، ائڊووڪيٽ، ساڪن روهڙي سنڌ.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي مذڪوره تذڪري ۾، گهٽي کان گهٽي ڏيان ۽ فڪر سان اهم ڳالهين ڏانهن پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪرايو آهي ۽ هرهڪ شيءِ کي حوالن، مثالن ۽ دليلن سان ٺوس بنيادن تي پيش ڪري ڪيترين ئي مفيد معلومات سان تاريخي ڳالهيون بيان ڪيون آهين. ڊاڪٽر حامد علي خانائي چوي ٿو تہ: "سنڌ جي مؤرخن، بکر ۽ ٺٽي جي مغل نوابن متعلق جيڪا فهرست مرتب ڪئي آهي، اها ترتيب ۽ سال وغيره جي لحاظ کان گهڻي قدر غلط ۽ نامڪمل آهي. ٺٽي خواه بکر جا ڪافي نواب ۽ فوجدار اهڙا بہ ٿي گذريا آهن، جن جو انهن مرتب ڪيل فهرستن ۾ نالو ئي درج ٿيل نہ آهي. 'لُب تاريخ سنڌ' ۾ ڏنل نوابن جي فهرست ۾ بہ ڪافي اڻايون ۽ ڪوتاهيون آهن. 'لُب تاريخ سنڌ' ۾ بکر جي مغل نوابن جي ڏنل فهرست ۾، مير يعقوب علي خان رضويءَ کان پوءِ ائيتاليهين نمبر تي سندس فرزند مير صادق علي خان رضوي کي سن 1058ھ/ 1675ع ۾ بکر جو مغل گورنر ڄاڻايو آهي. اسان جي تحقيق موجب، اها ڳالهہ تواريخي لحاظ کان بلڪل غلط ۽ بي بنياد آهي. دراصل، انهيءَ مذڪوره سال ۾، مير صادق علي خان جو والد مير يعقوب علي خان سيوهڻ جي فوجداريءَ جي عهدي تي موقوف ٿيڻ کان پوءِ، شاهجهان آباد ۾ دربار شاهيءَ ۾ مقيم هو." (خانائي، 1998: 77)

تذڪره نويسي جو فن هڪ شاهڪار فن آهي، جيڪو دراصل سوانح ۽ سفرنامي جي صنفن جي دائري ۾ اچي ٿو. انهيءَ فن تي ڪيترن ئي عالمن جا تذڪرا ملن ٿا.

### تذڪره شعراءِ روهڙي:

ادب ۾ تذڪره نويسي جي وڏي اهميت آهي. سنڌي ادب ۾ سنڌ جي شاعرن جو هڪ تذڪرو پروفيسر لطف الله بدوي "تذڪره لطفي" جي نالي سان ٽن جلدن ۾ لکيو هو. جنهن جي اهميت ۽ افاديت جا معترف پڙهندڙ ۽ لکندڙ آهن. ان تذڪري کان سواءِ مختلف شهرن جي شاعرن بہ تذڪرا لکيا آهن، پر اسان کي ان صنف جي حوالي سان

روهڙيءَ ۽ ان جي ارد گرد جي ڳوٺن ۽ شهرن سان واسطو رکندڙ شاعرن جي ڪلام جو تذڪرو ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي بہ لکيو آهي. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر حامد علي خانائي پنهنجي تحقيق ۾ اها ڪوشش ڪئي آهي تہ پنهنجي تحقيق ۾ نيون شيون ۽ ان ۾ نئون مواد مهيا ڪري ڏجي. ان ڳالھ جي لاءِ هت هڪ مثال پيش ڪندس تہ سال 1978ع ۾ پروفيسر گل محمد گلاٽي جوهڪ ننڍڙو ڪتاب ”تذڪره شعراءِ روهڙي“ جي نالي سان همدرد پريس، سکر سنڌ مان شايع ٿيو. ان تذڪري ۾ پروفيسر گل محمد گلاٽي، روهڙيءَ جي چويهن شاعرن جي سوانح ۽ مختصر ڪلام جو نمونو ڏنو آهي. ڊاڪٽر خانائيءَ هن ڪان پوءِ ٻٽيهن غير مسلم شاعرن جو ڪلام ۽ سوانح جو احوال ڪٺو ڪيو جنهن ۾ هي شاعر آهن: (1) لال پيرومل (2) لالہ شيوارام (3) لالہ خيارام (4) ٽيڪچند مولچند لالہ داس (5) جمعت راءِ (6) ديپ سنگھ (7) لکيمچند نارائڻ داس ڀاٽيہ (8) تيرسداس پمناٽي (9) نانڪ مدٽاٽي (10) سترام داس ڪيولرام ڀڳواٽائي (11) ٽمل ايسرداس ڪيسواٽي ”سروپ“ (12) گرداس لعل گهنشام ڀاٽيہ (13) ڪندن لعل ”ناچيز“ (14) جيناند موهن/ سندس والد (15) منشي چيلارام (16) گدومل ڪنڙ مَل هرجاٽي (17) ديوان نرملداس (18) سانول داس پٽ هاسانند (19) ڊاڪٽر هيرانند (20) راءِ بهادر چنديرام (21) سيٺ سڳنيچند (22) هاسارام سندرداس پمناٽي (23) ڊاڪٽر روچلداس (24) چندا سنگھ مفتون (25) ڀائي ڀارو شاھ (26) وسڻ (گهوٽ) رام (27) ڀائي ايسرلعل (28) سرڏن (29) بابا نيپراج (30) اُتم تلريجا (31) گوپ پريتمداس روپچنداڻي (32) جاڙو ڀڳت ۽ سندس پٽ پرسرام: جاڙو ڀڳت رام. جاڙو ڀڳت رام، ڊاڪٽر حامد علي خانائي جي والد صاحب حڪيم محمد ميان محمد يعقوب ”صابر“ قريشي جو گهرو دوست بہ هو جو هن جون لکيل ڪافيون بہ ڳائيندو هو. ان ڪان علاوه جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي تہ ڊاڪٽر خانائيءَ جا، سنڌ جي صوفي شاعرن تي بہ مقالا ملن ٿا. ايئن هن جي همعصرن بہ انهن جي سوانح ۽ ڪلام تي لکيو ۽ انهن جي ڪلام کي مرتب ڪيو آهي ۽ پاڻ انهن ڪان متاثر ٿيو. تصنيف ۽ تاليف ڪان علاوه ماهوار ”ادا“، ”رهنما“، ”نئين زندگي“، ٽماهي ”مهراڻ“، ”الرحيم“، ”پيغام“، ”سنڌي ادب“، ۽ ”المدينہ“ ڪان سواءِ ٻين رسالن ۽ اخبارن ۾ بہ وافر مقدار ۾ قيمتي مقالا رقم ڪيا، جي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو سرمايو آهن. تذڪرا شعراءِ روهڙي، جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ هُو ادب جي فني ۽ فڪري لوازمات کي ڄاڻندڙ هو. سندس تذڪري مان جدت ۽ ترقي پسنديءَ جا جيڪي عنصر ابرن ٿا تن جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هُو هڪ ڄاڻو ادبي محقق هو.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي پنهنجي سموري حياتي ادب جي قديم ۽ جديد رخن سان گڏوگڏ ڪيترن ئي حوالن سان هڪ روايتي انسان پسند بہ رهيو آهي.

ڪرچ جي چوڻ مطابق ”انسان جيڪو فطرت جو حصو آهي، پنهنجي انفراديت کي نمايان ڪري فطرت جي دنيا جو واحد موضوع ٿي سگهي ٿو. هن انساني زمين تي ان جي تحقيق انساني عظمت ۽ فرد جي تصور کي وسعت ڏيڻ ۾ ان جي مدد ڪندي آهي. ان جي محسوسات ان جي لفظن جيڪي هڪ جاءِ گڏ ٿي ويندا آهن. جن لفظن ۾ ان خيالن جو اظهار ڪيو آهي اهي آمد بهار جي استقبال لاءِ ملي ڪري ڪم ڪندا آهن“ (نيازي، 2019: 83)

## تذڪره پوراني سادات سکر:

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي جو مذڪوره تحقيقي ڪم مفيد معلومات سان آراستہ آهي. هن ڪتاب ۾ ”پوراني سادات“ جي آمد کان وٺندي ان جي علمي ۽ ادبي ڪارنامن ۽ بزرگن بابت اهم احوال شامل ڪيو ويو آهي، ان ۾ سندس تحقيقي ڪاوش جو بہ پتو پوي ٿو. جيئن تہ ماڻهوءَ کي پنهنجو فطرت ماحول ئي سڀ ڪجهہ سيکاريندو آهي ۽ اتان ئي پنهنجي سوچ وارن ماڻهن سان گڏجي ڪم ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو آهي.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي ”تذڪره پُوراني سادات سکر“ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ:

”مؤرخ سنڌ سيد حسام الدين راشديءَ پنهنجي وفات کان ڪجهہ ورهيہ اڳ ۾ مون ڏانهن هڪ خط لکي ان ڳالهہ جو اظهار ڪيو هو تہ پاڻ ’تذڪره پوراني سادات‘ تي ڪم ڪري رهيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ راشدي صاحب ’پوراني سادات‘ جي متعلق مواد ڪٺي ڪرڻ ۾ ڪافي جاکوڙ ڪئي. سکر جي ’سادات پوراني‘ جي هڪ سڄاڻ ۽ علمي شخصيت ـ ميرڪ سيد غلام مصطفيٰ شاهہ پڻ انهيءَ تذڪري لکڻ جي سلسلي ۾ ڪيس ڪافي خانداني شجرا ۽ قلمي ڪتاب هٿ ڪري ڏنا هئا. ان کان ڪجهہ وقت اڳ ۾ راشدي صاحب فارسي زبان ۾ ’سادات پوراني در سندهہ‘ جي عنوان سان هڪ مقالو لکي ’يادگار‘ نالي رسالي ۾ شايع ڪرايو هو. پاڻ ان رسالي جي هڪ ڪاپي پڻ مون کي حيدرآباد ۾ روبرو ڏني هئائين. ليڪن اهو رسالو مون وٽان ڪو مطالعي لاءِ وٺي ويو ۽ وري واپس نہ وريو.“ (خانائي: 2001: 13)

ڊاڪٽر حامد علي خانائي پير حسام الدين، رحيمداد خان مولائي شيدائي، علامہ عمر بن محمد دائود پوٽي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪم کان تمام گهڻو متاثر ٿو نظر

اچي ۽ سندس تحريرن مان اهڙي قسم جو رنگ نظر ٿو اچي ان ڪري پاڻ انهن ئي پيچرن تي هلي اهڙي نموني جي مواد جي تلاش ۾ نوان رستا اختيار ڪيا آهن جيڪا سندس پنهنجي انفرادي واٽ آهي. تذڪرا پوراني سادات سکر جي مطالعي دوران ڪيئي اهڙيون ڳالهيون معلوم ڪيون ويون آهن جن ۾ سندس تحقيق جو طريقو ۽ ترتيب مان اهڙي جهلڪ پسي سگهجي ٿي.

"'پوراني سادات'، جي عرف عام ۾ 'ميرڪي سادات' يا 'موسوي سادات' ڪري سڏبا آهن، سي سنڌ جي قديم شهرن، جهڙوڪ: سکر، روهڙي ۽ ٺٽي ۾ آباد آهن. راقم جڏهن 'تذڪره ڪوٺائي سادات روهڙي' تصنيف پئي ڪيو ته ان وقت منهنجي نوجوان علمي ۽ ادبي دوست، انجنيئر عبدالحسين موسويءَ 'تذڪره پوراني سادات سکر' لکڻ لاءِ آماده ڪيو. شاه صاحب، رات ڏينهن هڪ ڪري، مواد گڏ ڪرڻ ۽ ان کي سهيڙڻ ۾ منهنجي ڪافي مدد ۽ معاونت ڪئي." (خانائي، 2001: 14)

"تذڪره پوراني سادات سکر" جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر حامد علي خانائي ڪيترن ئي علمي ۽ تاريخي ڳالهين کي مثالي دليلن سان هن تذڪري کي هن طرح سان ترتيب ڏئي اهم معلومات پيش ڪئي آهي.

مهاڳ ۽ تمهيد کان پوءِ سڀ کان پهرين، سيد محمد "العابدين" بن امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام جو مختصر احوال ڏنو آهي. سيد محمد "العابدين" جي شيراز ۾ آمد - وفات. سيد ابراهيم "مُجاب" ڪربلا معليٰ جي مجاورت - مُجاب جو لقب - وفات - اهل ۽ عيال. امير سيد علي بن سيد هادي، امير سيد علي بن سيد هادي، امير سيد محمد بن امير سيد علي، قطب الابدال سيد جلال الدين ابو سعيد پوراني - پوراني سادات ۽ ارغونن جي تعلقات جو تواريخي پس منظر ۾ چوي ٿو ته: "سيد جلال الدين ابوسعيد پورانيءَ جا پنهنجي وقت جي حاڪمن سان گهرا سياسي ۽ دوستاڻا تعلقات قائم هئا، ۽ وقت جي حاڪمن وٽ کين وڏيءَ عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. مير معصوم بکريءَ پنهنجي ڪتاب "تاريخ معصوميءَ" ۾ پوراني سادات ۽ ارغونن جي باهمي تعلقات جو ڪافي تفصيل سان پس منظر بيان ڪيو آهي." (2001: 34)

محمد خانا شيباني ۽ پوراني سادات. - وفات - اهل ۽ عيال - سيد محمود عرف شيخ ميرڪ پوراني سادات جي سنڌ ۾ آمد ۽ ان دور جون تواريخي ۽ سياسي حالتون ۾ ڄاڻايل آهي ته: "بابر بادشاهه ۽ ميرزا شاهه بيگ ارغون جي وچ ۾ ٿيل صلح نامي موجب ميرزا شاهه بيگ ارغون "شال" ۽ "سيوي" جي علائقي تي قبضو ڪري، سن 923ھ/ 1517ع ۾

قنڌار جي قلعي جون ڪنجيون مغل بادشاهه جي حوالي ڪيون. شاهه بيگ ارغون جي پاران مير ابو المڪارم جي والد ـ مير غياث الدين قنڌار جون ڪنجيون بابر جي خدمت ۾ پيش ڪيون. اهڙيءَ طرح، شاهه بيگ ارغون ڪنڌار مان نڪري شال ۽ سيويءَ جي پرڳڻن ۾ اچي رهيو. جيئن ته شال ۽ سيوي پرڳڻن جي آمدني تمام ٿوري هئي ۽ ان مان ارغونن جي خرچ جو پورائو ٿي ڪونه ٿي سگهيو انهيءَ ڪري سندن حريص نگاهون هميشه سنڌ جهڙي سڪئي ستابي ملڪ طرف کُتل هيون ۽ هو هميشه ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ هئا.

ارغون ڦر لٽ جي لحاظ کان پهريائين "ڪوٽ ماڇين" ۽ "چانڊڪا" جي پرڳڻن ۾ ڌاڙيلن وانگر ڪاهي آيا ۽ پنهنجيون قهري ڪارروايون شروع ڪيائون. ڳوٺن جا ڳوٺ، واهڻن جا واهڻ ۽ بستيون ڦُري چٽ ڪري، پڙپانگ ڪري ڇڏيائون. "(خانائي، 2001، 36)

سيد بايزيد الحسيني پوراني ـ عبيدالله خان ازبڪ ۽ سيد بايزيد الحسيني ـ سيد بايزيد جي ڪابل ۾ سڪونت ۽ ميرزا ڪامران جي سرپرستي ـ ميرزاڪامران جي پاران سفارت ـ وفات ـ خوش نويسي ۾ لکي ٿو ته: "سيد بايزيد الحسني هڪ بي مثل خوش نويس هو ۽ هرقسم جا نهايت ئي عمدا خط لکندو هو. خوش نويسيءَ ۾ سندس استاد مولانا اظهر هو. "(2001: 61)

ميرڪ سيد محمد بن ميرڪ عبدالاول پوراني، ميرڪ سيد محمود بن ميرڪ عبدالاول پوراني، ميرڪ سيد تقي الدين محمد بن ميرڪ عبدالاول پوراني، ميرڪ سيد محمد مرتضيٰ، ميرڪ غلام حسين شاهه ببي الله ٽڪائي، ميرڪ غلام علي ۽ سندس اولاد ـ مير ڏتل شاهه ـ مير قلندر بخش شاهه ـ مير شاهه محمد شاهه مير الله ڏنو شاهه سيد عبدالرحمان شاهه ـ سيد عبدالرحمان شاهه جو ائٽڪن صاحب کي لکيل خط ۽ تواريخي غلطي جو ازالو ۾، ڊاڪٽر حامدعلي خانائي چوي ٿو: "ميرڪي سادات، جي مخطوطن کي اُٿلائيندي پُٿلائيندي سيد عبدالرحمان شاهه جو انگريزيءَ ۾ لکيل هڪ خط دستياب ٿيو آهي، جو هن اي.ايڇ. ائٽڪن کي ڏانهس سندس پهرين اپريل 1906ع واري خط جي جواب ۾ لکيو هو. اي.ايڇ. ائٽڪن ان زماني ۾ بمبئي سرڪار پاران سنڌ صوبي جو گزيٽيئر مرتب ڪري رهيو هو. ائٽڪن صاحب انهيءَ سلسلي ۾، سيد عبدالرحمان شاهه کي پنهنجي پنهنجي سڪر جي "ميرڪي سادات" جو احوال لکي موڪلڻ لاءِ گذارش ڪئي هئي، جنهن جي جواب ۾ شاهه صاحب جو اهو مذڪور خط لکيو هو. هتي

عبدالرحمان جي ان لکيل انگريزي خط جو متن ملاحظ لاءِ ڏجي ٿو.“ (خانائي، 2001: 122، 123)

ڊاڪٽر حامد علي خانائي مذڪور تذڪري ۾، خط ڏيڻ کان پوءِ ان جي حقيقت بابت لکي ٿو ته: ”سيد عبدالرحمان شاهه جي انهيءَ مٿئين خط جي عبارت کي ڏسي اهو تعجب ٿو ٿئي ته، شاهه صاحب جيئن ته پاڻ ”ميرڪي سادات“ جو فرد هو ۽ ڪيس پنهنجي خانداني احوال جي پوريءَ طرح ڄاڻ هئي، انهيءَ جي باوجود هن ميرڪ عبدالباقي پورانيءَ ۽ سندس والد امير ميرڪ شاهه بايزيد پورانيءَ جي باري ۾ غلط بيانيءَ کان ڪم ورتو آهي. شاهه صاحب جي انهيءَ مذڪور خط مان چند تواريخي غلطيون واضح ٿين ٿيون:

(الف) سيد عبدالرحمان جو قول آهي ته امير ميرڪ شاهه يايزيد پوراني سن 928ھ ۾ مرزا شاهه حسين سان گڏجي سنڌ ۾ آيو ۽ بکر جو حاڪم ٿي رهيو. ڪجهه وقت کان پوءِ ميرڪ بايزيد الحسينيءَ بکر جي حڪومت جي واڳ پنهنجي فرزند مير عبدالباقيءَ جي سپرد ڪري پاڻ قنڌار هليو ويو هو.

اسان هن تذڪري ۾ ”ميرڪي سادات“ جو ڪافي تفصيل سان ذڪر بيان ڪيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪيترائي، خانداني تذڪرا ۽ شجرا اسان جي مطالعي هيٺ رهيا آهن. جن مان اهو ڪٿي به ظاهر ڪونه ٿو ٿئي ته ڪو اهي ٻئي بزرگ بکر جا حاڪم ٿي رهيا هجن! البت ميرڪ عبدالباقيءَ پورانيءَ لاءِ ڪن مؤرخن اهو لکيو آهي ته هيءُ بکر جو ”شيخ الاسلام“ ٿي رهيو هو ليڪن اسان انهيءَ ڳالهه کي به تواريخ جي روشني ۾ اڳ ئي رد ڪري آيا آهيون.“ (خانائي، 2001، 125)

ميرڪ پنيل شاهه، سيد غلام لطيف شاهه ”آفتاب“ سيد قائم علي شاهه موسوي، سيد نواز علي شاهه، ميرڪ بهار علي شاهه ”قربان“ سيد پناهه علي شاهه، سيد دلدار حسين شاهه موسوي، ميرڪ غلام مصطفيٰ شاهه، سيد غلام حيدر شاهه، سيد مقبول حسين شاهه موسوي، سيد عاشق حسين شاهه ”عاشق“.

## روهڙيءَ جا ميرڪي سادات:

سيد وڏيل شاهه موسوي، شادي ۽ اولاد وفات ـ تصنيفات ۽ تاليف. سيد عطاحسين شاهه موسوي ـ اهل ۽ عيال ـ وفات ـ شخصيت ـ تصنيفات. سيد عبدالحسين شاهه موسوي ـ تصنيفات. سيد جواد حسين شاهه موسوي، ڊاڪٽر سيد اڪبر حسين شاهه

موسوي ـ سيد عبدالرحيم موسوي، ڊاڪٽر سيد امجد حسين موسوي.

## ميرڪي سادات جا گورستان ۾ آثار:

چبوترن واريون قبرون، ميرڪ جو قبو ـ ميرڪي سادات جا مقبرا ـ ٽڪري وارا چبوترا ـ بيبي دادي جي مزار ـ حلالي حرامي وارو منارو ـ ميرڪي سادات جي مسجد ـ ڏتل شاهه جو مڪان ـ چپري وارو اوتارو. مير غوث بخش شاهه جي مسجد ۾ امام بارگاهه.

ضميمو (1): متفرقه سادات سکر. (الف) خبوشاني سادات (ب) سيد زئي (ج) بهاولي سادات (د) مير سيد مصطفيٰ ۽ سندس اولاد (هه) سبز واري سادات (و) رضوي مشهدي ملتاني سادات.

ضميمو (2): ميرڪي سادات جو منظوم نسب نامو.

ضميمو (3) شجره خاندان ميرڪي پوراني عربشاهي سادات.

ضميمو (4) شجره خاندان خبوشاني سادات.

ضميمو (5) شجره خاندان سيد زئي سادات.

ضميمو (6) شجره خاندان مير سيد مصطفيٰ.

ضميمو (7) شجره خاندان رضوي مشهدي ملتاني سادات.

ضميمو (8) سيد عطا حسين موسوي جي لکيل مضمونن جو وچور تعليقات.

(الف) مشاهير

امير ڪبير سيد علي همداني، جلال الدين با يزيد پوراني، سيد محمد "نوربخش"، سلطان علي مشهدي، سلطان حسين ميرزا بايقرا، مير علي شير "نوائي"، امير ذوالنون ارغون، محمد خان شيباني، عبدالوهاب مغل، سلطان بديع الزمان مرزا، عبدالله خان ازبڪ، ظهير الدين بابر، شاهه اسماعيل صفوي، ميرزا ڪامران، مخدوم محمد وارث، سيد فتح محمد شاهه شيرازي، ميرزامدد علي بيگ.

(ب) جاگرافيائي ماڳ ۽ مڪان

استرآباد ـ پوران ـ حائر ـ خبوشان ـ خَتلان ـ داور ـ سبزوار ـ شيراز ـ غور ـ فَراهه ـ قبچان ـ قنڌار ـ ماوراءُ النهر ـ مرم ـ مشهد ـ نيشاپور ـ هرات ـ هُرمز ـ هممدان.

ببليوگرافي.

ببليوگرافيءَ واري (الف) حصي ۾، اٺن قلمي نسخن مان مدد ورتي وئي آهي. (ب) حصي ۾، سنڌي (25) ڪتاب ۽ (ج) حصي ۾، ڇٽيهه اردو ڪتاب ۽، (د) حصي ۾، تيرهن

فارسي ڪتاب ۽ آخر (ھ) حصي ۾ نوَن انگريزي ڪتابن کان مدد ورتي ڪل 322 صفحن تي، مذڪوره تذڪرو پورو ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي ٽنهي تذڪرن بابت عالمن ۽ اديبن جا رايا.

### 1. تذڪره ڪوٺائي سادات روهڙي:

مولانا محمد پريل ”بيدار“ مگريو پنهنجي مضمون ”سنڌ جو اَوَرچ اديب: ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي“ ۾ لکي ٿو ته: ”هيءُ ڪتاب روهڙيءَ جي ”ڪوٺائي سادات“ تي نهايت تحقيق سان لکيو ويو آهي. هن ۾ نقوي/ رضوي خاندان جو احوال، شجرا ۽ ٻيو قيمتي تواريخي احوال ڏنل آهي. مغلن جي گورنر ۽ ”ڪوٺائي سادات“ جي مورثِ اعليٰ ـ مير سيد يعقوب علي خان رضوي ۽ اُن جي خاندان جو مفصل ذڪر آيل آهي. اُن کي عالمگير جي حاضريءَ وقت منصب جو عطا ٿيڻ، سندس انتظامي ڪارناما، بکر جي گورنري ملڻ، شاعري، تصنيفات ۽ ان جي خاندان جي شاعرن ۽ اديبن جي احوال تي هڪ تواريخي ۽ اهم دستاويز آهي. مشهور ڪافي گو شاعر سيد اميد علي شاهه ڪوٺائي جو مفصل احوال آيل آهي ۽ سندس ڪافين، ڏوهيڙن ۽ بيتن جو انتخاب پڻ ڏنل آهي. هن ڪتاب ۾ ان دؤر جي تواريخ تي ڪافي مواد ملي ٿو. حاشين ۽ احوالن کي ڏسي، ڊاڪٽر صاحب جي محنت ۽ جاکوڙ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. مطلب ته تواريخ جي تحقيق ڪرڻ وارن لاءِ هيءُ ڪافي سُونهون ڪتاب آهي.“ (مگريو 2011: 97، 98)

ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو پنهنجي مضمون ”ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي: سنڌ جو خاموش طبع عالم ۽ محقق“ ۾ لکي ٿو ته: ”هن تذڪري ۾ نه صرف مير صاحب جي سياسي، سماجي، علمي ۽ انتظامي ڪارنامن کي تحقيقي پيرائي ۾ بيان ڪيو ويو آهي، بلڪ سندس اولاد مان هڪ ٻئي پٺيان جيڪي گادي نشين ٿيندا آيا آهن، تن جو مفصل احوال پڻ شامل ڪيو ويو آهي. سائين حامد عليءَ، نواب مير سيد يعقوب علي خان جي متعلق، منتشر مواد کي مختلف عنوانن ۾ ورهائي، هرهڪ عنوان تي نهايت تفصيلي روشني وڌي وئي آهي. آخر ۾، ڪتاب ۾ آيل مواد سان واسطو رکندڙ واقعن متعلق تعليقات ۽ ضميما پڻ ڏنا ويا آهن، جنهن جي ڪري علمي ۽ تحقيقي لحاظ کان ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت وڌي وڃي ٿي.“ (گهانگهرو 2011: 105)

عبدالقيوم ”صائب“ پنهنجي مضمون ”تذڪره ڪوٺائي سادات روهڙي“ (تبصرو) ۾ چوي ٿو ته: ”هن ڪتاب ۾ ڪي خوبيون نظر اچن ٿيون، جهڙوڪ: (الف) نواب مير سيد

يعقوب علي خان رضويءَ جو مفصل احوال ڏنو ويو آهي. (ب) ڪيترن تواريخي واقعن ۾ سنن جون اهل قلم کان ٿيل غلطيون درست ڪيون ويون. (ج) حاشين لکندي، وڏيءَ تحقيق کان ڪم ورتو ويو آهي. اهي حاشيا معلومات سان ڀريل آهن. (د) ڪوتائي سيدن جي اديبن ۽ شاعرن جي ادبي ۽ شعروشاعريءَ بابت خاصو مواد مهيا ڪيو ويو آهي.

غلطين جي درستگين جا چند مثال:

"خانبهادر خداداد خان پنهنجي ڪتاب "لُب تاريخ سنڌ" ۾، بکر جي مغل گورنرن جي ڏنل فهرست ۾، مير يعقوب علي خان کي 47 نمبر تي ڄاڻائيندي، سندس گورنر مقرر ٿيڻ جو سن 1081ھ/ 1670ع بيان ڪيو ويو آهي. دراصل اهو ڄاڻايل سن بلڪل غلط آهي. انهيءَ مذڪورسال، يعني 1081ھ/1670ع ڌاري، مير صاحب سيوهڻ جو فوجدار هو ۽ سن 1084ھ/ 1673ع تائين انهيءَ عهدي تي فائز رهيو." (صائب، 2011؛219، 220)

## 2. تذڪره پوراني سادات سکر:

ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، پنهنجي مضمون "ساهتي پرڳڻي جو وِهائُو تارو: ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي" ۾ لکي ٿو تہ: "تذڪره پوراني سادات سکر، هيءُ تواريخي ڪتاب سکر هسٽاريڪل سوسائٽي، سکر طرفان 2001ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ۾ پوراني سادات (ميرڪي/ موسوي سادات) جي سنڌ ۾ آمد، ان دؤر جون تواريخي سياسي حالتون، ۽ موجوده دور تائين عالمن ۽ اديبن جون علمي خدمتون بيان ڪيل آهن." (قادري، 2011: 74)

ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو لکي ٿو تہ: "تذڪره پوراني سادات سکر، وچ ايشيا ۽ سنڌ ۽ هند جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ سياسي تواريخ ۾ "پوراني سادات" جو ذڪر جاءِ بجاءِ مِلي ٿو. هن گهراڻي جي ڪيترن ئي باوقار فردن جي علمي، ادبي، تواريخي ۽ فقهي خدمتن جو هند ۽ سنڌ جي بلند مرتبي جي عالمن ۽ محققن پنهنجي لکيتن ۾ نمايان طور ذڪر ڪيو آهي. سائين حامد علي، سنڌ جو ڀهريون محقق عالم آهي، جنهن هن خاندان متعلق ٽڙيل پکڙيل مواد کي ڪٺو ڪري، هڪ ڪتاب جي شڪل ۾ محفوظ ڪيو آهي، ان ڏس ۾ نہ صرف سکر جي "پوارني سادات" جي اهم شخصيتن جو احوال ڏنو آهي، بلڪ ان دؤر جي تواريخي ۽ سياسي پس منظر ۾ ٻين ڪيترن اهم ڳالهين تي بہ روشني وڌي وئي آهي." (گهانگهرو، 2011: 105، 106)

”نقش“ ناياب منگي، مضمون ”تذڪره پوراني سادات سکر“ (هڪ تعارف)، ۾ لکي ٿو تہ: ”جس آهي ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي صاحب کي، جنهن سکر جي پوراني سادات تي ”تذڪره پوراني سادات سکر“ جي نالي سان 320 صفحن جو هڪ ضخيم ڪتاب لکي، وڏي ضرورت پوري ڪئي آهي، منجهس خاندان جو شخصيتن جو تذڪرو موجود آهي. ان کان علاوه 35 صفحن تي شجرا پيش ڪيا ويا آهن. پوراني سادات مان اڪيچار عالم خوش نويس ۽ خطاط هئا، جن کي تواريخ ۾ وڏي اهميت حاصل رهي آهي. ڊاڪٽر خانائيءَ انهن قديم آثارن جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جي هن خاندان ٺٽي ۽ سکر ۾ ڇڏيا آهن. انهن ۾ هن خاندان جي قبرستان جي ڄاڻ ملي ٿي.“ (منگي، 2011: 231، 232)

## 3. تذڪره شعراءِ روهڙي:

ادبي تاريخ جي حوالي سان تذڪره نويسيءَ جي تمام گهڻي اهميت ۽ افاديت معلوم ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ جو تذڪره نويس اڪثر ڪري هن فن ۾، تاريخ جي بہ کوج ڪندا آهن جنهن سان ملڪي حالات ۽ واقعات کي بہ سمجهي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر حامد علي جي ٻن تذڪرن ۾ مذڪور تذڪري جي وڏي اهميت آهي.

”هن تذڪري ۾ آڳاٽي/ قديم دور کان وٺي موجوده دور تائين، روهڙي شهر سان تعلق رکندڙ قديم ۽ جديد شاعرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن شاعرن ۾ سنڌي زبان کان علاوه فارسي، عربي ۽ سرائڪي ٻولين جا شاعر بہ شامل ڪيا ويا آهن. هن تذڪري ۾ هر شاعر جي مختصر سوانح حيات، سندس ڪلام تي تبصرو/ تنقيد ڪرڻ کان علاوه، ان شاعر جي ڪلام جو انتخاب پڻ ڏنو ويو آهي.“ (منصور مگريو، 2011ع، 134)

سنڌي ٻوليءَ ۾، تذڪره نويسيءَ جي فن جي روايت بابت ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو پنهنجي تحقيقي مقالي ”سنڌي شاعرن جا تذڪرا“ حاصل ٿيل تحقيقي نتيجا ۾ لکي ٿو تہ: ”تحقيقي طور اِهو ظاهر ٿيو آهي تہ سنڌي شاعرن جي تذڪره نگاريءَ جي شروعات 1883ع ۾ ٿي آهي.“ (هڪڙو 2014: 13)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ادب جي وصف بابت چوي ٿو تہ: ”ادب هڪ وسيع موضوع آهي. هن جو ڪائنات جي حسن ۽ قبح توڙي انسان جي جذباتي دنيا سان سڌو سنئون واسطو آهي. جئن جئن وقت گذرندو پيو وڃي تيئن تيئن نہ رڳو ادب ۾ واڌ ويجهہ پئي اچي، پر خود ادب جي وصف ۽ گوناگونيءَ بابت رايا وڌندا پيا وڃن. ادب بابت سوچيندي

عالمن ۽ نقادن پهريائين پهريائين ان جي دائري جو تعين ڪيو آهي ۽ ٻڌايو اٿن ته ادب ڇا آهي ۽ ڇا ادب نه آهي. هن مان مراد هيءَ آهي ته ڪهڙا موضوع ( Subject) ادب جا آهن. جن ۾ نقادن تاريخ جاگرافيءَ کان وٺي سائنس جي موضوعن ڏي اشاري طور سمجهايو آهي ته ادب فقط اهو آهي ته جنهن جو ڪنهن به تاريخي ۽ ٽيڪنيڪي علم سان نه پر ان جي جذباتي دنيا ۽ انسان جي مسئلن سان واسطو آهي. پوءِ ان جي سمجهاڻي لاءِ جانورن ۽ پکين جا قصا به ڇونه بيان ڪيا وڃن.“ (جوڻيجو 2006: 33)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته: ”سنڌي شاعرن جي مستند تاريخ جي سلسلي ۾ ”تذڪره لطفي“ جا ٽي جلد لکيائين ۽ سنڌ جي تاريخ بابت ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيائين... ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جي تاريخ، لوڪ ادب تي وڏو تحقيقي ڪم ڪيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل تي سندس ڪتاب ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ“ ڇپيو آهي ۽ لسٻيلي جي شاعرن بابت سندس محققانه ڪتاب ”ٻيلاين جا ٻول“ شايع ٿيو آهي. لوڪ ادب جي سلسلي جا 40 جلد مرتب ڪيا اٿس ۽ سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن جي سلسلي ۾ سندس ”ڪليات حمل“، ”خليفي نبي بخش جو رسالو“، ”شاهه عنايت رضوي جو رسالو“ ۽ ”ميين لطف الله قادري جو ڪلام“ شايع ٿيا آهن.... پير حسام الدين راشدي ڪيترائي تاريخي ماخذ نهايت محنت سان مرتب ڪري ۽ حواشيءَ سان سينگاري شايع ڪيا آهن. جهڙوڪ: مقالات الشعراء تڪمله، مقالات الشعراء، مڪلي نامه، تحفته الڪرام(فارسي)، حديقته الاوليا وغيره.... مير رحيم داد خان مولائي شيدائي سنڌ جي تاريخ تي نهايت ڪارائتا ڪتاب لکيا آهن. جهڙوڪ: جنت السنڌ، تاريخ تمدن سنڌ، ۽ تاريخ سکر وغيره.“ (عبدالمجيد، 2002: 176،177)

ڊاڪٽر حامد علي خانائي پنهنجي تذڪري ”تذڪره ڪوٽائي سادات سکر“ جي باب چوٿين ۾، ڪوٽائي سادات جا اديب، شاعر ۽ مشاهير ۾ لکي ٿو ته: ”نواب سيد يعقوب علي رضويءَ جي گهراڻي مان وقت به وقت وڏا عالم، اديب ۽ شاعر پيدا پئي ٿيا آهن، جن سنڌي ۽ فارسي زبانن ۾ ڪيترائي نادر ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا. انهن عالمن ۽ اديبن جي علمي ذخيري مان ڪافي ڪجهه وقت جي وهڪري ۾ وهي چڪو آهي. البت، هن وقت باقي جيڪو ڪجهه بچيو آهي، اهو سندن پونيرن وٽ تبرڪ طور محفوظ رهندو اچي. ڪوٽائي سادات جا هينيان عالم، اديب، شاعر ۽ مشاهير قابل ذڪر آهن.“ (خانائي، 1998: 98) انهن شاعرن، اديبن ۽ مشاهيرن ۾ پندرهن شخصيتن جا نالا ڏنا آهن، ان کان پوءِ انهن شخصيتن جي سوانح حيات ۽ سندن علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي ڪارنامن

۽ ڪلام جو انتخاب ڏنو ويو آهي. پهرين نمبر تي سيد علي مدد شاهه عرف مير يعقوب علي شاهه (رابع) جو احوال ڏنو ويو آهي. اسان هتي تذڪري ۾ ڄاڻايل ائين نمبر شاعر، لکڻ شاهه جي ڪلام جو نمونو ڏينداسين. ڄاڪاڻ جو شاهه صاحب بابت تذڪره نگار ڄاڻايو آهي ته، "لکڻ شاهه سنڌي ۽ سرائڪي زبانن ۾ بيت، ڪافيون، وايون، غزل، قصيدا، مرثيا، زاريون، لوليون ۽ ٽيهه اکريون چيون آهن. سندس ڪلام جو ذخيرو قلمي صورت ۾، سندس پوين وٽ محفوظ آهي. شاهه صاحب جي ڪلام جي مطالعي کان پوءِ اهو معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ ڪافي ۽ غزل جي صنفن ۾ تمام عمدو ۽ نفيس ڪلام چيو اٿائين. سندس ڪافين ۾ محبت، درد ۽ دلي اضطراب جي ڪيفيت معلوم ٿئي ٿي، ته سندس غزلن ۾ وري محبوب جي حسن ۽ رعنائيءَ، ناز وانداز عشوه گريءَ ۽ جورو جفا جو ذڪر ملي ٿو:

ڪلام جو انتخاب:

بسم الله آيو اڄ دلبر ڏسڻ جي واسطي،
مون نماڻيءَ ساڻ سو سهٽل ملڻ جي واسطي.

1. قرب مان پنهنجا ڪٽي، آيو قدم دلبر مون در،
خوب سو خاوو خوشيءَ مان، ڳُجهه ڳنڍڻ جي واسطي.
2. چيائين ڏاڍا ڏينهن لاتئي، يار! تو پرديس ۾،
هاڻ هت آيو آهين، ڇالاءِ گهمڻ جي واسطي.
3. مون چيو پيارل صرف، ديدار لاءِ هيءَ دل منهنجي،
دربدر رُلندو وتي ٿي، تو سڄڻ جي واسطي.
4. الوداع چئي سو سڄڻ، موٽيو وري پنهنجي مڪان،
عرض ڪيو مون پيشوا ٿيان، گڏ گهمڻ جي واسطي.
5. چيائين مون کي ڪونه ڪو ٻيو ساڻ ڪو انسان کپي،
آئون ته پنهنجي جاءِ تي، ويندس ملڻ جي واسطي.
6. قسمت سان ٿيو اوهان جو ملڻ، هڪ دلبربا تون عرض ٻڌ،
بوسو هڪ مون کي ملي، هن دل سڙڻ جي واسطي.
7. جي ڇڱو تنهنجي نصيبن ۾، "لکڻ" آهي لکيل،
تان پيالو هاشمي، ڏيندو پيڻ جي واسطي." (خائي، 1998: 157، 160)

ڊاڪٽر حامد علي خانائي چوي ٿو: "سيد علي مدد شاهه عرف مير يعقوب علي شاهه (رابع) ٻارهين صدي هجريءَ جي آخر ڌاري پنهنجي خاندان جو هڪ مختصر تذڪرو،

"تذڪره مير يعقوب علي خان" جي نالي سان فارسي زبان ۾ مرتب ڪيو. مير صاحب انهيءَ ساڳئي تذڪري جو سن 1325ھ/ 1907ع ۾ سنڌي زبان ۾ بہ ترجمو ڪيو ويو هو. شاھ صاحب انهيءَ تصنيف ڪان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب ضرور ڇڏيا هوندا، پر زماني جي نيرنگين سبب اڄ اهي عدم موجود آهن." (خانائي، 1998ع:100)

مذڪوره تذڪري ۾، پندرهين نمبر تي سيد مدد علي شاھ عرف مير يعقوب علي شاھ (خامس) کي رکيو ويو آهي ۽ جنهن تصوير جي سان گڏ سوانح هن طرح بيان ڪئي وئي آهي: "سيد مدد علي عرف مير يعقوب علي شاھ (خامس) ولد سيد پنجل شاھ عرف مير صفدر علي شاھ 14 ڊسمبر 1955ع تي 'ڪوٽ مير يعقوب علي شاھ' ۾ جنم ورتو." (خانائي، 1998ع:173)

اسان جڏهن ڊاڪٽر حامد علي خانائي جي علمي، ادبي، تعليمي، تحقيقي ۽ تنقيدي ڪم جو تجزيو ڪريون ٿا تہ اسان کي سندس تحريرن ۾ خيال پڪا پختا ۽ سندس احساسات جو اثر ٿئي ٿو ۽ پڙهندڙن جي پيشڪش ڪان متاثر ٿيڻ ڪان رهي نہ ٿو سگهي. تذڪرا نگاري ۾ هُو قديم زماني ڪان ويندي موجوده زماني جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالات کي هڪ تسلسل سان پيش ڪري ٿو جنهن مان سندس علمي قابليت مقصد ۽ مخاطب سڀ عنصر چٽا نظر اچن ٿا. هن ڪان اڳ ۾ جيڪي تذڪرا لکيا ويا تن بابت، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو تہ: "سڀ ڪان پهريائين تنقيد، شاعريءَ تي، پوءِ نثر تي ٿي. شاعرن جي تذڪرن ۾شاعرن تي تنقيدي رايا ڏنا ويا. هن قسم جي تنقيد پهريائين تذڪره شعراءِ تکڙ ۽ تذڪره شعراءِ هالا ۾ ملي ٿي، جي قديم فارسي تذڪرن جي تتبع تي لکيل آهن. هي سمورا تذڪرا جيتوڻيڪ هاڻوڪي دور ۾ لکيا ويا آهن، تڏهن بہ منجهن جديد قسم جي تنقيد جو اهڃاڻ ڪونهي. راقم الحروف جو تذڪرو 'تذڪره شعراءِ سکر' بہ هڪ تذڪرو آهي، پر ان ۾ شاعرن جي ذڪر سان گڏ سندن ڪلام تي ڪجھ قدر تنقيدي نظر وجهڻ جي ڪوشش بہ ڪئي وئي آهي. جيتوڻيڪ تنقيد تاريخي ۽ سماجي احساس جو مظهر آهي، پر تڏهن بہ ان ۾ ذاتي ميلان ڪارفرما آهي." (ميمڻ، 1993ع:34)

ساڳيو مصنف چوي ٿو: "1940ع ۾ گدومل هرجاڻي حضرت قادر بخش بيدل جو ڪلام شايع ڪيو، جنهن ۾ بيدل جي ڪلام تي تنقيدي نظر آهي. پروفيسر لوڪومل ڪيسواڻي "سنڌي شعر جي ڪسوٽي" نالي ڪتاب شايع ڪيو جنهن ۾ هرجاڻي جي "بيدل جي ڪلام" تي تنقيد ڪيل آهي. ڪسوٽيءَ ۾ ٻيو مقالو سندس ڏيءَ ڪملا جو

آهي، جنهن ۾ ليکراج عزيز جي ڪلام تي تنقيد آهي. سنڌي شاعرن جي تذڪرن مان ”تذڪره لطفي“ ۾ شاعرن تي مختصر مگر جامع تبصرو آهي. محمد صديق مرحوم جي ”تاريخ سنڌي ادب“ ۾ وضاحت سان تبصرو آيل آهي، پر ان ۾ بہ تنقيد جي گهرائيءَ جي ڪميءَ جو احساس ٿئي ٿو.“ (ميمڻ، 1993: 36)

ڊاڪٽر قريشي حامد علي ”مقالات خانائي“ (جلد پهريون) شخصيات جي عنوان ”آخوند ميان فيض محمد روهڙيءَ وارو“ جي احوال ۾ لکي ٿو تہ: ”آخوند ميان فيض محمد جي خاندان حالات جي باري ۾، سنڌ جي ڪنهن بہ مؤرخ يا تذڪره نگار ڪوبہ احوال نہ ڏنو آهي. سنڌ جا اڪثر تذڪره، آخوند صاحب جي احوال کان خالي نظر اچن ٿا. سنڌ جي پوئين دؤر جي تذڪره نويسن جهڙوڪ: مولانا دين محمد وفائي ۽ پروفيسر لطف الله بدويءَ پڻ هن اديب ۽ شاعر کي پنهنجي تذڪرن ۾ نظرانداز ڪيو آهي. پروفيسر گل محمد گلاٽي، روهڙيءَ ۾ ڪافي وقت رهيو ۽ ”تذڪره شعراءِ روهڙي“ نالي هڪ ڪتاب تاليف ڪيائين، افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ هن صاحب بہ پنهنجي تذڪري ۾ آخوند ميان فيض محمد کي ڪنهن بہ طرح سان ياد نہ ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو ”تذڪره شعراءِ سکر“ پڻ هن بي بدل شاعر ۽ اديب جي احوال کان خالي ڏسڻ ۾ اچي ٿو.“ (خانائي، 2006: 189)

### نتيجو:

جيئن تہ اسان جي تحقيق جو تعلق، ڊاڪٽر حامد علي خانائي جي تذڪرن سان آهي، ان ڪري اسان ان جي ٽنهي تذڪرن مان جيڪو نتيجو آڏو آيو آهي تہ سندس ٽئي تذڪرا سنڌي ادب ۽ تاريخ جو اهم باب آهن. انهن ٽنهي تذڪرن جي متن ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ ادب جو اهم باب کوليو ويو آهي. تذڪرن جي مواد ۾، جيڪا کوجنا نظر اچي ٿي ان ۾، تذڪرا نگار جي علمي ۽ ادبي شوق ۽ جذبي کي داد ڏجي ٿو. سنڌ ۾ روهڙي ۽ سکر جا شهر هن وقت اهڙيءَ طرح، سنڌو دريا تي ڪر کنيو پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا سان سلامت بيٺا آهن. سندن ڪنارن تي سنڌو درياهہ پنهنجي شوم ۽ شوق سان موجزن آهي. ڊاڪٽر خانائي جي تذڪرن جي تحقيق مان هي بہ نتيجو نڪري ٿو تہ روهڙي ۽ سکر جا شهر، سنڌ جي قديم تاريخ کي پنهنجي دامن ۾ سانديون وينا آهن، انهن شهرن جي تاريخ کي، ڊاڪٽر حامد علي خانائي کنا کيڙ ڪري اجاگر ڪيو آهي. انهن ٽنهي تذڪرن جو تعلق اتر سنڌ جي ٻن جاڙن تاريخي شهرن روهڙي ۽ سکر سان آهي ۽ ڊاڪٽر

حامد علي خانائي انهن شهرن جي تاريخ ۽ حالات ۽ واقعات کي جهڙي طرح اجاگر ڪيو آهي، هن کان اڳ ۾ اهڙي نوعيت ۽ طريقي جو تذڪره نگارن جي تذڪرن ۾ ذڪر نٿو ملي. هن کان اڳ ۾ اسان کي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جو لکيل تذڪرو ”تذڪره شعراءِ سکر“ سال 1965ع ۽ ٻيو تذڪرو پروفيسر گل محمد گلاٽيءَ جو ”تذڪره شعراءِ روهڙي“ 1978ع ۾ ملن ٿا. جڏهن اسان ٿنهي تذڪره نگارن جي تذڪرن جو اڀياس ڪريون ٿا تہ اسان کي ٽنهي تذڪرن نگارن جي تذڪرن ۾ جداجدا ڳالهيون ۽ جدا جدا شاعرن جون سوانح ۽ ڪلام جا نمونا ملن ٿا. تذڪره نگاري جي فن تي لکيل تحقيقي مقالن ۽ تصنيفن ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ پروفيسر گل محمد گلاٽيءَ جي تذڪرن جو محققن ذڪر تہ ڪيو آهي پر، ڊاڪٽر حامد علي خانائي کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. انهيءَ صورتحال کي مدنظر رکي هن تحقيق کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ هڪ رڪارڊ طور ان جي تذڪري نگاري جي فن کي سنڌي ادب جي ميدان ۾ تحقيقي حساب سان محققن ۽ نقادن کي ياد ڏيارو ويو آهي.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي جو هي علمي ڪم اڻڇهيل پهلو آهي، جنهن کي مٿي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ پنهنجن تذڪرن ۾ نيون ڳالهيون ڪيون آهن جيڪي اڳ ۾ پيش ڪيل تذڪرن ۾ ڪونہ آهن. مثال: ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ تذڪرن جي تاليف ۾ هڪ خاص ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن ۾ تاريخ، جاگرافي، تاريخ ساز شخصيتن جي سوانح حيات سان گڏوگڏ ڪيترن ئي اهم واقعن ۽ شاعرن جي ڪلام جي چونڊ ڪري ان ۾ پنهنجو تنقيدي نقطهِ نظر ڏئي، تذڪره نگاري جي فن کي ترقي يافتہ صورت ۾ آندو آهي.

**حوالا:**


(1) هڪڙو انور فگار، ڊاڪٽر: سنڌ ۾ فارسي ۽ سنڌي شاعرن جا تذڪرا، (تحقيقي جرنل) ڪينجهر، شمارو 16، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 2013ع

(2) قريشي، حامد علي خانائي، ڊاڪٽر: تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي، ساهتي ادبي اڪيڊمي، نواب شاه سنڌ، پهريون ڇاپو 1998ع

(3) گلين ـ اي – لو: فطرت سي متعلق نظريات پر نظرثاني: ماحولياتي تنقيدي تشڪيل، ڪتاب: ”ماحولياتي تنقيد: نظريہ اور عمل“، (منتخب مضامين)، ترجمہ: ڊاڪٽر اورنگ زيب نيازي، اردو سائنسي بورڊ، قومي تاريخ وادبي ورثہ ڊويزن، لاهور، 2019ع

(4) قريشي، حامد علي خانائي، ڊاڪٽر: تذڪره پوراني سادات سکر، ساهتي ادبي اڪيڊمي نواب شاهه سنڌ، ڇاپو پهريون1998ع
(5) ساهتي پرڳڻي جو وِهائُو تارو ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي سوانح حيات، علمي ۽ ادبي خدمتون، مرتب: بشير احمد هيسباڻي، ساهتي ادبي اڪيڊمي، نواب شاهه سنڌ، ڇاپو پهريون 2011ع
(6) هڪڙو انور فگار، ڊاڪٽر: سنڌي شاعرن جا تذڪرا، (تحقيقي جرنل) ڪينجهر، شمارو17، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 2014ع
(7) جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو ڇاپو پنجون 2006ع
(8) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو پهريون ڇاپو 2002ع
(9) ڏسو حوالو نمبر (2)
(10) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1993ع
(11) قريشي، حامد علي خانائي، ڊاڪٽر: مقالات خانائي (جلد پهريون: شخصيات)، مرتب: بشير احمد هيسباڻي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، 2006ع

Recognized by Higher Education Commission

# KAROONJHAR

## Bi-annual

[ RESEARCH JOURNAL ]

ISSN 2222-2375

VOL:12, ISSUE 22, June 2020

Editor

**Dr. Kamal Jamro**

**DEPARTMENT OF SINDHI**
Federal Urdu University of Arts, Science & Technology,
Abdul Haq Campus, Karachi, Sindh, Pakistan.
**https://fuuast.edu.pk/**